# مهراڻ

ABC CERTIFIED

نمبر 4- سال 2008ع

سنڌي ادبي بورڊ

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.



## ھيءَ جا لات لطيف جي

اَصُل عاشِقَنِ جو، سِرُ نہ سانديڻ ڪَمُ،
سؤ سِسيان ئي اڳرو، سَندو دوسان دَمُ،
ھيءُ هَڏو ءِ چَمُ، پِڪَ پِريان جيءَ نہ پَڙي.

سُوري تي سِينگارُ، اَصُل عاشِقَنِ جو،
لُڏئا ڪِينَ لطيفُ چئي، نيزي تِئا نِروارُ،
ڪُسَڻُ جو قَرارُ، اَصُل عاشِقَنِ سِين.

سُوري سِينگاري، اَصُل عاشِقَنِ ڪي،
لُڏئا ڪِينَ لَطيفُ چئي، تيا نيزي نظاري،
ڪونِئو ڪِناري، آڻئو چاڙھي اُنِ ڪي.

سُوريءَ چَڙھڻُ، سيجَ پَسڻُ، اِيءُ ڪَمُ عاشِقَنِ،
پاھُون ڪِين پَسن، سائُو هَلَن سامُهان.

(سُرڪليان، ص 60)




**”شاھ جو رسالو“**

محقق: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

ناشر: سنڌ ثقافت کاتو

2009ع

## ڀٽائي گهوٽ

اي ڀٽائي گهوٽ سھڻا، سيدِ عالي وقار!
بحرِ وحدت جا شناور، شاعرن جا تاجدار!
سنڌ جي سانگين جا ساٿي، غمزدن جا غمگسار!
دائما تنهنجي دعا سائيھ ۾ آٿي سُڪار!
اي حڪيمِ سنڌ! توکي سنڌ تي ساري وري،
مارئي، سسئي ۽ سورٺ لُڙڪ تي هاري وري.

سوَ سلامن جا اوھان تي، رحمتون هردم هزار،
واديءِ مهراڻ جا انمول گوهر آبدار،
هر تخيل پاڪ تنهنجو ۽ نظر يزدان شڪار،
فڪر تنهنجي جي بلندي عالمن تي آشڪار،
مورثِ سنڌي ثقافت، سيدِ عالي نزاد!
تا قيامت نانءُ تنهنجو زنده و پاينده باد!

عام جي جذبن، اُمنگن جو هميشہ ترجمان،
مُلڪ جي مظلوم مارُن جو سدائين پاسبان،
سورَ سانگين جي ڪيو توکي سدا گريہ ڪُنان،
هن زبردستيءَ جي آڏو، شاھ تون سنگِ گران،
دل وٺي آئين ازل کان تون جهان ۾ دردمند،
هر سُخن ۾ سوز تنهنجي، سادگي توکي پسند.

پاڻ تون پنهنجو تماچي، پاڻ تون نُوري نواز،
پاڻ تي ڪؤنرو، ڪيُءِ ليلان ڪي پابندِ نياز،
پاڻ تي مومل ڪيُءِ مومل شڪار ساز و باز،
پاڻ سسئي، پاڻ سهڻي، پاڻ گندريءَ جو گُداز،
مارئي ٻڌجي، عمر جو تو ڪٽي ٽوڙيو غرور،
ڪٽ ٻڌي ساهڙ ڪيئہ سهڻي جي دل ڪي چوُر چوُر.

لال لاکيڻا! اوهان جو اڄ بہ آهي فيض عام،
عالم و فاضل، مفڪر سڀ اچن بااحترام،
تنهنجي آسڻ تي اچيو، هر سال ڪن سهسين سلام،
قرب مان ڪوڙين سُڻن، ڪامل اچي تنهنجو ڪلام،
پيچ ڪو اهڙو ڀٽائي، سنڌ پنهنجي ۾ سُڪار،
مُلڪ جا ماروُ مسرت سان وجن ٿي همڪنار.



عبدالڪريم ”گدائي“




پاران ايم ايچ پنهور انستيتوٹ آف سند استديز، چامشورو۔




سنڌ کي سندس نالو لفظ "سنڌو" مان مليو، جنهن جي معنيٰ آهي "پاڻي" سندس نالو اُن عظيم نديءَ جي حوالي سان آهي جيڪا ان جي زرخيز ميدانن مان وهي ٿي. قديم آريا حڪمران سڄي پاڪستان، ڪشمير ۽ اُيرندي افغانستان کي "سپتہ سنڌو" يعني ستين ندين واريءَ سرزمين طور سڃاڻندا هئا. سنڌو تهذيب جي شروعات 6000 هزار سال قبل مسيح کان اڳ بہ ٿي سگهي ٿي، پر اهو تہ وڏيءَ حد تائين يقين سان چئي سگهجي ٿو تہ آمري تهذيب 3000 سال قبل مسيح کان ئي موجود آهي. جڏهن تہ موهن جي دڙي واري تهذيب 2300 قبل مسيح کان شروع ٿئي ٿي. سنڌ جو پهريون ذڪر مهاڀارت ۾ آريائي بادشاهن جي علائقي طور ٿيل هو. اُپنشدن ۾ هن ڌرتيءَ کي عمده ترين گهوڙا مهيا ڪرڻ جي مشهور سرزمين طور ساراهيو ويو هو. هُن "Huns" قبيلي ڇهين صدي قبل مسيح ۾ سنڌ تي حڪمراني ڪئي، پارس جي سلطان داريوس پنجاب کان واپسيءَ ۾ پنجين صدي قبل مسيح ۾ سنڌ فتح ڪئي ۽ اُها سلطنت جو سڀ کان اهم حصو ٿي پئي. سڪندراعظم ٻيءَ صدي قبل مسيح ۾ سنڌ کي پنهنجي وسيع سلطنت ۾ شامل ڪيو. ان وقت بہ سنڌ ۾ پٽالا جو شهر هڪ تمام ڪامياب تجارتي مرڪزي شهر هو سنڌونديءَ جي ڪناري تي، اُتي بعد ۾ هڪ وڏي جهازن جي ڪارخاني طور خوشحال اقتصادي نظام جو بنياد وڌو ويو. سڪندر کان پوءِ سنڌ ست سؤ يارنهن قبل مسيح تائين فارسين جي قبضي ۾، ۽ پوءِ هڪ دؤر کان ٻئي تائين آزاد ۽ تابع ٿيندي رهي. سترهن سالن جي محمد بن قاسم 715ع ۾ سنڌ تي حملو ڪيو ۽ پوءِ 300 سالن لاءِ هتي عرب حڪمراني قائم ٿي، جنهن ۾ 805ع بعد ڪو عرصو اُموي ۽ عباسي خليفن جي حڪمراني شامل هئي. عربن جي حڪمرانيءَ دؤران، سنڌ رياضيءَ، طب، ادب، شاعريءَ، اقتصاديات، فلسفي ۽ اسلامي علمن جي ڌار ڌار ميدانن جي عروج تي پهتل هئي. 11هين کان 19صديءَ تائين سنڌ ۾ سومرن، سمن، ارغونن، ترخانن، مغلن، ڪلهوڙن ۽ ٽالپرسلطانن حڪمراني ڪئي، ان عرصي دوران سنڌ کي محمود غزنويءَ، علاءُالدين خلجي ۽ پورچوگيزن جي فوجن انتهائي ظالماڻن حملن سان برباد ڪيو ۽ هن کي پنهنجو هڪ انمول انعام سمجهيو. برطانوي ماڻهن سنڌ جي ٽالپر حڪمرانن کي 1843ع ۾ مياڻيءَ وٽ شڪست ڏيندي، آزاد ملڪ سنڌ کي برطانوي سلطنت جو حصو بنايو ۽ 1843ع ۾ هُنن سنڌ کي بمبئي علائقي جو حصو بنائي ڇڏيو. دنيا جي تاريخ ۾ اِهي لاهاءِ چاڙها ڪهڙي ملڪ ۽ ڪهڙيءَ قوم نہ ڏٺا آهن؟ 1936ع ۾ سنڌ، گورنمينٽ آف انڊيا 1935ع ائڪٽ تحت، بمبئي علائقي کان پنهنجي آزادي ورتي ۽ 1947ع ۾ سنڌ کي "خودمختيار ۽ بااختيار" يونٽ طور پاڪستان جو حصو بڻجڻو پيو.

**ـ محمد ابراهيم جويو**

("سنڌ منهنجي خوابن جي"، ص 70/69،
CPCS حيدرآباد، 2008ع)

ٽماهي

ABC CERTIFIED

# مهراڻ

[سنڌي ادبي بورڊ جو ٽماهي علمي، ادبي ۽ ثقافتي دستاويز]

جلد 58 | آڪٽوبر- ڊسمبر 2008ع | نمبر 4

سرپرست

**پير مظهرالحق**

سينئر وزير ۽ وزير تعليم سنڌ

چيئرمن، سنڌي ادبي بورڊ

نگران اعليٰ

**شيخ عزيز**

وائيس چيئرمن. سنڌي ادبي بورڊ

نگران

**پروفيسر سيد زوار حسين شاهه نقوي**

سيڪريٽري، سنڌي ادبي بورڊ

ايڊيٽر

**نفيس احمد شيخ**

اسسٽنٽ ايڊيٽر

طارق عالم

## سنڌي ادبي بورڊ

## ڄامشورو، سنڌ

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.



سائين جي.ايم.سيد





وائيس چانسيلر سنڌ يونيورسٽي مظهرالحق صديقي ۽ جلال محمود شاھ سنڌ جي برک قومي اڳواڻ، دانشور ۽ اديب سائين جي.ايم سيد جي نالي سنڌالاجيءَ ۾ قائم ڪيل "ڪارنر" جو افتتاح ڪري رهيا آهن، جتي سيد صاحب جي ذاتي استعمال جون شيون ۽ يادگار تاريخي نوادرات رکيا ويا آهن.




سائين جلال محمود شاھ، مظهرالحق صديقي ۽ ڊاڪٽر غلام علي الانا



جناب مظهرالحق صديقي، سيد جلال محمود شاھ، ڊاڪٽر غلام علي الانا، ڊاڪٽر نواز علي شوق، ڊاڪٽر حبيب الله صديقي، ڊاڪٽر هدايت پريم، ڊاڪٽر محمد علي مانجهي، ڊاڪٽر انورفگار هڪڙو، مريم مجيدي ۽ آزاد قاضي خطاب ڪري رهيا آهن.

# وکر سو وهاءُ...!


مڪمل
شرح ابيات سنڌي
متن
خواجه محمد زمان لواري واري (1713-1774ع / 1125-1188هه) جا بيت
سان
مڪمل عربي متن
تصنيف
شيخ عبدالرحيم گرهوڙي
(1740-1778ع / 1152-1192هه)
تحقيق، ترجمو، مقدمو ۽ تعليقات
ڊاڪٽر عبدالغفار سومرو
سنڌالاجي
2008ع

سنڌ جي ادبي تاريخ ۾ سلطان الاولياءُ خواجه محمد زمان لُواريءَ واري جا چوراسي عارفانه بيت ۽ اُنهن تي عربيءَ ۾ شيخ عبدالرحيم گرهوڙيءَ جو لکيل شرح، سنڌ ۾ تصوف ۽ عرفان جي اهم ماخذ جي حيثيت رکن ٿا. سلطان الاولياءَ جا اِهي اَملهه ماڻڪ بيت "ابيات سنڌي" جي نالي سان پهريون ڀيرو ڊاڪٽر دائودپوٽي جي تحقيق جي نتيجي ۾ سال 1939ع ۾ منظرعام تي آيا، جن سان عبدالرحيم گرهوڙيءَ جي اصلي مڪمل شرح جي بجاءِ ان جو اختصار شامل ڪيو ويو. ائين ڪرڻ جو بظاهر سبب اهو نظر اچي ٿو تہ ڊاڪٽر صاحب جو ڌيان شرح کان وڌيڪ سنڌي بيتن کي متعارف ڪرائڻ طرف هو، جو تہ پنهنجيءَ جڳهہ تي اهو هڪ ڪارنامو هو. انهيءَ ڳالهہ جو احساس ڪيس بہ هو جنهن جو اظهار 'ڪلام گرهوڙي' کي مرتب ڪندي ڪيو اٿس. جيتوڻيڪ 1956ع ۾ ابيات سنڌيءَ جو ٻيو ڇاپو منظرعام تي آيو، پر شايد ڊاڪٽر صاحب پنهنجي گهڻين مشغولين سبب ان ۾ ڪو بہ اضافو نہ ڪري سگهيو.

شاهہ عبداللطيف جي شاعريءَ ۾ تصوف بابت تحقيقي مقالي لکڻ دوران، توڙي اُن کان پوءِ خاص طور شاهہ عبدالڪريم بلڙيءَ واري جي ملفوظات 'بيان العارفين' جي فارسي متن تي تحقيق ڪندي، ڊاڪٽر دائودپوٽي جا بيان ڪيل الفاظ منهنجي ذهن تي ڇانيل رهيا. انهيءَ ڪري جڏهن بيان العارفين جو مڪمل متن تحقيق ۽ تشريحي حوالن سان 2002ع ۾ شايع ٿي چڪو، جيڪا پڻ هڪ لحاظ سان ڊاڪٽر دائودپوٽي جي رهيل ڪم جي تڪميل هئي، تہ ان کان پوءِ اها جستجو جاري رهي تہ جيڪڏهن ابيات سنڌيءَ جو مڪمل عربي متن هٿ اچي وڃي تہ جيئن ان کي بہ 'بيان العارفين' وانگر مڪمل ترجمي ۽ تحقيق سان شايع ڪيو وڃي. معلوم ٿئي ٿو تہ قدرت کي بہ ائين منظور هو جو ڳولا ڪندي پتو پيو تہ ابيات سنڌيءَ جو نسخو مٽياري جي هڪ علمي ذخيري ۾ موجود آهي. وڏي جاکوڙ ۽ محنت بعد انهيءَ نسخي جو فوٽو نقل معروفيہ مدرسي ۽ ڪتبخاني جي مهتمم جناب مولوي عبدالله کان مليو. ڪجهہ وقت کان پوءِ خبر پيئي تہ ان ساڳئي ڪتبخاني ۾ هڪ ٻيو نسخو بہ موجود آهي، جنهن جو پڻ فوٽو نقل حاصل ڪيو ويو. اها جستجو هلندڙ هئي جو محترم ڊاڪٽر محمد ادريس السنڌي، جنهن سنڌ جي ڪنڊڪڙڇ ۾ وڃي، سنڌ جي علمي خاندانن جي قلمي ذخيرن کي جاچي ڏٺو آهي، تنهن وٽان پڻ هڪ فوٽو نقل عنايت ٿيو، جيڪو اڳين ٻنهي نسخن کان يقيناً بهتر هو.

جيئن هن ڪتاب جي مطالعي مان واضح ٿيندو تہ عبدالرحيمَ گرهوڙيءَ جو هيءُ ڪتاب تصوف بابت نهايت اعليٰ علمي تصنيف آهي، جنهن ۾ گهڻي قدر اصطلاحي ٻوليءَ ۽ ڪيترائي حوالا آندل آهن، تنهنڪري ان جو سمجهڻ هڪ لحاظ سان مشڪل ڪم آهي. بهرحال مون هن ڪتاب جو ترجمو انهيءَ ڪري ضروري سمجهيو جو اهو سنڌ جي تصوف جي پوري تاريخ ۾ پنهنجي نوعيت جو اهڙو منفرد ماخذ آهي جنهن جو مؤلف سنڌ جي عظيم صوفي شاعر شاهہ عبداللطيف جو ننڍو معاصر آهي، جنهن مان ان وقت جي سنڌ جي شاندار علمي ۽ صوفيانہ روايت جو صحيح اندازو ٿئي ٿو. مطلب تہ سنڌ ۾ تصوف جي تاريخ جو اهو هڪ اهڙو روشن باب آهي جنهن ذريعي تصوف جي ڳوڙهي فڪر مان استفادي ڪرڻ جو موقعو ملي ٿو.

— ڊاڪٽر عبدالغفار سومرو

("مڪمل شرح ابيات سنڌي" جي مهاڳ مان)

سنڌالاجي 2008ع

# محمد فقير کٿياڻ

## ڪافي

عشق جو احوال اعليٰ ڪو پُڇي عاشق اچي.
ناز نيڻن جي نظاري، نات تي نانگو نچي.

سڀ سٽي سانگا صفاتي، صاف ٿي سُورهه سخي،
ساز ساقي جي سراسر، سُرڪ پِئي سهڻي سچي.

پِرت جو پيالو پريمي پُر پِئي پيمان ۾،
پيچ پنبڻين جي پَساري، پتنگ جان پختو پچي.

رند رهي راضي رضا تي، روپ رنگينو رکي،
راز رهبر جي رسالت، رمز رنديءَ ۾ رچي.

ميگهه محبت جي ملاري من خدائي موج سان،
مَئي پِئي محڪم مُدامي مرد ٿي 'محمد' مچي.

("منظوق محمدي"، ص 34)



محمد فقير کٿياڻ صوفياڻي اسلوب هيٺ شاعري ڪندڙ ڪافي گو شاعر هو. سندس شمار سچل سرمست کان وٺي منڻار فقير راڄڙ تائين جهڙن صوفي شاعرن جي صف ۾ ٿئي ٿو. سندس شاعريءَ جا راز ۽ رمزون ڪي رند ئي پروڙي سگهن ٿا. فقير صاحب حق جي واٽ تي هلندڙ اهڙو عظيم انسان هو جيڪو هيڻن آڏو نياز نوڙت ۽ انڪساري سان هلندو هو ۽ جيڪي پاڻ کي تونگر ۽ طاقتور سمجهندا هئا، انهن آڏو جرئت، بهادري ۽ جوانمردي سان بيٺو رهندو هو. جيتوڻيڪ هو هڪ آزاد خيال انسان هو، پر پوءِ به عشق الاهي ۾ اڳيرو هو.

محمد فقير صاحب جي زندگي ڏاڍي بي مثال ڪارنامن ۾ گذري. الله جي راهه ۾ سر جو سانگو نه ڪندڙ صوفي فقير پنهنجي مرشد پير پاڳاري جي حڪم تي 1914ع واري عالمگير جنگ ۾ غازين جي جٿي ۾ ڀرتي ٿي پنهنجي سورهيائي جو مظاهرو ڪندي مثال قائم ڪيو ان کان وڌيڪ ته سنڌ جي هڪ عظيم سياستدان رئيس غلام محمد خان ڀرڳڙي وٽ ملازمت ڪندو هو پر جڏهن هن پاڻ کي اتي محتاج سمجهيو ته نوڪري ڇڏي ڏنائين سندس زندگي مثالي ڪارنامن سان ڀرپور رهي. سندس دوستي ۽ عقيدت فقير نواب ولي محمد خان لغاري سان به رهي. اهڙن ماڻهن سان تعلق ۽ واسطيداري مان ثابت ٿو ٿئي ته هي صوفي بزرگ پنهنجي دور جي همه گير شخصيت جو مالڪ هو. سندس شاعري ان دور جي زنده تاريخ آهي.

- رئيس احمد خان کٿياڻ

"منظوق محمدي"، ٻه اکر، ص 17

# تحقيق




هيءَ ڪتاب اسلامي تاريخ ۽ تمدن جي مطالعي جي سلسلي ۾ خاص اهميت رکي ٿو. سنڌ ۾ اهڙي مطالعي جي شروعات تڏهن کان ٿي، جڏهن عرب اسلامي دؤر ۾ منصوره ۽ ديبل جي عالمن اهم علمي ڪتاب تصنيف ڪيا. نبي ڪريم ﷺ جي دؤر جي تاريخ جو پهريون ڪتاب سنڌ جي عالم ابوجعفر ديبلي لکيو، جنهن ۾ رسول الله ﷺ طرفان وقت جي حڪمرانن ڏانهن لکيل خط جمع ڪيائين. هن پوئين ويجهي دؤر ۾، ٺٽي جي وڏي عالم مخدوم محمد هاشم ٺٽويؒ سنه 1166هه ۾ آنحضرت ﷺ جي نبوت وارن ٽيويهن سالن جا واقعا سن- وار مرتب ڪيا. اهو تاريخي ڪتاب عربيءَ ۾ وڏيءَ محنت سان لکيائين ۽ اُن لحاظ سان ان جو نالو "بذل القوة في حوادث سني النبوة" (نبوت جي سالن وارن واقعن جي بيان ۾ انتهائي ڪوشش) رکيائين.

سنڌ جي عالمن جي ڪتابن ۽ علمي ڪارنامن کي شايع ڪرڻ لاءِ حڪومت پاڪستان طرفان هڪ اهم رقم منظور ٿي، جنهن لاءِ سنڌي ادبي بورڊ کي اُن وقت پنج لک رپيا گرانٽ ملي. اُن رقم هيٺ سنڌ جي عالمن جا ٻيا ڪتاب ۽ خاص عربيءَ ۾ لکيل چوڏهن ڪتاب شايع ڪرڻا هئا، جنهن ۾ هيءَ ڪتاب به شامل هو. اُن جي اشاعت لاءِ تحقيق ۽ تياريءَ جو ڪم جناب مخدوم امير احمد صاحب جن جي حوالي ٿيو. پاڻ اُن وقت جا وڏا عالم هئا ۽ هن ڪتاب کي عالمانه انداز ۾ ايڊٽ ڪيائون. سنڌن علمي ڄاڻ ۽ تحقيقي نگاهه سان هيءَ ڪم نهايت اعليٰ معيار مطابق پورو ٿيو. جو ڪتاب جو هڪ اعليٰ قلمي نسخو دستياب ٿيو، جنهن کي ٻئي هڪ نسخي سان ڀيٽي صحيح متن تيار ڪيائون. هڪ تفصيلي مقدمو لکيائون، جنهن ۾ مصنف جي سوانح ۽ تصنيفات، ڪتاب جي علمي اهميت ۽ افاديت ۽ معاصر عالمن جي عظمت ۽ سرگذشت تي تفصيلي بحث ڪيائون. اهڙيءَ طرح سنڌن اعليٰ علمي ڄاڻ ۽ تحقيقي نگاهه سان تيار ڪيل ڪتاب سنه 1966ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ طرفان شايع ٿيو.

پروفيسر اسرار احمد علوي صاحب وڏي همت ۽ حوصلي سان ڪتاب "بذل القوة" کي پنهنجي تحقيق جو موضوع بڻايو آهي. هن صاحب نه صرف ڪتاب جو ترجمو ڪيو آهي پر ڪتاب جي پوري تمدن کي تفصيل سان پيش ڪيو آهي. پهريون ته سندس هن ترجمي جي اهميت انهيءَ ۾ آهي جو اهو تحقيق ٿيل صحيح عربي متن مطابق آهي. جنهن جو ذڪر مٿي اچي چڪو آهي. بعضي اهڙا ترجما ڪيا وڃن ٿا جن جا اصل متن صحيح نه آهن. ٻيو ته هي ترجمو تحت لفظي ناهي بلڪ متن جي صحيح مفهوم مطابق آهي نه فقط ايترو پر وڌيڪ تفسير سان کولي لکيو ويو آهي ته جيئن پڙهندڙ کي اصل مفهوم پوريءَ طرح سمجهه ۾ اچي وڃي. اهڙيءَ طرح سچو ترجمو، تفسير ۽ تفصيل سان ڪيل آهي، جنهن سان ڪتاب جي هر بيان کي سمجهڻ ۾ سولائي ٿيندي. پروفيسر علوي صاحب پنهنجي تحقيق جو دائرو ترجمي کان گهڻو اڳتي وڌايو آهي، جنهن سان ڪتاب جو پورو تمدن روشن ٿئي ٿو.

- ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

("مهاڳ"- سيرت هاشمي، ص 31-33،
ناشر: مهراڻ اڪيڊمي، شڪارپور)

## تحقيق جا ڪي اهم نتيجا:

(1) هن تحقيق کان اڳ عام طور تي اهو سمجهيو تي ويو ته شاهه جو رسالو سُرڪلياڻ سان شروع ٿئي ٿو. پر هن تحقيق جي نتيجي ۾ معلوم ٿيو ته اوائلي رسالا، جيڪي شاهه جي وفات کان پوءِ تيرهين صديءَ جي شروع تائين لکيا ويا، اُهي سڀ سُرسسئيءَ سان شروع ٿيندڙ هئا. 1207ھ ۾ لکيل "گنج" هن سلسلي جو اوائلي نه پر آخري رسالو هو.

(2) شاهه عبداللطيف بابت پهريون دفعو سائنسي انداز ۾ کوجنا ڪري قابل اعتماد سوانح عمري مرتب ڪئي وئي، جيڪا ڏند ڪٿائي انداز کان پاڪ آهي. پهريون دفعو شاهه لطيف جي جمڻ جي صحيح هنڌ جي نشاندهي ڪئي وئي، جو ته هن کان اڳ سڀيئي سوانح نگار شاهه جي امڙ جي باري ۾ غلط فهميءَ جو شڪار هئا. اُهي سڀ هالا پراڻا جي مخدوم عربي يا شاهه ديائي کي شاهه لطيف جو نانو قرار ڏين ٿا، جيتوڻيڪ اُهو بزرگ شاهه لطيف کان لڳ ڀڳ هڪ صدي اڳ ٿي گذريو.

(3) شاهه لطيف جي راڳ جي باري ۾ پهريون دفعو تحقيقات مڪمل ڪئي وئي ته 1144ھ کان ڀٽ شاهه تي راڳ جو باقاعده سلسلو شروع ٿيو، جيڪو اڄ تائين قائم آهي. شاهه جي راڳ کي سائنسي انداز ۾ سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ۽ اهو نتيجو قائم ڪيو ويو ته اهو راڳ هندوستاني موسيقيءَ جو حصو ناهي، بلڪ شاهه لطيف پنهنجي راڳ واري روايت جو پاڻ موجد آهي، جيڪا هڪ قسم جي لوڪ موسيقي آهي، جنهن ۾ آوازن جي موسيقيءَ جي بجاءِ لفظن جي موسيقي بنيادي حيثيت رکي ٿي.

(4) سنڌ جي مختلف علائقن ٿر، ڪاڇي، ڪوهستان ۽ ساموندي علائقي يا ڪاري جي سُجاڻ سگهڙن سان ملاقاتن کان سواءِ شاهه جي ڪلام جي ڄاڻو فقيرن ۽ پارکن سان وقت بوقت رهاڻيون ڪري شاهه جي ڪلام ۾ آيل ڪيترن انوکن لفظن ۽ اصطلاحن جي صحيح معنيٰ ۽ مطلب معلوم ڪيو ويو آهي، جيڪو لغت جي ڪتابن ۾ قطعي موجود نه هو. انهيءَ قيمتي معلومات هٿ ڪرڻ جو عرصو لڳ ڀڳ اڌ صديءَ تي ڦهليل آهي. علمي تحقيق جو هيءُ نئون انداز هن کان اڳ سنڌ ۾ ناپيد هو.

(5) هن تحقيق ذريعي پهريون پيرو شاهه جي رسالي جي تاريخ کي اجاگر ڪيو ويو آهي ته رسالن لکڻ جي شروعات ڪيئن ۽ ڪڏهن ٿي. جدا جدا هنڌن ۽ وقتن تي جيڪي رسالا لکيا ويا، تن مان ڪهڙا اصل ۽ ڪهڙا نقل آهن. گويا شاهه جي وفات کان پوءِ اسان جي دور تائين اها رسالي جي ٻن سؤ سالن جي تاريخ آهي، جنهن سان رسالي کي سمجهڻ جو هڪ نئون باب کُلي ٿو.

(6) شاهه جي رسالي ۾ ڪيترن لفظن ۽ مڪانن جي نالن جي پهريون پيرو درست پڙهڻي قائم ڪئي وئي، جيڪا هن کان اڳ حيرت انگيز نموني ۾ غلط طور رائج هئي. هتي فقط چند مثالن تي اڪتفا ڪجي ٿي. سُر يمن ڪلياڻ جو هڪ بيت آهي:

اوقابيل اکين ۾، توکي ٻاري ٻان
اُيو اڳرايون ڪرين، ماڳ هٽيو مستان،
جانب تون زبان، اکين سين ايذا ڪرين.

لاڳيتو چئن بيتن ۾ اهو ساڳيو لفظ 'اوقابيل' آيو آهي ۽ ان جي معنيٰ ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ حضرت آدم عليه السلام جو پٽ قابيل ورتي آهي، جنهن پنهنجي ڀاءُ هابيل کي قتل ڪيو هو، يعني هتي شاهه صاحب محبوب کي قابيل يعني قاتل سڏي ٿو. اها ساڳي پڙهڻي ۽ ساڳي معنيٰ غلام محمد شاهواڻيءَ، ڪلياڻ آڏواڻيءَ ۽ عثمان علي انصاريءَ جي رسالن ۾ ملي ٿي، جن گهڻي ڀاڱي گربخشاڻيءَ جو تتبع ڪيو آهي. دراصل اهو لفظ 'عقابيل' يعني عقابي اکين جي معنيٰ ۾ آيل آهي ۽ ٻمبئيءَ واري ڇاپي ۾ به ائين آيل آهي. ڪاڏي عقابي اکيون ۽ ڪاڏي قابيل!

ٻيو مثال سرسامونديءَ جو هيئنون بيت آهي:

بندر ديسان ديس، مُلهه نه ملي واريئين
فقيراڻي ويس، اُملهه ڏين اتورئا.

ڊاڪٽر گربخشاڻي، شاهواڻي، آڏواڻي ۽ انصاري 'ملي واريئين' جي معنيٰ ڪئي آهي ته واري سان نٿو ملي يا واريءَ جي ڍاڳن يعني ڪوڙي ڪچ تي نٿو ملي. جڏهن ته اصل لفظ جيئن ڊاڪٽر صاحب ثابت ڪيو آهي، اهو مليبار يا مالابار آهي. شاعر جو مطلب آهي ته هر ملڪ ۾ بندر آهن، پر مالابار جهڙو بندر ڪو ٻيو ناهي. ڏکڻ هندستان جو اهو بندر شايد ان زماني ۾ وڏيڪ نفعي ڪمائڻ لاءِ مشهور هوندو. سُر سريراڳ ۾

ساموندبيءَ ۾، پوربندر، عدن ۽ لڪا بندر جا نالا پڻ ملن ٿا، جتي سنڌ جا سوداگر وڃ واپار لاءِ ويندا هئا.

(7) مثنوي روميءَ سان هم آهنگي- اها حقيقت تسليم شده آهي ته شاهه لطيف کي مثنوي روميءَ ۽ اُن جي فڪر سان وڏي مناسبت آهي. مولانا رومي دنيا جو اُهو واحد شاعر آهي، جنهن جو سُرڪلياڻ ۾ ڇهه دفعا نالو کڻي شاهه لطيف حسن ۽ عشق بابت سندس خيالن کي ساراهيو آهي.

طالب قصر، سونهن سر، ايءَ روميءَ جي رهاڻ،
پهرين وڃائڻ پاڻ، پسڻ پوءِ پرينءَ کي.

ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ توڙي ڪانئس پوءِ شاهواڻي، آڏواڻي ۽ انصاريءَ سُر يمن ڪلياڻ ۾ شاهه جي رسالي جو هيٺيون مشهور بيت شاهه جو ڪلام سمجهي آندو آهي.

عاشق عزازيل، بيا مڙيئي سَڌڙيا،
منجهان سڪ سبيل، لعنتي لعل ٿيو.

ڊاڪٽر صاحب هن بيت کي شاهه جو ڪلام نٿو سمجهي، تنهنڪري ان کي 'شاهه جي ڪلام' ۾ نه، بلڪ 'رسالي جي ڪلام' ۾ داخل ڪيو اٿس ۽ ان لاءِ سبب اهو ڄاڻايو اٿس ته اهو بيت اوائلي دور جي گهٽڻ رسالن ۾ ڪونهي. بي وضاحت اها ڪئي اٿس ته عزازيل دراصل تڪبر ڪيو هو، انڪري پوءِ ملعون ٿي ويو. بهرحال ڊاڪٽر صاحب جي راءِ آهي ته هي بيت ڪنهن سالڪ فقير شاهه صاحب کان پوءِ چيو، جيڪو رسالي ۾ داخل ٿي ويو.

اچو ته هن بيت کي مثنوي روميءَ جي فڪر جي روشنيءَ ۾ ڏسون، چو ته شيطان کي مثنويءَ ۾ ڪيترا پيرا بحث هيٺ آندو ويو آهي. دفتر چوٿين ۾ رومي چوي ٿو:

داند او کو نيکبخت و محرم است
زيرکي ز ابليس و عشق از آدم است

يعني "جيڪو نيڪبخت ۽ محرم راز آهي اُهو ڄاڻي ٿو ته هوشياري يا چالاڪي ڪم شيطان يا عزازيل جو آهي، پر عشق ڪم انسان جو آهي."

گويا روميءَ جي فڪر مطابق عشق انسان جي خصوصيت آهي ۽ نه ابليس جي، جنهن پنهنجي خالق سان اهو بحث ڪيو هو ته آءٌ انسان کان بهتر آهيان، چو ته آءٌ ٻاهه جي پيدائش آهيان ۽ انسان مٽيءَ جي پيدائش آهي. اها ئي ته سندس دليل بازي هئي، جنهنڪري تڙيل بنجي ويو. حقيقت ۾ سڀني صوفين انسان کي ئي عشق جو محور قرار ڏنو آهي. ان لحاظ کان ڏسجي ته شاهه لطيف اهڙو شعر ڪيئن ٿي چئي سگهيو، جيڪو صوفين جي عام مجيل تعليمات جي خلاف هجي. اهو وري انڪري به ته شاهه لطيف جو ڪلام شطحيات کان پاڪ آهي. هاڻي ڏسو ته ڊاڪٽر صاحب جيڪو نتيجو صرف بيروني شاهدين جي آڌار تي قائم ڪيو آهي، اهو شاهه جي ڪلام جي فڪري يا اندروني شاهدين تي ڪيئن پورو بيهي ٿو. سُر يمن ڪلياڻ ۾ شاهه لطيف جو هڪ بيو مستند بيت آهي، جنهن ۾ عزازيل جو نالو ورتل آهي ۽ اهو بيت سڀني رسالن ۾ هن ريت موجود آهي:

اکر پڙهي اياڳيا، قاضي ٿئين ڪٿاءِ،
جئن پيرئين ۽ پائيين، ايڏنهن ايئن نه آءِ،
ان سرتيءَ سنڌو ساءِ، پڇج عزازيل کي.

هن بيت ۾ شاهه لطيف انهيءَ انسان کي نياڳو قرار ڏئي ٿو، جيڪو ٿورو پڙهي، پاڻ کي عقل ڪُل يعني فيصلي ڪرڻ واري حيثيت ڏئي ٿو يا قاضي سمجهي ٿو. هو هدايت ڪري ٿو ته پاڻ کي هر وقت صحيح سمجهڻ ۽ ان تي غرور ڪرڻ واري عادت جي ويجهو به نه وڃڻ کپي. آخري سٽ ۾ واضح ڪري ٿو ته انهيءَ پاڻ کي صحيح ڄاڻڻ واري سزا جو مزو عزازيل چکيو، تنهن ته ابليس ۽ شيطان جو لقب مليس، توکي به ان مان سبق سکڻ کپي. هاڻي ظاهر آهي ته هن بيت ۾ عزازيل يعني شيطان جي عمل جي سخت مذمت ڪيل آهي ۽ ٻين کي ان کان بچڻ جي هدايت ڪئي ويئي آهي. عام رسالن ۾ هيءُ بيت مٿي ڄاڻايل 'عاشق عزازيل' واري بيت سان گڏ رکيل آهي (ڏسو گربخشاڻي، شاهواڻي، آڏواڻي ۽ انصاريءَ وارا رسالا).

هينئر واضح ٿي ويو ته ٻنهي بيتن جي معنيٰ ۾ سئوسنئون تضاد آهي. ائين ٿي نٿو سگهي ته شاهه صاحب جهڙو اعليٰ شعور رکندڙ شاعر هڪ بيت ۾ شيطان جي عمل جي مذمت ڪري ۽ ٻئي بيت ۾ وري اُن کي اصل عاشق قرار ڏئي!

(8) ڊاڪٽر صاحب جي تحقيق جي نتيجي ۾ ڇاپي رسالن ۾ ڪي اهڙيون فاش غلطيون نظر آيون آهن، جن جي هن کان اڳ ڪنهن به نشاندهي نه ڪئي آهي. مثلاً: هيٺ ڄاڻايل اٺ وايون، جيڪي شاهه جي نالي

۾ ڏاڍيون مقبول آهن، سڀ ڪان پهريائين ٽرمپ جي ڇاپي رسالي ۾ آيل آهن.

(i) مَنڊ پيئندي مون، ساجن صحح سڃاتو (سُر ڪلياڻ)

(ii) ٿيندو تن طبيب، دارون منهنجي درد جو (سُر ڪلياڻ)

(iii) دوست پيهي در آيو، ٿيو ملڻ جو سعيو (يمن ڪلياڻ)

(iv) يار سڄڻ جي فراق ڙي جيڏيون آءُ ماري (يمن ڪلياڻ)

(v) چوري ڇڏ ۾ چپرين، پاروچل پانهي (سُر ديسي)

(vi) آءُ راڻا رهه رات، تنهنجي چانگي ڪي چندن چاريان (سُر مومل راڻو)

(vii) ڪيئن ڪريان ڪاڳي وڃان، مون کي سودو سجهه نه ڏي (سُر مومل راڻو)

(viii) جيڪس جهليا مڇ، گهاتو گهر نه آئيا (سُر گهاتو)

اهي اٺ ئي وايون پهريون دفعو ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ ٽرمپ جي رسالي تان پنهنجي رسالي ۾ شامل ڪيون، جنهن ڪان پوءِ شاهواڻي، آڏواڻي ۽ انصاريءَ جي مرتب ڪيل رسالن ۾ پڻ اچي ويون. جڏهن ته حقيقت اها آهي ته اهي وايون ٻئي ڪنهن به آڳاڻي قلمي رسالي ۾ موجود نه آهن، بلڪ بمبئيءَ مان ڇپيل رسالن ۾ به ناهن. ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي تحقيق موجب اهي وايون دراصل اُنهيءَ منشيءَ جون ناهيل آهن، جنهن ڪان ٽرمپ صاحب رسالي جو متن تيار ڪرايو هو. هن جڏهن ڏٺو ته باقي بين سيني سُرن جي آخر ۾ وايون موجود آهن، پر ڪن سُرن ۾ ڪونهن ته هن اُهي پاڻ ناهي ڪسر پوري ڪري ڇڏي! اهڙيءَ طرح اندازاً ٻاهٺ واين جي آخر ۾ "اديون عبداللطيف چئي" واريون مصراعون به وڌائي ڇڏيائين، جيڪي هن ڪان اڳ ڪنهن به قلمي رسالي ۾ ڪونه هيون.

هن تفصيلي گفتگو جو مقصد صرف اهو واضح ڪرڻ آهي ته شاهه جي رسالي تي ٿيل مذڪوره تحقيق سنڌي ادب ۽ ٻوليءَ جي تاريخ ۾ هڪ شاهڪار علمي ڪارنامو ۽ بيش بها اضافو آهي، جنهن جي جيتري به پذيرائي ۽ قدرداني ڪجي، اوتري گهٽ آهي. علمي دنيا ۾ اهڙا ڪامل ڪارناما گهٽ ملن ٿا، جو ته قدرت جي مهرباني ڪان سواءِ اُهي سرانجام نٿا ڏئي سگهجن. سنڌي ادب جي اها وڏي خوشقسمتي آهي، جو ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي صورت ۾ سنڌ کي عالمي سطح تي مڃيل اهڙو هاڪارو ۽ مستند محقق مليو، جنهن ورهين جا ورهيه پيار جو پورهيو ڪري، خالص علمي ۽ اعليٰ تحقيق جو اهڙو نمونو پيش ڪيو.

جيئن مٿي ذڪر ٿي چڪو ته "شاهه جو رسالو- شاهه جو ڪلام" ۽ "شاهه جو رسالو- رسالي جو ڪلام" هن ڪان اڳ سال 1998ع ۽ 1999ع ۾ ڌار ڌار جدا ڪتابن جي صورت ۾ شايع ٿي چڪا آهن، پر ضرورت ان ڳالهه جي هئي ته اُهي ٻيئي گڏ هڪ ڪتاب جي صورت ۾ شايع ڪجن ته جيئن پڙهندڙ ۽ محقق ساڳئي وقت شاهه جي پنهنجي اعليٰ فهم ۽ فڪر واري شاعريءَ مان مستفيد ٿين، اُتي اُنهن شاعرن جو ڪلام، جيڪو شاهه صاحب پاڻ ٻڌو ۽ ٻُڌرايو يا جيڪو پاڻ پسند ڪيو يا ڪانئس پوءِ ڪن فقيرن سندس نالي ڪري ڇڏيو، اُهو پڻ هر وقت سندن آڏو رهي، ڇو ته اُهو ڪلام پڻ شاهه جي فڪر کي سمجهڻ لاءِ پنهنجي اهميت رکي ٿو. هاڻي اهو سڀ ڪجهه هن هڪ ڪتاب  جلد ۾ شامل آهي. ائين ڪرڻ سان ان غير صحتمند روايت جو پڻ ازالو ٿي ويندو، جنهن تحت اها مهر هلائي ويئي ته ڊاڪٽر بلوچ شاهه صاحب جو ڪيترو صحيح ۽ حقيقي ڪلام رسالي مان خارج ڪري ڇڏيو آهي.

هن ڪتاب ۾ منهنجي پنهنجي ذاتي خيال ۾ ٻن اهم اضافن جي ضرورت باقي رهندي: پهريون ته جن ڇاهٺ يعني پنجاهه قلمي ۽ سورنهن ڇپيل رسالن تي تحقيق جو مدار آهي، جديد تحقيق جي اُصولن موجب اُنهن جون سڀ متفرق (Variants) پڙهڻيون آخر ۾ اچڻ گهرجن. ان صورت ۾ واقعي اهو هڪ رسالو نه پر ڇاهٺ رسالن جي برابر هوندو. يعني شاهه عبداللطيف ۽ سندس رسالي بابت هڪ مڪمل انسائيڪلوپيڊيا. گويا پڙهندڙ ۽ محقق وٽ گذريل ٻن سو سالن دوران لکيل ۽ ڇپيل رسالن جو سمورو مواد هر وقت آڏو هوندو. ٻي ضرورت بيتن جي جامع ڏسٽي (Index) مرتب ڪرڻ آهي، جنهن سان ڪنهن به بيت کي آسانيءَ سان ڳولي سگهجي.

سنڌ ڪلچر ڊپارٽمينٽ ۽ ان جي انتظاميه مبارڪباد جي قابل آهن جو شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جهڙي عالمي شهرت يافته شاعر تي سنڌ جي مستند عالم ۽ محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي ٿيل تحقيق کي ڀٽائي جي 265 ورسيءَ جي موقعي تي نهايت اهتمام سان شايع ڪيو ويو آهي.



# ”ون يونٽ“ واري سنڌ دشمن سازش

## نامياري ڏاهي شيخ عبدالمجيد سنڌي طرفان خدشن جو اڳواٽ بيان ڪيل تفصيل

عبدالغفار صديقي

ٻه اکر: ننڍي کنڊ جي هاڪاري سياستدان ۽ سنڌ جي سپوت شيخ عبدالمجيد سنڌي، سنڌ ۾ رهندڙ هندن جي هڪ وچولي طبقي ۾ جنم ورتو. سندس وڏا اصل سيوهڻ جا هئا، جتان پوءِ ٺٽي ۾ اچي رهيا، جيڪي قانون گو عامل ڪٽنب جي نرياڻي پاڙي مان هئا.

شيخ عبالمجيد سنڌيءَ جو والد ديوان ليلارام ٺٽي جو رهاڪو هو، جتي شيخ صاحب 7- جولاءِ 1889ع ۾ ڄائو. سندس نالو ڄيٺانند رکيو ويو ننڍپڻ کان ئي شيخ صاحب جي طبيعت جو لاڙو حق جي ڳولا طرف هو ۽ ننڍيءَ عمر ۾ ئي اسلام قبول ڪري، گهر ڇڏيائين. سندس مائٽن ڪراچي ۾ ڪيس داخل ڪيو ته ”اسان جو ڇوڪرو اغوا ڪيو ويو آهي.“ نومسلم شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ جي بچاءُ ۾ رئيس غلام محمد خان ڀرڳڙي ڪيس لڙيو ۽ کٽيائين، جنهن بعد شيخ صاحب پنهنجي سياسي زندگيءَ جي ابتدا ڀرڳڙي صاحب جي رفاقت ۽ قيادت ۾ ڪئي ۽ سنڌ جي بمبئيءَ کان علحدگي ۽ خلافت تحريڪ ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪيائين پنهنجن اصولن ۽ ايمان جي قوت سان وڏنو سنڌ جي سطح تان اُڀري آل انڊيا اڳواڻن ۾ شمار ٿيڻ لڳو. 1932ع ۾ الهه آباد ۾ يونٽي ڪانفرنس ٿي جنهن ۾ سنڌ جي نمائندگي شيخ صاحب ڪئي. انهيءَ ڪانفرنس ۾ جمعية العلماء، خلافت ڪاميٽي، ڪانگريس، لبرل ائسوسيئيشن، هندو مهاسڀا، سِک ليگ، ڪرسچن ليگ ۽ ٻين ٻه ڪيترين ئي جماعتن حصو ورتو. شيخ صاحب انهن سيني ۾ پنهنجي شخصيت، عظمت ۽ ليڊرشپ مڃرائي. سنڌ جي روايتي مضبوط جاگيردارانه ماحول سان ٻه وڏو ٽڪر کاڌائين ۽ لاڙڪاڻي ۾ خالين هٿين، فقط عزم ۽ اصولن جي ڏِ تي هڪ تاريخي اليڪشن کٽيائين.

1954ع ۾ ون يونٽ ٺهيو ۽ 1958ع ۾ ايوب خان جي مارشل لا لڳي، جنهن ۾ سنڌي زبان جي حيثيت کي وڏو ڌڪ رسيو. سنڌي فائنل امتحان ختم ڪيو ويو. جنهن جي پاس ڪرڻ سان ٻهراڙيءَ جي غريب سنڌين کي نوڪريون ملنديون هيون.

اهڙيءَ صورتحال کي نظر ۾ رکندي ۽ سنڌي زبان جي اصلوڪي حيثيت کي بحال ڪرائڻ لاءِ سنڌ جا جيڪي اديب، دانشور ۽ سياستدان اٿي کڙا ٿيا، تن ۾ شيخ صاحب جو تمام اهم ڪردار هو. پاڻ ”ون يونٽ“ جي مخالفت ۾ هڪ جامع پريس بيان تي نه رڳو صحيح ڪيائين، بلڪ سنڌ جي ڪيترن ئي ناميارن سياستدانن، دانشورن، اديبن ۽ اڳواڻن کان بذات خود وڃي دستخط ورتائين

ون يونٽ جي سنڌ دشمن سازش کي وائکو ڪرڻ لاءِ شيخ صاحب 2- آگسٽ 1954ع تي هڪ پريس ڪانفرنس ۾ بيان ڏنو ۽ تفصيلي نوٽ ٺاهي موڪليائين، جيڪو اصل انگريزي زبان ۾ هو. اهو تاريخي اهم دستاويز اڄ تائين ڪٿي به نه ڇپيو، وڏي جاکوڙ ۽ ڳولا کان پوءِ هٿ ڪري ان جو ترجمو هتي پيش ڪجي ٿو. ع ص

”پاڪستان ٺهئي ست سال اچي پوري ٿيڻ تي پهتا آهن، پر اسان جو نئون آئين اڃا تائين نامڪمل آهي. اوچتو هاڻي ڪجهه اڳواڻن کي خبر پيئي آهي ته موجوده صوبن کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري يا انهن کي ملائي هڪ ڪري پاڪستان جو ”ون يونٽ“ ناهيو پيو وڃي. ٻنهي حالتن ۾ هن وقت تائين منظور ٿيل آئين کي وري ٺاهيو ويندو جيڪو غير ضروري تاخير بي اعتمادي ۽ نا اميديءَ جو سبب بڻبو. سياسي ۽ آئيني ڪيتر ۾ ٻه اخلاق، شائستگي، ريتون، رسمون، قدر ۽ فضيلتون هونديون آهن، جن کي لتاڙڻ بهترين آئيني ماهرن ۽ بدترين سياستدانن لاءِ ڪو سولو ڪم نه آهي.

خواجه ناظم الدين جڏهن پاڪستان جو وزير اعظم هو ته هن صاف طور تي هڪ اصول ڏنو هو ته آئين ٺاهڻ ۾ جيڪي ٻه صوبائي مسئلا ظاهر ٿيندا، تن جو فيصلو انهن صوبن جي گڏيل صلاح مشوري سان ڪيو ويندو. موجوده آئين جي هڪ قاعدي (Act) ۾ تازو آئين ساز اسيمبليءَ هڪ درستي ڪئي آهي، جنهن موجب اُن کي اختيار آهي ته اها موجوده اڪاين (Units) جون حدون بدلائي يا اثرانداز ٿيندڙ ماڻهن جي صلاح سان نوان صوبا ٺاهي سگهي ٿي. وڌيڪ اها به تجويز ڏني وئي آهي ته بلوچستان کي هڪ جدا صوبو بڻايو وڃي. پر هاڻي اها

ڪئي وڃي. خدا جي واسطي پاڪستان جي سياسي اڳواڻن کي ان لاءِ نہ بگاڙيو ۽ نہ خراب ڪريو تہ اهي پنهنجي حمايت حاصل ڪن ۽ انهن کي بہ تنگ نہ ڪريو ۽ نہ آزاريو جيڪي اوهان جي راءِ جا مخالف آهن.

10. عوامي راءِ کي سڀ کان مٿي رکيو وڃي.

اڄو تہ انهيءَ حقيقت کي سمجهون، ڇو تہ عوامي راءِ ئي سيني ڳالهين کان اعليٰ آهي، جيڪا سيني آئيني مسئلن جي حدبندي ڪري ٿي.

بي اصول ۽ بدنيتيءَ تي مبني اختيار رکندڙن ۽ صوبائي سوديبازي ڪندڙن جي مدد سان، ضم ڪرڻ واري تجويز جي حمايت ۾ بار بار هٽلر وارا طريقا اختيار ڪيا وڃن ٿا، جيڪي حقيقي اتحاد ۽ ايڪي لاءِ ڪارگر ثابت نہ ٿيندا. اڄو تہ تاريخي سچاين ۽ جمهوري فيصلن تي پاڻ کي هلايون. جمهوري عمل ۽ تاريخي حالات کان منهن موڙڻ اسان کي منزل مقصود تائين ڪونہ رسائيندو.

11. تعميري تجويزون.

آئيني ۽ انتظامي دائري ۾ ڪن بہ نون تجربن جي ضرورت ڪانهي. ضرورت انهيءَ امر جي آهي تہ اسان عوام ۾ ڊپ ۽ گهرج کان آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ لڳاتار ڪم ڪندا رهون.

اسان جي عوام ۽ ان جي رهبرن ۾ خالص حب الوطني، ايمانداري، اخلاقي قدرن لاءِ احترام ۽ جمهوري تصورن لاءِ شعور جاڳائڻ جي ضرورت آهي، جنهن کان سواءِ ڪابہ قوم اڳتي ۽ بيڪار آهي. اسان جا رهبر حڪمران قوم ۾ ڊپ، مايوسي، بي ايماني بي حسي، بداخلاقي ۽ رشوت، اٿاٿ (تنگي)، مهانگائي، دٻائي رکڻ ۽ شهري آزادي کان محروم رکڻ ۾ ڪامياب رهيا آهن. نئين چونڊيل اسيمبلي چاهي ان جي ڪهڙي بہ جوڙجڪ هجي ۽ نمائندگي جا طريقا هجن، پر اها هيٺن ڪري سگهي ٿي:-

(الف) ٿوري عرصي لاءِ مرڪز ۾ ڪل جماعتي حڪومت ۽ساڳيون حڪومتون صوبن ۾ ناهي.

(ب) اڳين اسيمبليءَ جي منظور ڪيل ڪارائتن قانونن کي جائز قرار ڏئي. (مثال طور شق 223 الف).

(ج) جيڪي ڪارائتا قانون ناهن، تن کي رد ڪري. (مثال طور شق 92 الف ۽ راولپنڊي سازش ٽربيونل ائڪٽ).

(د) گڏيل پاڪستان جي موجوده صوبن کي خودمختيار يونٽ سمجهندي، مستقبل جو آئين جوڙي.

(هہ) اولهہ پاڪستان جي عام مسئلن تي غور ڪرڻ لاءِ هڪ قانوني ادارو عمل ۾ آڻجي ۽ موجوده يونٽن کي اتان جي عوام جي آزاد راءِ کان سواءِ ڪنهن بہ حالت ۾ ٽڪرا ٽڪرا نہ ڪجي.

(و) دٻاءِ وجهڻ وارا قانون رد ڪجن، سياسي قيدي آزاد ڪجن ۽ اخبارن جي اشاعت تان بندش هٽائجي.

(ز) پاڪستان جي گهٽي کان گهٽي دلچسپيءَ جي روشنيءَ ۾ داخلي ۽ بين الاقوامي مسئلا حل ڪجن.

12. اقتصادي پهلو ۽ ون يونٽ رٿا جو انومان

ون يونٽ تجويز جي حمايت ۾ هڪ دليل هي بہ ڏنو ٿو وڃي تہ اولهہ پاڪستان جي هڪ يونٽ هجڻ جي حيثيت ۾، ان جي انتظامي خرچ ۾ بچت ٿيندي. هيءُ دليل غلط ۽ گمراهہ ڪندڙ آهي. هن سلسلي ۾ هيٺيون حقيقتون ڌيان ۾ رکڻ گهرجن:-

1. ائين ٿو ڀانئجي تہ حڪمرانن سان سندن ذاتي پگهارن، اجورن ۽ ملڪيت جي حفاظت جو وعدو ڪيو ويو آهي. ان ڪري انهيءَ مد ۾ ڪنهن بہ خرچ جي گهٽتائي نہ ڪئي ويندي. ان جي برعڪس جيڪڏهن صوبائي پگهارن جا نوان معيار آندا ويا تہ خرچ جو واڌ لازمي آهي.

2. قبيلائي علائقن (Tribal Areas) ۾ سردارن يا ٻين کي ساليانو ڪيترائي ڪروڙين رپيا انتظامي خرچ، پگهارون يا وظيفا وغيره ڏنا وڃن ٿا، جيڪو خرچ هن وقت مرڪزي آمدنيءَ مان ادا ڪيو پيو وڃي، پر ون يونٽ ٺهڻ کان پوءِ اڳي پوءِ سڄو بار ون يونٽ حڪومت جي آمدنيءَ مٿان وجهي ڪرندو.

3. بلوچستان کوٽ وارو صوبو آهي جنهن جي کوٽ بہ مرڪزي آمدنيءَ مان پوري ڪئي پئي وڃي پوءِ ون يونٽ کي اهو بل ڀرڻو پوندو.

11. منهنجي سوچ مطابق هي راءِ آهي ته ون يونٽ هيٺ نئون صوبو ٺاهيو پيو وڃي، ان جي اقتصادي حالتن جي ڇنڊڇاڻ ڪرڻ کان سواءِ ضد يا رسامي ۾ اچي ڪابه اهڙي تجويز پيش نه ڪجي. جيتري قدر ٿي سگهي ته ان جي ڇنڊ ڇاڻ جامع هئڻ گهرجي: مثال:
(الف) نئين آئين جي افتتاح سان گڏ مرڪزي حڪومت ۽ صوبن جي مالي حالت جي اٽڪل روءِ ڪٿ ڪجي.
(ب) مرڪز ۽ صوبن جي وچ ۾ هر شيءِ کي هڪ ٻئي سان ملائڻ (Adjustment) لاءِ تجويز ڏجي.
(ج) عارضي تخفيف يا ڪاٽ ڪوٽ يعني (Retrenchment) جي تجويز ڏجي.
(د) نئين صوبي جي ترقيءَ ۾ مڪمل واڌاري لاءِ، خاص طرح سان قبيلائي ۽ پوئتي پيل علائقن کي پنجاب يا سنڌ جي سطح تي آڻڻ جي خيال کان روينيو يا سرڪاري مدد جي اضافي وسيلن جي تجويز ڏجي.
(هه) مفت، لازمي ۽ سيني لاءِ پرائمري تعليم، طبي امداد ۽ ٻين فياضيءَ وارين سرگرمين کي نئين صوبي ۾ هڪ جهڙن بنيادن تي هلائڻ لاءِ ايندڙ ڏهن سالن ۾ گهربل اضافي رقم لاءِ تخمينو تيار ڪجي.
12. سنڌ جڏهن بمبئي کان جدا ٿي رهي هئي ته ماهرن جي هڪ ڪميٽي مقرر ڪئي وئي هئي. هرمئجيسٽيءَ جي حڪومت جي انهيءَ تجويز منظور ڪرڻ کان اڳ، ٻڌايو ويو هو ته سنڌ جي ڌار ٿيڻ سان ان جي معاشي حالتن تي ڪهڙا اثر پوندا. ان کان اڳ ۾ جو گورنمينٽ آف انڊيا جو 1935ع وارو ائڪٽ منظور ڪيو وڃي، سال 1932ع ۾ هڪ مرڪزي معاشي ڪميٽي مقرر ڪئي وئي ته اها آئيني سڌارن جي تجويز ڪيل اسڪيم تحت مرڪزي ماليات جو جائزو وٺي، مرڪزي ۽ صوبائي حڪومتن کي گهربل رقم جو تخمينو لڳائي. پر اسان جي حڪومت اهڙي ڪنهن به سوال کي سائنسي يا آئيني طريقي سان جاچڻ جي ضرورت محسوس نٿي ڪري.
13. هاڻي اچو ته قرض ۽ اوڌر تي هڪ سرسري نظر وجهون:

اولهه پاڪستان جي ٽن صوبن کي 55-1954ع تائين مرڪزي حڪومت طرفان ڏنل ترقياتي قرض هن ريت آهن:

| | | |
|---|---|---|
| پنجاب | 347.8 | ملين |
| سنڌ | 52.6 | ملين |
| اتر سرحد (فرنٽيئر | 66.5 | ملين |

سال 55-1954ع تائين عوام کي ڏنل اوڌر هن طرح آهي:
پنجاب 22 ڪروڙ 60 لک رپيا.
سنڌ هڪ ڪروڙ 75 رپيا.
اُترحد 75 لک.
سال 56-1955ع تائين انهن ٽنهي صوبن لاءِ اضافي قرض 50 ڪروڙ رپين جي لڳ ڀڳ آهي.
14. مٿين قرضن ۽ اوڌرين مان فائدو حاصل ڪندڙ قدرتي طور تي مقامي آبادي آهي. پر واپس ڪرڻ جي ذميواري ون يونٽ جي سڄي آباديءَ تي هڪ جهڙي ٿيندي، جيڪا بي انصافي آهي.
15. منهنجي راءِ آهي ته ملڪ جي خزاني ۾ مالي حالت جي چڱيءَ طرح خبر رکڻ کان سواءِ عوام تي "ون يونٽ" مڙهڻ نه گهرجي.
16. سڄي دنيا کي غلط ويساهه ڏنو پيو وڃي ته پنجاب هڪ وڏيڪ (Surplus) صوبو آهي ۽ هڪ وڏيڪ صوبو ان جي ترقيءَ لاءِ گهٽ ۾ گهٽ گهربل نه هوندو آهي، بلڪ ان کي سنڌ، بلوچستان، اتر سرحد ۽ ٻين قبائلي علائقن جي ڪوٽ ۽ ترقي کي پوري ڪرڻ لاءِ استعمال ڪيو ويندو. پر انهن اميدن کي پورو ڪرڻ لاءِ موجوده انگ اکر ڪي خاص خاطر خواهه نه آهن. اچو ته ورهاڱي کان وٺي پنجاب جي هينئين انگن اکرن جو جائزو وٺون.
(هي انگ ملين ۾ آهن)

| سال | 47-48 (نو مهينا) | 48-49 | 49-50 | 50-51 | 51-52 | 52-53 |
|---|---|---|---|---|---|---|
| ڪل آمدني | 65.7 | 172.1 | 195.0 | 221.8 | 259.1 | 216.0 |
| ڪل خرچ | 108.8 | 194.3 | 183.1 | 205.0 | 228.5 | 261.7 |

سداريل بجيٽ کان پوءِ

| سال | 1953-54ع | 1954-55ع |
|---|---|---|
| ڪل آمدني | 248.1 | 246.2 |
| ڪل خرچ | 238.1 | 245.7 |

مٿيان انگ اکر ڏيکارين ٿا ته وڏي کوٽ وارن پهرين ٻن سالن کان پوءِ واڌاري وارا ٽي سال آيا. وري 1952-53ع ۾ وڏي کوٽ آئي. 1953-54ع جي اصلي انگن اکرن جي مون کي ڄاڻ نه آهي. پر 1954-55ع جي بجيٽ رٿا ۾ معمولي واڌارو آهي. جيڪو به واڌارو ڪنهن سال ۾ ڏيکاريل آهي، سو صوبي جي سڌاري ۽ ترقيءَ جي قيمت تي آهي.

17. پنجاب جي آمدنيءَ واري حالت اولهه پاڪستان جي ٻين صوبن ۽ رياستن کان ڪنهن به طرح بهتر نه آهي. ان فرد جي سراسري آمدني (Per capital income) ڏاڍي خراب آهي. منهنجي اڳيان ون يونٽ حڪومت جي مالي حالت جو پمفليٽ آهي. جيڪو شايد حڪومت جي خرچ تي پنجاب گورنمينٽ پريس ۾ ڇپيل آهي. اهو سال 1954-55ع ۾ پاڪستان جي صوبن ۽ رياستن جي آمدني ۽ خرچ جا به خاڪا ڏيکاري ٿو. اوهان جيڪڏهن هر صوبي ۽ رياست ۾ فرد جي سراسري آمدني جو حساب لڳائيندؤ ته هينيان نتيجا نڪرندا.

| صوبو رياست | فرد جي سراسري آمدني | فرد جو سراسري خرچ |
|---|---|---|
| پنجاب | 12.7 | 7.3 |
| اتر سرحد | 23.8 | 8.0 |
| سنڌ | 21.1 | 29.7 |
| بلوچستان | 8.7 | -- |
| بهاولپور | 33.7 | 11.3 |
| خيرپور | 50.3 | -- |

18. مالياتي بجيٽ ٺاهيندڙ ڪو به جادوگر موجوده صوبن جي سرشتي جي نسبت سان بجيٽ ٺاهي نه سگهندو، بلڪ جيڪڏهن متوازن بجيٽ ٺاهي سگهيو ته به گهٽي گهٽ پيش ڪري سگهندو. نئين صوبي جي پندرهن ڪروڙ روپين جي لڳ ڀڳ کوٽ ڏيکاريندو. ڪو به مالياتي وزير ون يونٽ بجيٽ ۾ وڏي گڙ ٻڙ ڪندو. بين الصوبائي ۽ مرڪزي ماليت جي نرالپڻ، اصطلاحيت ۽ هڪ ٻئي سان ٽڪرائجندڙ مطالبن جي ڪري ڪيس زبردست دشواريون پيش اينديون. مهرباني ڪري سنجيده ويچار ڪرڻ کان سواءِ هڪ صدي پراڻين ريتن رسمن کي نه ڦٽايو. اقتصادي ۽ معاشي لحاظ کان ون يونٽ جي رٿ صحيح نه آهي. جيستائين ڪ اوهان ان جي آمدنيءَ لاءِ ڪي اضافي وسيلا نه ڳولي ڪڍو. ٻيءَ صورت ۾ معاشي مونجهارا ۽ انتظامي رولڙا پيدا ٿيندا.

19. اها حقيقت آهي ته سڪي جي قيمت ۾ گهٽتائيءَ ڪري اسان جي ٻاهر موڪلڻ واري خام مال جون رڪاوٽون ختم ٿي ويون آهن. پر اسان جي اضافي زرعي پيداوار يا ڪجهه ٻين شين کي ٻاهر موڪلڻ لاءِ مارڪيٽ ڳولڻ ڪو آسان ڪم نه آهي. ڇاڪاڻ ته دنيا جي مارڪيٽن ۾ هن وقت وڏي ڇتا ڇيڻي (Competition) آهي. ٻيو سوال هي آهي ته ڇا سڪي جي قيمت ڪرڻ ڪري زرعي پيداوار کي اڳين قيمتن تي وڪرو ڪري سگهجي ٿو؟

ٻاهرين ملڪن ڏانهن سامان موڪليندڙ ٿي سگهي ٿو ته سئو سيڪڙو نفعو وٺن جنهن ڪري اهي آبادگار جيڪي پنهنجي مال کي جلد کان جلد وڪرو ڪرڻ تي مجبور آهن، تن کي تمام گهٽ قيمت ملندي. زراعت اسان جي ملڪ جي مکيه پيداوار آهي، سو جيڪڏهن دنيا جي معاشي بدحالي ۽ اندروني مشڪلات جي ڪري انهيءَ پيداوار کي گهٽ قيمت جي ڪري ڌڪ لڳي ته سڄي ملڪ جي معاشي حالتن کي نقصان رسندو. هن وقت به آبادگارن جي آباديءَ جي خرچ، حڪومت جي بقايائن ۽ سندن ضرورتن جي مقابلي ۾ ڪين مناسب قيمت ملڻ جي اميد گهٽ آهي، ان ڪري ٻاهران آيل مال جي خريداريءَ تي ڪين وڏيون قيمتون ڀرڻيون پونديون.

21 زمين جي پيداوار تي ڍلن جا اگهه انگريزن واري دور ۾ انهن قيمتن مطابق مقرر ڪيا ويا هئا، هاڻي جيئن ته زرعي پيدائش ايتري قيمت حاصل ڪري نٿي سگهي، ان ڪري ڍلن جا اگهه سڌاري، گهٽايا وڃن. زرعي آبادگارن جي فائدي لاءِ نهايت ئي ضروري

نہ سگھندا جيستائين قانون ساز اسيمبلي ون يونٽ جي بل کي آخري شڪل نتي ڏئي. ساڳيو فيصلو ڪنهن بہ مجاز قانوني ڪورٽ ۾ چئلينج ڪري نٿو سگهجي.

انهيءَ ڳالهہ تي ڪنهن بہ قسم جي غلط فهمي هجڻ نہ کپي تہ اسين پاڪستان جي عوام وٽ ٺي خودمختياري ۾ يقين رکون ٿا. اسين وڏيڪ هي بہ يقين رکون ٿا تہ گڏيل رياستن جي روپ ۾ پاڪستان هڪ ملڪ آهي، جنهن ۾ موجوده خودمختيار صوبا آهن. ون يونٽ هجي يا نہ هجي پر اسان کي پاڪستان ۽ اسلام لاءِ جيئڻ ۽ مرڻ کپي.

4. ”خيالن جي هڪ جهڙائي، سوچ جي ساڳي نسبت ۽ برابريءَ واري عمل“ جي بنيادن تي جيڪڏهن جناب گرماني مسلم سماج يا انساني سماج ٺاهي ٿو تہ آءٌ سندس ڪاميابيءَ لاءِ دعاگو آهيان. پر مون کي هن تي اعتبار نٿو اچي ۽ ساڻس اتفاق نٿو ڪريان جڏهن هوچوي ٿو تہ ”اتحاد، اتفاق، ايڪتا، مساوات ۽ اخوت جي بنيادن تي ون يونٽ پهريون عملي قدم آهي.“

5. پاڪستان جي روپ ۾ اسان کي اڳيئي هڪ لازوال نئون ضابطو يا دستور ملي چڪو آهي. هاڻي اسين انهيءَ لاءِ بلڪل تيار نہ آهيون، تہ اهڙن اڳواڻن تي يقين ڪريون جيڪي اسان لاءِ نئين ضابطي آڻڻ جي دعويٰ ڪري رهيا آهن جيڪو پاڪستان مسلم ليگ جي نهراءَ جو بنيادي طور تي مخالف آهي. پاڪستان اتحاد، اتفاق، برابري ۽ اخوت جي بنيادن تي ٺهيو هو. جيڪي هن وقت جناب گرمانيءَ جهڙن گورنرن جي ڪري خطري ۾ آهن. دنيا جا مسلم معاشرا خود حڪمرانيءَ واري ڄائي ڄم جي حق سان ڇهٽيل آهن ۽ ڪنهن بہ اسلامي تصورن کان گمراهہ ڪندڙ خيالن کي انهيءَ حق کسڻ جي اجازت نٿا ڏين. گڏيل رياستن واري حڪمرانيءَ جو اصول ئي واحد اصول آهي، جنهن جي بنياد تي ايشيا ۽ دنيا جا مسلم معاشرا ۽ ٻيون قومون اتم ۽ اعليٰ ويچارن لاءِ هڪ ٻئي سان هٿ هٿ ۾ ڏئي هلي سگهن ٿيون. ساڳيو اصول پاڪستان جي مختلف معاشرن لاءِ لاڳو آهي.

## 17. سورهن سيڪڙو سيٽن تان هٿ کڻڻ

1. هاڻي اچو تہ ٿا پنجاب جي سخاوت تي جنهن ڏهن سالن تائين سورهن سيڪڙو سيٽن تان ان لاءِ هٿ کڻڻ جو چيو آهي تہ متان ننڍا صوبا اولهہ پاڪستان ۾ پنجاب جي حڪمرانيءَ بابت خائف ٿين. پر انهيءَ جي ضمانت ڪهڙي آهي تہ ڏهن سالن جي پوري ٿيڻ کان پوءِ خوف جا سبب ختم ٿي ويندا؟ اوير پاڪستان کي چيو ويو آهي تہ پنهنجي اڪثريت کي ڇڏي، نئين آئين واري برابريءَ جي مستقل نهراءَ تي مطمئن رهي. پنجاب پوءِ پنهنجي سخاوت هميشہ لاءِ ڇو نہ ٿو ڏيکاري؟

2. ننڍن صوبن کي چيو پيو وڃي تہ پنهنجي جداگانہ وجود، جداگانہ قانون سازي، جداگانہ وزارتن ۽ جداگانہ انتظام جي هميشہ لاءِ قرباني ڏين. جيڪڏهن انهن کي جيئڻ جو تيئن ڇڏيو ٿو وڃي تہ انهن وٽ هي هوندا:

(الف) آباديءَ جي نمائندگيءَ تي سندن پنهنجي قانون سازي.

(ب) مرڪزتي نمائنده ايوان ۾ وڏن صوبن جي نمائندگي وانگر برابريءَ واري نمائندگي.

(ج) مرڪزي اسيمبليءَ ۾ ساڳيو ئي قدر (weight age)

(د) مرڪزي نوڪرين ۾ مقرر ڪيل نمائندگي.

(هہ) پنهنجي ئي عوام جون صوبائي وزارتون ۽ انتظاميا.

پنجاب کي فقط ڏهن سالن لاءِ چاليهہ سيڪڙو نمائندگي ڇو هجي؟ جيڪڏهن ان جو پاڪستان جي موجوده صوبن ۽ رياستن جي عام ڀائپي ۽ برابري ۾ يقين آهي. نئين صوبي (ون يونٽ) جي قانون ساز اسيمبليءَ ۾ هر هڪ صوبي (رياست ۽ قبائلي علائقن Tribal Areas سميت) کي هڪ جيتري نمائندگي هجي.

3. پنجاب جو ٻن سالن، ڏهن سالن يا هميشہ لاءِ سورهن سيڪڙو اولهہ پاڪستان جي قانون ساز اداري جي سيٽن تان هٿ کڻڻ قرباني بلڪل ئي ناهي، ڇاڪاڻ تہ:

(الف) بل جي نهراءَ مطابق اتر سرحد ۽ بلوچستان جي قبائلي علائقن جي جاگيرن ۽ رياستن مان جيڪي 47 نمائندا چونڊيا ويندا، سي هميشہ گورنر جي چوڻ تي ووٽ ڏيندا.

(ب) اُتر سرحد صوبو، سنڌ، بهاولپور ۽ ٻيا علائقا هميشہ انهيءَ حيثيت ۾ رهندا تہ نئين قانون ساز اداري لاءِ ويهن کان وڏيڪ نمائندا چونڊ ڪن.

4. انهيءَ ڳالھ تي زور ڏيڻ تہ پنجاب هڪ صوبي اولھ پاڪستان لاءِ سورهن سيٽن جي قرباني ڏني آهي، هڪ دوکو آهي. اهڙي قرباني ڪلھ معنيٰ نٿي رکي جيڪا فقط ڏهن سالن لاءِ هجي، جيڪڏهن اهو نهراءُ آئين جي مسودي ۾ رکيو وڃي. پنجاب جي اڳواڻن کي حقيقي قرباني ڏيڻ گهرجي ۽ نئين صوبي جي نئين آئين ساز اداري ۾ موجوده سڀني صوبن جي برابري جي نمائندگي وارو اصول مڃڻ کپي، جيڪڏهن ڪين ون يونٽ جي نعري ۾ سڄي اولھ پاڪستان تي غالب رهڻ يا حڪومت هلائڻ جي خواهش ناهي.

5. جيئن تہ موجوده صوبن جي داهڻ ۾ منهنجو ايمان نہ آهي، ان ڪري منهنجو مطلب پنجاب کي مرڪزي پارليامينٽ ۽ سندس پنهنجي قانون ساز اداري ۾ حقي نمائندگي کان محروم ڪرڻ بہ نہ آهي. پر جڏهن ننڍن صوبن کي پنهنجن ئي قانون ساز ادارن ۾ حقي نمائندگي کان محروم رکڻ ۽ نتيجي ۾ مرڪزي قانون ساز اداري ۾ محروم رکڻ لاءِ تجويز ڏني پئي وڃي تہ آءٌ محسوس ٿو ڪريان تہ انهيءَ ڳالھ ۾ حق بجانب آهيان تہ مان حجت ڪريان تہ اولھ پاڪستان جي قانون ساز اداري ۾ اسان جي سڀني ننڍن صوبن کي هڪ جيتري نمائندگي ڏني وڃي. اها حجت ايتري بي انصافي ناهي جيتري سڀني ننڍن صوبن کي هميشہ لاءِ هڪ ئي وقت ختم ڪري ڇڏڻ.

13. اسيمبلين جي حمايت:

صوبن کي ضم ڪري ون يونٽ ناهڻ جي تجويز جي حمايت ۾ هڪ مضبوط دليل هي بہ آهي تہ ڪن صوبائي اسيمبلين، بلوچستان جي شاهي جرڳن ۽ رياستن جي حڪمرانن انهيءَ تجويز جي حمايت ۾ نهراءُ پاس ڪيا آهن. انهيءَ سلسلي ۾ هيٺيون حقيقتون ذهن نشين ڪرڻ گهرجن.

1. پنجاب اسيمبليءَ 30 نومبر 1954ع تي اولھ پاڪستان کي هڪ انتظامي يونٽ ۾ گڏي ڇڏڻ جو يڪراءِ سان نهراءُ پاس ڪيو آهي. ملڪ فيروز خان جي انهيءَ تقرير تي واهہ واهہ ڪئي وئي ۽ تاڙيون وڄايون ويون، جڏهن هن چيو:

"انهن ديوارن جو هٽائڻ، پنجاب جي ماڻهن کي ان جي اجازت ڏيندو تہ اهي پنهنجي معاشيات، زراعت ۽ هوشياري اولھ پاڪستان جي پوئتي پيل علائقن لاءِ استعمال ڪن."

پنجاب جا ڪجھ اڳواڻ اولھ پاڪستان جي هڪ يونٽ ۾ تبديل ٿيڻ واري مطالبي تي متفق آهن. تنهن هوندي بہ ملڪ صاحب جي سياسي مخالفن انهيءَ بنياد تي سندس خلاف گلا ۽ خواري جي هڪ تحريڪ هلائي آهي تہ هو چاهي ٿو تہ آئيني مسئلا جمهوريت جي طريقي تي حل ڪيا وڃن جنهن جو مطلب صوبن کي ضم ڪرڻ جي تجويز جي هوشياريءَ سان مخالفت ڪرڻ آهي. سندس منسٽريءَ جي ختم ٿيڻ جا سبب ڪهڙا بہ هجن، پر ملڪ پنهنجن نون خيالن جو اظهار ڪندي ٻڌايو آهي تہ پنجاب جا ماڻهو "سامان جي آزاديءَ سان چرپر، اسان جي پيداوار ۽ اسان جي تجارت ۽ واپار" مان پورو پورو فائدو حاصل ڪندا. پنجابي اڳواڻ هن سوال کي پنجاب جي تجارت واپار ۽ صنعت جي نقطئہ نگاھ کان ڏسي رهيا آهن، جنهن ڪري ون يونٽ رٿا بابت سنڌن حمايت تي سنجيدگيءَ سان ويچار نہ ڪيو وڃي جيڪا خود غرضيءَ مان ڦٽي نڪتي آهي.

اسين سڄي پاڪستان جي ترقيءَ ۽ سُک وانگر پنجاب جي وڌڻ ويجهڻ ۽ سک کي ڏسون ٿا جيڪو صرف ننڍن صوبن کي ٽوڙڻ کان سواءِ ئي حاصل ڪري سگهجي ٿو. ملڪ صاحب انهيءَ ساڳئي خيال جي تصديق هيٺئين طرح پنهنجي هڪ تقرير ۾ ڪئي آهي.

"ماضيءَ ۾ هن حڪومت (پنجاب) صوبن تي اتر سرحد ۽ قبائلي علائقن ڏانهن ڪڻڪ جي چرپر تي پابندي پئي لاڳو ڪئي آهي، پر گذريل سال اسان اهي پابنديون هٽائي ڇڏيون، جنهن ڪري اولھ پاڪستان ۾ تجارت کي هٿي ملي آهي."

اولھ پاڪستان ۾ جيڪي مسئلا عام آهن، تن تي صوبائي قانوني ادارو (STATUTORY BODY) غور ڪري سگهي ٿو ۽ ان جي فيصلن سان سڀئي صوبائي حڪومتون ٻڌل رهنديون. ننڍن صوبن جي محدود خود مختياريءَ ڪري ڪين تجارتي معاملن کان محروم ڪرڻ ڪا عقل جي ڳالھ نہ آهي.

2. صوبن کي ضم ڪري ون يونٽ ناهڻ واري رٿا جي مخالفت ڪري سنڌ ۾ پيرزادي جي وزارت ختم ڪئي



# ڊاڪٽر دائودپوٽو ۽ فارسي علم ادب

ڊاڪٽر غلام محمد لاکو

برطانوي دور ۾ ننڍي کنڊ ۾ مجموعي طور فارسي علم ادب جي زوال جون علامتون ظاهر ٿي چڪيون هيون. ان هوندي به سنڌ ۾ فارسي زبان ۽ ادب جي واڌ ويجهه لاءِ ڪاوشون اڃا جاري هيون. هڪ طرف پرنٽنگ پريس اچڻ جي ڪري پراڻا ڪتاب ڇپجي رهيا هئا ته ٻئي طرف نت نوان ڪتاب لکجي رهيا هئا. ان پس منظر ۾ فارسي علم ادب جي ترقي ۽ اوسر جاري رهي. هن ڏس ۾ ڪيترن ئي عالمن ۽ محققن پنهنجيون ڪوششون جاري رکيون. ذڪر هيٺ دور ۾ شمس العلماءِ ڊاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽي جون فارسي ٻوليءَ ۽ ادب لاءِ ڪيل خدمتون تعريف جي لائق آهن.

## ڊاڪٽر دائود پوٽو:

ڊاڪٽر صاحب سيوهڻ جي پرسان تاريخي شهر "ٿلٽي" ۾ 01 جون 1897ع ۾ ڄائو. سنڌس تعلق هڪ غريب خاندان سان هو. پرائمري تعليم ٿلٽيءَ ۾ حاصل ڪيائين. بعد ۾ لاڙڪاڻي، نوشهري فيروز ۽ ڪراچيءَ جي تعليمي ادارن ۾ پڙهيو. پاڻ 1917ع ۾ ميٽرڪ جو امتحان پاس ڪري سڄي سنڌ ۾ پهريون نمبر آيو. ان کان پوءِ ڊي.جي.سنڌ ڪاليج ڪراچيءَ مان سال 1921ع ۾ بي.اي جو امتحان فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ڪيائين. بي.اي ۾ فارسي زبان کي ترجيحي طور ڪنيائين. ٻه سال پوءِ 1923ع ۾ ايم.اي بمبئي يونيورسٽيءَ مان ڪيائين. ايم.اي ۾ اول پوزيشن ڪٽي "چانسلر ميڊل" حاصل ڪرڻ ۾ سوڀارو ٿيو. چيو وڃي ٿو ته بعد ۾ ڪنهن به ٻئي سنڌي شاگرد، بمبئي يونيورسٽيءَ مان هي اعزاز حاصل نه ڪيو. سال 1924ع ۾ حڪومت هند پاران اسٽيٽ اسڪالرشپ ملڻ تي انگلينڊ ويو. اتي مسلسل ٽي سال رهي نهايت محنت سان تحقيقي مقالو مڪمل ڪري، سال 1927ع ۾ ڊاڪٽريٽ جي ڊگري حاصل ڪيائين. ياد رهي ته دائودپوٽو صاحب پهريون سنڌي سپوت آهي جنهن هي اعليٰ سَند حاصل ڪئي.

ڊاڪٽر صاحب سيپٽمبر 1927ع ۾ وطن موٽي اچڻ کان پوءِ عملي زندگيءَ ۾ داخل ٿيو. وطن واپس اچڻ تي هن کي سنڌ مدرسته الاسلام جو پرنسپال مقرر ڪيو ويو. بعد ۾ هن کي اسماعيل ڪاليج جوگيشوري (بمبئي) ۾ عربي ادب جو پروفيسر مقرر ڪيو ويو. هن عهدي کي فرسٽ ڪلاس ايڊيوڪيشنل سروس جو درجو حاصل هو. ان دور ۾ پاڻ سنڌي، فارسي ۽ عربي ٻولين جي خدمت ڪيائين. ڪيس بمبئي يونيورسٽيءَ پاران عربي، فارسي ۽ سنڌي ٻولين لاءِ بورڊ آف اسٽڊيز جو ميمبر بنايو ويو. سال 1936ع ۾ سنڌ کي بمبئيءَ کان جدا ڪري صوبي جو درجو ڏنو ويو. ان بعد ڊاڪٽر صاحب کي پڻ وطن واپس آڻڻ لاءِ ڪوششون شروع ٿيون. ان پس منظر ۾ 1939ع ۾ ڪيس ان وقت سنڌ جي تعليم کاتي جي وڏي عهدي تي ڊي.پي.آءِ سنڌ طور مقرر ڪيو ويو. پاڻ هن عهدي تي 1950ع تائين ڪم ڪندو رهيو. ان عرصي ۾ هند سرڪار سندس علمي خدمتن جي مڃتا طور ڪيس 1940ع ۾ "شمس العلماءِ" جو خطاب ۽ خلعت بخشي.

1950ع کان 1955ع تائين ڊاڪٽر صاحب سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جو ميمبر مقرر ڪيو ويو. ان دور ۾ پاڻ ڪجهه ڏينهن جي لاءِ (24 مارچ کان 19- اپريل 1951ع) سنڌ يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسيلر پڻ رهيو. ون يونٽ جي قيام بعد ڊاڪٽر صاحب 1955ع ۾ اولهه پاڪستان پبلڪ سروس ڪميشن جو ميمبر بڻايو ويو، ان ڪري پاڻ 1956ع تائين لاهور ۾ رهيو. 1956ع ۾ رٽائرمينٽ وٺي واپس ڪراچي پهتو ۽ علمي ادبي سرگرمين ۾ مشغول ٿي ويو. ڊاڪٽر صاحب ايران جو سير ڪيو ۽ مشهور تاريخي جايون ڏٺائين. ان کان علاوه ڪجهه عرب ملڪن جو دورو به ڪيائين ۽ حج جو فرض به ادا ڪيائين. پوئين زماني ۾ ڊاڪٽر صاحب ۽ سيد حسام الدين راشدي بورڊ جي ٽماهي مهراڻ جا ايڊيٽر مقرر ڪيا ويا. ڊاڪٽر صاحب جي ايماڪاريءَ ۾ مهراڻ جو فقط هڪ اڌ پرچو نڪتو ۽ 1958ع جي پوئين پرچي جي اشاعت دوران ئي ڊاڪٽر صاحب 22 نومبر تي فوت ٿيو. هن کي پٽ شاهه تي دفن ڪيو ويو.

## فارسي علم ادب لاءِ خدمتون:

ڊاڪٽر صاحب سنڌي، عربي ۽ فارسي ٻولين ۽ ادب جي گهڻي خدمت ڪئي. ٽنهي ٻولين ۾ سندس ڇپيل ڪتابن جو تعداد اناويهه آهي. وفات وقت سندس ٻه ڪتاب ڇپائيءَ هيٺ هئا ۽ ستن ڪتابن جي تياري هلندڙ هئي. جيئن ته اسان جي عنوان جو تعلق فارسي زبان ۽ علم ادب سان آهي، ان ڪري هن مضمون ۾ ڊاڪٽر صاحب جي فارسي علم ادب لاءِ ڪيل خدمتن جو احاطو ڪيو ويندو.

ڊاڪٽر صاحب اڃا پرائمريءَ ۾ پنهنجي جنم ڀومي ٺٽي شهر ۾ پڙهندو هو ته هن خانگي طرح مدرسن ۽ مڪتبن ۾ فارسي زبان سکي ۽ ڪجهه ڪتاب پڙهي ورتائين. ان دور ۾ سندس لکت موجب، مولوي ولي محمد سامتاڻي وٽ "ڪريما" پڙهيائين، جا سڄي برزبان ياد ڪري ورتائين. ان بعد کيس فارسي پڙهڻ لاءِ اڃا به چاهه وڌي ويو. بعد ۾ مشهور درسي ڪتاب: پندنامو، بدايع منظوم، گلستان ۽ بوستان پڙهي پورا ڪيائين. ياد رهي ته اِهي ڪتاب سنڌ جي مدرسن ۾


شمس العلماء ڊاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽو

فارسي سکڻ لاءِ اڄ تائين پڙهايا وڃن ٿا، ۽ انهن مان ڪي ڪتاب مون پاڻ به پڙهيا هئا.

ڊاڪٽر صاحب بي.اي جي ڪورس ۾ ڪيمياءِ سعادت، مثنوي مولانا روم، تذڪره دولت شاهي ۽ قصهٔ ترآني نالي ڪتاب پڙهيا. هنن ڪتابن کان سواءِ نظام الملڪ جو سياست نامو ۽ جامي جو يوسف زليخا به پڙهيائين. ڊاڪٽر صاحب ڪاليج ۾ فارسي ادب، پروفيسر شيرازي ۽ پروفيسر گربخشاڻي (بعد ۾ ڊاڪٽر) وٽان پڙهيو. دائود پوٽي صاحب هن ڏس ۾ گربخشاڻي صاحب جي گهڻي تعريف ڪئي آهي. جيتوڻيڪ ڊاڪٽر صاحب ايم.اي عربي ادب ۾ ڪئي، ۽ Ph.D پڻ ان شعبي ۾ ڪيائين (جو پوءِ عربيءَ جو پروفيسر ٿيو). ان هوندي به فارسي زبان تي هن کي وڏي مهارت حاصل هئي. هن ڏس ۾ فارسي شعر ته کيس اڪثر ياد هوندا هئا، جي مهل موقعي سان پڙهندو هو. پنهنجي آتم ڪٿا (منهنجي مختصر آتم ڪهاڻي) ۾ جابجا فارسي شعر ڪتب آندا اٿس.

ڊاڪٽر صاحب جو عربي توڙي فارسي زبان سان جيڪو تعلق رهيو، ان پس منظر ۾ پاڻ عربي ۽ سنڌي ٻولين کان علاوه فارسي زبان جي پڻ نمايان خدمت ڪيائين. هيٺ اسان مختصر طرح ڊاڪٽر صاحب جي فارسي علم ادب لاءِ ڪيل خدمتن جو احاطو ڪنداسين.

1. The influence of Arabic Poetry on the Development of Persian poetry;

هيءَ ڪتاب ڊاڪٽر صاحب جي ٿيسز تي مبني آهي، جنهن جي تڪميل تي ڪيمبرج يونيورسٽي ڪيس 1927ع ۾ ڊاڪٽريٽ جي ڊگري ڏني. هيءَ ڪتاب (ٿيسز) ڇهن بابن تي مشتمل آهي. آخر ۾ خاتمو (تجزيو) ۽ ببليوگرافي، توڙي عربي ۽ فارسي شاعرن جي انڊيڪس پڻ ڏني وئي آهي. هي تحقيقي ڪتاب مشهور انگريز مستشرقن: اي.جي.براﺋون ۽ آر. اي. نڪلسن جي رهبريءَ هيٺ، پروفيسر براﺋون جي ”تاريخ ادبيات ايران“ ۾ ڪيل ڪجهه خواهشات جي تڪميل ۾ تيار ڪيو ويو. ڊاڪٽر صاحب حوالن ۽ دليلن سان ثابت ڪيو تہ ڪيئن نہ فارسي شاعري عربي شعر ڪان تخيل توڙي اندازبيان ۾ متاثر ٿي آهي. هي تحقيقي ڪاوش اسلام جي آمد ڪان ڪري هلاڪوخان جي بغداد تي حملي (1258ع) واري عرصي جو احاطو ڪري ٿي. هي اُهو دور آهي، جنهن ۾ عربي ۽ فارسي شعر جي اوسر ٿي ۽ فارسي شاعري عربي شعر ڪان متاثر ٿي ترقي ۽ واڌاريءَ جون منزلون طئہ ڪيون. ڊاڪٽر صاحب جي تحقيق اُهي تہ هلاڪو خان جي حملي سبب عربي علوم ۽ فنون کي سخت نقصان ٿيو ۽ ان پس منظر ۾ خود فارسي شعر جي اوسر تي منفي اثر پيو. هيءُ ڪتاب پهريون ڀيرو بمبئيءَ جي فورٽ پرنٽنگ پريس مان 1934ع ۾ ڇپجي ظاهر ٿيو. عرب توڙي عجم جي علمي دنيا ۾ هن ڪتاب جي وڏي پذيرائي ٿي. سنڌي ادبي سوسائٽي حيدرآباد پاران 1988ع ۾ هن ڪتاب جو ٻيو ڇاپو پڌرو ٿيو.

### 2. منهاج العاشقين:

هيءُ مختصر ڪتاب برٽش دور جي نامور سنڌي شاعر غلام محمد خانزئي فارسي زبان ۾ لکيو. هن ڪتابڙي ۾ شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي شعر ۾ آيل قصن ۽ داستانن ۾ ڏنل اهڃاڻن کي تصوف واري رمز ۾ سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. بعد ۾ مصنف خود 1307هہ/1888ع ۾ ان جو تحت اللفظ سنڌي ترجمو ڪيو. ڊاڪٽر صاحب ان ڪتاب جي ترجمي کي درست ڪري 1934ع ۾ ڇپرايو. هن ڪتاب جي لطيفي لٽريچر ۾ وڏي اهميت آهي.

### 3. عياردانش:

مشهور هندستاني داستان ”ڪليلہ و دمنہ“ کي مختلف دورن ۾ جدا جدا عالمن مختلف ٻولين ۾ ترجمو ڪيو آهي. هن ڏس ۾ مُلا حسين واعظ ڪاشفيءَ (وفات:910هہ) جو فارسي ترجمو ”انوار سهيلي“ خاص اهميت رکي ٿو. اڪبر بادشاهہ جي حڪم تي علامہ ابوالفضل هن ڪتاب جو نئون فارسي متن تيار ڪيو ۽ ان ۾ حسين واعظ پاران ڇڏيل مواد کي بہ شامل ڪيائين. ان ريت هن داستان جو ٻنهہ هڪ نئون فارسي متن سن 996هہ/1587ع ۾ ”عيار دانش“ جي نالي سان علمي دنيا جي سامهون آيو. شمس العلماءِ ڊاڪٽر دائودپوٽي سال 1934ع ۾ ”عيار دانش“ کي ايڊٽ ڪري شايع ڪيو. هن ڏس ۾ وڌيڪ تفصيل نہ ٿا ملن.

### 4. انتخابات نثر و نظم:

هيءُ ڪتاب فارسي نثر ۽ نظم جي انتخابات تي مبني آهي، جو بمبئي يونيورسٽي لاءِ نصاب جي ڪتاب طور تيار ڪيو ويو. هيءُ ڪتاب 1936ع ۾ ڇپيو. تفصيل معلوم نہ ٿي سگهيو.

### 5. بيان العارفين:

سنڌي زبان جو ناميارو شاعر شاهہ عبدالڪريم سن 1032هہ ۾ وفات ڪري ويو. پاڻ عظيم سنڌي شاعر شاهہ عبداللطيف جو جد امجد هو. شاهہ ڪريم جي وفات کان پوءِ سندس خاص مريد محمد رضا بن عبدالواسع، شاهہ صاحب جي ملفوظات ۽ سنڌي بيتن کي 1038هہ ۾ ”بيان العارفين و تنبيه الغافلين“ جي نالي سان فارسي زبان ۾ لکي تيار ڪيو. ڊاڪٽر صاحب هن ڪتاب کي اختصار سان سنڌي زبان ۾ ترجمو ڪيو ۽ پڻ سنڌي بيتن کي سنڌي رسم الخط ۾ آڻي نروار ڪيو. ڊاڪٽر صاحب جو هيءُ قلمي پورهيو سال 1937ع ۾ ڇپجي ظاهر ٿيو، جنهن کي علمي دنيا ۾ وڏي شهرت ملي. هيءُ ڪتاب بمبئي يونيورسٽيءَ جي مالي مدد سان شايع ٿيو. ان جو نالو ”شاهہ عبدالڪريم بلڙيءَ واري جو ڪلام“ رکيو

ويو. ڊاڪٽر صاحب هي ڪتاب 1958ع ۾ نظرثاني ڪري اشاعت لاءِ تيار ڪيو. درست ڪيل ايڊيشن البت 1977ع ۾ جناب عبدالحميد آخوند جي سعيي سان ڇپجي پڌرو ٿيو.

### 6. تاريخ معصومي:

سنڌ جي تاريخ جي بنيادي ماخذن ۾ هن ڪتاب کي تمام گهڻي اهميت حاصل آهي. هيءُ ڪتاب فارسي زبان ۾ مير محمد معصوم بکريءَ فارسي زبان ۾ لکي تيار ڪيو. چچ نامہ کان پوءِ اسان جي تاريخ متعلق هيءُ ٻيو ڪتاب آهي، جو سنڌ ۾ لکيو ويو. مير محمد معصوم سن 944هه ۾ بکر ۾ ڄائو. تعليم ۽ تربيت کان پوءِ سلطان محمود بکريءَ جي ملازمت ۾ داخل ٿيو. محمود جي وفات (982هه) کان پوءِ مير صاحب هندستان ويو ۽ اڪبر اعظم جي ملازمت حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيو. سپہ سالار، امير، شاعر، جاگيردار، منتظم ۽ سفارتڪار جي حيثيت ۾ مير معصوم پنهنجي جفاڪشي ۽ ذهانت سان بلند درجي تي پهتو. بادشاهہ اڪبر پاران ايران جي شاهہ عباس صفويءَ جي دربار ۾ سن 1011هه ۾ ايلچي ٿي ايران ويو. ڪامياب سفارت کان پوءِ 1013هه ۾ هندستان واپس ٿيو. سن 1014هه ۾ فوت ٿيو. هن کي سکر ۾ پنهنجي خانداني قبرستان ۾ دفن ڪيو ويو.

مير محمد معصوم فارسي زبان جو نامور شاعر هو. فن تعمير ۽ ڪتبہ نويسيءَ ۾ گهڻي دلچسپي وٺندو هو. ليڪن اسان لاءِ مير هڪ مؤرخ طور گهڻي اهميت رکي ٿو. پاڻ خواجہ نظام الدين احمد بخشي جي صحبت ۾ رهي، ڪيس "طبقات اڪبري" نالي تاريخي ڪتاب لکڻ ۾ مدد ڪيائين. ان پس منظر ۾ مير کي پنهنجو ڪتاب "تاريخ سنڌ" لکڻ جو شوق جاڳيو. مير صاحب هي ڪتاب 1009هه/1600ع ۾ لکي مڪمل ڪيو. هن ڪتاب ۾ سنڌ جي قبل از اسلام واري دور، عربن جي دور، هندستان تي غزنوين ۽ غورين جي حملن، هندستان ۾ مسلم حڪومتن جي قيام جي احوال کان پوءِ، سنڌ جي سومرن، سمن، ارغونن، ترخانن ۽ اڪبر پاران سنڌ تي .نمي جو ذڪر ڪيو ويو آهي. مير معصوم سنڌ جي مقامي حاڪمن تي لکي سچ تہ سنڌ وارن تي وڏو احسان ڪيو آهي. پاڻ مقامي خانوادن تي نہ لکي ها تہ شايد سنڌ جي تاريخ جي معاملي ۾ اڃ گهڻي تشنگي هجي ها.

برٽش دور ۾ هندستان جي تاريخ جا فارسي ماخذ ايڊٽ ٿي ڇپجي رهيا هئا يا وري انهن جا انگريزي ۽ مقامي ٻولين ۾ ترجما ٿي رهيا هئا. ڊاڪٽر دائودپوٽو جنهن وقت بمبئي ۾ عربي ادب جي پروفيسر طور ڪم ڪري رهيو هو، ان وقت هن کي سنڌ جي تاريخ جي بنيادي ماخذن کي ايڊٽ ڪرڻ جو خيال آيو. هن ڏس ۾ پاڻ سڀ کان اول "تاريخ معصومي" (تاريخ سنڌ) کي ايڊٽ ڪري ڇپرائڻ جو فيصلو ڪيائين. هن ڪم لاءِ ڊاڪٽر صاحب کي ڪتاب جا ڇهہ قلمي نسخا ميسر ٿيا. ڊاڪٽر صاحب وڏيءَ محنت سان ڪتاب جو متن تيار ڪيو. فارسي زبان ۾ مقدمو لکي مير معصوم جي سوانح، آثارن ۽ سندس لکيل "تاريخ معصومي" جي افاديت ۽ اهميت کي اجاگر ڪيائين. متن جي آخر ۾ توضيحات، تعليقات ۽ استدراڪات لکي ڪتاب ۾ آيل ڪجهہ ڳالهين کي واضح ڪيائين، يا وري مير معصوم جي غلطين جي درستگي ڪيائين. هي ڪم پڻ فارسي زبان ۾ ڪيو ويو. ڊاڪٽر صاحب جو ايڊٽ ڪيل "تاريخ معصومي" ل 1938ع ۾ ڀنڊارڪر اورينٽل انسٽيٽيوٽ پونہ شايع ڪيو. بعد ۾ هن ڪتاب جي سنڌي، اردو ۽ انگريزي ترجمن لاءِ ڊاڪٽر صاحب جي تيار ڪيل فارسي ايڊيشن کي ڪتب آندو ويو. هي ڪتاب (فارسي، دائودپوٽہ ايڊيشن) ٻيهر انتشارات اساطير 1382هه.ش ۾ تهران مان ڇپيو آهي.

### 7. چچ نامہ:

هيءُ ڪتاب اصل ۾ عربي زبان ۾ لکيو ويو. لکندڙ ڪير آهي، ان متعلق خبر نہ ٿي پوي. البت علي بن حامد ڪوفي 613هه/1216ع ۾ عربي زبان مان هي ڪتاب فارسي زبان ۾ ترجمو ڪيو. هن ڪتاب ۾ قبل از اسلام سنڌ جي تاريخ ۽ عرب فتوحات جو مفصل احوال ڏنو ويو آهي. اصل عربي ڪتاب جو نالو "فتح نامہ سنڌ" هو. جيئن تہ هن ۾ راجا چچ جو گهڻو ذڪر آهي، ان ڪري فارسيءَ ۾ ترجمي ٿيڻ بعد ان جو نالو "چچ نامہ" مشهور ٿيو.

ڊاڪٽر صاحب "تاريخ معصومي" کان پوءِ "چچ نامہ" جي ايڊيٽنگ جو ڪم هٿ ۾ ڪنيو. هن علمي ڪم لاءِ ڊاڪٽر صاحب کي پنج قلمي نسخا ملي سگهيا. فاضل محقق درست متن جي تياريءَ کان علاوه مقدمو ۽ تعليقات فارسي زبان ۾ لکيا. ان ريت سنڌ جي هن قديم ترين اهم تاريخي ڪتاب جي اشاعت ممڪن ٿي. هن ڪم ۾ ڊاڪٽر صاحب تمام گهڻي محنت ڪئي. چچ نامہ جو هيءُ ايڊيشن مجلس مخطوطات فارسيہ حيدرآباد دکن سال 1939ع ۾ ڇپرائي پڌرو ڪيو. بعد ۾ هن ڪتاب جي سنڌي ۽ اردو ترجمن لاءِ ڊاڪٽر صاحب جي تيار ڪيل فارسي ايڊيشن کي سامهون رکيو ويو. تازي دور ۾ "چچ نامہ" فارسي (دائودپوٽہ ايڊيشن) ٻيهر تهران مان انتشارات اساطير اداري 1384هہ.ش ۾ ڇاپي پڌرو ڪيو آهي.

8. آغاز فارسي:

ڊاڪٽر صاحب هي ڪتاب ڇهن حصن ۾ تيار ڪيو. هن ڪتاب جي تياريءَ جو مکيہ مقصد غيرفارسي دانن کي فارسي سيکارڻ لاءِ هڪ "رهبر" مهيا ڪرڻو هو. هي ڪتاب مختلف سالن ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو.

متفرق ڪم:

ڊاڪٽر صاحب ڪجهه وڌيڪ فارسي ڪتابن تي ڪم ڪيو، ليڪن ان ڏس ۾ گهڻو تفصيل نہ ٿو ملي. جيتري ڄاڻ ملي آهي، اها هن ريت آهي.

1. طيبات سعدي (متن، تعليقات ۽ انگريزي ترجمو)، 1923ع

2. روائح بوستان (منتخبات، تمهيد، تعليقات ۽ ترجمو)، 1934ع.

3. سفرنامہ ناصر خسرو (تمهيد، تعليقات ۽ ترجمو)، 1938ع.

4. روشنائي نامہ، ناصر خسرو (ڪيفيت نامعلوم)، 1938ع

5. سياست نامہ، نظام الملڪ طوسي (ڪيفيت نامعلوم)، سال؟

6. نفحات حافظ (منتخبات مع تمهيد)، سال؟

## مطالعي جو خلاصو:

شمس العلماءُ ڊاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽو سنڌ جو اهو قابل احترام ۽ باوقار عالم آهي، جنهن ننڍي کنڊ ۾ فارسي ادب جي زوال واري دور ۾، فارسي زبان جي ترقي ۽ واڌاري لاءِ ڪوششون ڪيون. جيتوڻيڪ پاڻ بنيادي طور عربي زبان جو پروفيسر هو، تڏهن بہ فارسي زبان کي سنڌ ۽ ايران جي مشترڪ ثقافتي ورثي جي حيثيت سان گهڻي اهميت ڏنائين. مختلف ڪتاب لکيائين، انهن جا ترجما ڪيائين ۽ نصابي سطح تي پڻ فارسي زبان جي ترويج لاءِ مخلصانہ ڪم ڪيائين. ليڪن هن ڏس ۾ ڊاڪٽر صاحب جو وڏو ڪارنامو "چچ نامہ" ۽ "تاريخ معصومي" جي ايڊيٽنگ، حاشيہ نگاري ۽ مقدمو آهي. هن ادبي ۽ تحقيقي ڪم جي ڪري، هندستان توڙي ايران ۾ ڊاڪٽر دائودپوٽي جي گهڻي مڃتا ۽ هاڪ ٿي. انهن ڪتابن جي اشاعت سان سنڌ جي تاريخ تي ڪم ڪرڻ لاءِ تہ آساني ٿي، ليڪن ان سان گڏ ايندڙ وقتن ۾ سنڌ جي فارسي علم ادب کي جديد ۽ سائنسي انداز سان ايڊٽ ڪري ڇپرائڻ لاءِ جهڙوڪر راهہ هموار ٿي. بعد ۾ سنڌي ادبي بورڊ ۽ سنڌ جي ٻين ادارن جو فارسي اشاعتي ڪم ڄڻ ڪِ ڊاڪٽر صاحب جي نمايان ڪم جو هڪ تسلسل آهي.

## مددي ڪتاب


1. ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽو: "منهنجي مختصر آتم ڪهاڻي" ڪراچي.

2. خانم خديجہ دائودپوٽو: "عالمن جو آفتاب"، ڪراچي.

3. خانم خديجہ دائو پوٽو: "مضمون ۽ مقالا" حيدرآباد 1978ع.

4. پروفيسر مقبول بيگ بدخشاني: "تاريخ ادبيات مسلمانان پاڪستان و هند" جلد چهارم، پنجاب يونيورسٽي لاهور 1971ع.

5 ڊاڪٽر محمد رياض ۽ ڊاڪٽر محمد صديق شبلي: "فارسي ادب کي مختصر ترين تاريخ" سنگ ميل پبليڪيشنس، لاهور 1987ع.

6. حسن انوشه: "دانشنامهء ادب فارسي" (جلد چهارم)، بخش دوم، تهران 1380هہ. ش.


[نوٽ: هن ڪتاب ۾ ڊاڪٽر دائود پوٽي جي متعلق ڏنل ڪجهه معلومات درست ڪانهي]

# 'چرچ مشنري سوسائٽيءَ' طرفان سنڌي ڇپائيءَ جو اڳاٽو پروگرام



ڊاڪٽر الهرکيو ٻٽ

عيسائيت جي پرچار، ترقي ۽ ترويج خاطر 1800ع ڌاري لنڊن ۾ 'چرچ مشنري سوسائٽي' نالي هڪ بين الاقوامي حيثيت جو ادارو قائم ڪيو ويو. 1813ع ۾ ايسٽ انڊيا ڪمپني جي چارٽر جي تجديد ٿي ته نئين قانون تحت عيسائي مبلغن ۽ پادرين کي هندستان ۾ داخل ٿي پنهنجون تبليغي سرگرميون هلائڻ جي قانوني اجازت ملي ويئي. 'چرچ مشنري سوسائٽي' جي قاعدن ۽ ضابطن هيٺ تبليغي پروگرام جو دائره عمل هيٺين نقطن تي رکيو ويو:

1. عيسائي مبلغن جي مقرري ۽ انهن وسيلي غير عيسائين کي عيسائي ڪرڻ.
2. اسڪول قائم ڪري انهن ذريعي عيسائيت جو پرچار جاري رکڻ.
3. ڇاپخانا قائم ڪري ڏيهي ٻولين ۾ تبليغي مواد شايع ڪري ورهائڻ.

هت اسين سنڌ ۾ مٿئين مقصد خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ ڇپيل اڳاٽي مواد جو مختصر جائزو وٺنداسين.

سنڌ ۾ انگريز بينڪي راڄ قائم ٿيڻ سان ئي نئين سرڪار جي مذهبي جوش سان ڀريل آفيسرن، جن ۾ ڪراچيءَ جو پهريون ڪليڪٽر ڪيپٽن پريڊي، ليفٽيننٽ ڪرنل گرين، ليفٽيننٽ ڪرنل سنڪليئر ۽ ڪئپٽن اسٽيورٽ شامل هئا، تن سنڌ ۾ عيسائيت واري تبليغي اداري جي بنياد رکڻ جو سوچيو ۽ سعيو ڪيو. گهربل رقم جي فراهمي ميجر آئوٽرام ڪئي، ۽ ڪيس سنڌ جي فتح تي 3000 پائونڊن جو تازو انعام مليو هو، سو پاڻ وٽ رکڻ جي بجاءِ ان جو ڪجهه حصو سنڌ ۾ عيسائيت جي تبليغي مهم لاءِ ڏنائين. ان رٿا کي عملي جامو پهرائڻ خاطر اڳتي هلي نومبر 1850ع ڌاري ڪراچيءَ ۾ 'سنڌ آگزيلري چرچ مشنري ائسوسيئيشن' نالي اداري جو بنياد وڌو ويو. هن اداري جو پهريون سرواڻ سنڌ جو ڪمشنر پرنگل مقرر ٿيو. جڏهن ته پادري وليم ڪار کي پهريون سيڪريٽري بنايو ويو. جلدي پوءِ ممبئي مان هڪ جرمن مبلغ سي.سي. ٿي شرائيبر کي ڪراچي موڪليو ويو، جيڪو 10- ڊسمبر 1850ع تي ڪراچي پهتو. شرائيبر کي ڪراچيءَ جي آبهوا راس نه آئي ته اپريل 1852ع ۾ کيس واپس ممبئي سڏايو ويو. سندس جاءِ ازلنگٽن کان آيل ابراهام مٿچيٽ والاري. ان کان پوءِ ڪيترائي هاڪارا عالم پادري طور سنڌ ۾ آيا، جن مان جيمس شيلڊن، ائنڊريو برن، ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ، جارج شرٽ ۽ جان ٻئمبرج مشهور ٿيا. سنڌ جي ٽن وڏن شهرن: ڪراچي، حيدرآباد ۽ سکر ۾ مشن هائوس برپا ڪيا ويا.

1850ع ۾ ڪراچيءَ ۾ هڪ بنگلو ۽ وسيع پٽ وٺي اتي 'مشن هائوس' چالو ڪيو ويو، انڪري ان علائقي تي نالو ئي 'مشن روڊ' مشهور ٿيو. 1856ع ۾ تلڪ چاڙهي حيدرآباد تي مشن هائوس ۽ اسڪول کليا. 1859ع ۾ سکر ۾ به برانچ کولي ويئي. 1852ع ۾ ڪئپٽن پريڊي طرفان برپا ڪيل ڪراچي فري اسڪول چرچ مشنري سوسائٽيءَ جي حوالي ٿيو. 1861ع ۾ حيدرآباد ۾ به مشن اسڪول کليو، جنهن گهڻو نالو ڪمايو. ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين لاءِ الڳ سنڌي، گجراتي ۽ مراٺي اسڪول برپا ڪيا ويا، جيڪي نهايت مقبول ٿيا. سرڪاري اسڪولن جي ڀيٽ ۾ مشن اسڪولن جي في نهايت گهٽ هوندي هئي. ان کان علاوه عورتن لاءِ زنانا مشن ترتيب ڏنا ويا، جنهن ذريعي نوجوان عورتن ۽ ڇوڪرين کي هٿ جا هنر، صحت صفائي ۽ ٻارن پالڻ

جي سکيا ڏني ويندي هئي. مطلب تہ سنڌ اندر عيسائي مُبلغن سماج سڌاري جا بہ انيڪ ڪم چالو ڪيا.

**ڇپائيءَ جي ڪم جي شروعات ۽ ترقي**

سنڌ مشن (1850ع) قائم ٿيڻ کان گھڻو اڳ ڪلڪتي پرسان سيرامپور ۾ عيسائي پادرين سنڌي ٻوليءَ ۾ انجيل جا ڪجھ حصا ڇاپي پڌرا ڪيا. 1819ع ۾ انجيل جو هڪ حصو گرمکي اکرن ۾ نڪتو، جڏهن تہ 1825ع ۾ سينٽ مئٿيو (متي) جو سنڌي ترجمو پڌرو ڪيو ويو. اهي سنڌي ٻوليءَ جا اوائلي ڇپيل ڪتاب (ترجما) مڃيا وڃن ٿا. سنڌ ۾ تبليغي مواد ترجمو ڪري ڇاپڻ کان اڳ پادرين سنڌي ٻولي سکڻ جا بہ جتن ڪيا. هن ڪم ۾ سنڌ جي بيدار دماغ ڪمشنر سربارٽل فريئر سنڌن گھڻي مدد ڪئي. عيسائيت بابت ڪتابن جي ترجمي ۽ اشاعت ۾ يورپ کان آيل پادرين سان گڏ ڏيهي پادرين جھڙوڪ امبالا شهر جي عبدالله اٿيم، ماڌوسڌن سيل ۽ پرمانند ميوارام گھڻي کان گھڻو پاڻ ملهايو. اهڙيءَ ريت ڏيهي توڙي پرڏيهي عيسائي مبلغن سنڌي ٻوليءَ کي عام ڪرڻ خاطر وڏيون خدمتون سرانجام ڏنيون.

1850ع واري ڏهاڪي ۾ ڪراچيءَ ۾ هڪ ليٿو جو ڇاپخانو بہ برپا ڪيو ويو، جيڪو 'مشن پريس' جي نالي سان نروار ٿيو. 1860ع واري ڏهاڪي ۾ هن ڇاپخاني کي جديد ليٽر پريس ۾ تبديل ڪرڻ جو ڪم بہ هٿ ۾ کنيو ويو، مگر رسم الخط واري ڇڪتاڻ سببان لنڊن مان گهرايل مشنري ۽ ڊاڪٽر ٽرمپ واري سنڌيءَ ۾ تيار ڪرايل ٽائيپ بيسود ثابت ٿيا. انيڪ دقتن جي پيش نظر ان شاندار رٿا تان ماڳهين پادرين هٿ ڪڍي گهرايل سامان هڪ هندوءَ کي وڪڻي، ڇاپخاني برپا ڪرڻ واري ڪم کي هميشہ لاءِ وساري ڇڏيو. ساڳئي ڏهاڪي ۾ سنڌي خوشخط جي ڪراچيءَ ۾ دستيابي ۾ دقتون پيش آيون تہ ليٿو وارو ڇاپخانو بہ بند ڪيو ويو. نتيجي ۾ عيسائيت بابت سنڌي ڪتاب لنڊن، لاهور، لڌيانا، ڪراچي ۽ حيدرآباد جي ڇاپخانن ۾ ڇپجي ظاهر ٿيا، جيڪي عربي، گرمکي ۽ ديوناگري لپين ۾ نڪتا.

معلوم هجي تہ سنڌيءَ ۾ عيسائيت بابت ڪتاب ترجمن سان شروع ٿيا ۽ اڻويهين صديءَ دوران ترجما ئي مکيہ ذريعو رهيا. وڏي دانائي وارن پادرين عبادت ۽ روحاني رازن ۽ رمزن تي ٻڌل ڪتابچن، عيسائي تعليمات ۽ تبليغ واري مواد سان گڏ اسڪولي ڪتابن لغتون، گرامر ۽ ڪلاسيڪي سنڌي ادب تي اشاعتي ڪم سرانجام ڏنو.

هن ڪم جي شروعات 1850ع واري ڏهاڪي جي مُنڍ ۾ ٿي. مثال طور مئنچيٽ، شيلڊن ۽ برن سان گڏ ڪراچي مشن اسڪول جي استاد ماڌوسڌن سيل 1854ع ۽ 1855ع ۾ ڏهاڪو کن ننڍا ننڍا ڪتابچا ترجمو ڪري ڇاپي پڌرا ڪيا. انهن ۾ سرمن آن دي مائونٽ، لوقا مان بہ باب، عيسائي مذهب جا سادا ۽ بنيادي اصول، خدا جي وجود بابت مڪالما، انجيل جي تاريخ سان گڏ بہ چار واعظي ڪتابچا شامل ڪري سگهجن ٿا. سنڌيءَ ۾ آنڌل اهي سمورا ڪتاب مشن پريس ڪراچيءَ ۾ ڇپيا. پادري جيمس شيلڊن جي مصروفيتن مان گهڻو جيترو حصو ڪتابن جي ڇپائيءَ ۽ پريس جي معاملن جي نگراني ڪندي گذريو. 1855ع ۾ سنڌ مشن جي اڳواڻ ابراهام مئنچيٽ مشنري مواد جي نوعيت بابت راءِ ڏيندي پڌرو ڪيو تہ سنڌن ڪم جو دائرو بنيادي طور مسلمانن ڏانهن ڦهلايو ويو هو. سنڌيءَ ۾ ڇپيل ڪتاب ۽ اردو ۽ پارسيءَ ۾ ٻاهران آيل مواد مان ڪي دفاعي نوعيت جا تہ ڪي وري تڪراري ۽ اڳرائي ڪندڙ يا چڙ ڏياريندڙ نوعيت جا بہ هئا. پوئين قسم جا ڪتاب پادري مسلمانن سان مناظرن ڪرڻ ۽ مسلمانن جي عقيدن تي حملن ڪرڻ وقت حوالن طور ڪتب آڻيندا هئا. اهڙو مواد ڊاڪٽر پفنڊر جي مسلمانن جي خلاف ڪتابن جهڙوڪ ميزان الحق، مفتاح الاسرار، طريقہ الحيات وغيره جي نوعيت وارو هو. تڪراري مواد ۾ عبدالله اٿيم جي ڏهن سوالن، جيڪي "ڪراچي ڪرسچن" جي نالي مشهور ٿيا، وڏو ماناڻ مڃايو. ساڳئي سَمي ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ بہ سنڌ ۾ وارد ٿيو. هو

لسانيات جو ماهر هو. هن کي سنڌ ڏانهن خاص انهيءَ مقصد لاءِ موڪليو ويو هو تہ هو هتي اچي سنڌي ٻولي سکي، ان ۾ تبليغي مواد، درسي ڪتاب، گرامر ۽ لغتون مرتب ڪري. صحت جي خرابي ۽ اکين جي تڪليف جي باوجود هِن صلاحيتمند ۽ محنتي عالم، سنڌي ٻولي ۽ ادب کي نهايت سگهارا بنياد فراهم ڪيا. درسي ۽ تبليغي ڪتابن سان گڏ گرامر، لغت ۽ شاهہ جو رسالو ترتيب ڏيڻ جهڙا گرانقدر ڪارناما هن صاحب ئي سرانجام ڏنا. انهيءَ ڪم خاطر هن اُردو ۽ پارسي طرز تي سنڌي الف بي جي تختي تيار ڪئي. پنهنجي تيار ڪيل الف- بي ۾ هن سنڌي ريڊنگ بُڪ، سنڌي وائيءَ ۾ پوٿي، شاهہ جو رسالو ۽ سنڌي گرامر ڇپرائي پڌرا ڪيا. جڏهن تہ 'ڄ' تائين سنڌس مرتب ڪيل ٽي سو صفحن کان بہ وڌيڪ مواد تي مشتمل سنڌي- انگريزي لغت ڇپجي ڪانہ سگهي.

ان قسم جي علمي ۽ تحقيقي ڪم ڪرڻ سان گڏ اٽڪ پادرين سنڌي ٻوليءَ ۾ تبليغي ڪتابن شايع ڪرڻ ۾ ڪا ڪسر ڪانہ ڇڏي. مثال طور 1857ع ۾ حيدرآباد جي معروف پادري اينڊريو برن بائيبل جا چند ڀاڱا عربي ۽ گرمکي لپين ۾ ترجمو ڪري بامبي بائيبل سوسائٽيءَ جي مالي سهڪار سان ڇپرائي پڌرا ڪيا. ساڳيءَ نوعيت جو ڪم 1858ع ۾ جاري رهيو. هڪ محتاط اندازي موجب 1858ع جي پڇاڙيءَ تائين فقط مشن پريس ڪراچيءَ مان سنڌي ڪتابن جون 11000 ڪاپيون ڇاپي عوام جي هٿن تائين پهچايون ويون. 1850ع واري ڏهاڪي جيڪو اشاعتي سلسلو ڏنو سو 1860ع واري ڏهاڪي ۾ برقرار رهي ڪونہ سگهيو، تڏهن بہ 1860ع کان 1862ع تائين وڌيڪ 2300 ڪاپيون ڇاپي وڪرو ڪيون ويون. ان ڏهاڪي ۾ ڪراچيءَ واري مشن پريس بند ٿي تہ مشنري مواد هرٽفورڊ (لنڊن) جي وليم واٽس پريس ۾ ڇپبو رهيو. هن پريس ۾ سنڌي ٽائيپ جا خوبصورت نمونا نهي راس ٿيا.

انهن ئي ڏينهن دوران نهايت قابل پادري ۽ لائق عالم جارج شرٽ حيدرآباد ۾ آيو. هيءُ سنڌيءَ ٻوليءَ جو ماهر ۽ نهايت ڪامياب ليکڪ ثابت ٿيو. هو هتي اٽڪل ٽن ڏهاڪن تائين خدمتون سرانجام ڏيندو رهيو. ان عرصي دوران هو سنڌي عالمن ۽ استادن سان دوستي ۽ محبت جا ناتا نباهيندي سنڌي ٻولي ۽ ادب کي مالا مال ڪري ويو.. سنڌس همعصر جان بئمبرج، ڪراچي مشن جو مهندار بنيو. ان بہ سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب کي شاهوڪار بنائڻ لاءِ گهڻو ئي پاڻ پتوڙيو. انهن ٻنهي ماهرن سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪتابن جو وڏو انگ مرتب ڪيو، جيڪي حيدرآباد، ڪراچي، لاهور ۽ لڌيانا ۾ پنجاب رليجس بڪ سوسائٽي، برٽش ۽ فارين بائيبل سوسائٽي ۽ سوسائٽي فار پروموشن آف ڪرسچن ناليج جي مالي سهڪار سان ڇپجي ظاهر ٿيا. هڪ محتاط اندازي موجب سنڌ اندر ۽ سنڌ کان ٻاهر 1900ع تائين لڳ ڀڳ هڪ سو ڪتاب ڇپجي پڌرا ٿيا، جن مان ڪن جا وچور حاصل ٿي سگهيا آهن، جي هن مقالي جي پڇاڙي تي درج ڪجن ٿا.

مشنري مواد ۽ تبليغي پروگرامن جو مکيہ مقصد سنڌين کي عيسائي بنائڻ هو. وڏي جاکوڙ هوندي بہ ان مقصد جي حاصلات ۾ ڪين ڪا خاطرخواهہ موٽ ڪانہ ملي سگهي. ڪنهن بہ سنڌي مسلمان جي عيسائي بنجڻ جي شاهدي ملي نہ سگهي آهي، البتہ حيدرآبادي هندن مان عاملن واري آکهہ مان 1891ع ۾ پرمانند ميوارام ۽ کيمچند امرتراء عيسائي مذهب قبوليو. هي صاحب بہ عيسائيت جي وڏن ليکڪن ۾ شمار ٿين ٿا.

## ڪتابن جي ڇپائيءَ جو تعداد ۽ ملهہ

جيئن تہ مشنري مواد 'ڪمائڻ' خاطر ٻنهہ ڪونہ ڇاپيو ويندو هو ۽ ٻيو تہ انهن جو گهاٽيتو درسي ڪتابن کان پوءِ وڏي ۾ وڏو هو، انڪري انهن تي في ڪاپي لاڳت بہ نهايت ٿوري هوندي هئي. انهن مڙني سببن جي ڪري ڪتابن جي ٻها

به گهڻ ۾ گهڻ رکي ويندي هئي ته جيئن اهو تبليغي مواد وڌ کان وڌ ماڻهن جي هٿن تائين رَسي سگهي. مذهبي جوش ۽ جذبي سان سَرشار عالمي دائره ڪار وارن ادارن جي سهائتا سان ڇپيل سنڌي ڪتابن جو تعداد عموماً 1000 کان 5000 ڪاپين تائين هوندو هو. ڳاڻيٽي ۽ بَها جو هڪ مثال، هيٺ پيش ڪجي ٿو:

سيپٽمبر 1884ع ۾ پادري بال جي 23 صفحن واري ڪتابچي "نصيحت نامو خداوند يسوع مسيح جو" جون 4000 ڪاپيون ڇپجي پتريون ٿيون ته ان جي في ڪاپي هڪ پائي (رپئي ۾ 192 ڪاپيون) وڪري لاءِ پيش ڪيون ويون. گهٽ مُلهه جي ڪري سال اندر سڀ ڪاپيون نيڪال ٿي ويون ته آگسٽ 1885ع ۾ ان کي ٻيو دفعو ڇاپي پترو ڪيو ويو. هن دفعي 26 صفحن تي مشتمل چوپڙي جون 2500 ڪاپيون ڇاپيون ويون، جن کي ڪاميابيءَ سان نيڪال ڪري آڪٽوبر 1887ع ۾ ٽيون دفعو 5000 ڪاپيون ساڳي مُلهه تي مارڪيٽ ۾ آنديون ويون. اهڙيءَ ريت ٽن سالن جي عرصي ۾ هن ڪتاب جون 11500 ڪاپيون ڇاپي پتريون ڪيون ويون. ان هڪ مثال مان عيسائيت بابت ڇپيل ڪتابن جي سَگهاري نيٽ ورڪ جو بخوبي پتو پوي ٿو، جيڪو اڻويهين صديءَ دوران ڇپيل سنڌي ڪتابن جي هڪ يادگار رڪارڊ طور ڳڻي سگهجي ٿو.

## ڪتابن جو نيڪال

دراصل چرچ مِشنري سوسائٽيءَ جون سرگرميون تبليغي مواد جي ورهاست سان ٿيون. سنڌي ڪتابن جي ڇپائيءَ کان اڳ اردو ۽ پارسيءَ ۾ ڊاڪٽر پفنڊر جا مناظري وارا ڪتاب، جيڪي گهڻو ڪري اسلام جي مخالفت ۾ ڇاپيا ويا هئا، سنڌ جي عوام تائين ڪي گهٽ بَها تي ته ڪي بنهه مفت ۾ ورهايا ويندا هئا. سنڌي ڪتابن ڇپجڻ کان پوءِ هڪ منظم ۽ مربوط طريقي سان انهن جي تقسيم عمل ۾ آندي ويئي. ان ڪم خاطر مختلف ذريعا ۽ وسيلا ڪتب آندا ويا، جن مان مکيه هن ريت هئا:

1. پادرين طرفان شهرن جي چونڪن تي بيهي هوڪا ڏيئي ماڻهن جا ميڙ جمع ڪري ڪتاب ورهائڻ
2. مختلف شهرن ڏانهن گشت دوران ڪتاب نيڪال ڪرڻ
3. پگهاردار گهورڙين ذريعي دَر- دَر گهٽيءَ گهٽيءَ گهمي ڪتابن جي تقسيم ڪرڻ.
4. ننڍي پئماني تي دُڪانن تي ڪتاب وڪرو ڪرڻ.
5. وڏي پئماني تي ڪراچي، حيدرآباد ۽ لاهور ۾ بُڪ ڊيو قائم ڪري ڪتاب کپائڻ.
6. يورپي آفيسرن ذريعي ڪتابن جو وڪرو ڪرڻ.

گشتي پادرين کي ڪتابن ورهائڻ وقت انيڪ دُشواريون پيش آيون، جهڙوڪ ڪين ڌڙڪا دابا، گارگند، پتر ۽ پٿر به لڳا، پر ارادي جي پختگي ۽ مقصد سان سچائيءَ سان هوُ هر مشڪل کي منهن ڏيئي سنڌين تائين ڪتاب پهچائي هڪ نئين روايت جو پايو وجهندا رهيا.

## سن 1900ع تائين عيسائيت بابت ڇپيل ڪن ڪتابن جا وچور

| نمبر | ڪتاب جو نالو | ليکڪ/ سنڌيڪار |
|---|---|---|
| (الف) سنڌ ۾ ڇپيل ڪتاب | | |
| 1. | تاريخ توريت ۽ انجيل | |
| | ابراهام مئنچيٽ | ڪراچي : 1854ع |
| 2. | خداوند يسوُع مسيح | |
| | ابراهام مئنچيٽ | ڪراچي: 1856ع |
| 3. | پيدائش جو ڪتاب | |
| | جيمس شيلڊن | ڪراچي: 1857ع |
| 4. | گاسپل آف جان | |
| | ائنڊريو برن | ڪراچي: 1858ع |
| 5. | گاسپل آف جان (گرمکي) | |
| | اينڊريو برن | ڪراچي: 1859ع |
| 6. | ڪفر جو انڌيرو | |
| | جيمس شيلڊن | ڪراچي: 1859ع |

ٽيون دفعو: 1885ع
چوٿون دفعو: 1891ع
37. عادل امير
جارج شرٽ لڌيانا: 1880ع
38. حضرت سليمان جا پهاڪا
جارج شرٽ لڌيانا: 1880ع
39. جوان سنڌين ڏي خط
جارج شرٽ لڌيانا: 1880ع
40. يشعياه نبي
جارج شرٽ لڌيانا: 1880ع
41. خط بنام جوانان هند-1
جارج شرٽ لڌيانا: 1881ع
42. خط بنام جوانان هند-2
جارج شرٽ لڌيانا: 1881ع
43. خط بنام جوانان هند-3
جارج شرٽ لڌيانا: 1881ع
44. خط بنام جوانان هند-4
جارج شرٽ لڌيانا: 1881ع
45. خط بنام جوانان هند-5
جارج شرٽ لڌيانا: 1881ع
46. خط بنام جوانان هند-6
جارج شرٽ لڌيانا: 1881ع
47. خط بنام جوانان هند-8
جارج شرٽ لڌيانا: 1881ع
48. خط بنام جوانان هند-11
جارج شرٽ لڌيانا: 1883ع
49. طرحدار پڳڙي
جارج شرٽ لڌيانا: 1881ع
50. قيمتي روح (ديوناگري) ٽيون دفعو
جارج شرٽ لڌيانا: 1882ع
51. مسيحي مسافر جو احوال- لاهور: 1882ع
ٻيو دفعو: 1899ع
52. قيمتي روح
جارج شرٽ لڌيانا: 1884ع

53. تعليم جو منڊ لڌيانا 1885ع
جارج شرٽ
54. هڪڙي شيدي نينگر بابت
جارج شرٽ لڌيانا 1885ع
55. سليمان جو ڪتاب لڌيانا 1886ع
56. راڳ ريبمئن لڌيانا 1887ع
57. خداوند يسوع مسيح
جي اڃي پوٿي- لڌيانا 1891ع
ٻيو دفعو: 1894ع
58. انبن بابت دلچسپ ٽوٽڪو لڌيانا 1891ع
59. چا مان چا ٿي پيو لڌيانا 1891ع
60. عجيب ڪتاب لڌيانا 1891ع
61. نصيب نامو لڌيانا 1891ع
62. يسوع مسيح جو ڪتاب لڌيانا 1891ع
63. عجيب دوا لڌيانا 1892ع
64. هڪڙي ڪوڙهئي جو بيان لڌيانا: 1892ع
65. اٿ بي بها موتي لڌيانا 1893ع
66. تعليم نامو لڌيانا 1893ع
67. توريت جا قصا لڌيانا 1893ع
68. سچا مٺيا لڌيانا 1893ع
69. هڪڙي شيديءَ جي ڳالهه لڌيانا 1893ع
70. گرو پريکيا (گرمکي) لڌيانا 1893ع
71. گيان وارتا لڌيانا 1893ع
72. پريو يسوع مسيح جو
منگل سنيچر لوقا جو (گرمکي) لاهور: 1897ع
ٻيو دفعو 1900ع
73. راڳ ۽ پچن لاهور: 1897ع
74. سنڌي ڪاپي بڪ-1
ريبمئن لڌيانا 1899ع
75. سنڌي ڪاپي بڪ-2 لڌيانا: 1899ع
ريبمئن



# شهيد مخدوم بلاول جي تحريڪ

آزاد قاضي

اسين جڏهن سنڌ جي امر وطن دوست مخدوم بلاول جو ذڪر ڪريون ٿا، تڏهن رڳو ان هڪ شهيدِ وطن کي نہ، پر لامحالہ ارغون، ترخان ۽ مغل دور کي ياد ڪريون ٿا، جنهن کي مؤرخن "خرابيءِ سنڌ" جهڙي معنيٰ خيز لفظ سان ياد ڪيو آهي(1). سنڌ جي تاريخ جي روشنيءَ ۾ ان "خرابيءِ سنڌ" واري دور تي نظر وجهڻ سان خبر پوي ٿي، تہ اُن دور ۾ سنڌ ۽ سنڌين مٿان مختلف طريقن سان اهڙا تہ ظلم ٿيا جو اهڙو ڪو ٻيو مثال ڪونہ ٿو ملي. ان دور ۾ ڪيترائي ڇاتل اڇاتل سورهيہ، سرويچ ۽ وطن جي ننگ ۽ ناموس تان ڪنڌ قربان ڪندڙ سورما بہ ملن ٿا، جن مڙني جو مهندار مخدوم بلاول شهيد ٿي هو، انڪري مخدوم صاحب ڪنهن هڪ شخص جو نہ پر هڪ "تحريڪ" جو نالو آهي، جيڪا مخدوم صاحب ۽ سندس خليفن جي دليريءَ ۽ دانائيءَ واري حڪمت عملي سبب پورين ٻن صدين تي محيط نظر اچي ٿي. ان دور ۾ انهيءَ "بلاولي تحريڪ" جي تسلسل طور سنڌي ماڻهو ڌارين خلاف مسلسل وڙهندا رهيا. (2)

هتي اها ڳالهہ واضح ڪرڻ ضروري ٿو سمجهان تہ جيتوڻيڪ مخدوم صاحب، مرزا شاهہ حسن ارغون سان مهاڏو اٽڪايو ۽ ٺٽيءَ جي ميدان کان وٺي ٺٽي تائين سندس ڪيترائي محب وطن مريد ۽ معتقد ميدان جنگ ۾ قربان ٿيا، ان جي باوجود فڪري تحريڪ هئڻ ڪري، آزاديءَ جو روح ڦوڪيندڙ ۽ سجاڳي پيدا ڪرائيندڙ اها تحريڪ وقت گذرڻ سان وڌيڪ بامقصد ۽ سگهاري بنجندي ويئي. هونءَ بہ تہ صحتمند فڪري تحريڪن جو ڦهلاءُ مثبت نظرياتي بنيادن تي مبني هئڻ ڪري ديرپا ۽ وسيع ٿئي ٿو. اهي



مخدوم صاحب جو روضو

ڪنهن عارضي نفعي يا مسئلي جي حل لاءِ نہ هونديون آهن، پر مقصد ۽ منطقي انجام واري حوالي سان انهن ۾ تمام وڏي وسعت هوندي آهي.

مخدوم صاحب جنهن وٽ هڪ واضح محب وطن هئڻ وارو فڪر هو، جنهن جا سرچشما سندس مڪتب ۽ مدرسا هئا، جن ۾ موجود سندس خليفا ۽ فڪري ساٿي ان فڪر جو پرچار ڪندا پئي رهيا. ان دور ۾ سنڌوءَ



مسجد شريف وٽان مخدوم بلاول جي روضي مبارڪ جو ڏيک

ڪناري، پاٽ، سن، لڪي ۽ ٺٽي ۾ سهروردي خانقاهون هيون، جن جو باهم رابطو هو. مخدوم بلاول بزرگي جي لحاظ کان سنڌ جي مڙني سهروردي خانقاهن جو 'شيخ الشيوخ' هو. انهن درگاهن مان سن ۾ سائين جي. ايم سيد جو جد امجد سيد حيدر شاهه، لڪيءَ ۾ سيد عبدالرزاق، لڪياري سيدن جو وڏو ۽ پاٽ ۾ شيخ رڪن الدين بن شيخ معروف صديقي مخدوم بلاول جا خاص خليفا مشهور آهن."(3)

بلاولي تحريڪ جي وسعت واري حوالي سان سائين جي.ايم سيد لکي ٿو:

"مخدوم بلاول عليه رحمت جا ڪيئي مکيه خليفا هئا جن جي ذريعي ملڪ جي مختلف ڪنڊن ۾ سندس طريقه تصوف جا درس ماڻهن کي ملندا رهيا. انهن مان مکيه هيٺيان هئا.

- مخدوم ساهڙ عليه النجار- مقبرو نزديڪ اڏيپور- جنهن کان سيد رڪن الدين عليه رحمت مٽياري فيض يافته ٿي مٽياري سيدن جي خاندان تي اثر انداز ٿيو.

- سيد حيدر عليه سنائي مقبره سن ۾- جنهن جي خليفن ڇڇرن جي ڳوٺ کان ڪماڻن تائين ۽ جبل ۾ سندس تعليم کي پکيڙيو.

- مخدوم حسن عليه بلاولي مقبره ياٺوٺ، جنهن جو اثر ڪيٽي بندر تائين پهتو.

- مخدوم سعد عليه عرف مخدوم ساند مقبرو نزديڪ سڪرنڊ، جو ميان صاحب ڪنيارن جو جد امجد هو.

- مخدوم هنگورو عليه مزار تعلقو مورو، جنهن ڪري بلاولي تعليم ان طرف پکڙي.

مخدوم رڪن الدين عليه عرف مخدوم مٺو- مزار مڪلي ٺٽو، ان جي وسيلي بلاولي تعليم دارالحڪومت تائين پهتي."(4)

مخدوم رڪن الدين عليه رح جي سلسلي ۾ "تذڪره مشاهير سنڌ" جي حاشيه ۾ ڄاڻايل آهي ته " سندس مزار پاٽ پراڻيءَ ۾ آهي" (5)، ساڳئي وقت تاريخي معصوميءَ ۾ سندس وفات بابت لکيل آهي ته: " هن جي وفات سن 949هه جنت آشياني بادشاهه (همايون) جي عين بيڪاري (فترات) جي زماني ۾ ٺٽي ۾ ٿي."(6)

پاٽ شهر جي صديقي سهروردي سلسلي بابت تحقيق ڪندي ڊاڪٽر حبيب الله صديقي مٿي ذڪر ڪيل روايتن ۽ مقامي طور حقيقتون معلوم ڪرڻ بعد شيخ رڪن الدين بابت لکي ٿو: "مخدوم شيخ رڪن الدين صديقي پاٽائي (1470-1543/1545ع) جي عرصهٔ حيات کي ٻن دورن ۾ ورهائي سگهجي ٿو: هڪ اهو عرصو جيڪو سنڌ ۾ سمن جي صاحبي واري دور (اختتام سن 1520/0927ع) تائين "پاٽ" ۾ مخدوم بلاول (1446-1523ع)

جي ڪبرويہ سهروردیہ سلسلي جي خلافت هيٺ گذريو. پيو اهو عرصو جيڪو مرزا شاهہ حسن ارغون جي حڪومت دوران ٺٽي ۾ حديث جي درس ڏيڻ ۾ صرف ٿيو ۽ اتي وفات ڪيائين.(7)

ڊاڪٽر حبيب الله صديقي جي مٿي ذڪر ڪيل تحقيق موجب ڇيڪڏهن اهوئي مخدوم رڪن الدين ﭘٽائي آهي، جيڪو بعد ۾ مڪليءَ تي مدفون ٿيو تہ پوءِ چئي سگهجي ٿو تہ، ارغوني حملن سبب، بلاولي تحريڪ سان وابسہ مختلف خانقاهون ارغوني دٻاءَ هيٺ اچڻ ڪري، مخدوم بلاول جا جيڪي وفادار خليفا، مختلف طرفن ڏانهن پکڙجي ويا ۽ وجي ديني درس جا سلسلا شروع ڪيائون، تن ديني درس و تدريس واري عمل دوران پنهنجي مرشد شهيد مخدوم بلاول واري تحريڪ کي بہ اڳتي وڌايو. اهڙن بزرگن مان مخدوم رڪن الدين بہ هڪ هو، جيڪو ڪنهن طرح ملڪ جي دارالحڪومت تائين پهچڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. زندگيءَ جا باقي ڏينهن اتي ئي گذاريائين ۽ مڪليءَ تي دفن ٿيو. سيد ميران محمد جونپوري، جيڪو امام مهدي هئڻ جو دعويدار بڻجي گجرات ڪان سنڌ ۾ پهتو ان جي آمد ڪان پوءِ سنڌس فڪر جي وڌندڙ اثر کي روڪڻ لاءِ مٿي ذڪر ڪيل خانقاهن جي توسط سان بلاولي تحريڪ جي شروعات ٿي.

ان بلاولي سهروردي تحريڪ جا مول متا هن ريت هئا.

1. ” طريقت“ جي راهہ تي هلڻ لاءِ” شريعت“ جي سخت پابندي لازمي آهي.

2. پير طريقت کي عقيدتمند (مريدن) ڪان نذر نياز قبول ڪرڻ نہ گهرجي، سندس معاش جو پنهنجو ذاتي ذريعو هئڻ گهرجي.

3. مقامي (سنڌي) تهذيب، جنهن حد تائين ”شريعت“ سان متصادم نہ ٿي ٿئي، سنڌي مسلمان لاءِ اختيار ڪرڻ جائز آهي.

4. ”مذهب“ کي سياسي مقصدن لاءِ استعمال نہ ڪرڻ گهرجي“(8)

مٿي ذڪر ڪيل مول متن جي روشنيءَ ۾ بلاولي تحريڪ جي سرڪرده اڳواڻن، خاص طور تي مخدوم بلاول، مهدوي تحريڪ جي فرقي سان سياست لاڳاپجڻ واري عمل کي مقامي سنڌي تهذيب سان متصادم ٿيندي محسوس ڪري، ان جي خانقاهي فڪر رستي ڀرپور مخالفت ڪرڻ شروع ڪئي هئي. مخدوم صاحب ۽ ان جي خليفن مهدوي تحريڪ جي وڌندڙ اثرن کي روڪڻ لاءِ ايترو تہ عوامي اڀار پيدا ڪرايو جو اهو هڪ وڏو خطرو محسوس ٿيڻ لڳو. ان جو نتيجو ڊاڪٽر غلام محمد لاکي جي لفظن ۾ اهو نڪتو تہ:

”عوامي مطالبي ۽ بادشاهت ۾ وڏي پيماني تي خطري، آخرڪار ڄام نظام الدين عرف ننڍو سمو کي مجبور ڪيو تہ ان قوت خلاف زوردار قدم کڻي. ڄام آخرڪار سيد محمد جونپوري ۽ سندس مريدن جي مڪمل پائمالي جو حڪم ڏنو، ليڪن وزير دريا خان، جي دخل اندازيءَ سبب هن حڪم ۾ ڦيرڦار ٿي.“(9)

دريا خان، جو سيد حيدر شاهہ سنائي جو دوست هو، ان کي هن سيد ميران محمد جونپوريءَ لاءِ اشارو ڪري ڇڏيو تہ جيئن هو سنڌ ۾ ڪٿي بہ ٽڪاءُ نہ ڪري سگهي. سيد حيدر سن پرسان سندس بيڙيءَ کي انتهائي رازداريءَ واري طريقي سان ٻوڙائي ڇڏيو. (10)

اهڙيءَ ريت مخدوم بلاول سيد ميران محمد (جونپوري) جون بيڙيون، پنهنجي خليفي سيد حيدر عليه سن واري هٿان ٻوڙائي ان نظريي جي سنڌ ۾ وڌيڪ پرچار ڪرڻ کي روڪي هن کي لڪيءَ وارن جبلن مان افغانستان وڃڻ تي مجبور ڪيو.“ (11)

سيد محمد جونپوري جو سنڌ مان نہ رڳو نڪرڻ، پر ان طرح تڪليف ده انداز ۾ روانو ٿيڻ پنهنجي سمورو هٿ مخدوم صاحب جي سربراهيءَ ۾ هلندڙ بلاولي تحريڪ جوئي هو، جنهن جي وطن دوستيءَ واري فڪر ۽ عوامي تائيد سبب اها ڳالهہ بظاهر تہ اتي دٻجي ويئي پر ان جا اڳتي هلي مخدوم بلاول ۽ سنڌ جي عوام کي سخت نتيجا ڏسڻا پيا.

سيد محمد جونپوري کي بلاولي تحريڪ جي دٻاءَ سبب سنڌ ڇڏڻي تہ پيئي ۽ هو بي سرو سامانيءَ واري عالم ۾




شاهه بيگ ارغون جي فوجي آپريشن جو دائرو ايم.ايچ.پنهور جي ڪتاب
"ڪرانالاجيڪل ڊڪشنري آف سنڌ" تان ورتل

سنڌ ڇڏي قنڌار ۽ خراسان طرف نڪري ويو، پر پنهنجن معتقدن ۽ مريدن جو خاصو حلقو ڇڏي ويو. قنڌار پهچي هو اميرذوالنون ارغون ۽ سندس پٽ شاهه بيگ ارغون سان رابطي ۾ آيو، جيڪي هرات جي حاڪم سلطان حسين مرزا پاران 'فراهه'، 'غر' ۽ 'قنڌار' جا علائقا سنڀاليندا هئا. ارغونن جون اکيون اڳ ئي سنڌ ۾ اکيون هيون ۽ انهن وقت بوقت ڪاهون به پئي ڪيون جن ۾ ڪين بار بار شڪستون مليون هيون. هاڻ جو منهبي اڳواڻ محمد جونپوريءَ جو ڪين سهڪار حاصل ٿيو ته انهن کي پنهنجي ديرينه خواهش کي عملي جامو پهرائڻ جو موقعو مليو.

سيد ميران محمد جونپوري کي، آمد (1500ع) کان ڏيڍ سال پوءِ، بلاولي تحريڪ جي مخالفت سبب سنڌ مان نڪرڻو پيو هو، ان وقت ڄام نظام الدين سمي جي حڪمرانيءَ جا پويان ڏينهن هئا. جيتوڻيڪ ڄام صاحب دانائيءَ سان مهدوي مسلڪ کي ٿاري ته ڇڏيو، پر ملڪ مان ان جا اثر ختم ٿي ڪونه سگهيا هئا. انڪري لاکي صاحب جي لفظن ۾ ان دور ۾ "سنڌ جي مهدوين ۽ بلاولي تحريڪ جي اڳواڻن ۾ زبردست ڇڪتاڻ ڏسجي ٿي."(12)

مهدوي تحريڪ سان ڪن سمن سردارن جي لاڳاپن سبب ڄام نظام الدين جي وفات (1508ع) کان اٺ سال پوءِ خانداني اختلافن کي بنياد بنائي 1516ع ۾ ڄام فيروز جي ماءُ 'مدينه ماڇاڻي'، شاهه بيگ ارغون ڏانهن قنڌار فريادي ٿي ويئي. سندس ڪوشش سان سن 1520ع (926هه) ۾ ارغون سنڌ مٿان حملي آور ٿي ٿٽي ڏانهن وڌڻ لاءِ ڪوٽ ماڇي ۽ ڇانڊڪا مان ڦرلٽ ڪيائون. ارغونن جو لشڪر جڏهن بلاولي تحريڪ واري علائقي باغبان پهتو تڏهن دريا خان جا پٽ ۽ ڪي ٻيا اڳواڻ ان جي سامهون ٿيا. حملي آورن حڪمت عملي طور جنگ ڪرڻ بجاءِ رستو تبديل ڪري مختصر قيام ڪيو، جنهن ۾ اتان جي زميندارن شاهه بيگ سان نيازمنديءَ جو اظهار ڪيو. اهڙي ريت شاهه بيگ ٺٽيءَ جي ميدان ۾ ڦاسڻ بجاءِ دارالحڪومت ٺٽي طرف وڌي ويو. هن 22- ڊسمبر 1520ع تي دارالحڪومت ٺٽي تي حملو ڪيو، شهر ٻاهران سامونيءَ جي ميدان ۾ معرڪو ٿيو. سنڌين جي فوج جي سربراهي دريا خان 'قبوليو' ڪري رهيو هو. ان جنگ بابت مير معصوم لکيو آهي ته "ٻنهي ڌرين وچ ۾ اهڙي سخت لڙائي لڳي جنهن جي شرح ڪان قلم جي زبان قاصر آهي. نيٺ امير شاهه بيگ فتحمند ٿيو."(13)

ان جنگ ۾ وڙهندي سنڌ جو سورهيه سلورو پٽ دريا خان مادر سنڌ تان قربان ٿي ويو. وقت جو حاڪم ڄام فيروز ميدان ڇڏي ڀڄي ويو، پنيان سنڌ جو تختگاهه ٺٽو ڏهن ڏينهن تائين ارغوني بارود جي باهين ۾ سڙندو ۽ سنڌين جي رت سان وهنجندو رهيو. ايڏي وڏي قتل و غارت ۽ بربادي‌ءَ کان پوءِ آخرڪار ڄام فيروز، جيڪو لڙائيءَ جي ميدان مان ڀڄي وڃي پيرپٽي ڏانهن لڪو هو، اهو شاهه بيگ ارغون کي رحم جي اپيل ڪري، معافي وٺي، سندس شرط قبول ڪري واپس وريو. ناهه ٿيو. ڌرين وچ ۾ ٿيل ناهه موجب سنڌ کي باضابطه ورهايو ويو، جنهن جي نتيجي ۾ لکيءَ وارن جبلن کي سرحد طئه ڪري، ڏکڻ سنڌ فيروز وٽ رهڻ ڏني ويئي ۽ اتر سنڌ ارغونن پاڻ وٽ رکي، شاهه بيگ قنڌار موٽي ويو.

مرزا شاهه بيگ ارغون کي قنڌار تي بابر جي قبضي ڪرڻ جو هر وقت خوف رهندو هو، انڪري جڏهن ڪيس سنڌ جي قبضي جو يقين ٿي ويو، تڏهن هن 5- سيپٽمبر 1522ع، (13 شوال 928هه) تي قنڌار جي قلعي جون ڪنجيون بابر بادشاهه جي حوالي ڪيون. پر پوءِ به اهو خوف هوس ته بابر ڪيس نه ڇڏيندو. انڪري جڏهن بابر جي هندستان فتح ڪرڻ واري مقصد سان خوشاب پهچڻ جي ڪيس خبر پيئي، تڏهن مايوسيءَ وچان ان تي تبصرو ڪندي (مير معصوم موجب) حاضرين مجلس کي چيائين ته "بادشاهه سنڌ ۾ اسان کي پنهنجي حال تي نه ڇڏيندو. ۽ اڳي پوءِ نيٺ هي ملڪ اسان ۽ اسان جي اولاد کان کسي وٺندو، تنهنڪري اسان تي لازم آهي ته ڪنهن ٻئي ملڪ ڏانهن پڄون."(14)

اهڙيءَ صورتحال ۾ ارغون نئين بينڪ جي ڳولا ۾ گجرات ڏانهن وڌڻ کان اڳ قبضي هيٺ آيل سنڌ واري حصي مان مخالفن جو خاتمو آڻڻ ضروري سمجهيو. ان ئي دور ۾ "غاصب حمله آورن کان خانقاهه ۽ آباد جو تحفظ فرض شمار ڪندي، ٺٽيءَ جي سهروردي خانقاهه وارن مخدوم بلاول بن ڄام حسن سمون (1445هه- 1523ع) جي

قبلات ۾ مزاحمتي محاذ قائم ڪيو هو.“(15)
انڪري ارغونن کي ان مقصد واري راهه ۾ سڀ کان وڏي رڪاوٽ بلاولي تحريڪ نظر پئي آئي، جنهن جا مختلف جاين تي مرڪز ۽عوام جي دلين ۾ پاڙون هيون. اهڙي حالت ۾ جڏهن ”شاهه بيگ ارغون ’شال‘ (ڪوئٽا) کان واپس ٺٽي ٺلٽي وٽ منزل انداز ٿيو ته اتان جي وڏيرن ۽ قومي سردارن مان ڪوبه سندس استقبال لاءِ نه آيو.“شاهه بيگ ارغون ان جو سبب معلوم ڪرڻ لاءِ جاسوس موڪليا جيڪي ”خبر لهي آيا ته هتان جي سهروردي بزرگ مخدوم بلاول ڪين اٿين ڪرڻ لاءِ چيو هو ۽ جنگجو قبيلن سودن ۽ سهتن کي ٺلٽيءَ جي دفاع لاءِ مستعد ڪيو هو.“(16) اهڙي معلومات ملڻ کان پوءِ شاهه بيگ ڪلوڙ ۾ اچي شهر تي حملو ڪرايو، جنهن ۾ وڏي قتل غارتگري ٿي. دريا خان جا پٽ محمود ۽ موٺڻ، راڻو رٺمل سوڍو ۽ جوڌا سنگهه سان گڏ سوين سنڌي سرويچ شهيد ٿي ويا. مخدوم بلاول کي ڳري ڏنڊ ۽ سموري ملڪيت جي ضبطيءَ جي سزا ڏني ويئي.“(17) ارغونن رڳو اتي دنگ ڪونه ڪيو پر جيئن ته مخدوم صاحب جي سرواڻيءَ ۾ هلندڙ باغيانه تحريڪ کي انهن پنهنجي گجرات ڏانهن پيش قدميءَ واري پسمنظر ۾ پئي ڏٺو، اهڙي صورتحال ۾ هن ملڪ مان مخالفن جو مڪمل صفايو ڪرڻ ضروري سمجهندي ان تحريڪ جي سرواڻ مخدوم بلاول کي واجب القتل قرار ڏيڻ لاءِ هڪ انوکي سازش سٽي، ”جنهن مطابق عوام جي مذهبي جذبات کي سڌي طرح ڇيڙڻ بجاءِ سازش کان ڪم ورتو ويو. جنهن موچيءَ کي مخدوم صاحب جُتي ٺاهڻ لاءِ چيو هو انهيءَ جي معرفت جُتيءَ جي پلٽي اندر قرآن شريف جو ورق رکرايو ويو ۽ پوءِ انهيءَ ڏوهه ۾ مخدوم صاحب کي گهاڻي ۾ پيڙي شهيد ڪيو ويو.“(18)
اهو دردناڪ واقعو 1523ع ۾ پيش آيو.
هتي اهو ارغونن پاران باغين کي عبرتناڪ سزا ڏيڻ لاءِ، ٻاهريون پيرو متعارف ڪرايل ان لوهي مشين جو ذڪر ڪرڻ ضروري ٿو سمجهان، جنهن کي سنڌي ماڻهو عام طور تي تيلي ٻجن پيڙڻ واري مقامي اوزار ’گهاڻي‘ جي نالي سان سڏيندا رهيا آهن، جنهن لاءِ روايت آهي ته ان ۾ مخدوم صاحب کي عبرتناڪ سزا ڏيئي، ٻين لاءِ مثال قائم ڪرڻ واسطي ڪيس سرعام پيڙيو ويو. سنڌ ۾ ان اوزار جي متعارف ٿيڻ کان پوءِ يقيناً ڪن ٻين باغين کي پڻ اهڙي سزا ملي هوندي پر جيئن ته مخدوم صاحب اڳواڻ ۽ سرواڻ هو ۽ ان وقت واري ماحول موجب کيس مرشد وارو مرتبو حاصل هو، انڪري ٻين ڪن قربان ٿيندڙن جو سندس نالي سان گڏ نالو اچي نه سگهيو.
مخدوم جعفر، مخدوم بلاول جو ڳوٺائي هو. هڪ اندازي موجب مخدوم صاحب جي شهادت وقت ان جي عمر ويهه پنجويهه سال هوندي. پاڻ وقت جو عالم ۽ ڪيترن ئي ڪتابن جو ليکڪ پڻ هو، سندس بياض ۾ مخدوم بلاول جي شهادت بابت هن ريت لکت ملي ٿي:
”آن ولي باڪمال را قوم طغچہ (چغده) بربناءِ حد داراشکنجہ کشیدہ شهادت رسانیدند“.(19)
سنڌ ۾ اڄ به پراڻي زماني جا ڏڪڻ ڪنهن شيءِ کي ڇڪي بند ڪرڻ لاءِ اشڪنجي جو استعمال ڪندا آهن. اهو ٽٽ ٻلٽن سان هڪ اهڙو اوزار هوندو آهي، جنهن ۾ ڪٿي به شيءِ بند ڪري نپوڙي سگهجي ٿي. مخدوم بلاول لاءِ سندس همعصر مخدوم جعفر جو استعمال ڪيل جملو ”اشکنجہ کشیدہ“ ان اوزار طرف واضح اشارو آهي، جنهن ۾ مخدوم صاحب کي جڪڙي پيڙيو ويو هو. عام طور تي گهاڻو جيئن ته ننڍي ماپ جو هوندو آهي (جيڪو ڪنهن خاص مقصد لاءِ وڏو به نهي سگهي ٿو)، ۽ تيلي ٻجن جي پيڙڻ لاءِ ڪم ايندو آهي ۽ ماڻهوءَ لاءِ ان جي استعمال واري ڳالهه ڄڻ ته انوکي پيئي محسوس ٿئي، انڪري ڪن محققن ان کي اڻٿيڻي ڳالهه سمجهندي ان عمل کي وڌاءُ تصور ڪندي، مخدوم صاحب جي ”عام شهادت“ جو ذڪر ڪيو آهي، ايتريقدر جو ڪجهه سال اڳ غالباً مهدوي فڪر جي اثر هيٺ هڪڙي ليکڪ ان ڳالهه جي مبهم هئڻ کي بنياد بنائي مخدوم صاحب جي سڄي جدوجهد کي لوڙيو ۽ مٿس دريا خان جي پٽن کي مارائڻ جهڙا الزام به هنيا هئا. پر جيڪڏهن گهاڻي ۾ پيڙجڻ واري روايت جي روشنيءَ ۾ ان وقت ۾ باغين ۽ مخالفن لاءِ اختيار ڪيل سزائن ۽ استعمال ۾ ايندڙ اوزارن بابت غور ڪيو وڃي ته اها حقيقت سمجهڻ سولي ٿي پوندي.
ڊاڪٽر حبيب الله صديقي لکي ٿو ته: ”قرون وسطيٰ جي ظالم مطلق العنان حڪمرانن پاران عوامي حقن جو پرچار ڪندڙن کي مختلف طريقن سان عذاب ڏيئي مارڻ ۽ اهڙي




مرزا شاھ حسن ارغون جي فوجي آپريشن جو دائرو ايم.ايچ.پنھور جي ڪتاب
”ڪرانالاجيڪل ڊڪشنري آف سنڌ“ تان ورتل

هيبتناڪ موت جو منظر عوام کي ڏيکارڻ وارو عمل ڪيو ويندو هو ته جيئن اهي هيسجي غلاميءَ جو ڦندو قبول ڪن.“ ان سلسلي ۾ صديقي صاحب سيد امير علي جي ڪتاب ”شارٽ هسٽري آف ساراسينس“ جي حوالي سان عباسي خليفن جي وزير ابن زيارت پاران مخالفن کي چيچلائي مارڻ لاءِ هڪ جلاڻينڊڙ مشين ايجاد ڪرڻ جو پڻ ذڪر ڪري ٿو، جنهن ۾ آخر خليفي جعفرالمتوڪل علي الله طرفان ڪيس وجهي ماريو ويو.“(20)

انسائيڪلوپيڊيا برٽانيڪا مان خبر پوي ٿي ته پندرهين صدي عيسوي ۾ باغين کي سزا ڏيڻ لاءِ Sir-w-Scavenger هڪ لوهي مشين ايجاد ڪئي جنهن کي سندس نالي پنيان ’اسڪيونجرجي ڌيءَ Scavengers Daughter سڏيو ويو. ان ۾ ماڻهوءَ کي وجهي، هڏ چم سميت پيڙيو ويندو هو. اسڪيونجر جي ڌيءَ دراصل هڪ ٿلهو لوهي چيڪلو (loop) هوندو هو، جنهن کي اسڪرو يا چيٽين جي وسيلي مظلوم جي جسم سان جڪڙيو ويندو هو ۽ پوءِ اسڪرو ڪشڻ سان جسم چيڪلي اندر ڦرندو ۽ پيڙبو ويندو هو، تان ته ناسن، وات ۽ ڪنڌن ته هٿن ۽ پيرن جي آڱرين مان رت ڦوهارا ڪري وهندو هو. اهو اذيت ناڪ اوزار سورهين صدي عيسوي ۾ انگلينڊ جي بادشاهه هينري اٺين جي استعمال ۾ هو.(21)

اهو اوزار ارغونن جي دسترس کان ٻاهر نه هوندو، انڪري ان ئي ساڳئي دور (1523ع) ۾ ٿيل مخدوم بلاول جي شهادت واري واقعي ۾ اهڙي اوزار جو استعمال ٿيڻ ڪائي انوکي ڳالهه ڪانهي.

مخدوم بلاول جي مقبري جي ڪتبي تي 1 محرم 929هه لکيل آهي، جڏهن ته شاهه بيگ ارغون جي وفات 22 شعبان 930هه تي ٿي. ان جو مطلب ته شاهه بيگ گجرات ڏانهن وڌندي پهريان مخدوم بلاول جي اثر کي ختم ڪرڻ ضروري سمجهيو. ڄام ڏاتار سمو، جنهن جي رعيت پروري ۽ سخا جا ڪيئي قصا ڪهاڻيون مشهور آهن، ان لاءِ محمد ابراهيم جويي صاحب جي روايت آهي ته ”اهو پڻ بلاولي حلقي ۾ شامل هو، انڪري ارغونن ابتدا ۾ ئي ڪيس شهيد ڪيو.“(22) اهڙيءَ ريت ”مخدوم سعد (ملان ساند) پنهنجي سڄي ڪٽنب پٽن پوٽن سوڌو فاتح سان چڪريون ڪاڏيون.“(23)

مرزا شاهه بيگ قنڌار ڏانهن پيش قدمي ڪندي 26- جون 1524ع تي جڏهن نصرپور پرسان ”اگهماٽي“ پهتو، تڏهن اتي سندس موت واقع ٿيو. شاهه بيگ جي مرڻ بعد سندس پٽ شاهه حسن نصرپور پهچي پيءُ جي وارث طور تخت نشين ٿيو. ان موقعي تي ”تر جا ڪيترائي سيد، قاضي، وڏيرا ۽ زميندار پيش پيئي، فاتح خواني ڪرڻ ۽ مبارڪباد ڏيڻ لاءِ وٽس آيا.“(24)

ڄام فيروز پڻ مبارڪباد جو پيغام موڪلي تابعداريءَ جو ثبوت ڏنو، پر شاهه حسن کي سڄي سنڌ کي قبضي هيٺ آڻڻ جو اهو بهترين موقعو نظر آيو، انڪري ڄام فيروز لاءِ ظاهر ڪيو ويو ته هن مرزا شاهه بيگ جي موت تي جشن ملهايو آهي. ان ڳالهه جي آڙ وٺي شاهه حسن حملو ڪري ٺٽو فتح ڪري ورتو. اهڙيءَ ريت لاکي صاحب موجب ”شاهه حسن هيئنئين سنڌ ۾ انتظام نيڪ ناڪ ڪري اُتر ڏي راهي ٿيو، جتي ماڇيلي اباوڙي، پٽي (پٽا) واهڻ ۽ ملتان تائين مختلف واهڻ، شهر، ڳوٺ ۽ قبيلا سندس ظلم ۽ بربريت جو نشانو بڻيا.“(25)

ان سلسلي ۾ سائين جي.ايم.سيد موجب مخدوم بلاول جي خاص خليفي شاهه حيدر عليه رحمة جي ڳوٺ ”سن“ تي پڻ هلان ڪئي ويئي. شاهه حيدر ته اڳ ئي مرشد جي حڪم تي گجرات ويل هو انڪري سندس حلقه اثر وارن معتقدن، مريدن ۽ ڳوٺ وارن کي هيسائڻ ۽ ڳوٺ تي نظر رکڻ لاءِ اتي فوجي چانوڻي قائم ڪئي ويئي.(26)

مخدوم بلاول جي شهادت کان پوءِ به سندس صوفياڻي فڪر جو اثر سڄي سنڌ ۾ نمايان نظر اچي ٿو، ان ڳالهه جو اندازو مخدوم صاحب جي اثر هيٺ آيل هيئنين بزرگن جي ذڪر مان ئي ٿي وڃي ٿو.

(1) مخدوم شرف الدين عرف مخدوم راهو سيوهاڻي
(2) مخدوم رڪن الدين عرف مخدوم منو صديقي پاٽائي، جنهن جو اڳ تفصيلي ذڪر ٿي چڪو آهي.
(3) شيخ يوسف سنڌي پاٽائي
(4) قاضي عبدالله دربيلوي (متوفي 1009هه- 1600ع)

(5) قاضي ابراهيم باغبان ۽ رائوتي، جنهن (978هـ-1570ع) ڏاري مدينه منوره ۾ وفات ڪئي.
(6) مخدوم جعفربوبڪائي (متوفي سن 955هـ- 1557ع)
(7) مخدوم ميران (عبدالڪريم ٺٽوي متوفي سن 949هـ-1542ع)
(8) مخدوم صدو لانگاهه (متوفي 947هـ- 1540ع)
(9) مخدوم عربي ڏياٿو (متوفي 980هـ- 1572ع)
(10) شيخ پرڪيو ڪاتيار
(11) مخدوم اسحاق (متوفي 932هـ- 1525ع)
(12) مخدوم احمد بن اسحاق (متوفيٰ 959هـ-1552ع)
(13) مخدوم احمد هالائي (963هـ- 1556ع)
(14) مخدوم چرڪس ڳوٺ ونگي چاچڪان
(15) شيخ عبدالله متقيٰ بن مولانا سعيد دربيلوي (متوفي 984هـ- 1576ع)
(16) مخدوم عبدالرشيد هالائي، متوفي (930هـ-1523ع)(27)

بلاولي تحريڪ جي مٿي ذڪر ڪيل تفصيل تي نظر وجهڻ سان بخوبي اندازو ٿي وڃي ٿو ته ان تحريڪ جو ڪيترو دائره اثر هو، جنهن کي زائل ڪرڻ ۽ ارغونن جي اقتدار کي سنڌ ۾ مستحڪم ڪرڻ لاءِ، "قوم پرست قبيلن کي تهه تيغ ڪرڻ ۽ سنڌي قوم کي صفحه هستيءَ تان مٽائڻ لاءِ ڀرپور اقدامات ٿيڻ لڳا، جن ۾ "بلاولي تحريڪ" جي ارڪان کي خاص طور هِٽ لِسٽ تي رکيو ويو هو."(28) اهڙيءَ ريت ارغونن جي اوائلي دور ۾ سنڌن سات ڏيندڙ عالم قاضي قادن لاکي صاحب موجب "بلاولي تحريڪ جي مکيه اڳواڻن ۽ ڪارڪنن جي خاتمي بعد، بکر جي قضا جو عهدو وٺي خاموش ٿي ويو."(29) پر مٿي ذڪر ڪيل بلاولي تحريڪ سان وابسته بزرگن مان ڪيترائي سُورهيه مخدوم صاحب جي شهادت کان پوءِ به ڪافي عرصو زنده رهيا ۽ مختلف طريقن سان بلاولي تحريڪ جي پرچار ۾ رڌل رهيا.

مخدوم بلاول ته گهاڻي ۾ پيڙجي سنڌ تان قربان ٿي ويو، پر سندس اها فڪري تحريڪ ديرپا ثابت ٿي، ڇاڪاڻ ته ان ئي تحريڪ سنڌين مٿان وقت بوقت ٿيندڙ ظلمن تي مزاحمت کي قائم رکيو. انگريز سنڌ مٿان ٿيندڙ هر نئون ظلم مخدوم صاحب جي ياد تازي ڪرائي، ڌارين خلاف نفرت ڪرڻ ۽ بلاولي سوچ کي وڌائڻ جو سبب پئي بنيو. سنڌ کي آزاد رکڻ واري اها ڪوشش، جا ارغونن جي آمد وقت مخدوم بلاول ۽ سندس خليفن، شهيد دريا خان ۽ سندس بهادر پٽن ۽ سپهه سالارن شروع ڪئي(30)، اهو سلسلو محب وطن شهيدن جي قربانين ۽ مسلسل ڪوششن سبب مغلن جي زوال تائين هلندو رهيو. اهو سڀ ڪجهه انگريز تي سگهيو جو ان جي پٺيان مخدوم بلاول واري اها فڪري تحريڪ پنهنجو تسلسل برقرار رکيو پئي آئي، جنهن جون سندس خليفن معرفت نه رڳو سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾، پر پرواري رياست گجرات تائين به عوام ۾ پاڙون هيون، جنهن جي نتيجي ۾ مخدوم صاحب جي شهادت کان پوءِ به سندس خليفن ۽ معتقدن ڏسيل واٽ کي باقاعدي تحريڪ ۾ تبديل ڪيو، جنهن کي اڄ "بلاولي تحريڪ" سان ياد ڪيو وڃي ٿو. جنهن ۾ فڪري جدوجهد سان گڏوگڏ مختلف موقعن ۽ ڌار ڌار جاين تي وطن جي ويرين سان هٿياربند جدوجهد پڻ ڪئي ويئي. ان جا چٽا آثار اڄ به "بلاولي قبرستانن" جي صورت ۾ سنڌ اندر مختلف جاين تي موجود آهن.(31)

مخدوم صاحب جي شهادت سان ارغونن جي آمد کان ويندي مغلن جي نيڪاليءَ تائين جيئن ارغون، ترخان ۽ مغل حڪمرانن جو حڪمرانيءَ وارن مفادن جي حوالي سان گهرو لاڳاپو ۽ ڳانڍاپو نظر اچي ٿو، ساڳيءَ طرح ان دور کان شروع ٿيندڙ بلاولي تحريڪ جو تسلسل پڻ مغل حڪمرانن جي زوال تائين برقرار نظر اچي ٿو. ان ڳالهه کي سمجهڻ لاءِ اسان کي ارغون، ترخان ۽ مغل دور وارن معرڪن جو مطالعو ڪرڻو پوندو.

مرزا شاهه بيگ ارغون، مخدوم بلاول کي شهيد ڪرائي اڳتي وڌي سنڌ فتح ڪئي(32). مرزا شاهه بيگ بغير اولاد جي 1556ع ۾ وفات ڪئي ته سنڌ سندس بن گورنرن سلطان محمود بکري ۽ ميرزا

عيسيٰ خان ترخان جي وچ ۾ ٻه حصا ٿي ورهائجي ويئي. ڏکڻ سنڌ مرزا عيسيٰ ترخان وٽ ۽ اتر سنڌ محمود بکريءَ وٽ رهي. سيوهڻ وارن جبلن کي سرحد قرار ڏنو ويو. محمود بکريءَ جي گاديءَ جو هنڌ بکر هو. محمود بکري 1574ع ۾ ٻي اولادي مئو. ان وقت تائين دهليءَ جي اڪبر بادشاهه جي ملتان تائين حڪمراني ٿي چڪي هئي. محمود بکري مرڻ کان سال اڳ اڪبر بادشاهه سان ٺاهه ڪري ڇڏيو هو ته سندس موت کان پوءِ بکر پرڳڻي تي اڪبر جون فوجون قبضو ڪنديون. اهڙيءَ ريت محمود بکريءَ جي وفات جي خبر اچڻ شرط اڪبري فوجن بکر تي قبضوڪري، ان کي مغليه حڪمرانيءَ واري ملتان صوبي سان ملائي ڇڏيو(33) پر ڏکڻ سنڌ تي ترخانن جي حڪمراني في الحال برقرار رهي، جنهن کي ارڙهن سالن بعد 1592ع ۾ اڪبر جي سپهه سالار عبدالرحيم خان خانان، مرزا جاني بيگ کان وڏن معرڪن کان پوءِ حاصل ڪيو. اهڙيءَ ريت ڏکڻ سنڌ يعني ٺٽي پرڳڻي کي صوبي جو درجو ڏيئي دهليءَ سان ملايو ويو، پر دهليءَ جي ڏورانهون هئڻ واري مصلحت سبب ان جو اقتدار اعليٰ ترخانن وٽ ئي رهڻ ڏنو ويو. اڳتي هلي جڏهن 1612ع ۾ ترخان حڪمران مرزا غازي بيگ فوت ٿيو، ان وقت دهليءَ تي جهانگير جي حڪمراني هئي، جنهن سنڌ تي سڌيءَ طرح حڪومت ڪرڻ واري تصور هيٺ پنهنجا گورنر موڪلڻ شروع ڪيا ۽ پنهنجي عملدارن کي حڪم ڏنو ته ڪنهن به ارغون ۽ ترخان کي سنڌ ۾ رهڻ نه ڏنو وڃي. سيني کي ڳولي ڳولي پڪڙي دهليءَ روانو ڪيو وڃي.(34) اهڙيءَ ريت 1612ع کان وٺي ٺٽي تي مغلن جي نوابن مقرر ٿيڻ جو سلسلو ملي ٿو، جيڪو 1736ع تائين هليو. ٺٽي لاءِ سندن آخري نواب صادق علي خان هو.

هتي اها ڳالهه خاص غور طلب آهي ته مغلن پنهنجي دور ۾ مخصوص حڪمت عمليءَ تحت سنڌ کي صوبن يا پرڳڻن جهڙوڪ: بکر، سبي، سيوهڻ ۽ ٺٽي ۾ ورهائي ڇڏيو ۽ ڪڏهن به سنڌ کي پنهنجي اڳوڻي ملڪي وحدت واري حيثيت وٺڻ نه ڏني. اهوئي سبب آهي جو ان دور جي تاريخن ۾، جيڪي هندستان ۾ لکيون ويون، مٿي بيان ٿيل پرڳڻن جو ته ذڪر ملي ٿو پر ”سنڌ“ نالي ڪا شيءِ ڪانه ٿي ملي.(35)

1612ع کان 1700ع وارو اهوئي دور آهي، جنهن ۾ سنڌ جو هڪ مقامي قبيلو ”ڪلهوڙو“ اُسريو، نِسريو، وڙهيو، قربانيون ڏنائين ۽ سنڌ جي وڃايل وجود کي وڏي حڪمت سان واپس ورايائين.

مغلن جي نوابن سنڌ ۾ ڪهڙا قهر ڪلور ڪيا، ان جا داستان ’تاريخ مظهر شاهجهاني‘، ’تذڪره اميرخاني‘ ۽ ٻين تاريخن ۾ پريا پيا آهن. اهڙين حالتن ۾ مقامي قبيلي ڪلهوڙي، فقيريءَ واري عوامي اثر رسوخ کي ڌارين خلاف قومي رنگ ڏيڻ شروع ڪيو. ان جو اهو اوائلي اثر رسوخ وچ سنڌ جهڙوڪ: دادو، لاڙڪاڻي، نوشهروفيروز ۽ نوابشاهه ضلعن واري ايراضيءَ تائين محدود هو. ان وقت دهليءَ تي اورنگزيب جي حڪمراني هئي. ان دور ۾ مغليه سلطنت اندر گهڻ رخيون بغاوتون شروع ٿي چڪيون هيون. هڪ طرف سک سورهيائي ڏيکاري رهيا هئا ته ٻئي طرف مرهٽا ميدانِ عمل ۾ هئا. هڪ طرف پٺاڻ پَرَ پئي سوئيا، ته ٻئي طرف راجپوتن رڻ ٻاري ڏنو هو. اهڙين گهڻ رُخين بغاوتن واري صورتحال کي نظر ۾ رکندي، ميان نصير محمد ڪلهوڙي اڻ اعلانيه طور وچ سنڌ وارن مٿي ذڪر ڪيل علائقن ۾ خودمختيار حڪومت قائم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، جنهن کي اورنگزيب اندروني بغاوتن واري مٿي ذڪر ڪيل صورتحال کي نظر ۾ رکندي سنه 1681ع ۾ ڪلهوڙن کي قانوني طور تي، انهن علائقن جي نيم خودمختيار حاڪم طور قبول ڪرڻ جو اعلان ڪيو. اهڙيءَ ريت سنڌ کي محدود طور ئي سهي، پر مقامي حڪمراني ۽ جدا سڃاڻپ نصيب ٿي.(36)

ميان نصير محمد سنه 1692ع ۾ وفات ڪئي ته سندس پٽ ميان دين محمد تخت تي ويٺو. ميان دين محمد پنهنجي حڪمرانيءَ کي وڌائڻ ۽ سنڌ جا اڳوڻا علائقا واپس وٺڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي. نتيجي طور دادوءَ

جا پنهور، سبيءَ جا پناڻ ۽ شڪارپور جا دائودپوٽا، سندس خلاف ملتان جي گورنر شهزادي معزالدين، جيڪو اورنگزيب جو پوٽو هو، ان ڏانهن دانهين ويا. شهزادو مناسب موقعو ڏسي سنڌ مٿان حملي آور ٿيو ۽ 1700ع ۾ شهزادي جي ميان دين محمد جي تختگاهه ’ڳاڙهيءَ“ ۾ سنڌين سان جنگ لڳي. زبردست لڙائيءَ کان پوءِ به مغليه فوجون سنڌين کي شڪست ڏيئي نه سگهيون. آخرڪار حرفت ڪري ميان دين محمد کي قرآن پاڪ تي ناهه ڪرڻ جي بهاني گهرائي، کيس گرفتار ڪري، ملتان ۾ ڦاسي ڏني ويئي. ميان صاحب جو وچون ڀاءُ ميان يارمحمد، جيڪو مغلن سان ڳالهين ڪرڻ جي حق ۾ نه هو، اهو پاڻ بچائي قلات نڪري وڃڻ ۾ ڪامياب ٿيو، ۽ اتي وڃي مقابلي لاءِ نئين سر قوت نا هڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو.(37)

مغلن پنهنجن حامي قبيلن جي مدد سان اُتر سنڌ تي قبضي جي ڀرپور ڪوشش ڪئي پر ڪين ڪاميابي نه ٿي. ان پس منظر ۾ هڪ سال جي مختصر عرصي اندر ميان يار محمد هڪ ليبر طور قلات مان واپس وطن موٽي آيو.

هتي هڪ ڳالهه غور طلب آهي ته سنه 1700ع ۾ ڳاڙهي واري جنگ لڳي، جنهن ۾ سنڌ جي حڪمران کي دوکي سان گرفتار ڪري ملتان ۾ شهيد ڪيو ويو. سندس ڀاءُ ميان يارمحمد ملڪ بدر ٿي سجو سال قلات طرف دربدريءَ واري حالت ۾ رهيو. ان وقت سنڌ اندر حڪمران يا اڳواڻ واري حيثيت ڪنهن جي هئي؟ ظاهر آهي ته اهو سجو سال سنڌي ماڻهن جي بظاهر ڪا سرپرستي ۽ اڳواڻي ڪرڻ وارو ڪوبه ڪونه هو، پر پوءِ به سنڌ جي بهادر ۽ باشعور عام ماڻهن مغلن جي غلامي قبول نه ڪئي ۽ هو ٽولن جي صورت ۾ سنڌ جي مختلف حصن ۾ مغليه فوجن جو مقابلو ڪندا رهيا. ان وقت تائين جو سنڌين جي انهن بهادرانه مقابلن کي ڏسندي 1701ع ۾ ميان يار محمد کي راڄو ليکي، مقصودو فقير ۽ ڪجهه ٻيا اهو چئي واپس وٺي آيا ته ميدان مٽو پيو آهي، سنڌي ڌارين جي غلامي قبول ڪرڻ لاءِ تيار ناهن، اهي وڙهن پيا، حالتون پنهنجي حق ۾ آهن، انڪري اوهان کي اڳواڻيءَ لاءِ واپس هلڻ گهرجي. پنهنجن ڀروسي جوڳن ماڻهن جي اهڙي تسليءَ کان پوءِ ميان يارمحمد، جيڪو اڳ ئي تياريون ڪري رهيو هو، اهو واپس وطن وريو ۽ ڳاڙهيءَ بجاءِ موجوده ”خداآباد“، جنهن کي اڳ شڪارپور سڏيو ويندو هو، تنهن کي گاديءَ جو هنڌ قرار ڏيئي پنهنجي حڪمرانيءَ جو اعلان ڪيائين. ان وقت مغليه حڪومت جون حالتون اهڙيون ته ڪمزور هيون جو وڌيڪ جنگ ڪرڻ بجاءِ انهن به ساڳئي سال ميان يار محمد کي ”خدا يارخان“ جو لقب ڏيئي، پنهنجو طرفدار ظاهر ڪيو(38). ان کان پوءِ اڳوڻي شڪارپور هاڻوڪي ”خداآباد“ نالي ۾ تبديل ٿي ۽ ڪلهوڙن جي تخت گاهه جو درجو حاصل ڪيائين. تڏهن ميان يار محمد بکر، سبي، سيوهڻ ۽ چانڊڪي تي قبضو ڪري سنڌ جي وحدت کي بحال ڪرڻ طرف وک وڌائي. 1718ع ۾ ميان يار محمد وفات ڪئي ۽ کيس خداآباد ۾ دفن ڪيو ويو. ان کان پوءِ سندس پٽ ميان نورمحمد سنه 1719ع ۾ حڪمران ٿيو. ميان صاحب جي جدوجهد جو پهريون دور 1719ع کان 1736ع تائين، سنڌ جي وحدت واري حوالي سان اجوڪي ذڪر جو حصو آهي. اهو دور ميان صاحب کي مغليه حڪومت سان خانداني پشت وارن لاڳاپن تحت پلئه پيو هو، جنهن ۾ هن وڏي دوراندیشيءَ سان دهليءَ جي حڪمرانن جي هٿ هيٺ رهيل سنڌ جون ڏاکڻيون حصو حاصل ڪرڻ لاءِ دانشمندانه جدوجهد ڪئي ۽ مقامي رياستن جي باغيانه ڪاروائن جو وڏيءَ همٿ سان مقابلو ڪيو. سندس اهڙين ڪوشش جي نتيجي ۾ آخرڪار 1736ع ۾ ٺٽي صوبي جو قبضو پڻ کيس مغلن کان منتقل ٿي مليو.(39)

اهڙيءَ ريت سنڌي عوام جي لاڳيتين قربانين ۽ مسلسل جدوجهد جي نتيجي ۾ ٻن صدين کان پوءِ ”سنڌ“ هڪ ڀيرو وري متحد ٿي ساڳي شڪل اختيار ڪئي. ان وقت واري وسيع ۽ عريض، خوشحال ۽ خودمختيار سنڌ جون سرحدون عربي سمنڊ کان بولان لڪ تائين پکڙيل هيون.

مخدوم بلاول واري سالن کان هلندڙ همه گير قومي تحريڪ لاءِ ڪي ماڻهو مهدوي تحريڪ جو حوالو ڏيئي

ان کي "ميانوال تحريڪ" طور پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. پهرين ڳالهه ته "ميانوال تحريڪ" هڪ مفروضي ڪان وڌيڪ ڪجهه ناهي، پر جيڪڏهن ان کي ڪائي تحريڪ چئجي به ڪئي تڏهن به اها "بلاولي تحريڪ" جي حصي طور هليل بعد ۾ ڪائي تحريڪ چئي سگهجي ٿي، جنهن جو بلاولي تحريڪ جي تسلسل طور ذڪر ٿي سگهي ٿو.

ڪلهوڙن جي دور واري ميانوال تحريڪ لاءِ چيو وڃي ٿو ته اها مهدوي تحريڪ جي هڪ شاخ هئي، جنهن ۾ جهاد کي سڀ کان وڌيڪ اهميت حاصل هئي. پر جيئن ته سڀ کان وڏو جهاد "في سبيل الله" پنهنجو پاڻ کي قربان ڪرڻ آهي، ان ڪري ڪلهوڙن وڏي دانشمنديءَ جو مظاهرو ڪندي، ميانوال تحريڪ کي مغل سامراج خلاف استعمال ڪيو. اهڙيءَ ريت مهدوي تحريڪ جي شاخ هئڻ جي باوجود، ڌارئي سامراج سان مُنهن مقابل ٿيڻ جي سلسلي ۾ انهن بلاولي تحريڪ واري تسلسل کي برقرار رکيو ۽ ننڍا وڏا معرڪا ڪندي، وڙهندي مرندي ماريندي ان وقت تائين جدوجهد وارو جهنبو هٿن ۾ مضبوط رکيو، جيستائين ڪلهوڙا مغلن جي ڏنَ ڀرو صوبيدار واري حيثيت کان آجا ٿي، سنڌ جا آزاد ۽ خودمختيار حاڪم نه بڻيا.

منهنجي مطالعي موجب ميان آدم شاهه ڪلهوڙي واري اوائلي ڪوشش مهدوي تحريڪ جي اثر هيٺ نيم منهبي ۽ نيم سياسي تحريڪ هئي. اسين ڪلهوڙن جي جنهن جدوجهد کي قومي تحريڪ تصور ڪريون ٿا، ان قومي تحريڪ وارو بنيادي روپ ميان نصير محمد جي دور ۾ ئي ورتو. ان سلسلي ۾ ڪلهوڙن جي مختلف وقتن تي وڙهي ويندڙ طويل قومي تحريڪ واري ميدانِ عمل ۽ ان جي لاهن چاڙهن کي ڏسڻ سان پڻ ان جي تصديق ٿئي ٿي. ان ڳالهه کي نظر ۾ رکندي اسان کي ميان عبدالله مگسيءَ جي ان راءِ سان به اختلاف آهي ته:

> "ميان آدم شاهه ڪلهوڙي پنهنجي هن نئين تحريڪ جو بنياد بلوچي عصبيت تي رکيو، جنهن ڪري بهاولپور، ملتان، اُچ، ديره غازي خان، سبي ۽ گنداواهه جا بلوچ قبيلا سندس مريد ٿيندا ويا."(40)

جديد تحقيق موجب ڪلهوڙن جي تحريڪ سان واڳيل ڪجهه قبيلن کي خوامخواهه بلوچ سڏيو ويو آهي، جڏهن ته هن تحريڪ ۾ شامل سرائڪي ڳالهائيندڙ جاٽ قبيلا هئا. باريڪ بينيءَ سان ڏسجي ته تمام ٿورو تعداد بلوچ قبيلن جو هن تحريڪ سان لاڳاپيل هو. ان کان سواءِ ڪابه قومي تحريڪ ان وقت تائين ڪامياب ٿي نه ٿي سگهي جيستائين ان ۾ مقامي ماڻهن جو وڏو تعداد شامل نه ٿيو هجي. اهو ڪيئن ٿو ٿي سگهي ته ٻاهران اچي آباد ٿيل چند قبيلا ايڏي مسلسل طويل جنگ وڙهي سگهيا هجن، جيڪا ڪلهوڙن وڙهي. حقيقت اها آهي ته ارغون ترخان جي نمائندن (مغليه حڪمران) خلاف مخدوم بلاول ۽ سندس خليفن پاران جاري ڪيل بلاولي تحريڪ، شهيد دريا خان ۽ ان جي اثر رسوخ وارن ماڻهن ذريعي ڪيل محنت سبب سنڌ جي عوام کي ڪنهن اهڙي فرد جي تلاش هئي، جيڪو ڪنهن نه ڪنهن طرح مغل سامراج سان مهاڏو اٽڪائي سگهي. مغليه حڪمرانيءَ جي زوال سبب مختلف جاين تي هلندڙ قومي بغاوتن پڻ ان رجحان کي هٿي پئي ڏني. سنڌي عوام جي ان باغيانه سوچ جي ترجمانيءَ طور ڪلهوڙي حڪمران وڏي دانشمنديءَ سان ان رجحان کي قومي بغاوت وارو روپ ونرائي، عوام کي منظر نموني، هڪ خاص حڪمت عمليءَ سان قومي مفاد لاءِ آپاريو. ان ويڙهاند واري عمل دوران پلي سنڌن کي چند بلوچ توڙي سرائي مريد اڳواٽي ڪندي نظر به ايندا هجن، پر اهو نه وسارڻ گهرجي ته اها بنيادي طور تي سنڌي ماڻهن جي قومي تحريڪ هئي، جيڪا بلاولي تحريڪ واري تسلسل طور صدين کان سنڌين ۾ قومي جذبي وارو روح ڦوڪيندي پئي آئي، جنهن جو اڳتي هلي ڪلهوڙي جي حڪمرانيءَ واري روپ ۾ ظهور ٿيو.

## حوالا

(1) قانع مير علي شير: "تحفة الڪرام"، 1976ع سنڌي ڇاپو، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد ص 139.

(2) ڏسو ان دور جا لکيل ڪتاب: تاريخ معصومي،

بيگلارنامہ، تاريخ طاهري، تاريخ مظهر شاهجهاني، ترخان نامہ (۽ پڻ تذڪرہ امير خاني).
(3) صديقي، حبيب الله ڊاڪٽر: تاريخ باب الاسلام سنڌ (2007) حبيب الله صديقي اڪيڊمي ڄامشورو ص212.
(4) سيد، جي. ايم: سنڌ جا سورما، (1974) نئين سنڌ پبليڪيشن ڪراچي ص35 .
(5) وفائي، دين محمد مولانا: تذڪره مشاهير سنڌ حصو پهريون، (1985) سنڌي ادبي بورڊ ص 157.
(6) بکري، مير محمد معصوم: تاريخ معصومي. مترجم مخدوم امير احمد، (1985) سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد ص 242.
(7) صديقي، حبيب الله ڊاڪٽر: ساڳيو حوالو ص216.
(8) ساڳيو حوالو.
(9) لاکو غلام محمد: مطالعو سنڌ جو، حصو پهريون، (1992) سنڌ تحقيقي بورڊ حيدرآباد ص 24.
(10) سن جي ملاحن ۾ اهو نسل اڄان تائين موجود آهي جن جي وڏي ڏاڏي درياءَ ۾ ٽٻي هڻي، هلندڙ ٻيڙيءَ جا هينان ڦرها ڪڍي، ٻيڙيءَ کي ٻوڙي ڇڏيو هو. اهو ڪم وڏي ذهانت ۽ رازداريءَ سان ڪيو ويو هو.
(11) سيد، جي. ايم: ساڳيو حوالو ص 40.
(12) لاکو، غلام محمد: سمن جي سلطنت (1996) سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو ص 45.
(13) بکري، مير محمد معصوم: ساڳيو حوالو ص 154-153.
(14) ساڳيو حوالو ص 166.
(15) صديقي، حبيب الله ڊاڪٽر: ساڳيو حوالو ص225.
(16) ساڳيو حوالو.
(17) ساڳيو حوالو ص 226.
(18) ساڳيو حوالو.
(19) آريسر، عبدالواحد: مقالو، روزانہ ڄاڳو ڪراچي 21 آڪٽوبر 1993ع.
(20) صديقي، حبيب الله: ساڳيو حوالو ص 226.
(21) بحوالہ تاريخ باب الاسلام سنڌ، ساڳيو حوالو ص 226.
(22) لاکو غلام محمد: سمن جي سلطنت ص 90.
(23) ساڳيو حوالو.
(24) سيد جي.ايم: ساڳيو حوالو ص 41.
(25) لاکو، غلام محمد: سمن جي سلطنت ساڳيو حوالو ص 50.
(26) سيد، جي.ايم: ساڳيو حوالو.
(27) صديقي، حبيب الله: ساڳيوحوالو ص 229.
(28) ساڳيو حوالو ص 216.
(29، لاکو، غلام محمد: سمن جي سلطنت ساڳيو حوالو ص 50.
(30) مير معصوم بکري: "تاريخ معصومي"، سنڌي ڇاپو، 1959ع، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد ص 152-157.
(31) ان تفصيل لاءِ ڏسجي: "شهيد مخدوم بلاول"، مرتب آزاد قاضي، مختلف صفحا، گلشن پبليڪيشن حيدرآباد 2006ع.
(32) هڪ روايت موجب مخدوم صاحب جي شهادت شاهہ بيگ ارغون جي دور ۾ ٿي. جڏهن تہ ٻي روايت آهي تہ هيءُ خوني واقعو شاهہ حسن ارغون جي دور ۾ ٿي گذريو.
(33) تاريخ معصومي، ساڳيو حوالو، ص 225-288.
(34) مڪلي نامه، حاشيا از: سيد حسام الدين راشدي، 1967ع، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد ص 204-208.
(35) ابوالفضل، آئين اڪبري جلد اول، حصو ٻيو اردو ترجمو، مولوي محمد فدا علي طالب، سنگ ميل پبليڪيشنز لاهور، ص 1048-1054.
(36) لاکو، غلام محمد: "ڪلهوڙا دور حڪومت"، 2004ع انجمن اتحاد عباسيہ ڪراچي، ص 99-108.
(37) تحفة الڪرام، ساڳيو حوالو ص 260-262.
(38) تحفة الڪرام، ساڳيو حوالو ص 262-265.
(39) تحفة الڪرام، ساڳيو حوالو ص 267.
(40) مگسي عبدالله: "سنڌ جي تاريخ جو جديد مطالعو، 1994ع، سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي ص 103.



# خواجہ محمد سعيد جي فارسي شاعري

حافظ عبدالرزاق مهراڻ سڪندري

سنڌ ترتي صدين کان وٺي عالمن ۽ عارفن، اديبن ۽ شاعرن جي مسڪن پئي رهي آهي. سونهاري سنڌ ۾ ڪيترين ئي اهڙين خانقاهون آهن، جيڪي اسلامي تبليغ ۽ روحاني رهنمائي سان گڏ علم ادب جي ترقي ۽ ترويج جو مرڪز رهيون آهن. اُنهن مان لواري شريف جي درگاهہ بہ هڪ خاص اهميت رکي ٿي. هتان جي روحاني رهبرن ۽ نيڪ نام بزرگن روحاني ۽ ديني خدمتن سان گڏوگڏ علم ادب جي واڌاري لاءِ بہ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. لواري شريف جا بزرگ نہ فقط روحاني رهبر هئا، پر ان سان گڏ اهلِ دل، صوفي، عارف، عالم، فاضل ۽ شاعر پڻ هئا. ڪن بزرگن سنڌي ٻوليءَ سان گڏ عربي ۽ فارسي ۾ پڻ شعر چيو آهي، ان سلسلي ۾ ان نامياري خاندان جو سربراهہ سلطان الاولياء حضرت خواجہ محمد زمان قدس سرہ، سندس روشن ضمير عقيدتمند فقير عبدالرحيم گرهوڙي رحہ ۽ حضرت خواجہ محمد سعيد مهاجر مڪي رحہ پنهنجي وقت جا عظيم شاعر ليکيا وڃن ٿا.

## ولادت

حضرت خواجہ محمد سعيد قدس سرہ جي ولادت 4 محرم الحرام 1264ھ/ 1847ع تي لواري شريف ۾ ٿي.(1) سندن ولادت کان اڳ ڪيترن ئي بزرگن، سندن دنيا ۾ اچڻ بابت بشارتون ڏنيون هيون.(2)

مير حاجي سهراب باگراڻي کان نقل آهي تہ خواجہ محمد سعيد جن جي والد ماجد خواجہ محمد حسن قدس سرہ کي شادي ڪئي ڪافي وقت ٿيو هو، پر ڪين اولاد ڪونہ پئي ٿيو. انهن ڏينهن ۾ سيد نور علي شاهہ لکوي لواري شريف جي زيارت لاءِ آيو هو. شام جو حويلي مان بيبي صاحبہ مهمان شاهہ صاحب کي ڪڪڙ جو پلاءُ موڪلي ڏنو ۽ پيغام بہ اماڻيائين تہ "اڄ حضرت سلطان الاولياءرحہ جي روضي تي مراقبو ڪري پير صاحب (خواجہ محمد حسن) جي اولاد لاءِ دعا گهرو ۽ صبح جو مون کي مراقبي جي احوال کان پڻ آگاهہ ڪيو." شاهہ صاحب خادمياڻي کي چيو تہ: "هن کان اڳ منهنجو سير نزول جي طرف ٿيندو هو، تڏهن مون کي انهن واقعن بابت خبر پوندي هئي، پر هاڻي منهنجو سير عروج جي طرف آهي، انهي ڪري انهن واقعن بابت آگاهي نٿي ٿئي. تاهم بيبي صاحبہ جي حڪم جي تعميل ڪندي اڄ رات سير تبديل ڪري صبح جو احوال کان آگاهہ ڪندس."

شاهہ صاحب جي انهيءَ گفتگو جي وقت حضرت خواجہ محمد حسن قدس سرہ جو خادم حاجي خير محمد ٽالپر بہ ويٺو هو. انهي اها سموري ڳالهہ ٻڌي ورتي. چيائين تہ سياڻي شاهہ صاحب جي خدمت ۾ اچي اهو جواب معلوم ڪندس. صبح ٿيندي ئي خادم شاهہ صاحب وٽ اچي ويٺو، ايتري ۾ خادمياڻي بہ اچي حاضر ٿي. شاهہ صاحب چيو تہ "توکي خوش ڪرڻ لاءِ اگر چوين تہ ڪوڙ سوڙ هٿي ڳالهہ ڪريان، يا چوين تہ سچ ٻڌايان." نوڪرياڻي چيو تہ "سچ ڳالهہ ٻڌاءِ." ان تي شاهہ صاحب چيو تہ "انهيءَ بيبي سڳوري مان اولاد جي اميد ناهي." نوڪرياڻي اهو جواب ٻڌي هلي وئي ۽ حاجي خير محمد ٽالپر خواجہ صاحب رحہ جن جي حضور ۾ حاضر ٿيو، جيئن انهي ڳالهہ کان ڪيس آگاهہ ڪري. خواجہ صاحب جي خدمت ۾ خليفو نظر علي بہ ويٺو هو. حاجي خير محمد سوچيو تہ هيءَ مجلس

برخاست ٿئي تہ شاهہ صاحب جي ڳالهہ حضرت جن کي ٻڌايان. ايتري ۾ دروازي تي ڪنهن دستڪ ڏني. حضرت جن جو خادم حاجي حسن دروازي تي ويو ۽ واپس اچي اطلاع ڏنائين تہ قبلا! سيد نور علي شاهہ لکوي ملاقات جي لاءِ آيا آهن. پاڻ فرمايائون تہ اچڻ ڏيو. شاهہ صاحب اندر اچي وينو ۽ بيبي صاحبہ جي نوڪريائيءَ جي اچڻ ۽ رات واري مراقبي جو سمورو احوال بيان ڪيائين، جنهن کي ٻڌي حاضرين مجلس تي ڪجهہ وقت لاءِ خاموشي طاري ٿي ويئي. آخرڪار خليفي نظرعلي سڪوت ٽوڙي شاهہ صاحب کان پڇيو تہ "ان کان اڳتي تو ڇا ڏٺو؟" شاهہ صاحب چيو تہ "مون موجوده بيبي صاحبہ جي عمر پوري ٿيندي ڏٺي آهي. ان کان پوءِ حضرت خواجہ صاحب جن جي ٻي شادي جتي ٿيندي ان کان بہ باخبر آهيان. ان مان جيڪو اولاد ٿيندو ان جي بہ مون کي خبر آهي. اولاد مان نياڻين جي ڳالهہ نہ ٿو ڪريان، البت پٽن جي اولاد مان مون کي جيڪي نظر اچن ٿا، تن مان وڏو فرزند ظاهر ۽ باطن جو وڏو جيد عالم ۽ وڏو شيخ المشائخ ٿيندو."

ان کان پوءِ ستت ئي بيبي صاحبہ جو وصال ٿيو. آخر حضرت خواجہ صاحب جن ٻي شادي ڪئي، جنهن مان پهريون فرزند پيدا ٿيو. پاڻ ان جو نالو "محمد سعيد" رکيو، جيڪو اڳتي هلي "امام الاولياء" جي نالي سان مشهور ٿيو.(3)

## تعليم ۽ تربيت

چوندا آهن تہ "سلو انگورڻ پلو". ڌڻي تعاليٰ هن صاحبزادي کي ننڍپڻ ۾ ئي ذهن، ذڪاوت، علم، حلم، جود ۽ سخا سان نوازيو هو. ائين سمجهو تہ ڄمندي ئي ڄام هئا. سندن والد حضرت خواجہ محمد حسن مهاجر مدني قدس سره کيس تعليم ڏيارڻ لاءِ هڪ عالم سڳوري سيد علي شاهہ بخاري کي مقرر ڪيو. حضرت جن صاحبزادي جي تعليم بابت سخت تاڪيد ڪندا هئا. هڪ ڀيري خواب ۾ حضور اڪرم ﷺ جن حضرت خواجہ صاحب کي ارشاد فرمايو تہ "صاحبزادي جي تعليم لاءِ فڪر نہ ڪريو، ان جي تعليم جو بار اسان جي ذمي آهي." انهيءَ بشارت کان پوءِ حضرت خواجہ صاحب جن صاحبزادي جي تعليم جي باري ۾ بلڪل بي فڪر ۽ مطمئن ٿي ويا.(4)

امام الاولياء خواجہ محمد سعيد قدس سره ننڍپڻ ۾ ئي معقولات ۽ منقولات جا تمام علم حاصل ڪري هڪ بيمثال عالم بڻجي ويا. ظاهري علمن سان گڏ پنهنجي والد سڳوري جي تربيت ۾ رهي باطني علم جا بہ يگانہءِ روزگار فاضل ٿي ويا. انهيءَ ڪري سندن والد سڳورو ٽيون ڀيرو جڏهن حج تي ويو تہ حويلي ۽ درگاهہ شريف جا سمورا معاملا صاحبزادي جي حوالي ڪري ٻلي پار روانو ٿيو. حالانڪ ان وقت صاحبزادي جي عمر فقط تيرهن سال هئي، پر ان هوندي بہ والد شريف جي غير موجودگيءَ ۾ پنهنجي خداداد صلاحيتن سان خانقاهي نظام توڙي مُريدن خادمن کي سهڻي طريقي سان هلائيندا رهيا.(5)

## دستاربندي

حضرت خواجہ محمد سعيد قدس سره جڏهن پنهنجي والد سان گڏ ٽئين حج جي ادائگي لاءِ 1297هہ ٻلي پار ويا تہ سندن والد جو اهو آخري حج هو. حضرت خواجہ محمد حسن قدس سره 7 صفر 1298هہ ۾ مدينہ منوره ۾ وصال فرمايو. والد بزرگوار جي رحلت کان پوءِ مدينہ طيبہ جي بلند پايي جي عالمن ۽ اڪابرن حضرت "امام الاولياء" جي دستاربندي ڪرائي. ان کان پوءِ پاڻ اهل و عيال، مريدن ۽ معتقدن سميت واپس پنهنجي اباڻي وطن لواري شريف ڏي وريا. لواري شريف ۾ خانداني دستور موجب (ٻئي ڀيري) سندن دستاربندي ٿي ۽ پاڻ سلطان الاولياء حضرت خواجہ محمد زمان قدس سره جي تلقين و ارشاد جي مَسند عاليہ تي رونق افروز ٿيا. ان وقت سندن عمر 34 سال هئي.(6)

## سرهند جو سفر

حضرت خواجہ محمد حسن قدس سره جي دلي تمنا هئي تہ آخري حج کان پهرين سرهند شريف تي حاضري ڏجي مگر اها آرزو پوري نہ ٿي. وري دوران حج اهو فرمايائون تہ "اگر وطن واپس ورڻ نصيب ٿيو تہ ضرور سرهند شريف جي حاضري ڀريندا سون"، مگر زندگي وفا نہ ڪئي. خواجہ

محمد سعيد قدس سره پنهنجي والد جي اها تمنا پوري ڪئي جو دستاربندي کان پوءِ پاڻ سرهند شريف ڏانهن اسهيا. آخرڪار امام رباني مجدد الف ثاني رح جي مرقد مبارڪ جي زيارت کان مشرف ٿي خيريت سان وطن واپس آيا.(7)

## عبادت، ورد ۽ وظائف

حضرت امام الاولياء خواجه محمد سعيدرح مهاجر مڪي جيئن ته هڪ عظيم روحاني مسند جا سجاده نشين ۽ ان سان گڏ شريعت، طريقت، معرفت ۽ حقيقت جا صاحب به هئا، انهيءَ ڪري رات ڏينهن ذڪر الاهي ۾ مشغول رهندا هئا. هر نماز باجماعت امام ٿي پڙهائيندا هئا. فجر کان اشراق تائين حلقو ڪري جماعت سان گڏ مراقبي ۾ ويهندا هئا. پيهري نماز کان اڳ مسندِ ارشاد تي ويهي مريدن ۽ معتقدن تي روحاني اسرارن جي اپٽار ڪندا هئا. جيڪڏهن صبح واري وظيفي مان قرآن شريف جو دور رهيل هوندو هو ته ان جي تلاوت ڪندا هئا، پوءِ قرآن، حديث ۽ بزرگن جي اقوال زرين مان نصيحت آميز نڪتا بيان فرمائيندا هئا. ٽيهري نماز کان پوءِ مراقبي ۾ ويهندا هئا. مغرب نماز پڙهي حويلي ڏانهن ويندا هئا. اتي ماني واپرائي سومهڻي جي نماز واپس اچي پڙهندا هئا. نماز کان پوءِ نفلن ۾ مشغول ٿي ويندا هئا. آخر ۾ مراقبو ڪري ٿوري وقت لاءِ آرام ڪري تهجد لاءِ اٿندا هئا. تهجد کان پوءِ روزانه ذڪر تهليل **لا اِله اِلاّ الله** جو ورد ستر هزار ڀيرا ڪندا هئا. اهو سندن روز جو معمول هوندو هو.(8)

## عالمن جي قدرداني

حضرت خواجه محمد سعيد قدس سره جن وقت جي هڪ جيد عالم، فقيهه ۽ فاضل هئڻ سان گڏ شيخ طريقت پڻ هئا، ان ڪري سندن خدمت ۾ هر وقت عالمن جي آمد و رفت جاري هوندي هئي.(10) حضرت امام رباني مجدد الف ثاني جن جي طريقي ۾ هجڻ ڪري پاڻ سرهندي بزرگن جي وڏي عزت ڪندا هئا، خاص ڪري مٿياري شريف جي سرهندي بزرگن خواجه عبدالرحيم ۽ خواجه عبدالحليم جا مدح خوان هوندا



درگاهه عاليه سلطان الاولياء خواجه محمد زمان قدس سره (لواري شريف)

هئا. حضرت خواجه عبدالرحيمرح تي اڏايل قبي جي تاريخ تعمير پنهنجي ٺاهيل قطع مان ڪڍي اٿن:

زمرقد تا بعرش پاک ايزد
عمود نور افشان شد مؤسس
سعيد از سال تعميرش بگفتا
مکان ثاني بيت المقدس.
1319هه

ايضاً منه

گنبذ تعمير شد رشکِ فلک جنت نشان
طاق طاقش نور افشان وکمان کش بر هلال
ازکمال همت صاحب همم دريائي دل
خواجه عبدالحليم بانيءِ رُشد و کمال
بر مکان مرقد فردوس جائي آقائي دين
خواجه عبدالرحيم قامع بدع و ضلال
خانقاهِ فيضِ گاهِ مظهرِ انوارِ حق
باد درعين کمال و پاک ازعين الکمال
سال تعميرش بجست ازدل "سعيد" وگفت زود
شهر شعبان وسيزده صد نوزده بالا بسال(10)
1319هه

ان کان سواءِ سنڌ جا ناميارا عالم مولانا گل محمد، مولانا محمد صديق شهدادڪوٽي ۽ ٻيا بہ جججها عالم، علمي ۽ روحاني اڃ اجهائڻ لاءِ حضرت جن جي صحبت جو شرف حاصل ڪرڻ لاءِ وٽن ايندا رهندا هئا. ۽ هميشہ چوندا هئا تہ "سموري هندستان جو سفر ڪيو اٿئون، مگر حضرت جن جهڙو عالم باعمل، مجتهد، ڪامل ولي ۽ واصل بالله ٻئي هنڌ نہ ڏٺوسين." عجمي عالمن کانسواءِ عرب جا عالم بہ حضرت جن جي ظاهري ۽ باطني فيض مان فيضياب ٿيا. علامه غلام مصطفيٰ قاسمي کان منقول آهي تہ "علامه ڪتاني پنهنجي ڪتاب 'فهرس الفهارس' ۾ لکيو آهي تہ مون مڪي پاڪ ۾ حديث شريف جي سَند حضرت خواجہ محمد سعيد مهاجر مڪي قدس سره کان حاصل ڪئي.(11)

## فقهي مقام

حضرت خواجہ محمد سعيد قدس سره جن جهڙيءَ طرح روحاني ۽ عرفاني علم کان آگاهہ هئا، اهڙيءَ ريت ظاهري علم جا بہ اڪابر ليکيا ويندا هئا. هڪ دفعي سندن والد خواجہ محمد حسن مهاجر مدني کان ڪنهن شخص سوال ڪيو تہ ڪي عورتون پنهنجن مڙسن يا محرمن سان گڏ مرشد جي زيارت ڪرڻ يا ان کان ذڪر جي تلقين وٺڻ لاءِ شرعي سفر ڪنديون آهن، انهن لاءِ اهو سفر ڪرڻ جائز آهي يا نہ؟ ڪي ظاهر جا عالم عورتن جي اهڙي سفر کي مطلقاً حرام چوندا آهن، چو تہ سفر ۾ عورتون مجبوري جي ڪري پردو نہ ٿيون ڪري سگهن، ڇا اهو صحيح آهي يا نہ؟

حضرت خواجہ مهاجر مدني فرمايو تہ "موليٰ جي طلب جهڙيءَ ريت مردن تي فرض آهي، اهڙيءَ طرح عورتن تي بہ فرض آهي. باطني علم کان پلو ٻيو ڪهڙو علم ٿي سگهي ٿو؟ اعتراض ڪندڙ اهو نہ ٿا ڏسن تہ وڏن وڏن بادشاهن ۽ حاڪمن جون نياڻيون ۽ زالون اسان جي بزرگ حضرت خواجہ محمد معصوم قدس سره جن وٽ اچي مريدياڻيون ٿينديون هيون، اڄ انهن کان وڌيڪ ٻيو ڪير آهي؟" ان کان پوءِ خواجہ محمد حسن مهاجر مدني قدس سره جن حضرت خواجہ محمد سعيد جن کي حڪم فرمايو تہ "ان باري ۾ شرعي دليل ۽ مثال ڏيئي انهي سوال جو جواب ڏيو." پاڻ دورانِ سفر (حج جو سفر هو) ڪتابن جي عدم موجودگي جي باوجود بہ هڪ غير معمولي مثالي جواب لکيو، جيڪو هڪ علمي شهپارو آهي (انشاء الله هن موضوع تي هڪ الڳ تفصيلي مضمون تيار ڪيو ويندو.)

## وعظ ۽ نصيحت

حضرت جن جي زندگي مبارڪ سلوڪ جي مبتدي توڙي منتهي طالب لاءِ سبق آموز هوندي هئي. سندن ظاهري رَوش اهڙي هوندي هئي جو ڪنهن بہ شخص مٿن ڪوبہ اعتراض نہ ڪيو. ڪوبہ شخص ڪهڙي بہ قسم جو سوال ڪندو هو تہ پاڻ خوشي سان ان کي صحيح جواب ڏيندا هئا. حضرت جن جي مجلس ۾ تصوف جو ذڪر گهڻو ٿيندو هو. پاڻ صوفيانہ نڪتن کي سمجهائڻ خاطر قرآن شريف، حديث نبوي، مولانا رومي، شيخ سعدي، خواجہ حافظ شيرازي، مُلا جامي ۽ حضرت سلطان الاولياء (خواجہ محمد زمان) جن جي شعرن ۽ قولن کي پيش ڪري ٻڌندڙ کي حيرت ۾ وجهي ڇڏيندا هئا. حضرت جن پنهنجي شاعري جا پڻ شعر پڙهي اهي راز کوليندا هئا، جيڪي هر انسان جي روحاني زندگي جي عڪاسي ڪندا هئا. سندن ظاهري ۽ باطني فيض مان ڪيترائي واهڙ وَهي نڪتا، جن پڻ روحاني سيرابي ڪري گهڻن مرجهايل دلين کي شاداب بنائي ڇڏيو.(12)

## حج جي سعادت

حضرت جن جملي ڇهہ حج ڪيا، جن مان ٽي حج پنهنجي والد سڳوري سان گڏ ڪيائون. سندن چوٿون حج 1301هہ/ 1883ع ۾ ادا ڪيائون. هن حج تي عيال سميت اُسهيا. هي سفر ڪڇ مُلڪ جي مَنڊئي بندر کان آگبوٽ ذريعي ٿيو هو. ان وقت سندن فرزند خواجہ احمد زمان جن ڇئن سالن جا هئا. سامونڊي سفر هفتي اندر طئہ ٿيو. مڪي پاڪ تائين اُٺن تي سفر ڪري بيت الله شريف ۾ اچي پهتا. اتي شافعي مذهب مطابق فجر نماز سوير پڙهي مراقبو ڪندا هئا. سج ابرڻ کان پوءِ طواف ڪري جاءِ تي اچي رهندا هئا. ان سال مڪي پاڪ ۾ سخت گرمي ٿي هئي ان ڪري پاڻ گهڻو عرصو طائف ۾ رهيا.

وصف حق بين فناڪيش بقا پوي بود
چيست بهرا هلِ خدا زين دو صفت قول ثنا(28)

هن فنا واري گهر مان فاني ٿي ٻاهر نڪر، تہ جيئن خدا جي نور جا راز حاصل ڪري سگهين. پاڻ کي فنا ڪرڻ کان پوءِ غير کي ڌوئي ڇڏ، تہ جيئن وجود واري محل کي رب جي عرفان بقا حاصل ٿئي. جيڪو فنا ۽ فقر کان ساهہ سان ٻُوءِ نہ سونگهيندو، اهو نقصان ۽ گهاٽي جي تڪليف ۾ پوندو. جيڪو انهن ٻنهي (فقر ۽ فنا) جي مقام ۾ تيز هليو، اهو الله تعاليٰ جي مهرباني سان سَڌن جي گهيري مان نڪري ڪامياب ٿيو. حقيقت جي طالبن جو حج فنا جي مقام ۾ وڃڻ سان ٿي ويو. پوءِ سَڌُن جي حج کان موٽي، بقا جي مقام ۾ اچڻ سان باقي بالله ٿي پيو. خدا جي صفت کي ڏس فناڪيشي اختيار ڪر، تہ پوءِ توکي بقا حاصل ٿيندو. خدا وارن کي انهن ٻنهي صفتن سان ڪهڙو ڪم؟ يعني انا، نفس پرستي ۽ عشق الاهي جي دعويٰ اِهي ٻئي گڏجي نٿيون سگهن.

## دنيا کي ترڪ ڪرڻ

قرآن ڪريم دنيا جي زندگي کي راند روند ڪوٺيو آهي ۽ دنيا جي ساز سامان کي "قَلِيلٌ" چيو آهي، ڪٿي اهو پهاڙن جي برابر ڇو نہ هجي. حديث پاڪ ۾ آهي تہ "حب الدنيا راس کل خطيئة، ترک الدنيا راس کل عبادة". دنيا جي محبت هر گناهہ جي جڙ آهي، (دنيا کي ترڪ ڪرڻ هر عبادت جو مُنڍ آهي). انهي ڪري الله جي ڪامل ولين دنيا کي ڌڪاريو آهي. حضرت پير سائين روزي ڌڻي رحمة الله عليہ فرمايو تہ "ڪي طالب دنيا جو ترڪ ڪن ٿا، پر انهن جي طمع وڃي ئي ڪانہ ٿي. ڇو تہ ترڪ ان کي چئبو آهي جو ڪنهن بہ مخلوقات تہ ڇا پر خالق ۾ بہ دنيا جي طمع نہ رکجي. حضرت سلطان الاولياء خواجہ محمد زمان قدس سره فرمائي ٿو تہ

ڇَڏِيُو جن ڇنيور، ڇپر تن کي چاڙڪي،
هر غر لٽن هور، وڃي ڪيچ قراريون.

خواجہ محمد سعيد قدس سره جن دنيا جي ترڪ بابت پنهنجي شاعري ۾ مختلف جاين تي اهڙا اشارا ڏنا آهن، مثال:

در رهِ حق ترک دنيا کار هر قلاش نيست
بذل مال ونفس وتن خود عادتِ اوباش نيست(29)

خدا جي واٽ ۾ دنيا کي ڇڏڻ هر سُڄي جو ڪم نہ آهي. پنهنجو تن، مَن ۽ ڌن (خدا جي راهہ ۾) خرچ ڪرڻ بدمعاش جي عادت ناهي. هڪ ٻي جاءِ تي چيو اٿن

ما کان و ما يکون من الکون فانيا
بافانيءِ تعلق اهلِ دلي عبث.(30)

دنيا ۾ جيڪي ٿيو ۽ ٿيندو (اهو سڀ) فاني آهي اهلِ دل کي فنا ٿيڻ واري (شيءِ سان) تعلق رکڻ اجايو آهي. حضرت مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي رح بہ انهي ساڳي ڳالهہ جو سبق ڏئي ٿو.

لاڳاپا هن لوڪ جا، جڏهن ڇڏيا جن،
تڏهن ڏٺو تن، ڏونگر وارو سپرين.

### ديوانِ سعيد ۾ عشقِ رسول ﷺ جي هڪ جهلڪ

حضرت خواجہ محمد سعيد قدس سره جن ٻنهي جهانن جي سردار عليہ الصلوات والسلام جي شان ۾ ڪي مناجاتون فارسي ۽ بہ عربي ۾ چيون آهہ. جن جي پڙهڻ سان حضور جن جي ذات پاڪ سان سندس والهانہ عشق عيان نظر اچي رهيو آهي. نموني طور بہ ٽي شعر هيٺ ڏجن ٿا.

تاج بر سر لي مع الله تخت لولاکش بپا
شد ملائک در جهادش چاڪرانِ مصطفيٰ

"لي مع الله" جو تاج سر مبارڪ تي، ان جي لولاڪ جو تخت قائم آهي، ان جي جهاد ۾ سندن خدمت چاڪري ڪندڙ ملائڪ سڳورا ٿيا.

ذره مسڪين چہ داند ڪنهہ نور مهر را
برتر از افهامِ ما سِرّ نهانِ مصطفيٰ

هي مسڪين ذرڙو سج جي نور جي حقيقت کي ڇا ڄاڻي؟ نبي ڪريم ﷺ جي حقيقت جو ڳجهو راز اسان جي سمجهہ کان تمام مٿانهون آهي.

طيبہ او رشکِ فردوس ست اندرين جهان
بهر عاشقان بوئي بوستانِ مصطفيٰ.(31)

ان محبوب جو شهر مبارڪ (مدينہ منوره) هن جهان ۾ رشکِ جنت الفردوس آهي. (۽) عاشقن لاءِ مصطفيٰ ڪريم ﷺ جن جي باغ جي خوشبوءِ آهي.

ليس يا سيدي ويا سندي
غير عروتک قط مستندي
سياتي تجاوز العددي
فاستعينک خذ بيدي.

بچشمِ عبرت نظرِ سعيد گر بيني
رود ز ذوقِ تو، ديوانِ حافظ شيراز-(46)

"سعيد" جي نظم کي جيڪڏهن عبرت واري اک سان ڏسين تہ حافظ شيرازي جو ديوان تنهنجي شوق مان نڪري هليو وڃي.

" ديوانِ سعيد" جو سنڌي ترجمو الله تعاليٰ جي فضل و ڪرم سان هن حقير مڪمل ڪري ڇڏيو آهي. اگر اهڙو امُلهہ ڪتاب شايع ٿي سنڌ جي عوام تائين پهچي تہ جيڪر گهڻو فائدو حاصل ٿئي.

قولِ رندان نہ مجازست"سعيدا" ليڪن،
قدرِ ترصيع دُر و لعل نداند عامي.

## حوالا

(1) صقال الضمائر اردو ص: 264 مطبوعہ جماعت لواري شريف ڇاپو پهريو 1424/ 2003ع.
(2) " " ص: 265
(3) " " ص: ايضاً
(4) " " ص: 266
(5) " " ص: 268
(6) " " ص: 270
(7) " " ص:ايضاً
(8) " " اردو ص: 271
(9) " " ص: 277
(10) ديوانِ سعيد فارسي قلمي ڪاتب عبدالغفور ولد عبدالرحمٰن ڪوڪر ص 87 ڪتابت جي تاريخ 1361هہ.
(11) صقال الضمائر ص: 278
(12) لواري جا لال حصو پهريو ص: 25-26 مؤلف محمد پناهہ محمد سليمان ڦرڙو ناشر مئنيجنگ ڪميٽي جماعت لواري شريف.
(13) صقال الضمائر اردو ص: 289- 290- 291
(14) " " ص: 292
(15) " " ص: 293- 295- 296
(16) " " ص: 297- 298
(17) ديوانِ سعيد فارسي ص: 27 ڇاپو پهريون 1965ع مطبع مشهور آفسٽ پريس ڪراچي.
(18) " " ص: 29
(19) " " ص: 38
(20) " " ص: 39
(21) " " ص: 54
(22) " " ص: 56
(23) " " ص: ايضاً
(24) " " ص: 60
(25) " " ص: 58
(26) " " ص: 24
(27) " " ص: 22
(28) " " ص: 21
(29) " " ص: 40
(30) " " ص: 68
(31) " " ص: 12-13
(32) " " ص: 17-18
(33) " " ص: 125
(34) " " ص: 126
(35) " " ص: 127
(36) " " ص: 128
(37) " " ص: 103-104-105
(38) ديوانِ حافظ، مترجم اردو ناشر: پروگريسو بڪس لاهور، ص 30.
(39) لواريءَ جا لال ٻاڳو پهريو ص:30 جماعت لواري شريف.
(40) ديوانِ سعيد ص:170-171 مشهور آفسٽ پريس ڪراچي.
(41) " " ص: 159-160
(42) " " ص: 166-167
(43) " " ص: 141-142-143
(44) " " ص: 81
(45) " " ص: 101
(46) " " ص: ايضاً



# شيخ اياز جي افسانن ۾ سنڌي سماج جي عڪاسي

ڊاڪٽر نُور افروز خواجه

هاڪاري شاعر. شيخ اياز کي جديد سنڌي شاعريءَ ۾ هڪ اهم رُتبو حاصل آهي، بلڪ ائين چئجي تہ هن جديد دور ۾ نئون پيغام سنڌ جي ماڻهن تائين پهچايو. هن پنهنجي نثر توڙي شاعريءَ ۾ سنڌ کي، سنڌ جي ماڻهن کي، سنڌي ٻوليءَ کي، پيار ۽ پاٻوهہ، جوش ۽ ولولي سان پيش ڪيو آهي. هن سنڌ جي ماڻهن جي مسئلن جي نهايت ئي سهڻي ۽ خوبصورت طريقي سان عڪاسي ڪئي آهي. سنڌ جي ريتن رسمن، روايتن ۽ ثقافت کي سنڌي نثر توڙي نظم ذريعي پيش ڪيو آهي. سندس باري ۾ محترم غلام محمد گرامي بلڪل بجا فرمايو آهي تہ: ”سنڌي جديد ادب ۾ شيخ اياز کي جا ممتاز حيثيت حاصل آهي، تنهن کان انڪار ڪونہ آهي. هن شاعر جي عظيم فن ۾ تنوع جي لحاظ کان توڙي افاديت جي خيال کان بهار آفرين ڪلام جي فراواني آهي. سندس پيرايہ بيان ۾ سوز سان گڏ رنگيني آهي. ڪٿي ڪٿي سندس اسلوب بيان جي جدت ۽ شدت سندس فن ۽ ان جي اثر کي دوآتشو ڪريو ڇڏي“.(1)

سنڌ جو هيءُ عظيم ۽ يگانو شاعر ۽ نثرنويس ننڍي هوندي کان ئي گهڻو ذهين هوندو هو. هن کي علم ادب جو شوق ورثي ۾ مليو هو. سندس والد کي انگريزي، فارسي، سنڌي ۽ اردو ڪتابن سان دلي لڳاءُ هو، جيڪي سندس گهر ۾ موجود هوندا هئا. شيخ اياز ننڍي هوندي کان ئي انهن ٻولين جي ڪتابن ۽ رسالن جو مطالعو ڪندو رهندو هو. کيس شاگرديءَ جي زماني کان ئي شعر چوڻ ۽ افسانا لکڻ جو شوق پيدا ٿيو هو. شعر چوڻ جي شروعات گورنمينٽ ڪاليج شڪارپور ۾ شاگرديءَ واري دور کان ڪيائين. سندس ابتدائي شاعري رومانوي هئي. شڪارپور ڪاليج مان پڙهي جڏهن وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ ڪراچي آيو تہ هتي جي علمي ۽ ادبي ماحول مان گهڻو فائدو ورتائين. ٿوري ئي عرصي ۾ ايتري ترقي ڪيائين جو سنڌ جي نوجوانن جو پسنديده شاعر ۽ اديب بڻجي ويو. ان وقت سندس لکيل افسانا، نظم ۽ ٻيون تخليقون ڪيترن ئي ادبي رسالن ۾ شايع ٿينديون هيون ۽ سنڌ جا وڏا وڏا اديب ۽ شاعر سندس تخليقن کي ساراهيندا هئا.

شيخ صاحب انهن ڏينهن ۾ ترقي پسند ادب جي تحريڪ کان گهڻو متاثر هو. اِها تحريڪ 1936ع ۾ لکنؤ ۾ ترقي پسند اديبن جي پهرين ڪانفرنس سان شروع ٿي ۽ سڄي هندستان تي ڇانئجي وئي. ان جو تاريخي پس منظر اهو آهي تہ 1917ع ۾ روس ۾ سوشلسٽ انقلاب آيو جنهن سڄي دنيا کي لوڏي ڇڏيو. سنڌ ۾ بہ روُسي انقلاب بابت لٽريچر شايع ٿيندو هو. ان دور ۾ حيدر بخش جتوئيءَ جون لکيل ”هارين جون ڪهاڻيون“ ترقي پسند ادب جو صحيح معنيٰ ۾ شروعاتي ۽ اهم ڪتاب آهي. انهيءَ لٽريچر ئي سنڌ ۾ سوشلسٽ نظريي جو ٻج ڇٽيو هو.

شيخ اياز جيئن تہ شروع کان ترقي پسند خيالن جو هو انهيءَ ڪري سندس ڪهاڻيون ۽ شاعري بہ انهيءَ نظريي تحت ملن ٿيون. شيخ اياز انگريزن جي زوال پذير سلطنت شاهي جي دور جي پيداوار هو. انگريزن پنهنجي زوال جي آخري ڏينهن ۾ جيڪي فريب پنهنجي سامراجي سياست ذريعي ڪرڻ شروع ڪيا، تن جي ڪري سنڌ ۽ سنڌي عوام کي ناقابل تلافي نقصان برداشت ڪرڻو پيو. شيخ اياز ٻين اديبن

طرح ان صورت ۾ جو هن جون ڪهاڻيون اصلوڪيون آهن ته نج سنڌي ماحول جي عڪاسي به ڪن ٿيون. هن جي ڪهاڻين جا موضوع، ڪردار، ٻولي ۽ فڪر نج سنڌي آهي ۽ پنهنجي دور جي لاڙن ۽ نظرين کي پيش ڪندا نظر اچن ٿا. نه فقط ايترو، پر هو ماحول کي نئون رخ ڏيڻ ۽ اِصلاح ڪرڻ جو ڏس به ڏيندو نظر اچي ٿو. هڪ طرف هو انقلابي آهي، باغي آهي ته ٻئي طرف هو حساس انسان. هو انسان جي جسم ۾ نه پر هن جي روح ۾ نهاري ٿو. (6)

شيخ اياز جي ڪهاڻين تي نظر وجهڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته هو هڪ آدرشي انسان آهي. هن جو مطالعو گهرو ۽ وسيع آهي. هو پاڻ لکي ٿو ته: ”جنگ کان پوءِ سنڌي جاڳرتا جو نظارو مون ”سفيد وحشي“ ۾ چٽيو آهي. عوام سياسي معاملن جي مونجهارن مان نه ڄاتي. هنن جي سمجهه سڌي سنئين آهي ته اسان جي پيٽ تي لت اچي رهي آهي ۽ لڄ لٽجي رهي آهي. ان سادي پر سخت بغاوتي احساس جي تصوير آهي سفيد وحشي.“ (7)

هو پاڻ هن ڪهاڻيءَ ۾ لکي ٿو ته: ”سفيد وحشي، اسان جي زندگيءَ، غيرت، محبت جا خوني، سفيد وحشي، سفيد وحشي، سفيد....سفيد....صديق جو مغز ڦري ويو. هن صدريءَ جي کيسي مان چاقو ڪڍي کوليو. در تي لت هڻي، اندر ڊوڪي آيو. هڪ، ٻيو، ٽيون، ٽئين ڌڪ سان سولجر ڌرتيءَ تي ڪري، آدم خور مڇيءَ جيان ڦٿڪڻ لڳو.“ (8)

اهڙيءَ ريت هن سنڌ جي وڏيرڪي نظام جي سچي ۽ حقيقي تصوير پيش ڪئي آهي ۽ سنڌي وڏيري جي ڪردار کي، اُن جي ڪَنَن ڪرتوتن جي نهايت ئي سهڻي عڪاسي ڪئي آهي. هُن وڏيري جي ظلمن سان گڏ غريب ۽ مسڪين هاريءَ کي پگهر جي پورهئي نه ملڻ ڪري بغاوت ڪرڻ جي سچي ۽ حقيقي تصوير پيش ڪئي آهي. مثال طور هن جي لکيل ڪهاڻي، ”چار ايڪڙ ٻني“، جنهن ۾ رمونءَ جي بغاوت پيش ڪيل آهي. رمونءَ وٽ صرف چار ايڪڙ ٻني آهي، جنهن تي سندس ۽ سڄي خاندان جي زندگيءَ جو دارومدار آهي. هُن اُن زمين لاءِ پنهنجو پگهر وهايو هو. سلن سان گڏ سندس آسون ۽ اميدون اُسري رهيون هيون. هن کي آسرو هو ته هاڻي فصل لهندو ته هو پنهنجي بيمار ڌيءَ جو علاج ڪرائيندو. ڇاڪاڻ ته هن وٽ ڌيءَ جي علاج لاءِ ٻيو ڪجهه به ڪو نه بچيو هو، پر انهيءَ فصل ۾ وڏيري جو حصو هو. هن چاهيو ٿي ته ڪهڙي به حالت ۾ هن زمين جي سڄي پيدائش کيس ملي، ڇاڪاڻ ته زمين هُن جي هئي، پوکي به هُن هئي، محنت ۽ پورهيو به سندس ئي هو، پر انهيءَ زمين تان جهيڙو ٿي پيو. هر ڪوئي چوي ته زمين منهنجي آهي، پر زمين چوي ته مان ڪنهن جي به نه آهيان، توهان سڀ منهنجا آهيو. گهڙي کان پوءِ توهان سڀني جا لاش، منهنجي آغوش ۾ دفنايا ويندا،“ ۽ پوءِ ٻن نوجوانن جا لاش، انهيءَ زمين ۾ ئي دفنايا ويا.“ (9)

سنڌ ۾ جهيڙا هميشه ٻنيءَ ۽ ونيءَ تان ٿيندا رهندا آهن. ڪڏهن پوک تان ته ڪڏهن فصل لٽڻ وقت، ڪڏهن پاڻيءَ جي واري تان ته ڪڏهن لاباري لهڻ وقت ته ڪڏهن وري پوک جي ورهاست تان ڪيترائي جهيڙا جهٽا ۽ خون ڪيا ويندا آهن. ڪيترا معصوم، بي گناهه، بي ڏوهي، لاچار، ابوجهه مسڪين ۽ مجبور ڪُٺا ويندا آهن. انسان هڪ ٻئي جي خون وهائڻ ۾ ويرم ئي ڪو نه ڪندا آهن. شيخ اياز هن افساني ۾ جتي زميندارن ۽ وڏيرن جي ڪردارڪشي ڪئي آهي ته وري غريب ۽ مفلس، بيوس ۽ لاچار هاريءَ جي مجبوري پڻ بيان ڪئي آهي. هو لکي ٿو ته: ”شايد اسان جي زندگيءَ کان پئسو وڌيڪ آهي. شايد طبيب چٽڻ لاءِ نه پر ڪمائڻ لاءِ آهن. شايد دوا شفا لاءِ نه پر بها لاءِ آهي، پيسي نه هئڻ ڪري موت سندس جهوليءَ مان نياڻي کسي رهيو هو.“ (10)

شيخ اياز پنهنجي هن افساني ۾ سنڌي قوم جي معاشي حالت تو بيان ڪري، انهن جي غريبيءَ ۽ مسڪينيءَ جي عڪاسي ٿو پيش ڪري هن سوسائٽي ۾ غريب غريب تر ۽ امير اميرتر ٿيندو ٿو وڃي، ڇاڪاڻ ته وڏيرا، ڪارخانيدار ۽ جاگيردار هميشه غريب طبقي کي پنهنجي ڏاڍ، ظلم ۽ نا انصافي جو شڪار بڻائي سندن مجبورين مان فائدو حاصل ڪندا رهن ٿا. هو لکي ٿو ته:

پنجهٺ سالن جي پوڙهي سان شادي ڪرائي ٿي وڃي. سندس مڙس تمام گهڻو شڪي، بدمزاج، چيڙاڪ، وحشي، ڪَچ فهم هو ۽ نوران تي هر وقت ظلم ڪندو رهندو هو. هو وڏي عمر جي ڪري جلدي مري ويو ۽ نوران لاءِ زندگيءَ ۾ بيا بہ عذاب وڌندا رهيا ۽ هوءَ زندگيءَ ۾ سخت محنت ۽ پورهيو ڪري ۽ تڪليفون برداشت ڪري ڪري بدمزاج ٿيو پوي. هن کي مردن کان نفرت ٿيو وڃي.

شيخ اياز جي ڪهاڻين جو جائزو وٺڻ سان معلوم ٿو ٿئي تہ هن پنهنجين ڪهاڻين کي ادب جي رائج وصفن مطابق ئي لکيو آهي، انهيءَ ڪري هو پنهنجين ڪهاڻين ”ڪارو رنگ“، ”رولو“، ”ڪلٺي“ ۽ ”نظيران“ وغيره ۾ داد حاصل ڪري چڪو آهي. سندس ڪهاڻي ”ڪارو رنگ“-هڪ عام ڪهاڻي محسوس ٿئي ٿي. ’ڪارو رنگ‘ کي اسان جي سنڌي ماحول ۾ سنو نٿو سمجهيو وڃي، بلڪ هر ڪوئي ڪاري رنگ واري چوڪريءَ کان نفرت ڪري ٿو. ڪاري، ڪاري چئي هن کي ڏڪاري چڙَي ٿو، پر اياز ان ڪاري رنگ جي مخصوص سونهن کي محسوس ڪري ٿو. هو لکي ٿو تہ: ”هوءَ رنگ جي ڪاري هئي جڻ ٿئي جي پٽ ڏنڻ. جڏهن وهنجي سهنجي منهن کي ڪريم لائي نڪرندي هئي ۽ اُس ۾ رجي ويندي هئي، تڏهن هن جو منهن ڀهڪندو ٽڙي پوندو هو“. (14)

ڪاري رنگ کي ڪير بہ پسند نٿو ڪري، خوبصورت ۽ سهڻي رنگ کي هرڪو پسند ڪري ٿو. سهڻن جي پوڄا هرڪو ڪري ٿو، پر سونهن فقط رنگ ۽ نقش تہ نہ آهي، پر سونهن اها آهي، جيڪا اندر جا جنبا جاڳائي. اياز وٽ سونهن سچ جو نالو آهي ۽ جڏهن ڪاريءَ وٽان سچ هليو ٿو وڃي تہ هوءَ اڇي ٿيو پوي، يعني هن کي ڪوڙهہ جي بيماري وڪوڙي ٿي وڃي.

شيخ اياز جون بيون بہ ڪيتريون اهڙيون ڪهاڻيون آهن، جيڪي سنڌ جي سماجي ماحول ۽ معاشي حالتن ۽ ريتن رسمن ۽ رواجن جي عڪاسي پيش ڪن ٿيون. شيخ صاحب ڪهاڻيون شروعاتي دور ۾ لکيون ۽ گهڻ لکيون پر سندس هر ڪهاڻي شاهڪار ڪهاڻي آهي.

سندس ڪهاڻين جي اها خاص خوبي آهي تہ سڀئي ڪهاڻيون هڪ ٻئي کان مختلف آهن، هڪ جهڙيون نہ آهن. هو هڪ رومانوي اديب ٿي اڀريو آهي. هو هڪ اهڙو ڪهاڻيڪار آهي، جيڪو پنهنجي ذات کي مختلف واسطن سان ڄاڻڻ چاهي ٿو. وطن، قوميت، ذاتي احساس ۽ فڪر سندس خاص مُحرڪ آهن. ڪيس جديد ڪهاڻيءَ جو باني چئي سگهجي ٿو. سندس لکيل ڪهاڻيون اصلوڪيون ۽ سچيون آهن، جن ۾ هن پنهنجي دور جي حقيقي عڪاسي ڪئي آهي. هن پنهنجي فڪر، مشاهدي ۽ ايجاد ذريعي انساني ذهن کي وسعت ۽ عظمت ڏني آهي. هو انهن عظيم هستين ۾ شمار ٿئي ٿو، جن جاگيرداري قدرن ۽ مُدي خارج روايتن جي قدرن خلاف آواز بلند ڪيو ۽ انقلاب جي ترغيب ڏني. مطلب تہ هو هڪ آفاقي اديب ۽ شاعر هو.

حوالو:


1. گرامي، غلام محمد: شيخ اياز نمبر، مهراڻ، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو 1998ع، ص 138.
2. هڪڙو، انور فگار، ڊاڪٽر: جنم جنم جي جيت اياز، گنج بخش پبليڪيشن حيدرآباد، 1999ع
3. هڪڙو، انور فگار، ڊاڪٽر: جنم جنم جي جيت اياز، گنج بخش پبليڪيشن حيدرآباد، 1999ع
4. شيخ اياز، حوالو، جي تند برابر توريان، سنڌي ادبي اڪيڊمي، 1988ع، ص، 96 ڪراچي
5. ايضا، سفيد وحشي، باغي مندل، فريئر روڊ ڪراچي 1947ع،ص. 121
6. حوالو نمبر4، ص. 55
7. ايضاً، ص. 142
8. ايضاً ص. 120
9. ايضاً ص. 118
10. ايضاً ص. 158
11. ايضاً ص. 74
12. ايضاً ص. 74
13. ايضاً ص . 74
14. ايضاً ص . 74

# کهاڻيون




جيئن سنڌي شاعري پڙهي اُن شاعريءَ سان ۽ شاعر سان عشق ٿي ويندو آهي، تيئن جمال ابڙي جون ڪهاڻيون مون کي سنڌي شاعري ئي لڳيون هيون. جمال جون ڪهاڻيون ”صحيح معنيٰ ۾ مختصر ڪهاڻيون“ هيون. اهي ڪهاڻيون مختصر تُز ۽ perfect ڪهاڻيون هيون، جيڪي پنهنجي جادوءَ ۾ جڪڙي رکنديون هيون. انهن ڪهاڻين ۾ مختصر ۽ تز جملا ڪهاڻيءَ ۾ سون تي سهاڳي جو ڪم ڪندا آهن. جمال جي جُملن جي crispness ئي هن جي ڪهاڻيءَ جو سڀ کان اعليٰ گڻ هو. جمال جي ڪهاڻين جا توريل تڪيل ۽ پرفيڪٽ جملا پڙهڻ کان پوءِ، مان جڏهن به ڪنهن ماڻهوءَ کي ”لفاظي“ ڪندي ڏسندي/ ٻڌندي هئس، تڏهن جمال ابڙي جا لفظ لاٽ ٻڻجي اُڀرندا هئا. جمال ابڙي اها ٻولي محض ڪتابن مان ڪا نه سکي هئي. هن اِها ٻولي زندگيءَ کان سکي هئي. هن کي اِها ٻولي هن جي وسيع مشاهدي ڏني هئي. زندگيءَ جو اهو وسيع مشاهدو هن جي ڪهاڻين ۾ پنهنجي پوري اُگراڻ، ٻُجهاڻ ۽ ڪوڙاڻ سوڌو ڪَر کڻي بيٺو هو. جمال ابڙي جي ڪهاڻي ”پيراڻي“ مون جڏهن جڏهن به پڙهي هوندي، منهنجا پنجر پَجي پيا هوندا. جمال ابڙي جي ٻنهه نٽيڙن مختصر جملن جي طاقت جو اندازو لڳائڻ لاءِ ”پيراڻيءَ“ جو صرف هڪڙو ئي جملو ڪافي آهي، جيڪو جمال پيراڻيءَ جي ماءَ واتان چوارائي ٿو: ”اڙي منهنجو پيراڻي نٽيڙوا!“
ان هڪڙي جملي ۾ هڪ ماءُ جي دل جو سمورو درد اوتجي آيو آهي ۽ هر پيري اهو جملو پڙهندي منهنجا لڱ ڪانڊارجي ويندا آهن. جمال جا اهڙا جملا هن جي ڪهاڻين ۾ ٿيم ٽيونز (theme tunes) جي حيثيت رکندا آهن. ان ريت ”پشو پاشا“ جون گهڻي ڀاڱي ڪهاڻيون پنهنجي دؤر جون بيحد اهم ڪهاڻيون آهن. انهن ۾ ”شاهه جو ڦَر“، ”بدتميز“، ”مان مڙد“ شامل آهن.

— ڊاڪٽر سحر امداد حسيني
(”شعور، شاعر، شاعري“، ص 106/105
سنڌي ادبي بورڊ، 2008ع)

# همسفر



غلام رباني آگرو

هن ڳالهه کي ڪافي عرصو گذري ويو آهي.

هڪ دفعي اسلام آباد مان ڏينهن ٻن جي سرڪاري ڪم سان لاهور آيس. اُتان وري ساڳئي ڪم سان حيدرآباد اچڻو هئم. پر، لاهور ۾ ڪا وڏي ڪرڪيٽ ميچ يا هاڪي ميچ ٿيڻ واري هئي، انڪري پنهنجي ماتحت عملدار کي اڳواٽ چئي ڇڏيو هئم، ته ”پرل ڪانٽينينٽل هوٽل“ ۾ ڪمرو رزرو (RESERVE) ڪرائي ڇڏجان. ڪيس ميچ جي ڪري، مڙني مکيه هوٽلن ۾ ڪٿي به ڪمرو ڪونه مليو، سو، هوائي جهاز لاهور ايئرپورٽ تي لٿو، ته پهريون ئي اطلاع اهو ڏنائين ۽ ٻڌايائين ته لاهور جي ڊفينس سوسائٽيءَ ۾ پنهنجي ڪنهن دوست جي بنگلي ۾ منهنجي ٽڪڻ جو بندوبست ڪيو اٿس. چيائين ته منهنجو دوست ڪشاده دل ميزبان آهي ۽ خدا جي فضل سان سُکيو ستابو شخص آهي. ايوب خان جي حڪومت ۾ جڏهن سؤ رپين وارا نوٽ مَٽائڻ لاءِ حڪم جاري ٿيو هو، ته اُن وقت سندس دولت اُٺويهه ارب رپيا هئي.

ڪار ايئرپورٽ مان نڪري سُڌت ميزبان جي بنگلي تي پهچي وئي. منجهس اُٺونجاهه بيڊروم هئا ۽ سڀ اعلى درجي جي نفيس فرنيچر سان سينگاريل هئا. ميزبان واقعي خُوش خلق شخص هو. چيائين ته، ”اوهان کي جيڪو به بيڊروم پسند اچي، ان ۾ رهو. مان هڪڙي ڪمري ۾ پنهنجيءَ گهرواريءَ سان گڏ رهندو آهيان. ٻئي ڪمري ۾ وري لئبرري اٿم. جو لکڻ پڙهڻ جو شوق اٿم. باقي سڀ ڪمرا دوستن احبابن لاءِ خالي پيا آهن. اوهان جهڙي علم- دوست جي ميزباني ته مون لاءِ وڏي شان ۽ شرف جي ڳالهه آهي. اوهان کي اهو به گوش گذار ڪريان ته مون پنهنجي دولت سنڌ مان ڪمائي آهي.“

مون چيو ته، ”اهو وري ڪيئن؟“

چيائين ته ”جهڏي گدام ڪان وٺي ٽنڊي آدم تائين، ڪپهه ڇاٽڻ جا اٺيهه ڪارخانا هئم، جي پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ وڪڻي ڇڏيم. لاهور ۾ اچي هڪ وڏو ڪارخانو ۽ بئنڪ کوليم. ٻي دولت انهن مان ڪمايم.“

مون چيو ته، ”اوهان جو اولاد؟“

چيائين ته، ”ٻه پٽ اٿم. هڪڙو آمريڪا ۾ رهندو آهي ۽ ٻيو انگلينڊ ۾. پر، ٻن ٽن سالن کان پوءِ هفتي ڪن لاءِ اسان سان ملاقات لاءِ ايندا آهن. هڪ نياڻي به اٿم. اها البت سال ۾ ٻه دفعا ايندي آهي. ڪراچيءَ ۾ پرڻيل آهي، اُتي ئي رهندي آهي.“

مان جنهن ڪمري ۾ ٽڪيس، سو صحيح معنى ۾ آرام وارو هو. پاسي ۾ ڊائننگ هال هو. ميزبان ۽ مان ٽئي ويلا منجهس گڏجي ماني کائيندا هئاسون. ميزبان ٻڌايو ته پاڻ اصل ۾ چنيوٽي آهي، ابتدائي تعليم اُتي ئي ورتي هئائين. چيائين ته ننڍي هوندي اسڪول پڙهڻ ويندا هئاسين ته امان خرچيءَ لاءِ چار پئسا ڏيندي هئي. چوندي هئي ته چارئي پئسا تنهنجا آهن، پر کپائڻ لاءِ ڪونهن. توکي اُنهن ۾ هڪ پئسو جوڙڻو آهي.

مون چيو ته ”پوءِ اوهان ڇا ڪندا هئا؟“

ڪي سال سوا جو ننڍڙو ٻارُ هنج ۾ هو. هلڪي آسماني رنگ جي ريشمي سلوار قميص پاتل هئس. پر، قميص جو ڳلو ڪجھ وڌيڪ کُليل هئس، سو سندس ڳچيءَ ۾ سوني زنجير پري کان پئي چمڪي! نهندڙ قدَ، متوازن پريل بَدن، مليح رنگَ (جيڪو گوري رنگ کان وڌيڪ پيارو هوندو آهي)، سهڻي منهن مهانڊي جي ڪري ڏاڍي پُرڪشش هئي، جڻ تہ مقناطيس هئي.

منهنجن همسفرن ڪي گهڻو سامان ساڻ ڪونہ هو. هڪ وڏو سوٽ ڪيس هئن ۽ عورت کي وڏو فئشني پرس هٿ ۾ هو. سامان رکي پنهنجي برٿ تي ويٺا تہ انجڻ بہ سيٽيون وڄائيندي اچي گاڏيءَ سان لڳي. منهنجو عملدار مون کان موڪلائي هيٺ لٿو.

"خدا ڪري، جو ڪو ڇوٿون مسافر نہ اچي،" خاتونءَ پنهنجي مرد ۽ مون ڏانهن نهاري مسڪرائيندي چيو.

ائين ئي ٿيو. ٻيو ڪوبہ مسافر ڪونہ آيو، سو گاڏي اڳتي چُري، تہ مرد اُٿي هڪدم ڪوپي جي دَرَ کي ڪُنڍي هنئي. خاتونءَ ٻار کي پنهنجي مرد جي ويجهو برٿ تي ڪمبل وڇائي سمهاريو ۽ پاڻ اُٿي اچي مون واري برٿ تي ويٺي. وهڻ سان انگريزيءَ ۾ پڇيائين تہ، "اوهان ڇا ڪندا آهيو؟"

مون چيو تہ "مرڪزي حڪومت ۾ ملازم آهيان. هونئن، ڪتابن لکڻ پڙهڻ جو شوق اٿم."

تڏهن وري پڇيائين تہ، "ڪنهن ڪاليج يا يونيورسٽيءَ ۾ پروفيسر آهيو؟"

"جي نہ! ڪنهن ادبي اداري جو سربراهہ آهيان"

مون ڪانئس پڇيو، "۽ اوهان؟"

هن جواب لاءِ پنهنجي مرد ڏي نهاريو، جنهن چيو تہ "منهنجي گهرواريءَ ڊبل ايم. اي ڪئي آهي. هڪڙي هسٽريءَ ۾ تہ ٻي وري انگريزي ادب ۾ ڪئي اٿس. پر ڪا بہ ملازمت ڪرڻ نٿي گهري. مان سُڪل مڇين جو ڪاروبار ڪندو آهيان. ڪنٽينر ڀرائي، آمريڪا ۽ يورپي ملڪن ۾ موڪليندو آهيان."

"سُڪل مڇي ولايت وڃي ٿي ڇا؟"

"جام!" مرد جواب ڏنو. "منهنجو ٻيو پارٽنر بہ آهي. اسان ٻن ڄڻن جو ڪاروبار ئي ڪروڙن ۾ آهي. ٻيا بہ ڪيئي واپاري آهن. مڇي تہ ڇا، پڪل اوڦراٽا بہ ٻاهر وڃن ٿا. گذريل سال مون ڏهن لکن جا اوڦراٽا لندن موڪليا هئا."

"خراب تہ ڪونہ ٿا ٿين؟"

"نہ. اسان فريز ڪرائي موڪليندا آهيون. لندن جا وڏا واپاري وري ننڍن واپارين کي وڪڻندا آهن. اُهي هوٽلن وارن کي وڪڻندا آهن، جيڪي بجليءَ جي اوونَ ۾ گرم ڪري گراهڪن کي ڪاڏي سان گڏ پيش ڪندا آهن. پر، هاڻي منهنجو شوق رڳو سُڪل مڇي ايڪسپورٽ ڪرڻ تي آهي، اُن مان آمدني وڌيڪ آهي."

"سامونڊي يا ڍنڍن جي بہ؟"

"صرف سامونڊي. پر هر قسم جي مڇي ۽ جهينگا پڻ. عربي سمنڊ ۾ جهينگو جام آهي. مهاڻا سمنڊ مان لانچون ڀري اچي ابراهيم حيدريءَ وٽ 'مڇي مرڪز' ۾ وڪڻندا آهن. عمدي ڪلاس جو عاليشان جهينگو ڏاڍو مهانگو ملندو آهي. سڀ ولايت موڪليو ويندو آهي."

اوچتو، مون محسوس ڪيو تہ ريل گاڏيءَ جي رفتار وڌي وئي آهي. ايتري قدر جو وقفي وقفي کان پوءِ جيڪا ننڍي اسٽيشن اچي ٿي، تنهن جو نالو بہ پڙهڻ ۾ ڪونہ ٿو اچي. مون اُن تي البت حيرت جو اظهار ڪيو.

تڏهن مرد چيو تہ "خانيوال وٽ ريلوائي رستو خراب ٿي پيو آهي، سو گاڏي هاڻي اول فيصل آباد ويندي. اُتان ڦري، ٻيو رستو وٺي، روهڙيءَ کان ڪافي اورتي، وري اچي مين لائين تي چڙهندي. سفر ڊگهو ٿي پيو آهي، انهيءَ سبب ڪري ڊرائيور گاڏيءَ جي رفتار تيز ڪري ڇڏي آهي."

اسان پاڻ ۾ اهي ڳالهيون ڪري رهيا هئاسون ته سفيد يونيفارم ۾ هڪ بيرر دروازو کڙڪائي ڪوپي ۾ اندر آيو ۽ اسان کان ڊنر جو پڇيائين. خوبصورت خاتونءَ چيس ته، ”اسان کي دستوري ڊنر کانه کپي. پنهنجيءَ مرضيءَ موجب کپي! پئسا ڪيترا به لڳن، ليڪن خيال ساڻ نهرائي اچ.“

مرد هڪڙو طعام چيو ته سندس گهرواريءَ پيو ۽ مون وري ٽيون. ڪيس منرل واٽر جون بوتلون ۽ آئيس ڪريم آڻڻ لاءِ به تاڪيد ڪيوسون.

مرد پنهنجي وڏي بئگ ڇڪي، مون واريءَ برٿ سان ملائي، مٿس صوفا سيٽ وانگر آرام سان وينو. سندس گهرواريءَ پنهنجي پرس مان هڪ وڏو ريشمي اسڪارف ڪڍي برٿ جي وچ ۾ دسترخوان وانگر وڇايو ۽ ان جي هڪ طرف نهي نُڪي ويني. سندس سامهون پئي طرف مان وينس.

بيرر ماني کڻي آيو. خاتونءَ کانئس هڪ هڪ طعام وٺي سليقي سان دسترخوان تي رکيو. اسان پنهنجي پنهنجي پليٽ کڻي ماني کائڻ شروع ڪئي، ته مون کي اڳوٽو ريلوائي سفر ياد آيو. فرق اهو هو ته انهيءَ سفر ۾ ڪابه خاتون گڏ ڪانه هئي ۽ عوامي گاڏيءَ ۾ هئاسين. سفر ريل جو هجي يا زندگيءَ جو، منجهس مهذب خاتون جي رفاقت وڏي ڳالهه آهي. هن پنهنجي لاءِ تريل مڇي گهرائي هئي. پليٽ ۾ ٽي پيس رکيل هئس. هڪڙو کڻي پنهنجي مرد کي ڏنائين. ٻيو منهنجي پليٽ ۾ رکيائين ۽ ٽيون پاڻ کنيائين. مون پلاءَ جي پليٽ گهرائي هئي. ٻه چمچا ادب سان خاتونءَ جي پليٽ ۾ وڌم ۽ ٻه چمچا مرد جي پليٽ ۾. ماني کائي خاتونءَ منرل واٽر جي بوتل کولي اڌ گلاس پري پيتو. هڪ گلاس مڙس کي پري ڏنائين ۽ ٻيو مون کي. سندس مرد کي ماني کائڻ کان پوءِ سگريٽ ڇڪڻ جي عادت هئي، سو چيائين ته ”سگريٽ پي اچان ٿو. ننڍي ٻار لاءِ دونهون چڱو ڪونهي.“

بيرر ٿانوَ کڻڻ آيو ۽ بل پيش ڪيائين. خاتونءَ پنهنجي پرس ۾ هٿ وڌو، ته مون اڳ ۾ ئي بيرر کان بل وٺي ڪيس پئسا ڏنا. اهو ڏيو ته خوبصورت خاتونءَ نهايت پياريءَ البيليءَ ادا سان چيو ته ”اسان جون عادتون خراب نه ڪريو. سدائين اوهان جهڙا همسفر ڪونه ملندا.“

جملو معنيٰ خيز هو، پر مان خاموش رهيس.

گهڙي ڪن رکي، وري پاڻ ئي ڳالهه ڪيائين ته ”ڪنهن پيري لاهور مان ڪراچيءَ پئي وياسين. سيڪنڊ ڪلاس ايئرڪنڊيشنڊ گاڏي جو هِن جهڙو ڪوپي هو. هينيان ٻئي برٿ اسان کي مليا. ٽيون مسافر به آيو، جنهن کي وري مون واري برٿ جي مٿان وارو برٿ مليو. چوٿون مسافر آيو ئي ڪونه. گاڏي هلي ته بتيون وسائي، سڀ سمهي پياسون ته ننڊ وٺي وئي. پر، مون واري برٿ جي مٿان واري برٿ تي جيڪو مسافر سُتل هو، تنهن کي ننڊ ۾ ڳِگ ڳاڙڻ جي عادت هئي، سو اڌ رات جو منهنجي ننڊ ڦٽي وئي. هُن همسفر مٿان اهڙيءَ طرح گگ ڳاڙي، جا سڌي اچي منهنجي سيني تي ڪري، سو قميص آلي ٿي وئي. مڙس کي اُٿاريم ۽ چڙ مان چيم ته، ”هي شخص ٻارن وانگر ننڊ ۾ مُتندو آهي ڇا؟“

منهنجي مڙس ڪيس ڏانڊولا ڏئي ننڊ مان جاڳايو ۽ چيو ته ”ڀائي صاحب، توهان پاڻيءَ جو گلاس پرسان رکي سمهيو آهين ڇا؟“

هو شخص جو اوچتو ننڊ مان جاڳيو ته گهٻرائجي ويو. پر جڏهن ڳالهه سمجهه ۾ آيس، ته ڏاڍو شڪي ٿيو. معافي گهري چيائين، ته مون کي ننڊ ۾ گگ ڳاڙڻ جي عادت آهي. خوبصورت خاتونءَ چيو ته مان اڌ رات جو اُٿي، غسلخاني ۾ قميص بدلائي وري اچي برٿ تي سُتس، پر مٿان چادر وجهي ڇڏيم.

”اوهان مٿان چادر وجهي ڇڏي هوندي، ته هن گگ ڳاڙڻ ڇڏي ڏني هوندي. پوءِ ته اوهان ٻنهي سڪون سان ننڊ ڪئي هوندي.“

ڏنائين ٿي آمليٽ، ٻه پيس ڊبل روٽي سلائيز، ٻٽر ۽ جئم گهرايائين.

بيرر ناشتو کڻڻ ويو ته مان چاءِ پي ڪاريڊور ۾ وڃي بيٺس. بيرر ڪاريڊور مان وري اچي لنگهيو ته مون ڪانئس پڇيو ته، "گاڏي ڪاٿي پهتي آهي ۽ حيدرآباد اڃا ڪيترو پري آهي؟"

چيائين ته "اڃا ڪلاڪ کن ته لڳندو."

بيرر هليو ويو، ته مون شيشي جي دريءَ مان ٻاهر نهاريو. سامهون پري پري تائين پاٽي ئي پاٽي نظر آيو. هارين پوکڻ ۾ ريج لاءِ ڇڏيو هو. صبح جي مهل هئي، پاٽيءَ ۾ هِتي هُتي سفيد ڪنگن جا ولر هئا. ڪنگ سهڻو پکي ٿئي ٿو. رنگ بسراسر سفيد ۽ ٽنگون ڊگهيون. پر، پاٽيءَ ۾ بيٺي ٿو، ته نهي ٿو.

ڪجهه دير کان پوءِ وري ڪوپي ۾ داخل ٿيس ته خاتونءَ پڇيو: "ايتري دير دريءَ وٽ ڇا پئي ڏٺوَ؟"

مون ڪيس منظر بيان ڪري ٻڌايو ۽ چيو ته، "سفيد ڪنگ ڏاڍو سهڻو پکي آهي."

چيائين ته "چڱو ٿيو جو ڪيس حلال ڪونه ڪيائون، نه ته اڄ ملڪ ۾ هر طرف ڪارا ڪانوَ نظر اچن ها."

مون چيو ته "هائو، ڪنهن زماني ۾ فتوا ڏنائون ته ڪانوَ حلال آهي. ماڻهن ملڪ ۾ ڪانوُ ڪونه ڇڏيو. تڏهن فتوا ڏيندڙ شخص چيو ته مون اهو ڪارو ڪانوُ ٿوروئي حلال ڪونيو هو. مون ته ٿاڪرو ڪانوُ جي ڳالهه ڪئي هئي."

خاتون پڇيو ته "توهان ٿاڪرو ڪانوُ ڏٺو آهي؟"

مون چيو ته "ڏٺو اٿم، کاڌو ڪونه اٿم."

ايتري ۾ بيرر ناشتو کڻي ڪوپي ۾ گهڙيو.

خاتونءَ چيو ته، "هاڻي ڇڏيو ڪنگن ۽ ڪانون کي، ويجهو اچي وهو. پنهنجو ناشتو اچي ويو آهي ۽ مون کي ڏاڍي بک لڳي آهي."

خاتونءَ رات وانگر ناشتو ورتي، سليقي سان دسترخوان تي سيٽ ڪيو. آمليٽ جي هڪ پليٽ پنهنجي مرد ۽ هڪ منهنجي اڳيان رکيائين، ۽ ٽين پنهنجي اڳيان. البت، ڊبل روٽيءَ جون سڀ سلائيز، مکڻ ۽ جئم پنهنجي اڳيان رکيائين. پوءِ هڪ ڊبل روٽي سلائيز کڻي، اول ان تي نائيف سان مکڻ ۽ پوءِ جئم مکيائين ۽ پنهنجي مرد کي ڏنائين. ٻي هٿ ۾ کنيائين ۽ ساڳيءَ طرح ناهي، مون کي ڏنائين. ٽين پاڻ کنيائين. اسان ٻنهي ئي سلائيز ائين ئي آمليٽ سان کاڌيون. پر خاتونءَ جي پليٽ ۾ آمليٽ جو ٽڪرو پوءِ به بچي پيو. مرد کي چيائين ته "کائيندين؟" هن نهڪر ڪئي ته مون کان پليٽ ورتي، منجهس اهو ٽڪرو رکي، عجب انداز سان چيائين ته "منهنجو بچايل ٽڪر کائڻ ۾ اوهان کي اعتراض ته ڪونهي!"

مون کيس جواب ڏنو ته "اوهان جي قرب جو ڪو جواب ئي ڪونهي!"

پاڻ اُتر ڏنائين: "اوهان جهڙو همسفر به مشڪل سان ملي ٿو."

مون کان ٿڌو ساهه نڪري ويو. ماضيءَ جا الائي ته ڪيترا همسفر ياد آيا، مرد به ۽ زالون به. مون مٿن سالن جا سال پاڻ قربان ڪيو هو. پر هو مون کان پنهنجا مطلب حاصل ڪرڻ کان پوءِ ائين اکيون ڦيري ويا، جو ڄڻ ته ڪڏهن واقف ئي ڪونه هئا. اڪثر انسانَ، پنهنجي فطري مزاج موجب شايد خود مطلب ٿين ٿا.

ڪجهه دير کان پوءِ ماضيءَ مان موٽي حال ۾ آيس ۽ همسفرن کي چيم ته، "حيدرآباد باقي اڌ مني ڪلاڪ جو پنڌ آهي."

"حيدرآباد ۾ ڪاٿي رهندا آهيو؟" مرد مون کان پڇيو.

مان جواب ڏيان ئي ڏيان، تنهن کان اڳ خاتونءَ چيو ته "اسان کي پنهنجي گهر جي ايڊريس ۽ فون نمبر ڏيو."

مون ڪارڊ ڪڍي کين ڏنو ته خاتونءَ پنهنجي پرس ۾ رکيو ۽ پنهنجو ڪارڊ مون کي ڏنو.

"اوهان ڪراچيءَ ته ايندا هوندا؟" سندس مرد پڇيو.

”هائو، ڪڏهن ڪڏهن؟“

چيائين تہ ”آئنده اسان وٽ اچي رهو. ڏاڍي خوشي ٿيندي. ڊفينس ۾ رهندا آهيون. منهنجي گهرواريءَ اوهان کي جيڪو ڪارڊ ڏنو آهي، اُن تي اسان جي ائڊريس ۽ سڀ فون نمبر لکيل آهن“

مون چيو تہ منهنجي بہ اوهان کي ساڳي دعوت آهي.

ايتري ۾ بيرر اندر آيو ۽ مون کي چيائين تہ ”سر، حيدرآباد اچڻ واري آهي. مان اوهان کي صحيح خبر ڏئي ڪونہ سگهيو هئس.“

”اوهان ٿيلهي ۾ سامان وجهي اچو، مان اوهان کي پليٽ فارم وٽ موڪلائيندس،“ مرد ائين چئي دروازو کولي، ڪاريڊور ۾ ڪوچ جي چيڙي وٽ دروازي جي سيخن کي هٿ وجهي بيٺو.

گاڏيءَ جي رفتار گهٽجڻ لڳي. مون ٿيلهو کنيو، تہ خاتون غسلخاني ۾ وئي ۽ صابڻ کڻي آئي. چيائين تہ ”اوهان ر وساري آيا هئا. بي ڪا شيءِ تہ ڪانہ وساري اٿو؟“

مون ٿيلهي ۾ پنهنجو مختصر سامان چيڪ ڪيو ۽ چيو تہ، ”نہ، سڀ ڪجهہ ٺيڪ آهي.“

غسلخاني ۾ وڃي وارن کي ڦڻي ڏئي ٻاهر نڪتس. ٿيلهو هٿ ۾ ڪنيم، تہ خاتون اُٿي بيٺي. مان سندس ويجهو وڃي بيٺس. اسان جون نگاهون مليون، تہ منهنجي جسم ۾ بجليءَ جي لهر ڊوڙي وئي. پر، ٻئي چپ چاپ خاموش رهياسون. البت، منهنجي من ۾ ڪشمڪش هئي، تہ جيڪر ڪيس ڳلن تي ”الوداعي چمي“ (PARTING KISS) ڏيان. پر، اهو احساس ٿيم تہ اسان جي ملڪ ۾ اهڙو رواج ڪونهي. سو، خبر ناهي تہ هوءَ اُن مان ڪهڙو اثر وٺندي؟ تاهم، هن جي شخصيت جي مقناطيسي ڪشش مون کي مسحور ڪري ڇڏيو هو، سو ڏاڍيءَ سِڪ سان سندس ڳچيءَ ۽ ڳلن کي هٿ جي آڱرين سان ڪا دير پيار ڪندو رهيس. هوءَ بلڪل خاموش رهي! گاڏي آهستي آهستي اسٽيشن تي اچي بيٺي، تہ مون ڪيس سِڪ سان ٽيمي لهجي ۾ چيو: ”خدا حافظ“ ۽ ڪوپي مان ٻاهر نڪتس. سندس خاوند پليٽ فارم تي ماٿهن جي ڍُڪ ڊوڙ جو نظارو ڪري رهيو هو. مون کان ڀاڪر پائي موڪلايائين ۽ چيائين تہ ”اوهان هيٺ لهو.“ مان پليٽ فارم تي لٿس، تہ ٻوڙي ٿيلهو ڏنائين

حيدرآباد جي اسٽيشن تي گاڏي ڪي ٻہ چار منٽ مس بيٺي. جڏهن اڳتي چُري تہ مون ۽ سندس مرد هٿ لوڏي هڪٻئي کي ”الوداعي سلام“ ڪيو .گاڏي حيدر باد اسٽيشن مان نڪتي تہ مان پليٽ فارم جي دروازي مان نڪتس. ٻاهر ڊرائيور ڪار جهليو بيٺو هو. حيدرآباد ۾ سڄو ڏينهن ڪمن ڪارين ۾ گذري ويو. رات جو گهر پهتس تہ ٿڪ محسوس ٿيو. سو، گرم پاڻيءَ سان غسل ڪيم، تہ ڪجهہ فرحت محسوس ڪيم. ڪپڙا بدليم، ماني کاڌم ۽ بستري تي وڃي ليٽيس. حسب دستور، ٿوري دير ڪو ڪتاب پڙهيم. پوءِ ڪتاب رکي بتي وسايم، تہ گذريل رات جو سفر ياد آيم. ذهن ماضيءَ ڏي موٽيو تہ ڪيترائي اڳوڻا سفر ياد آيا. هاڻي ايترو چئيءَ طرح ياد اٿم تہ جڏهن ننڊ آهستي آهستي اکين ۾ اچي رهي هئي هن ڪتاب ۾ پڙهيل هڪ جپاني ڪلاسيڪي گيت منهنجي چپن تي هو:

زندگی کی مثال کیا جیسے
صبح کشتی چلے ہے ساحل سے
اور پھر دیکھئے
تو پانی پر
نقش باقی نہیں کوئی پیچھے

۽ منهنجي مالي سهائتا لاءِ ڪيمپون لڳائي
رقم، اٽو، گيهه، چانور
۽ ٻيو استعمال جو سامان گڏ ڪري
پنهنجي پيارن جي گهرن تي پهچائي
فوٽو شايع ڪرائي سگهجن ٿا
پر مون کي ڇڏي وڃي ڏيڻ وارو
اڃان ته مون تائين ڪونه رسيو آ.
(تصويري عمل نارمن گرنڊلي جيميڪا)

* * *

منهنجو پيءُ زمين تي پير کُپائي بيٺو آهي
پر مون کي
پنهنجي آڱوٺي تي بانس جو لَڪڙو رکي
اُن تي مٿي چڙهڻ لاءِ ٿو چوي.
هُن مون کي اهو ته سيکاريو آهي ته
ڪنهن باز وانگر ان سَنهي بانس جي لڪڙي جي
چوٽيءَ تي چڙهي بيهان،
مڃان ٿو ته تماشو ڏسندڙن مان
ڪنهن کي به
نه ان کي، نه ان جي پيءُ، پٽ يا پوٽي کي
ايڏو وڏو ڪرتب ڪرڻ ٿو اچي،
۽ مون کي بانس جي چوٽيءَ تي بيهي
منهنجي سلام ڪرڻ تي
ماڻهو تاڙيون ته وڄائين ٿا پر
ڪيسي مان هڪڙو ٽڪو به انعام ۾ ڪونه ٿا ڏين
جو مان هڪڙي ننڍڙي ۽ سادي چڊي خريد ڪري پايان
(تصويري عمل مهيندر پارڪ، انڊيا)

* * *

## معذوري

ويسٽ آفريڪا جي ليئونن جي سِول وار ۾
منهنجي پيءُ جون ٻئي ٻانهون
نونئين وٺان ڪاٽيون ويون آهن
جنهن جي ڪري هو محنت مزدوري نه ٿو ڪري
سگهي
۽ پُني اگهاڙي ڪري صبح کان ئي
رستي تي اچي پاڻ سان گڏ مون کي به وٺي پنڻ
لاءِ ٿو ويهي
پر
شام جو گهر اچي جڏهن هُو
پيرن سان پئسا ڳڻي
امان کي رکڻ لاءِ ڏيندو آهي ته
امان به رڳو ايترو چوندي اٿس
”اڄ هيترا چو، ڪالهه ته هيترا گهٽا هئا.“
ته بابو کِلي چوندو اٿس:
”ماڻهو ترس کائي جيترو ڏين ٿا
تون ان تي شڪر ڪندي ڪر“
تڏهن مان مُرڪي دل ۾ چوندو آهيان
ماڻهو ان جي معذوريءَ تي
ترس کائي ايتري خيرات نه ڏيندا آهن
جيتري منهنجي معصوم شڪل کي ڏسي ڏيندا
آهن
(تصويري عمل ـ ڊيبي يازبيڪ، آفريڪا)

* * *

## بيپرواهي

اتفاق سان فوٽ پاٿ تي
سورج مُکيءَ جو گل ٽِڙي پوي ۽ ڪا الهڙ نينگري
هڪ ڪروڙ واري پجيرو گاڏي فوٽ پاٿ ۾ اچي
پارڪ ڪري
۽ سورج مکيءَ جو اهو ٻوٽو
ان جي ڳوري ٽائر جي هيٺان چيپاٽجي وڃي ته
ڇا ان جي رڙ ڪير ٻڌي سگهندو!
نه، ڪو به نه
نه ئي ڪو سپاهي
هن جي ان غلط پارڪنگ تي چالان جي پَرچي
سندس گاڏيءَ جي وائيپر تي لڳائي سگهندو.
(تصويري عمل ـ باب بارڪر، آسٽريليا)

* * *

## اساطيري دور جو طوطو

(Love bird)

آءٌ هڪ قيدي آهيان
مون کي عمر قيد جي سزا ڏني ويئي آهي.
مان پنهنجو وقت گذارڻ لاءِ
ڪڏهن ڪتاب پڙهندو آهيان ته
ڪڏهن ڪوليءَ ۾ بيهي رقص ڪندو آهيان،
رنگن سان پنهنجي بدن تي چٽسالي ڪندو آهيان
رڙيون ڪري ڳائڻ بجاءِ مان
ڳوڙهن کي روڪي جهونگاريندو آهيان
پنهنجي جنم ڏينهن تي مان خاص طور ميندي
گهرائي
هٿن پيرن تي مَليندو آهيان،
پر ان ڏينهن مون سان ملڻ ڪو دوست ساٿي،
يا ڪو مٽ مائٽ نه ايندو آهي
ڪوبه گل نه آڻيندو آهي
پر هڪڙو پيار محسوس ڪندڙ پکي
جنهن کي عام طور تي طوطو چوندا آهن،
(جنهن کي عام طور تي طوطا چشم چيو ويندو
آهي)
ايندو آهي ۽ ڪوليءَ جي سيخن تي ويهي
منهنجي جنم ڏينهن جي خوشيءَ ۾ ڪو گيت
ڳائيندو آهي
تڏهن الائي جو
منهنجي اکين مان لڙڪ وهڻ لڳندا آهن ته
جنهن پکيءَ کي طوطا چشم سڏيو ٿو وڃي
اهو ته هر سال پنهنجي وفا جو پير پرڻ ٿو اچي
پر جنهن کي مون وفادار سمجهيو هو
ان کي ياد به نه آهي ته
مان جنم ٽيپ ڪاٽي رهيو آهيان ۽
ڪيس ياد ڪندو رهندو آهيان.

(تصويري عمل. رايوڳلي، سائوٿ آفريڪا)

* * *

## انتظار

شام اچي ٿي آهي
گهر به ڏور آهي،
گهر به موٽڻو آهي
مڙساڻو به ڪم تان موٽيا هوندا
پر
الائي جو اڄ به هن مهل تائين
هن سرڪاري ٺل مان
پاڻيءَ جو هڪ ڦڙو به نه ڳڙيو آهي.

* * *

## ڳولها

هن جي ساڄي ٻانهن وارو هٿ
ڪرائيءَ وٽان ڪٽجي ويو
ان جي ملم پٽيءَ لاءِ هزارين رپيا گهربل هئا
هن پن سِن ڪئي، پَٽ سَٽ ڪئي
پر پئسا پورا نه ٿيا
هن سوچيو هو ته ڪجهه رقم گڏ ٿي وڃي ته
انهيءَ رقم مان
هٿ ۾ هڪڙو خنجر لڳرائي ڇڏي
۽ رهزنن کي ان سان قتل ڪرڻ جو ڪم شروع
ڪري ڏي
پر جڏهن وٽس ڪجهه رقم گڏ ٿي وڃي ٿي ته
ڊاڪٽر کيس مشورو ڏئي ٿو
ماڻهو مارڻ کان بهتر آهي ته
هٿ ۾ چمچو لڳرائي وٺ
گهٽ ۾ گهٽ ماني ته سولي کائي سگهندين،
پوءِ هن ڊاڪٽر جي مشوري تي هٿ ۾ چمچو
لڳرائي ورتو
پر زندگيءَ لاءِ
ماني ڳيي جي ڳولا لاءِ
کيس چمچو لڳل هٿ ٽنگي
وري به پنڌ ئي پوي ٿو.

* * *

## قياس

جن کي اها خبر نہ آهي تہ
هنن معصوم ٻارڙن جو پيءُ ڪير آهي؟
ماءُ جي خبر تہ خير قيامت ڏينهن پوندي انهن کي
۽ شايد ان ڪري
هي يتيم خاني ۾ پلجندڙ ٻار
جڏهن بہ ڪنهن فوٽو گرافر کي
پنهنجو فوٽو ڇڪيندي ڏسن ٿا تہ
ٻاروٽن ڇانورن مان هٿ ڪڍي
وات ۾ پٽي ڪئميرا ۾ نهارڻ لڳن ٿا
هنن کي ان ڳالهہ جو احساس بلڪل بہ نہ آهي تہ
سندن تصوير تي ڪنهن فوٽو گرافر کي
تصويري مقابلي ۾ پهرين انعام ملندو پر هنن کي
ان ڳالهہ جو احساس ضرور آهي تہ
متان ڪڏهن ڪنهن اخبار ۾ شايع ٿيل تصوير تي
سندن پيءُ، سندن ماءُ کي سڃاڻي وٺي
تہ سندن اهو دلبند يتيم خاني ۾ پيو آهي
جنهن کي ڇڻيندي ئي
ڪپڙي ۾ ويڙهي، گند جي ڍير تي اڇلي آئي هئي.

* * *

## بيڏوهيءُ جو احساس

ڪلينڪ ۾
ڊاڪٽر جڏهن اٺن سالن جي هڪ ٻار جي قد ماپڻ لاءِ
اسڪيل تي بيهاريو تہ
سندس نماڻين اکين ۾ هڪ جملو ڇُلڪڻ لڳو
تہ، ڊاڪٽر الائي ڇو سندس قد ماپي رهيو آهي!
جڏهن تہ هو اڃان اٺن سالن جو آهي
۽ ڪا شرارت بہ ڪانہ ڪئي اٿس.

* * *

## مشورو

عورت ۽ مرد جي هم آغوش ٿيڻ کان اڳ ۾
جيڪڏهن ٽيبل تي هڪڙو گهڙيال رکجي،
تارونءُ متان ٻرندڙ بلب بہ وسائي ڇڏجي
۽ ان گهگهہ اونداهيءَ ۾
ٽيبل جي ٻنهي پاسي
ڪرسين تي ويهي
هڪ ٻئي جون مُنهون جهلي مقابلو ڪرڻ گهرجي
پوءِ ڏسجي تہ ڪير ڪيتري دير ۾
ڪنهن جو هٿ ٿو ڪيرائي وٺي،
باقي روز روز هڪ ٻئي تي ڪاوڙ ڇنڊڻ جو
ڪوبہ فائدو ناهي.

(تصويري عمل، ايس مڪرجي، انڊيا)

* * *



سوزهالاڻي، سنڌي ٻوليءَ جو هڪ سڄاڻ شاعر ۽ ليکڪ آهي. هو اُنهن وسندين جو رهاڪو آهي، جتي ڪنهن وقت ۾ شاهہ لطيف پنهنجا پير گهمايا هئا ۽ جتي جي هوائن ۾ عشق، محبت ۽ راڳ جا پڙاڏا اُٿندا رهندا هئا انڪري هو سنڌي راڳ جو نہ رڳو شوقين آهي، پر ڪيس راڳداريءَ جي ڳوڙهي ڄاڻ پڻ آهي. هن جي اها آتم ڪٿا سنڌي ٻوليءَ ۽ سنڌي راڳداريءَ جو هڪ اهم دستاويز آهي. هِن ڪتاب جي سنڌي علم و ادب ۾ ان ڪري اهميت هجڻ گهرجي، جو ان ۾ پاڪستان ٺهڻ کان اڳ جي سنڌ ملڪ جي سماجي حالتن جي ڄاڻ ملي ٿي "ڪويءَ جي ڪٿا" . ۾ جيڪي واقعا ۽ ڳالهيون بيان ڪيون ويون آهن، اهي ذاتي هجڻ سان گڏ سنڌي سماج جي اُن روپ تان پردو کڻن ٿيون، جيڪو ماضيءَ جي اونداهي ۾ گم ٿي ويو آهي. 'سوز' نهايت سليس ۽ روان سنڌيءَ ۾ ان ماضيءَ کي ياد ڪيو آهي، جنهن جو اهم ڪردار 'ڪملا' نالي هڪ نري آهي، جنهن کي هڪ ڀيرو ڀيهر ڏسڻ ۽ هن کي پنهنجن اُنهن اُڌمن ۽ احساسن کان واقف ڪرڻ لاءِ هو سرگردان آهي

- مراد علي مرزا
"پيش لفظ"، ص 10
ڪويتا پبليڪيشن حيدرآباد، 2008ع



# ورچوئل اسڪرين

قاضي اياز مهيسر

”وقت گذرڻ ۾ جيتري دير لڳندي آهي، ڇا اوتري دير ان وقت جي تخليق ٿيڻ ۾ به لڳندي آهي؟ ڪهڙي خبر ته وقت جا هي قافلا جڏهن کان هلڻ شروع ٿيا هئا، تڏهن کان سندن منزلون ۽ سانُن پيش ايندڙ حادثا به طئي ٿيل هئا يا نه... جي هي سڀ ڪجهه طئي ٿيل آهي ته پوءِ ان سفر جو مقصد ۽ ان جون حاصلات ڪيتريون نه بي معنيٰ آهن! يا ڪٿي ائين ته نه آهي ته تخليق جو هيءُ سفر ڪنهن ڪهاڻي جي تخليق وانگر آهي؟ ڪنهن ڪهاڻيءَ جي تخليق، جنهن ۾ تخليقڪار کي ڪهاڻي لکڻ مهل ان جا ڪردار ۽ سندن انت جي ڪاٻه خبر ناهي هوندي، ۽ سڀ ڪجهه پنهنجي ليکي تخليق ٿيڻ شروع ٿي ويندو آهي ....“

هوءَ پنهنجي ليپ ٽاپ جي مائيڪرو سافٽ وَرڊ تي هي سڀ ڪجهه لکي ٿي رهي هئي جو اوچتو سندس ذهن تي شام جو منظر تري آيو. اُنن جون قطارون ۽ سندن ڳچين ۾ ٻَڌل ڇَڙن جو آواز، هڪ خاموش وايومنڊل ۾ زندگيءَ جي احساس جا سُر وکيري رهيو هو. هڪ اهڙي زندگي، جنهن کي پنهنجي ئي قافلي جي اڳين ماڳن ۽ منزلن جي ڪاٻه ڄاڻ نه هئي.

”زندگي...“ هن ٽائيپ ڪرڻ شروع ڪيو، ”هڪ ورچوئل اسڪرين تي وکريل رنگن جو نالو آهي. هڪ اهڙي اسڪرين، جنهن جي پسمنظر ۾ ڪيتريون ئي اسڪرينس شامل آهن ۽ زندگيءَ جي رنگن جا عڪس انهن سمورين اسڪرينس مان ڇڙي نڪرن ٿا. ۽ رنگن جون ڪجهه اهڙيون پڪسلس آهن، جيڪي اسان کي نظر اچن ٿيون ۽ ڪجهه پڪسلس اسان جي ڏسي سگهڻ جي صلاحيت کان مٿانهيون آهن.“

”زندگي...“ سندس ذهن تي هڪ ٻيو خيال تري آيو. ”قطعن به صرف نظر ايندڙاسڪرين جو نالو نه آهي، پر پس منظر ۾ موجود سمورين اسڪرينس جو عڪس آهي. هڪ اسڪرين زندگي جي ظاهري وجود کان پهريان آهي، ٻي اسڪرين پريزنٽ ٽينس آهي، جيڪا پل پل ۾ نيون اسڪرينس ٺاهي ٿي. ٺهي ويل اسڪرينس پاسٽ ٽينس ۾ تبديل ٿي وڃن ٿيون، ۽ جيڪو پل، ڪجهه لمحا اڳ فيوچر ٽينس هو، سو پريزنٽ ٽينس ۾ اڃي هڪ نئين اسڪرين ٺاهي ٿو. ان تسلسل ۾ هڪ گهڙي اهڙي به اچي ٿي جو پريزنٽ اسڪرين سانت ٿي وڃي ٿي. ڪهاڻيءَ جو انت- نو فيوچر- ورچوئل ڊيٿ. ها، زندگيءَ وانگر... موت به هڪ ورچوئل اسڪرين آهي ۽ جيتوڻيڪ مرڻ مهل اسڪرينس ظاهري طرح ٺهڻ بند ٿي وڃن ٿيون، پر انهن جي ٺهڻ جو عمل هڪ ٻي ٽينس ۾ شفٽ ٿي وڃي ٿو.“

هوءَ ڪجهه سانت کان پوءِ وري لکڻ لڳي ٿي، ”مون کي خبر ناهي ته هي سڀ ڪجهه ڪڏهن ٿيڻ شروع ٿيو هو، پر اها پڪ ضرور اٿم ته ان ٿيڻ مهل منهنجي اسڪرين به ٺهي چڪي هئي، ۽ ان جا سليڪانس هر ٽينس ۾ ڄڙي چڪا هئا ۽ منهنجي پريزنٽ اسڪرين جي سليڪانس جي ايڪٽيويٽ ٿيڻ جو انٽرنل ٽائيم به مقرر ٿيل هو ۽ ظاهر آهي ان جي ڊي ايڪٽيويٽ ٿيڻ جو ٽائيم به پهرين کان مقرر ٿيل آهي. مرڻ کان پوءِ ڪجهه ئي صدين ۾، مان سليڪان ۾ تبديل ٿي وڃڻي آهيان. پر منهنجي سليڪانس ۾ منهنجو

ڊي.اين.اي، اڻٽيڪٽ رهندو، جيڪو ڪڏهن بہ ايڪٽيويٽ ڪري، منهنجي اسڪرين ٻاري سگهجي ٿي. ۽ مون سان گڏ تخليق ٿيل هر وجود جي ۽ ضروري ناهي تہ سليڪان جي ري ايڪٽيويشن صرف هن ڌرتيءَ تي ئي ٿئي جتي اهي سليڪان ڪنهن نہ ڪنهن شڪل ۾ موجود آهن... سليڪان ڪنهن ٻئي سياري يا ڪنهن ٻي اسپيس ۾ بہ ري ايڪٽيويٽ ڪري سگهجن ٿا. ري ايڪٽيويشن لاءِ ڪنهن بہ وجود جو ڊي.اين.اي يا ان جي ڪاپي هئڻ ضروري آهي. ۽ جي منهنجي وجود جو ڊي.اين.اي هن ڌرتي تي پهچي سگهي ٿو، تہ اهو ڪنهن ٻئي سياري يا اسپيس تائين بہ پهچائي سگهجي ٿو. ۽ ڪهڙي خبر تہ اسان جي هن دنيا جي وجود جو ڊي.اين.اي خود هڪ ڪاپي ئي هجي ... ۽ ڊي.اين.اي جو اصل يعني ماسٽر پلان، ڪٿي ٻئي هنڌ موجود هجي!

هڪ اوچتي جُنبش سان هوءَ پنهنجي وارن مان ملٽي ڪلرڊ هيئرڪِلپ لاهي ڇڏي ٿي، ۽ هڪ جهٽڪي سان سندس وار ڳُلي وڃن ٿا . هوءَ لکي ٿي: ”ڊومس ڊي کان ايترو ڊيڄاريو ڇو ٿو وڃي؟.... اهو ڏينهن، ڪائنات جي نئين تخليق جو هڪ خوبصورت ڏينهن هوندو. هڪ اهڙو ڏينهن جنهن ۾ ماضيءَ جي تخليق کي هڪ غير روايتي طريقي سان وري تخليق ڪيو ويندو. هيءَ ڌرتي يا ڪا ٻي ڌرتي ڪنهن سليڪان ويليءَ ۾ تبديل ٿيل هوندي، ۽ ان سليڪان ويليءَ ۾ موجود تخليق ڪيل هر اسڪرين جا ڊي.اين.ايز ري ايڪٽيويٽ ڪيا ويندا. زندگي هڪ نئين ٽينس ۾ جاڳندي، هڪ اهڙو ٽينس، جنهن ۾ ڪجهہ بہ نہ گذرندو. موسمي تبديلين سان گڏ، وال ڪلاڪس، رسٽ واچز ۽ ڪئلينڊرس هڪ گذري ويل تهذيب جي تاريخ جو حصو ٿي ويندا. تخليقڪار پنهنجي تخليق جي ڪهاڻي محض هن ڌرتيءَ تائين محدود ناهي رکي. هڪ بهترين ڪهاڻيڪار جي ڪهاڻيءَ جو ڪينوس ڪڏهن بہ محدود ناهي هوندو ۽ هڪ بهترين تخليقڪار پنهنجي ڪردارن کي پاڻ جيتري وسعت ڏيڻ چاهيندو آهي. مان هن جي وسعت آهيان ۽ منهنجي وسعت سندس ذات جو مظهر آهي.“

”منهنجي مري وڃڻ جو مطلب سمجهہ ۾ اچي ٿو توکي....؟“ هوءَ بي ساختہ ڄڻ ڪنهن سان مخاطب ٿيندي چوي ٿي،”مون کي مري وڃڻ لاءِ تخليق ناهي ڪيو ويو. منهنجو موت، تخليق جو موت آهي، تخليق جي پراسيس جو موت آهي. هڪ اسڪرين آف ٿيڻ سان مان تخليقڪار جي سيٽ کان ٻاهر نٿي نڪري سگهان. نہ، هرگز بہ نہ. مان پنهنجي هر اسڪرين ۾ زنده رهڻي آهيان . منهنجو زنده رهڻ منهنجي مري وڃڻ کان وڌيڪ اهم امر آهي. ها، پر جيڪو ڪجهہ مان سمجهي چڪي آهيان، ڇا اهو سڀ ڪجهہ ٻين کي سمجهائي سگهان ٿي؟ شايد نہ...! زندگي هر ڪنهن کي پنهنجي پنهنجي پرسپيڪٽِو ۾ جيئڻي آهي“

هن ٻاهر ڏٺو... دريءَ جو پردو هير جي ٻهرئين پُرسڪون جهوٽن ۾ لهرائي رهيو هو... رات گذري چڪي هئي ۽ رات گذرڻ سان ئي سندس خيالن جي آڪاش تي روشنيءَ جا نوان ڪرڻا جرڪي رهيا هئا. ان کان اڳ جو سندس اکيون سج جي ٻهرئين ڪرڻي جو آڌرڀاءُ ڪن، هن وري لکڻ شروع ڪيو: ”مون کي پنهنجي زندگي پنهنجي پرسپيڪٽو ۾ جيئڻي آهي. منهنجي سوچ جي ڌارا منهنجي ڌارا آهي..... ۽ مان پنهنجي تخليقڪار جي ڌارا آهيان، درياهن جي ڌارائن جيان. منهنجي ڌارا بہ تخليقڪار جي گهري سمنڊ ۾ ضم ٿي وڃڻي آهي. ضم ٿيڻ ختم ٿيڻ جو نالو نہ آهي، مڪمل ٿيڻ جو نالو آهي. مان جيڪا پنهنجي ئي تڪميل کان جدا ڪيل ڌارا آهيان، پنهنجي ئي تڪميل ڏانهن واپس ورڻي آهيان ۽ تڪميل ڏانهن واپسيءَ کي موت سمجهڻ وارا دراصل پنهنجي پنهنجي ڌارائن کي سمجهي ئي نہ سگهيا آهن. منهنجي لاءِ اهو سمجهڻ انتهائي ضروري آهي تہ منهنجي ڌارا کي هڪ

اونهي ۽ گهري سمنڊ مان ڏار ڪيو ئي چو ويو....! ۽ ڏار تيڻ ڪان پوءِ، جي پنهنجي ئي سرچشمي ۽ منزل جي خبر نہ هجي، تہ پوءِ راهن ۾ سواءِ پٽڪڻ جي ٻيو رکيو ئي ڇا هي؟" هوءَ هڪ ٽڏو ساهہ پريندي دريءَ ڪان ٻاهر، جهونجهڪڙي جي هلڪي روشنيءَ ۾ روشن ٿيندڙ نيري آسمان جي گهراين ۾ هڪ نظر وجهي ٿي ۽ ڪجهہ سوچي وري لکڻ لڳي ٿي: "مان ايتري پاڻ ڪڏهن بہ ناهيان پٽڪي، جيترو مون کي پٽڪايو ويو آهي.ننڍپڻ ڪان جوانيءَ تائين، زندگيءَ کي پرکڻ ۽ ڏسڻ جا رُخ پاڻ ئي طئي ٿيندا ويا... پنهنجي نظر ۾ ٻين جي روشني حاوي رهي.... ڪڏهن سوچيو ئي نہ تہ ٻين جي روشنيءَ کي پنهنجي اکين ۾ سُرمي جيان پائڻ ڪيتري حد تائين پنهنجي ئي ڏسي سگهڻ جي صلاحيت کي اندو ڪري سگهي ٿي. ۽ سڀ ڪان وڌيڪ افسوس جي ڳالهہ اها، تہ مان بہ پنهنجي خلقڻهار ڪان ٻين جيان، ائين ڪنبندي رهيس جيئن ڪا ٻڪري ڪنهن ڪاسائيءَ ڪان ڪنبندي آهي، يا ڪو شاگرد پنهنجي ڪنهن ظالم استاد ڪان، جنهن جو ڀهريون ڪَر ٻار کي خونخوار نظرن سان ڏسي سندس دل ۾ خوف پيدا ڪرڻ هوندو آهي. ۽ سڀ ڪان وڌيڪ حيرت جي ڳالهہ اها رهي آهي تہ اسان مان ڪنهن بہ ان انتهائي غلط مفروضي تي ڪڏهن ڪو سوال ئي نہ اُٿاريو."

" خير..... وقت گذري ويو"، هن هڪ لمحي جي سانت ڪان پوءِ لکيو: "پنهنجي پرسپيڪٽِو کي پنهنجي ئي نظرن سان ڏسي ۽ پرکي سگهڻ ڪان پوءِ سڀ ڪجهہ صاف ۽ شفاف نظر اچي رهيو آهي. مختلف رُخن ۾ وهي ويل منهنجون ڌارائون، هاڻي هڪ ڌارا جي وهڪري ۾ اچي رهيون آهن.... مختلف ورچوئل اسڪرينس ۾ ٽُٽي ويل منهنجا عڪس، هاڻي هڪ ئي اسڪرين ۾ فوڪس ٿيڻ لڳا آهن. ها، هيءَ اُها اسڪرين آهي، جنهن مان ڪڏهن منهنجا ئي عڪس، مختلف اسڪرينس ۾ ڊي فوڪس ٿي ويا هئا. ميلاپ جي هن موڙ تي ٻيو ڪجهہ بہ ناهي، سواءِ هڪ انتهائي حيرت انگيز سُڪون جي. هڪ اهڙو سُڪون، جيڪو شايد جنت کي بہ، ست آسمان هيٺ ڇڏي آيو هجي...."

وڌيڪ ڪجهہ لکڻ ڪان پهرين، سندس نيڻن جي هنج ۾، پُرسڪون ننڊ جون واديون لهي آيون هيون... شايد وڌيڪ ڪجهہ لکڻ جي ضرورت ئي نہ رهي هئي.



حيدر زرياب جي هن وقت جيڪا پاڻ کي وڌ ۾ وڌ خوبي لڳي ٿي، اُها اِها آهي تہ سندس لکيل ڪهاڻيءَ ۾ ڪهاڻي ملي ٿي، جيڪا ڪيس پڙهندڙ تائين پهچائڻ سولي آهي. پاڻ نہ تہ اجايا لفظ خرچ ڪري ٿو ۽ لفاظيءَ ڪان توڙي ورجاءُ ڪان بچيل نظر اچي ٿو.

ڪهاڻيءَ جو مرڪزي خيال ڳولي لهڻ تہ سولو آهي، پر انهيءَ مرڪزي خيال کي ڪهاڻيءَ جي روپ ۾ آڻڻ ڏکيو ڪم بہ آهي. محنت طلب بہ آهي ۽ تخليق طلب ڪم بہ آهي. اڄڪلهہ جيڪي گهڻيون ٽڻيون ڪهاڻيون ڇپجن ٿيون، انهن ۾ اجايو مونجهارو پاتو ٿو وڃي يا وري نلهي نعري بازي، پر حيدر زرياب اُنهن ادبي عيبن ڪان آجو نظر اچي ٿو ۽ سندس مرڪزي خيال کي اعليٰ ڪهاڻي ملي ٿي ۽ هو بنا نعري جي ۽ بنا اجائي گوڙ جي ڪم جي ڳالهہ ڪري وڃي ٿو، جيڪا پڙهندڙ جي ذهن ۾ کُپي وڃي ٿي.

وڏيءَ ڇنڊڇاڻ ڪان پوءِ ڪهاڻي جي ڊيفينيشن اِها اچي بيني آهي تہ گهڻ پاسائين زندگيءَ جي ڪنهن پهلوءَ کي ائين ڳولي لهڻ يا Explore ڪرڻ کپي تہ جيئن اها هڪڙي پاسي پڙهندڙ جي Aesthetic sense کي وڃي ڇُهي تہ ٻئي پاسي پڙهندڙ جي ذهن ۾ ڪجهہ سوال ڇڏي وڃي. انهن سوالن جو حل ليکڪ نہ پر پڙهندڙ هٿڻ گهرجي، سو حيدر زرياب جون ڪهاڻيون بہ انهيءَ ڊيفينيشن تي پوريون لهن ٿيون. وٽس "داخل" ۽ "خارج" هڪ ٻئي لاءِ لازم و ملزم نظر اچن ٿا.

_ عبدالقادر جوڻيجو

(پيش لفظ، ص 8)



# پيائي

فقير محمد ڏول

صائمہ سان ڏيٺ ويٺ کا گهڻي پراڻي تہ نہ هئي ۽ نئي کا گهڻي نئين هئي. نوڪريءَ سانگي روز جو بس وارو سفر ساڻس ڏيٺ ويٺ جو سبب بڻيو هو. هڪٻئي کي دل ڏيئي ويناسين ۽ پيار ٿي ويو. پيار، جيڪو سمنڊ آهي. اسان اکيون ٻوٽي اُن سمنڊ جي گهرائيءَ ۾ لهندا وياسين ۽ اُن حد کي وڃي پهتاسين جتان واپسي ناممڪن هوندي آهي.

صائمہ رڳو منهنجو پيار نہ، پر منهنجو سهارو بہ هئي. هُن مون کي ان وقت سهارو ڏنو، جڏهن ابو مرحيات هن فاني جهان کان بقا ڏي روانو ٿي ويو هو. ابي کان پوءِ پوڙهي امڙ، چار ڀائر ۽ ٻہ ڀينرون منهنجي سانگي ها، ۽ تڏهن منهنجي حالت کا چڱي ڪانہ هئي. هڪڙو ڊپ منهنجي اندر ۾ گهر ڪري ويو هو، تہ هيءَ اُپ جيڏو وسيع جهان اُهو برده فروش آهي جيڪو فرشتن جهڙن معصوم ٻارڙن کي ٻُڪل وجهي، ميڻهن- واءُ تي ويندو آهي. مون ڀانيو تہ آءٌ بہ اهڙوئي معصوم ٻار آهيان، جنهن کي دنيا جو برده فروش، اجهو ٿو ٻُڪل وجهي اغوا ڪري. هونئن آءٌ ايڏو ننڍڙو بہ ڪونہ هئس. نوجوان هيس ۽ جواني منهنجي اڱڻ تي پير پري آئي بہ هئي، پر ڪن پل لاءِ. ابي مرحيات جي وفات ڪرڻ سان گڏ ئي مون واري جواني بہ وفات ڪري وئي هئي، ۽ هونئن بہ جواني اُنهن وٽ مهمان ٿيندي آهي، جن جا ڪُلها آجا هوندا آهن، نہ ڪي مون وانگي...

ابي مرحيات جي لاڏاڻي کان پوءِ گهڻن ئي مِٽن مائٽن جا چهرا اصل صورت ۾ سامهون آيا هئا، تہ منهنجو هانءُ ڦِسي پيو هو. امڙ ويچاري دلاسا تہ ڪوڙ ڏنا ها، پر ذهن جي پکيءَ کي سُڪون ڪونہ هو، ڦٿڪي ۾ هو. اِهي ئي اُهي ڏينهن هئا، جڏهن صائمہ منهنجي ڪُلهي تي هٿ رکيو هو ۽ سندس نرم نازڪ هٿ مون کي ڪائڻ لاءِ واجهائيندڙ حالتن جي وڏين اژگر ٻلائن جا وات بند ڪري ڇڏيا هئا. هُن حالتن جي طوفاني سمنڊ ۾ لُڙهندڙ هِن ڪَکَ کي ٽانيڪو ڪيو هو. مون کي سندس ٻاجهارين اکين ۾ آکيرو ملي ويو هو، سُڪون جو آکيرو.

اڄ بہ پنهنجي منهن ويهي سوچيندو آهيان تہ صائمہ مون ۾ ڇا ڏٺو هو جو سندس مَنُ مون جهڙي ماڻهوءَ تي موهت ٿي پيو هو. آءٌ قد جو ڊگهو، منهن بہ ڊگهو، رنگ جو سانورو، اکيون ذري گهٽ چُنجهيون، نڪ مڙئي نڪتل، وات اجايو وڏو، هلڪا شهپر- سي بہ مرضيءَ وارا آڏا اُبتا. چهرو سدائين موهيڙن جي ور چڙهيل، اهڙي عام ۽ سادي ماڻهوءَ کي هوءَ چري ڇوڪري دل ڏيئي ويٺي، جا پاڻ رنگ جي ڳوري چٽي، قد جي پوري، منهن موڪرو، اکيون وڏيون ڇيرويون، نڪ ڊگهو، چپ سنهڙا، وات ننڍو، وار ونگي، سينو ڀريل ۽ چيلهہ ايتري سنهي جڻ هئس ئي ڪانہ.

مون ڪيس سُتت ئي ٻُڌائي ڇڏيو هو: ”صائمہ! تو اهڙي ماڻهوءَ سان نينهن جو ناتو لاتو آهي، جنهن جا ڪُلها ڪرم جو ٻار ڍوئي رهيا آهن. پيار جي رشتي سان نباهہ جي سگهہ منجهن آهي ئي ڪانہ. هو دنيا جي ريتن رسمن ۽ ٻين

رشتن جي گپ ۾ گوڏن تائين گِڇي ويو آهي ۽ اهڙي حالت ۾ الائي ڪيئن زندگيءَ جي بار کي ريجهائي، وقت گذر ڪري رهيو آهي.“

تڏهن ڪنڌ هيٺ ڪري وراڻيو هئائين: ”آءٌ بہ گُذر ڪنديس.“

هُن جي جواب منهنجي من ۾ سندس لئہ اجا وڌيڪ احترام جو جذبو اُڀاريو هو ۽ مون کي مٿس - ڍِو پيار آيو هو. مون گهڻ دير تائين سندس چهري ۾ چِتائي نهاريو هو ۽ چاهيو هيم تہ سندس چهرو هٿن جي پيالي ۾ اوتي چپن تي چاڙهي ڇڏيان، پر سوچيم تہ اِها پيار سان بيائي ٿيندي. ساڳي گهڙي ئي دل اندران آواز اُڀريو هيو: ’پيار بہ تہ تنهنجو آهي نہ!‘

۽ مون دل کي جواب ڏنو هو: ’پيار تہ خدا آهي ۽ خدا سان بيائي ڪرڻ نيڪ ناهي.‘

صائمہ مون کي وجايل ڏسي منهنجي منهن تڪيندي پڇيو هو: ”آصف! تو جواب ڪونہ ڏنو؟“

مون ٿڌو ساهہ کڻندي چيو هو: ”صائمہ! آءٌ نٿو چاهيان تہ منهنجي نصيب جا عذاب ڪو پيو پوگي. آءٌ پنهنجي هٿ لڪيرن کي تنهنجي هٿ لڪيرن سان جوڙ ڪٽ يا ضرب وند ڪرڻ نٿو چاهيان.“ ۽ هوءَ منهنجو جواب ٻُڌڻ کان پوءِ ڪا دير مون ۾ ٽڪيندي رهي هئي.

تڏهن منهنجي دل وري مون سان ڳالهايو هو: ’تون منهنجو پيار مون کان کسڻ ٿو چاهين ۽ مون کي هميشہ لاءِ عذابن جي سمنڊ ۾ لوڙهي، ٻوڙي ڇڏڻ ٿو چاهين. تون رڳو دماغ جا فيصلا ٿو مڃين ۽ مون کي ڪنگهين ئي ڪونہ ٿو. شايد ان ڪري تہ آءٌ ’ويچاري‘ آهيان، اِتي بہ مذڪر کي مؤنث تي برتري آهي.‘ دل مسلسل ڳالهائي رهي هئي: ’تون منهنجي معصوم جذبن کي پيرن هيٺان چِٿي ڇڏڻ ٿو چاهين.‘ ۽ پوءِ دل جا سڏڪا هئا. اهڙا سڏڪا، جيڪي مور کان سواءِ ڪنهن ٻئي نٿي ٻُڌا ۽ ساڳئي سمئہ منهنجي اندر جي اکين مان ڳوڙها ڳڙي پيا، جيڪي پڻ ڪنهن بہ نہ ڏٺا.

اوچتو صائمہ ڳالهايو: ”آصف توئي تہ مون کي پنهنجو سهارو ڪوٺيو هو، پوءِ ڇا منهنجو ايترو بہ حق ڪونهي جو آءٌ توسان تنهنجو سڀ ڪجهہ شيئر ڪري سگهان.“ سندس چهري تي ڏک جا پاڇا لڙي آيا هئا ۽ لهجي ۾ ميار جو خنجر- ۽ آءٌ چئڻ هنڌان هنڌان وڍجي ويس.

”صائمہ! ڪڏهن ڪڏهن ٻڏندڙ کي بچائيندڙ ٻُوڙا پاڻ بہ ٻُڏي ويندا آهن،“ مون ڏُور خلائن ۾ گهوريندي چيو هو.

”پر ڪڏهن ڪڏهن اُهي نازڪ ٻُوڙا پاڻ سان گڏ ٻُڏندڙ کي بہ بچائي وٺندا آهن،“ صائمہ وراڻيو هو. سندس لهجي ۾ حوصلو سلامت هو.

”پر صائمہ! اِها ’ڪڏهن ڪڏهن‘ ئي ڪڏهن ڪڏهن ڳچيءَ ۾ پئجي ويندي آهي.“

”مون کي خدا تي ڀروسو آهي،“ صائمہ ويتر بلند حوصلي سان چيو.

”پلا مون رب جي رحمت کان ڪڏهن انڪار ڪيو آهي. آءٌ تہ صرف خدا جو مون کان ورتل امتحان پنهنجي محنت سان پاس ڪرڻ ٿو چاهيان. بنا ڪنهن سهاري جي،“ مون روئڻهارڪي لهجي ۾ چيو هو. مون کي لڳو تہ منهنجي اکين ۾ پاڻي تري آيو هو ۽ شايد صائمہ جي لڙڪن جو درياءَ بہ نيڻن جي ڇپرن کي پائڻ لڳو هو، جو هوءَ وڌيڪ ڪجهہ ڪُڇڻ بنا اٿي تڪڙي تڪڙي هلي وئي هئي. آءٌ ڪيس نهاريندو رهيو هئس ۽ نيٺ هوءَ نظرن جي چيچ کان ڇڏائجي، ماڻهن جي ميلي ۾ وڃائجي وئي هئي.

ڪي ئي ڏينهن لنگهي ويا، پر هوءَ ملڻ نہ آئي هئي. سي ڏينهن دلڙي ويچاري لُڇندي پڇندي رهي هئي ۽ ايلاز ڪندي رهي: ’مون سان ايڏو ڪِيس نہ ڪر، مون کي اڪيلائيءَ جي بگهڙ آڏو نہ اُڇل- خدارا مون کي جدائيءَ جي جهان ۾ نہ موڪل.‘ ۽ نيٺ سندس ايلازن مون کي گوڏا کوڙايا هئا ۽ پوءِ مون فيصلو ڪيو هو تہ صائمہ کي دنيا جي درياءَ ۾ زندگيءَ جي ٻيڙيءَ تي ساڻ کڻبو، من حالتن جي طوفان مان پار پئجي وڃون.

۽ پوءِ هوءَ مون سان آخري ڀيرو ملڻ آئي هئي. مون ڏٺو تہ سندس چهرو لٿل هو، وار وکريل هئس ۽ اکين ۾ رات جي اونداهہ جو واسو هو. ائين لڳم ڄڻ زندگيءَ جي گاڏي ڪيس روڊ تي بيٺل ڇڏي هلي ويئي هجي ۽ هن بہ ڪيس بيهڻ لاءِ اشارو ڪونہ ڪيو هو. سندس ڪنڌ جهُڪيل هو ۽ نظرون شايد زمين جي تهن کي آرپار ڪري چڪيون هيون. تڏهن مون سوچيو: جڏهن آءٌ ڪيس ٻڌائيندس تہ مون تنهنجي حق ۾ فيصلو ڪيو آهي ۽ باقي زندگي پاڻ گڏجي گذاريندا سين، آءٌ پنهنجا ڏک سُور توسان شيئر ڪندس ۽ پنهنجون هٿ لڪيرون تنهنجين هٿ لڪيرن سان جوڙ ڪٽ-ضرب وند ڪندس؛ تڏهن مون خيالن ۾ ئي محسوس ڪيو تہ اِهو ٻُڌڻ کان پوءِ صائمہ جي مُنهن تي مُرڪ جو مور رقص ڪندو ۽ سندس اکين مان رات جي اونداهہ ترڪجي ويندي ۽ زندگيءَ جي روشني ٽِمڪي پوندي.

”آصف!“ صائمہ ڳالهايو هو.

”هون...“ مون خيالن جي ٻاڪرن مان پنهنجو ذهن آجو ڪرايو.

”آصف، منهنجي زندگيءَ جو ٿر تنهنجي ’ها‘ جي بادلن جو وسڪارو ٿو گهري،“ صائمہ اندر جي اونهائين مان ڳالهايو. سندس لهجي ۾ ٻوڙيان پساهہ کڻندڙ اُميد ڦٿڪي رهي هئي.

آءٌ اندر ئي اندر ڏاڍو خوش هيس، جو مون ڄاتو ٿي تہ منهنجو فيصلو سندس مرندڙ اُميد ۾ نئون روح ڦوڪي ڇڏيندو.

”آصف، تون نٿو ڄاڻين تہ منهنجي من ۾ ڪهڙو ماتم مچل آهي،“ صائمہ ڀريل لهجي ۾ چيو.

مون سوچيو منهنجو جواب ٻُڌڻ کان پوءِ سندس من جو ماتم، خوشيءَ جي شادمانن ۾ مٽجي ويندو.

”آصف، تنهنجي خاموشي ٻُڌائي ٿي تہ تنهنجو جواب ڇاهي،“ صائمہ ائين چيو ڄڻ سندس هٿن مان صبر جو پلاند ڇڏائجي ويو هجي.

”صائمہ ضروري ناهي تہ خاموشيءَ جو مطلب اُهوئي هجي، جيڪو تون ٿئي سمجهين.“ مون سندس چهري ۾ ڇتائي مُرڪندي چيو. مون ڏٺو تہ منهنجي چهري تي آيل مُرڪ ڏسي سندس اونداهين اکين ۾ روشنيءَ جا ڪِرڻا ڪر موڙڻ لڳا هئا.

”آصف ڇَئہ، مون سان شادي ڪندين نہ!“ سندس لهجو رحم طلب ۽ آسائتو هو. مون سندس ڇپن جي ڪنڊن تي مُرڪن جي ٻوٽڻ کي اُڏامندي ڏٺو ۽ شرم کان سندس ڳلن تي مِڙي آيل ڳاڙهاڻ، شفق جي ڳاڙهاڻ کي بہ شرمائي وڌو هو.

”آصف، مون سان شادي ڪندين نہ؟“ صائمہ ٻيهر پڇيو هو ۽ تڏهن ’شاديءَ‘ جي اکر سان منهنجي ذهن تي ابي مرحيات جي موڪلاڻيءَ واري صورت اُڀري آئي هئي ۽ سندس آواز ڪنن ۾ ٻُرڻ لڳو هو:

”ابا آصف! تون وڏو آهين، وڏي نظر ڪجئين. هي تنهنجي پوڙهي امڙ ۽ ننڍڙا ڀائر ڀينر الله جي آسري ۽ تنهنجي سانگي ڇڏيو ٿو وڃان. ٻيلي هنن جي پارت هُجئي. پَرَ، هنن کي اڌ راهہ ۾ رولي نہ ڇڏجئين.“ ۽ ابي مرحيات جو آواز هيڪر... ٻيهر... ٽيهر... ۽ پوءِ گهڙيءَ گهڙيءَ ٻُرندو رهيو.

مون کي ڏپ ورائي ويو. منهنجو ڪيل فيصلو مون کي ابي مرحيات جي آوازن ۾ گم ٿيندڙ محسوس ٿيو. اوچتو صائمہ جو آواز ٻُڌم، هن وري جواب پڇيو هو:

’.....‘ جواب ڪونہ ڏيئي سگهيس.

’.....‘ وري بہ ڪجهہ ڪونہ ڪُڇي سگهيس.

۽ پوءِ مون ڪيس جواب ڏيئي ڇڏيو. سندس اُميد جا پساهہ پورا ٿي ويا ۽ هوءَ روئندي ماتم ڪندي هلي وئي.



# ٻه مختصر ڪهاڻيون

پير عُبيد راشدي

## ڪنگهڻ

ڏکي عرصي کان پوءِ دل گهرئي دوست موبائل تي ڳالهايو. ٿورو ئي ڳالهايائين ته کنگهه وٺيو تي ويس ۽ ڳالهائڻ جو تسلسل ٽٽي تي پيو.

"کنگهه تي پيئي آ ڇا؟" مون پڇيو.

"گهرواري پاڇي سان لونگي مرچ پئي ٽري، مرچن جي ڪڙاڻ کنگهائي پيئي،" دوست وراڻيو.

"شڪر ٿيو جو پاڇائي لونگي مرچ پيئي تري، هونئن مرچن جو ٻيو به ڪارج آهي،" ٺهڪ ڏيندي ڳالهايم. پسمنظر ۾ ڪيس گهرواريءَ کي رنڌڻي جو در بند ڪرڻ ۽ ايگزاسٽ فين هلائڻ جو ٻڌم.

"بيگمون مرچ ناهين يا نه، پر سندن زبانون مردن کي کنگهائيو ڇڏين."

"ٻيو حال احوال، ڪا خبر؟"

"سڀ خير آ. ڪڏهن ايندين؟"

"آچر شام." دل گهرئي دوست کنگهندي وراڻيو.

"ادا، تنهنجي مهرباني جو کنگهين ته پيو، ٻيا يار ته کنگهن ئي ڪونه. آءٌ فون ڪريان ته واهه، نه ته ڪارڊ منو ڪندا. بلڪ ڪڏهن ڪڏهن موبائل جي اسڪرين تي منهنجو نالو ڏسي ريسپانس ئي ڪونه ڏين."

*

## ائڊوانس چينل

"پوري سمر وئڪيشن ڪراچي ۾ گذاريئي...؟" هڪ سَرتي مُرڪندي ٻيءَ کان پڇيو.

"چو نه! پورو سال اسڪول ۾ ٻارڙن سان متو تو هٽڻو پوي، ڪجهه ته رليڪس به ٿجي." ٻي سَرتيءَ ڊريسنگ آڏو وارن ۾ برش ڪندي پڇيو:

"ڪٿي ڪٿي گهمينءَ؟"

"ڪوزي، واٽر پارڪ جا سوئمنگ پول ۽ جهولا، ڪي.ايف.سي. ۽ شام لڙيءَ سي.ويو ۽ هاڪس بي جي هوائن ۾. هڪ شام سمنڊ ڪناري سپون ڪوڏ ميڙيندي تيز مينهن اچي نڪاءُ ڪيو. عجيب گهڙي هئي." سَرتي چڻ سار جي چوهه چولين ۾ لُڙهيل هئي.

"برهه جي بوند سڀ ۾ رنگ رچايا هوندا ۽ من تن آنوڻ پانوڻ ٿيو هوندو!" سَرتيءَ نيڻ چمڪائيندي پڇيو.

"ڪهڙي ڳالهه ڪريان، سڄي وئڪيشن سٺي گذري، پر ٽي.وي ڊش کان محروم رهيس."

"چو؟"

"خراب ٿي پئي هئي، سُستي پئي ٿي."

"پر توکي ٽي.وي ڊش جي ضرورت به ڪهڙي هئي؟"

"چو هيترا ڊراما مِس ٿي ويا جو..."

"تو جڏهن هار سينگار ڪري ٽيرس ۾ پسار ڪيا هوندا، تڏهن تون پاڻ ڪنهن ائڊوانس چينل جي سيريئل جو رنگ ٿي پئي هوندينءَ."

چوڪري علينا کي ڇڏي ٻي ڇوڪريءَ سان شادي ڪئي تہ
هوءَ پاڻ موهن جو دڙو ٿي پيئي هئي.

علينا مقصود کي ٻڌايو هو: "ان مهل مون کي لڳو تہ مان آربٽ مان نڪري خلا ۾ اچي ويئي آهيان. هن جي بيوفائيءَ مون کي خسيس بڻائي ڇڏيو ۽ مون واعدو ڪيو تہ هاڻي پيار ختم ۽ راند شروع. بس ان ڪان پوءِ راند ڪيڏي رهي آهيان. ڪيڏان ٿي، ڪڏهن هو منهنجي آڏو ليلائن ٿا، مان ڪين اڃا وڌيڪ تڙپائي پنهنجو ڪريان ٿي ۽ پنهنجي مرضيءَ تي ڪين ڇڏي ٿي ڏيان. ڪجهہ سال اڳ هڪ نوجوان مون تي عاشق ٿي پيو. مان بہ نئين ٽيچر ٿي هيس. هو بہ ليلڙائيون پائيندو هو. پر سچ پڇين تہ هن سان منهنجو پيار ٿي ويو هو. خبر ٿئي ٿي چو؟"

مقصود انڪار ۾ ڪنڌ ڌوڻيو تہ هن چيو:

"هُو بہ منهنجي پهرئين پيار جيان ساڳي براند جو سگريٽ ڇڪيندو هو. خوشبو بہ ساڳي لڳائيندو هو. مون ساڻس شادي ڪئي. هو ڪجهہ عرصو تہ نيڪ رهيو پر جڏهن مرد بڻجي مون تي حڪم هلائڻ لڳو تہ مون ڪيس خدا حافظ چيو. پوءِ هن جهڙا گهڻا مرد منهنجي زندگيءَ ۾ آيا، پر منهنجي زخمي وجود تي ڦها رکڻ واري پيار جي اُها پهرين خوشبو نہ ملي."

علينا هڪ دفعي جڏهن مقصود سان ملي هئي تہ معمول جي ابتڙ اداس هئي. هُن جڏهن ڪانئس اداسيءَ جو سبب پڇيو، تہ هن چيو:

"مون کي بہ ڌيئر آهن، اُنهن جو فڪر ماري ٿو. مان نٿي چاهيان تہ اُهي مون جهڙيون ٿين. مون کي خبر آهي تہ ماڻهو منهنجي جسم کي تہ حاصل ڪرڻ چاهين ٿا پر منهنجي روح جي پاڪيزگيءَ کي نٿا ڳهُرن. مان پنهنجن ڌيئرن لاءِ اهو سڀ نٿي چاهيان." هوءَ ڏکوئجي ويئي هئي.

ان ڪان پوءِ مقصود سي.ايس.ايس ڪري ڪسٽم آفيسر ٿي ويو ۽ ڪيس اهو شهر ڇڏڻو پيو. پر ڪيس علينا جون خبرون ملنديون رهنديون رهيون. ڪيس هڪ خبر ملي تہ:

علينا نئين شادي رچائي آهي. ان خبر ڪان پوءِ ڪا خبر نہ ملي. هُو بہ پنهنجن ڪمن ڪارين ۾ مشغول ٿي ويو. اخبار ۾ خبر آئي تہ: "ريڊيو جي مشهور ڪمپيئر ۽ صداڪار علينا جو غلط آپريشن.... ڊاڪٽر تي ڪيس داخل."

مقصود پنهنجي پوزيشن کي استعمال ڪندي جاچ ڪرائي تہ اصل معاملو ڇا آهي؟ ڪيس ٻڌايو ويو تہ آپريشن غلط نہ ڪيو ويو آهي. پر جيئن تہ مريضہ کي اوئري ۾ ڪينسر آهي، تنهنڪري مڪمل صحتياب ٿي نٿي سگهي.

مقصود ان ويران شام جو اڪيلو اڪيلو سمنڊ ڪناري وچي سج لهڻ جو منظر ڏسندو رهيو هو. اڄ علينا کيس نياپو ڪيو هو: "مون سان ملي وڃ."

سگريٽ جو ڦُلو مقصود جي آڱرين کي ڇهڻ لڳو تہ سگريٽ کي اُڇلي گيٽ مان اندر داخل ٿيو. ڪاريڊور مان مريضن ۽ سندن ملڻن جي ڀيهہ مان اڳتي نڪرندو آنڪالاجي وارڊ پهچي ان بيڊن وارو وارڊ گهمي آيو، پر ڪيس ڪٿي بہ علينا نظر نہ آئي. موٽي اچي هُن نرس کان علينا جي باري ۾ پڇيو، تہ هن هڪ بستري ڏانهن اشارو ڪيو، جتي پهچي هڪ هڏين جي مُٺ جسم کي ڏسي هن کي ڏاڍو ڏک ٿيو. علينا اکيون بند ڪري ليٽيل هئي. هُن جو چهرو مرجهائجي چڪو هو. مٿي تي رومال ويڙهيل هيس. مقصود پنهنجو هٿ هُن جي هٿ تي رکيو تہ علينا اکيون کوليندي چيو:

"چڱو ٿيو جو توهان آيا. مون کي هڪ ڳالهہ چوڻي هئي. مون جيڪا زندگي گذاري آهي، جڏهن مان اُن تي نگاهہ وجهي ڏسان ٿي تہ محسوس ٿئي ٿو تہ مان غلط هيس. اها زندگيءَ جي نانءُ تي ننگي هئي. پاڻ سان فراڊ هو. منهنجي قبر کي بہ نانءُ ئي رهڻ ڏجو."

هوءَ روئڻ لڳي. مقصود هُن جي هٿ کي هلڪو زور ڏنو. علينا سُڏڪندي چيو: "منهنجي هڪ گذارش آهي تہ منهنجي ننڍي ڌيءَ کي توهان پاڻ وٽ رکو."

مقصود حيرانيءَ مان علينا کي ڏسندي چيو: "مان ڪيئن ٿو رکي سگهان... نيڪ آهي، مون شادي نہ ڪئي آهي... مون کي ڪو روڪڻ وارو ناهي، پر مان ڪنهن ٻئي جي ٻار کي پاڻ وٽ ڪيئن رکي سگهندس."

علينا روئندي نگاهہ ٻئي طرف ڦيريندي چيو:

"مون هڪ حُجت ڪئي آهي، مقصود! مون هُن جي پيءُ جي نالي ۾ توهان جو نالو لکايو آهي. مون کي سڄي دنيا ۾ هڪ ماڻهوءَ تي ڀروسو آهي، اُهي اوهان ئي آهيو. پليز، منهنجي ڳالهہ مڃجو. مان توهان کي پيرين ٿي پوان پليز... اُٿي نٿي سگهان.... ڊاڪٽرن منهنجا پير ڪٽي ڇڏيا آهن..." هن روئندي مقصود آڏو پنهنجا ٽُڪل هٿ ٻڌا. مقصود هن جا ٽڙڪندڙ هٿ پنهنجن هٿن ۾ ائين سمائي ڇڏيا، جيئن پيار جو پهريون خط ڪنهن خوشبوءَ ٻُڌل لفافي ۾ سمائجي ويندو آهي ۽ پوءِ ڏکويل دل، آلين اکين ۽ هڪ نئين جوابداريءَ سان وارڊ مان نڪري ويو.

# جن ريءَ ساعت نہ سھان

## - حميد سنڌيءَ سان ڳالھہ ٻولھہ-

(ريڊيو انٽرويو)



عرفان انصاري

**انعام**: سائين! توهان "ساهتي" علائقي سان تعلق رکو ٿا، جيڪو پنهنجي علمي، ادبي، ثقافتي، تعليمي ۽ سماجي جاڳرتا جي پس منظر جي ڪري تمام گھڻو مشهور آهي. جتي وڏيون وڏيون علمي ۽ سماجي هستيون پيدا ٿيون ۽ وڏا وڏا ادارا قائم ٿيا. تہ توهان اسان کي ٻڌايو تہ اوهان جي ننڍپڻ ۾ اُن وقت ڪهڙي قسم جو ماحول هو ۽ جنهن ماحول ۾ اوهان اک کولي تہ اُن ماحول جا اوهان تي ڪهڙا اثر پيا؟

**حميد سنڌي**: اڌا، اوهان بلڪل درست فرمايو، اُن "ساهتي" علائقي جي مرڪزي شهر سان منهنجو تعلق آهي. نوشهري فيروز جي ميمڻ "سينين" جي گهراڻي کي هڪ خاص عزت جي نظر سان ڏٺو ويندو آهي، جيڪي "سينيون" سڏبا آهن. اُنهن جو بنيادي طرح واپار سان تعلق هو ۽ اُنهن جون واپاري ڪوٺيون هونديون هيون ۽ ٻاهر بمبي ۽ دهليءَ تائين اَناج (ڇانور ۽ ٻيون جنسون) موڪليندا هئا. منهنجي ڏاڏي عبدالحميد جي گذارڻ کان پوءِ، مهاڀاري لڙائيءَ کان پوءِ هن خاندان جو تجارتي زوال آيو، تنهن جي ڪري گهر ۾ مالي طرح "سان جهَڪائي پيدا ٿي. اسين سڀ هڪ وڏي حويليءَ ۾ رهندا هئاسين. پهرين تہ اِهي سينيون ميمڻ اِيڏا تہ وڏا ماڻهو هئا ۽ اها اُن زماني جي روايت هئي جو اُهي ڪٽن تي ويهندا هئا ۽ ٻيا ميمڻ ۽ ڪاسبي هوندا هئا، جيڪي آسپاس ۾ رهندا هئا ۽ اُهي هنن جا ڪم ڪار ڪندڙ 'ڪامي' هئا، سي مَنجين تي اچي ويهندا هئا. پوءِ اُهو زمانو بدلجي ويو. اصل ۾ بابي جا سؤٽ وغيره سڀ پاڻ ۾ گڏجي ويا هئا ۽ هڪڙي "وڏي فيملي" نهي وئي، جنهن جو خرچ وغيره بہ گڏيل هوندو هو. بابي جا 5 ڏاڏا هئا، يعني پاڻ ۾ 5 ڀائر هئا ۽ پنجن جائي 'پورشن' نهيل هئا، جن جي آڏو وسيع ورانڊا نهيل هئا. ان ـ فيملي ۾ اسان ڪٺهن بہ جهيڙو جهٽو نہ ڏٺو. هر فرد نهايت ساز سلوڪت سان پنهنجي پورهئي کي لڳو پيو هوندو هو. اُن زماني ۾ ايمانداراڻہ پورهئي جو جيڪو تصور هو تنهن منهنجي زندگي تي گهرو اثر ڇڏيو ۽ مون سڄي زندگي پورهيو ڪيو. مزدوري کي عيب نہ سمجهيم. ابتدا ۾، ڪنهن زماني ۾ ريتي بجريءَ جو بہ ڪم ڪيم. ڪوئلي جون گلاڻيون وڪيم. بعد ۾، توڙي جو منهنجو پيءُ ڊپٽي ڪليڪٽر هو، پر جيئن تہ آکهہ ايتري هئي جو خرچ پکي ۾ بعضي ڏکيائي بہ پيش ايندي هئي.

**سوال**: سائين! اوهان جو تعلق هڪ واپاري خاندان سان هو تہ پوءِ اوهان جو تعليم ۽ ادب ڏانهن رجحان ڪيئن ٿيو؟

**جواب**: مان عرض ڪريان تہ جتي رهندا هئاسين اُتي هڪڙو مدرسو هوندو هو، جنهن ۾ مون کي داخل ڪيو ويو، جتي آءٌ پاڻ ويندو هئس ۽ ان طرح تعليم سان شوق وڌيو.

**سوال**: سائين، توهان کي گهر جي ڪهڙي پلتيءَ داخل ڪرايو؟

**جواب**: منهنجي بابي جو سؤٽ ڏاڏو عبدالغني، جيڪو سڄي گهر جو ڪم ڪار بہ سنڀاليندو هو، زميند‌اري بہ ڪندو هو، گهر جو خرچ بہ پاڻ هلائيندو هو. باقي فرد نوڪريون وغيره ڪندا، جهڙوڪ: بابو پهريائين روينيو ۾ ڪلارڪ ڀرتي ٿيو ۽ بعد ۾ هيڊ منشي ۽ مختيارڪار ٿيو ۽ پوءِ ترقيون ماڻي اڳتي وڌيو. بابي جا ٻيا سؤٽ وغيره بہ نوڪرين ۾ هوندا هئا. ڪو ڪلارڪ هو تہ ڪو وري مختيارڪار ٿيو. اُن زماني ۾ تہ راشننگ ڪلتو هوندو هو، جنهن ۾ وڃي ڪي ڪلارڪ ٿيا، تہ انهن

پورهيا ڪري فيمليءَ کي بحرانن مان ڪڍيو. منهنجي والده مون کي ٻڌائيندي هئي ته ڏڪيلائيءَ جي ڪنهن زماني ۾ هُنن کي سال ۾ صرف هڪڙو وڳو ملندو هو، پر ٻاهر ايڏي خوشدلي ظاهر ڪندا هئا جو محسوس ئي نه ٿيندو هو. مهمان ڪو ايندو هو ته اُن کي ڏاڍي سٺي ماني، ٻُسريون ۽ مکڻ ڏيندا هئا ۽ جڏهن اسان اندر ويندا هئاسين ته اسان کي ڏڌ ۽ ماني ملندي هئي. مال پنهنجو هوندو هو، جنهن جي ڪري ڏڌ وڏين چاڏين ۾ نهندو هو. سو مدرسي کان پوءِ ٻلبي جي نوڪري سانگي اسان پهتاسين جوهي ۽ جوهيءَ کان پوءِ اسان پهتاسين ڳڙهي خيري ۽ پوءِ جيڪب آباد. ان زماني ۾ ورهاڱو ٿيو 1947ع ۾، تنهن کان پوءِ 1947ع جي آخر ۾ يا 1948ع ۾ اسين شڪارپور آيا آهيون. اُتي پرائمري تعليم مون مڪمل ڪئي. جماڻي هال جي سامهون پرائمري اسڪول هوندو هو. انگريزي پڙهڻ لاءِ اڪيڊمي سڏبي هئي، تنهن جو هڪڙو سيڪشن هوندو هو، تنهن ۾ آءٌ ٻه ٽي درجا پڙهيس. وري اچي نوشهري ۾ پڙهيس، جتي جو مدرسو وڏو تعليمي ادارو هو، جتي وسيع تعليمي ماحول مليو. تنهن کان پوءِ دادوءَ ۾. مان سمجهان ٿو ته سنڌ جي لوئر پارٽ ۾ مان گهٽ رهيو آهيان، پر جڏهن اسان لوئر پارٽ ۾ آيا آهيون ته هتي حيدرآباد ۾ مون مئٽرڪ ڪئي. ان کان پوءِ سڄي تعليم سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ اتي ئي ٿي. تعليم سان ان ڪري چاهه رهيو جو مختلف هنڌن تي استاد سُٺا مليا، جيڪي تمام محنت سان پڙهائيندا هئا. تن مان ڪيترن جو ته مون پنهنجن ڪهاڻين ۾ ذڪر به ڪيو آهي. مثال طور ”مٺوءَ جي ڪهاڻي“ ۾ مون استادن جي زندگيءَ بابت ٻڌايو آهي.

**سوال**: سائين! اڄ طارق عالم به اسان سان هن انٽرويو ۾ گڏ آهي، اُهو به اوهان سان به چار ڳالهيون ڪرڻ گهرندو ۽ اهڙيءَ طرح سلسلو پيو هلندو.

(ادا طارق اسان کان پري ناهي، اسان جي دل ۾ آهي- ها سائين!)

**طارق**: حميد صاحب سان اسان گفتگو جي شروعات ڪئي آهي سندس ٻالجتيءَ کان، ته سائينءَ جي ڪهاڻين ۾ ”ٻار“ به ڪردار هوندو آهي ۽ اُهو ڏاڍو ڀرپور ۽ ڏاڍو خوبصورت رهيو آهي. ته اوهان جون اُهي ڪهاڻيون به پڙهيون اٿئون ۽ اوهان جي ڪهاڻين ۾ جيڪا سادگي ۽



سچائي هوندي آهي، اُها ڪمال جي هوندي آهي. ڪوبه ڪهاڻي پڙهندو ته ان کي محسوس ٿيندو ته هن ڪهاڻي جي هڪ ابتدا آهي، هڪڙو Climax آهي ۽ ان جي End آهي. مطلب ته هڪ مڪمل ڪهاڻي ماڻهو پڙهندو آهي. انهيءَ ڪهاڻيءَ ۾ ”ٻار“ جو ڪردار تمام گهڻو ”سُچي“ هوندو آهي ته سائين! ڇا اُهو ڪردار اوهان تصوراتي طور تي ٺاهيندا آهيو يا اُهو ڪو ”ريئل“ هوندو آهي.

**حميد**: مان عرض ڪريان ته ننڍپڻ ۾ مان گهٽين ۾ کيڏندو رهيو آهيان. نوشهري جي گرمين ۾ به راند گهٽين ۾ کيڏي سين ته انهيءَ ماحول ۾ ۽ اُن معاشري ۾ ڪجهه اهڙن ڪردارن سان لهه وچڙ ٿي جو اُهي ذهن جي ڦرهي تي ڄمي رهيا، جن سان معاشري ۾ عام طرح اوچ نيچ وارو مت ڀيد اختيار ڪيو ويو هو يا جن سان سماجي ناانصافي ٿي. جهڙيءَ طرح حاويليءَ جو ورهاڱو آهي، ان ۾ ”وِيريون“ ڪهاڻي يادگار ڪهاڻي آهي. حاويليءَ جي پٺ سان هڪ ڪجي جو وڻ آهي، جيڪو دربان جي ناليءَ سان آهي ته اهي سڀ ڳالهيون سچيون آهن ۽ هڪ ماحول جون پيداوار آهن.

# ليک




ٻئي ڏينهن همت ٻڌي بندر روڊ تي اين.جي.وي هاءِ اسڪول ۾ ساڳي آفيس ۾ آيس. جهاتي پائي ڏٺم ته سنڌي ادبي بورڊ جي آفيس ۾ ٻه ٽي ڄڻا ويٺا هئا ۽ ڳالهين ۾ مصروف هئا. ان دوران وراندي ۾ هڪ لانگهائوءَ ڪان پڇيم ته اندر آفيس ۾ جيڪو مکيه ڪرسيءَ تي ويٺو آهي، سو ڪير آهي؟ هن ٻڌايو ته لالچند امر ڏنومل جڳتياڻي آهي. ڪاڪو لالچند ڪڻڪ رنگو هو. مٿي تي ٿوري گنج ۽ لباس نارنگي ڪاڏيءَ جو. قد جو اندازو ڪيم ته هو ڊگهو هو. عمر سٺ ڪان شايد مٿي.

مان در وٽ رکيل بينچ تي ٿي وينس ۽ انتظار ڪرڻ لڳس ته ڪاڪو اڪيلو ٿئي ته اندر وڃان. نيٺ اڌ ڪلاڪ ڪان پوءِ ملاقاتي ٻاهر نڪتا. مان هٻڪندو دل جي تيز ڌڙڪڻ سان اندر گهڙيس. هُن مون کي ڏٺو ۽ چپن تي مُرڪ آڻي، اٿي بيهي مون سان هٿ ملايائين.

منهنجا سڀ انديشا ۽ وهم غائب ٿي ويا. منهنجي همت کي هالار جبل جي ٽيڪ ملي ويئي ۽ خود اعتمادي پيدا ٿي.

”پٽ! ويهه“، هن پنهنجائيءَ مان چيو ۽ هن جي اها پنهنجائي سارو وقت قائم رهي. هو ويٺو ته مان به ويهي رهيس.

”پٽ! ڪيئن آيا آهيو؟“

”سائين! هيءَ ڪهاڻي لکي اٿم، چاهيان ٿو ته ”مهراڻ“ رسالي ۾ ڇپجي. هيءَ منهنجي پهرين ڪهاڻي آهي.“

”مون کي ڏي ته مان هينئر ئي پڙهي ٿو وٺان ته ڪيتري قدر ”مهراڻ“ جي معيار وٽان آهي.“ مون ڪهاڻي هُن ڏي وڌائي. هُو پڙهڻ لڳو ۽ مان اميد ۽ انتظار مان نهاريندو رهيس. هن ڪهاڻي پڙهي پوري ڪئي. منهنجي دل تهائين وڌيڪ زور سان ڌڙڪڻ لڳي.

هن نتيجو ٻڌايو.

”تنهنجي هيءَ ڪهاڻي ”مهراڻ“ ۾ ڇپجڻ جهڙي آهي ۽ ايندڙ پرچي ۾ ڇپبي. مناسب ڪهاڻي آهي ۽ مون کي اميد آهي ته آئينده وڌيڪ محنت سان اجان به سٺيون ڪهاڻيون لکي سگهندين. هن ڪهاڻيءَ ۾ ٿوريون فني ڪچايون آهن، پر وڌيڪ ڌيان سان اهڙيون ڪچايون دور ٿي وينديون. تنهنجي هن ڪهاڻيءَ جي خاص خوبي اِها آهي ته ان ۾ تو نج سنڌي ٻولي ڪتب آندي آهي. مون ڏٺو آهي ته سنڌي ليکڪ جڏهن پهرين ڪراچي يا ٻين وڏن شهرن ۾ ايندا آهن، تڏهن شروعات ۾ هُنن جي لکڻين ۾ سنڌي ٻولي نج هوندي آهي، پر ڪجهه عرصو شهرن ۾ رهڻ ڪان پوءِ هُنن جي ٻوليءَ ۾ اها خوبي نه رهندي آهي. ان ڪري مان تنهنجو ڌيان خاص ڪري ان طرف ڇڪايان ٿو. منهنجي ان ڳالهه کي نه وسارجانءِ.“

”سائين! مان توهان جي اها نصيحت ڪڏهن به ڪونه وساريندس“، ۽ مون ڪاڪي لالچند امرڏني مل جي اها نصيحت اڄ ڏينهن تائين نظرانداز نه ڪئي آهي.

— نجم عباسي

(”دل وارن جي دنيا“، ص 238/237)

مرتب: يوسف سنڌي

سنڌي ادبي بورڊ، 2008ع



# سي مري ٿين نہ مات

ڊاڪٽر سحرامداد حسيني

گراهم اشر (Graham usher) بي بيءَ جي شهادت جي پٺيان ڏينهن 28- ڊسمبر 2007ع تي پنهنجي هڪ ليک ۾ لکيو هو:

**"Murder of Bhutto is death of a dream!"**

مون اهو ليک هيئنر ذري گهٽ سال کان پوءِ پڙهيو ۽ عجب ٿيم تہ مون پنهنجي هڪ نظم ۾ شهيد راڻي بينظير ڀٽو کي "سپني" سان تعبير ڪيو هو. هڪ اهڙي سپني سان، جيڪو مري نٿو سگهي. ان نظم جو آخري بند آهي:

**"هوءَ سپنو هئي، هوءَ سپنو آ**
**هوءَ تنهنجو منهنجو سپنو آ**
**گوليءَ سان يا بم گولي سان**
**تون ۽ آءٌ مري ويندا سين**
**پر تنهنجو سپنو**
**منهنجو سپنو**
**پنهنجو سپنو**
**سو سپنو مُور نہ مرڻو آ**
**سو سپنو مُور نہ مرڻو آ!"**

هوءَ جا پنهنجي عوام لاءِ هڪ سپنو هئي- سُک ۽ سُڪار جو سپنو، امن ۽ آزاديءَ جو سپنو!

هُن کي سيني جهليو هو: "تون موٽي نہ وڃ، هو توکي ماري ڇڏيندا" پر هوءَ ڪانہ مُڙي. چو تہ هن ڄاتو ٿي تہ موت کان ڪير بہ، ڪٿي ڀڄي نٿو سگهي، موت اٽل آهي. ان سان ڪهڙو ٿو فرق پوي تہ اوهين پنهنجي آرامده بستري تي موت سان هم آغوش ٿيو، يا ڪنهن مقصد ڪاڻ هلندي شهيد ٿيو.

هوءَ جا اسان، توهان سيني لاءِ هڪ **Superwoman** هئي، تنهن 18- آڪٽوبر 2007ع تي موت کي اکين سان ڏٺو هو. 18- آڪٽوبر، جڏهن هوءَ طويل جلاوطنيءَ کان پوءِ وطن وري هئي ۽ سندس هم وطن دهلن ۽ شرنائن سان سندس آجيان ڪئي هئي. سندس وطن واپسيءَ جو جشن هڪ وڏي **Carnival** جي صورت اختيار ڪري ويو هو. اُن ڏينهن سموري قوم جهڙوڪر اُن جشن جو حصو بڻجي ويئي هئي. اُن ڏينهن مون جهڙو ٽي ويءَ کان ٿهندڙ بہ ٽي ويءَ سان **glued** هو. اُن ڏينهن اهو موتمار ڌماڪو گهر گهر ۾ ٿيو هو. اُن ڏينهن اُهي رت جا ڇنڊا ۽ انساني جسم جا چيٿڙا هر گهر ۾ پکڙيا هئا ۽ گهر گهر ۾ ڪهرام برپا ٿيو هو. اُن ڏينهن دلين ڌڙڪڻ ڇڏي ڏنو هو، اکيون ڦاٽل رهجي ويون هيون، پر هن عورت جي جگر کي شابس هجي، هوءَ اُن موتمار حادثي جي ٻئي ڏينهن شينهڻ جيان گجندي نڪتي هئي- اسپتال پهتي هئي- هن زخمين جي عيادت ڪئي هئي- انهن جا حوصلا وڌايا هئا- لياريءَ جي غريباڻن گهرن ۾ شهيدن جي فاتحہ لاءِ وئي هئي. هُن بيواهن کي ڇاتيءَ سان لڳايو هو- هُن يتيمن جي مٿي تي هٿ رکيو هو. ان ڏينهن مون بي بيءَ جي بهادري ۽ سندس **courage** کي سلام ڪيو هو.

ان ئي ڏينهن اُهي سڀ نيڪيءَ جا ڪم اُڪلائي اچي پريس ڪانفرنس ڪيائين. اُن ڏينهن هن پنهنجي درد کي لفظ ڪيو هو. اُن ڏينهن هن جو جوش ۽ جولان ۽ هن جو فن خطابت پنهنجي عروج تي هو. اُن ڏينهن بي بيءَ جي ڪيل تقرير انساني تاريخ جي بهترين خطابن مان هڪ هئي. اها تقرير هن ديس جي زخم زخم تاريخ تي پٿو هئي

18- آڪٽوبر 2007ع تي ٿيل اُهو موتمار بم بلاسٽ هن جي وڌندڙ قدمن کي روڪي نہ سگهيو، بلڪ اُنهن ۾ وڌيڪ تيزي اچي وئي. هوءَ نہ ڊني، نہ ڏڪي، بلڪ



**شهيد راڻي- بينظير ڀٽو**

هوءَ تہ ديوانہ وار ۽ مستانہ وار اڳتي اجا بہ اڳتي وڌندي وئي. هن لطيف سائينءَ جي بهادر، ٻي ڊپي، اڻ ڇهل سُورمئَ سسئيءَ جيان موت جي اکين سان اکيون ملايون:

**”مرڻ مون سين آءُ، پُنيءَ تو پنڌ ڪريان!“**

هوءَ سموري راند جي تهہ تائين پهچي وئي ۽ سازش (Conspiracy) جي انت تائين رسي وئي. تڏهن تہ هوءَ تڪڙي ڊُبئي وئي- پنهنجي گهر. پنهنجي وَرُ ۽ پنهنجي جگرگوشن سان آخري ملاقات ڪرڻ. پنهنجي هٿ اکرن ۾ پنهنجي وصيت لکڻ ۽ هوءَ موٽي آئي- هڪڙي نئين بينظير بڻجي. هن عوام آڏو پنهنجي دل چيري تي رکي، تڏهن ئي تہ هن جون ڳالهيون ٻڌي روح نہ رڄندو هو. ۽ هن جي تيجوان چهري تان اک نہ هٽندي هئي:

**”اڄ پڻ اکڙين، سڄڻ پنهنجا ساريا،**
**ڳِلن تان ڳوڙهن جون، بُوندون بس نہ ڪن،**
**سندي سِڪ پرين، لوڪ ڏٺي نہ لهي.“**

هُن جنهن زندگيءَ ۾ گهڻا سُک بہ ڏٺا هئا، هُن جنهن زندگيءَ ۾ گهڻا ڏک بہ ڏٺا هئا. هوءَ جا لاڏڪوڏ ۾ پليل هڪ وَڏ گهراڻي ڇوڪري هئي. ڪراچيءَ ۾ ڀٽو جي اسپتال ۾ پنهنجو پهريون ساهہ کڻندڙ اُها ٻِنڪ ٻِنڪ ٻِنڪي. 70 ڪلفٽن ۾ ”سنڌ- ساگر“ ڪناري هڪ پوش علائقي ۾ بي فڪريءَ جي زندگي گذاريندڙ ٻي ٻِي، پنهنجي ٻيءُ ماءُ ۽ ياڻرن ڀينرن سان پنهنجي ڏاڏاڻي گهر المرتضيٰ ۾ ڳاڙهن، گلابي ۽ نيرن گلابن جي وچ ۾ پوپٽن جيان اُڏامندڙ اُها اپسرا، ريڊ ڪِلف ڪاليج جي ايليٽ هال ۾ پهريون پيرو اڪيلي ٿي هئي. اُتي ٽن سالن ۾ هُن گهڻو ڪجهہ پڙهيو، پُرجهيو ۽ سکيو. هُن نفسيات بدران ”تقابلي حڪومت“ پڙهڻ جو عقلمنديءَ جو فيصلو ڪيو. هوءَ بين الاقوامي قانون جي هڪ سُٺي شاگرد هئي، جنهن هن جي سياسي شعور کي وڌايو. هوءَ سوشل ٿي، هوءَ **active** ٿي. هُن آمريڪا ۾ پڙهندي، ويٽنام جي جنگ جي مخالفت ڪئي ۽ بوسٽن ڪامن ۾ هزارين شاگردن جي وک سان وک ملائي احتجاج ۾ ڀرو ورتو.

آڪسفورڊ سنڌس پيءُ جي دل گهري يونيورسٽي هئي. 1973ع ۾ سرءُ جي مُند ۾ هوءَ آڪسفورڊ يونيورسٽيءَ ۾ پڙهڻ لاءِ پهتي. تڏهن وزيراعظم هائوس راولپنڊيءَ مان سنڌس ”پيءُ پاڪستان جي پهرئين چونڊيل وزيراعظم ذوالفقار علي ڀٽي کيس خط لکيو هو:

”ٻاويهہ ورهيہ اڳ آڪسفورڊ ۾ مون قلمن جا جيڪي نشان ڇڏيا هئا، تن تي توکي هلندو تصور ڪري، مون کي هڪ عجيب احساس ٿئي ٿو. ريڊ ڪِلف ۾ تنهنجي موجودگيءَ تي مون کي خوشي ٿي هئي، پر جيئن تہ مان هارورڊ ۾ ڪونہ رهيو هوس، تنهنڪري مان توکي ان ساڳي نظر سان ڏسي نہ سگهيس. آڪسفورڊ جي هر ڏگ تي، اُتي جي سرد پٿريلي ڏاکڻ تي، وڏن وڏن دروازن وارن تعليمي ڪمرن ۾ تنهنجي موجودگيءَ مون کي ڇاتل سڄاتل لڳي ٿي. آڪسفورڊ ۾ تنهنجو هجڻ هڪ خواب هو، جيڪو سچ

ثابت ٿيو آهي. اسين دعاگو آهيون ۽ اميد
ڪريون ٿا تہ اهو خواب جيڪو حقيقت ثابت
ٿيو آهي، ان جي ڪري توکي قوم جي
خدمت ڪرڻ جو عاليشان وجهہ ملندو.“

اُتر سنڌ جي بلوچستان جي بارڊر سان لڳندڙ چانڊڪا پرڳڻي جي هڪ جاگيردار گهراڻي: ڀٽو- جن جي خاندان ۾ ڌيئرن تہ ڇا پر پٽن کي بہ پڙهائڻ جو رواج نہ هو، جن جي خاندان ۾ سوٽ نہ هجڻ تي ڇوڪريون ڪنواريون ويهي رهنديون هيون- تن ڀٽن جي سورهيہ سردار مير مرتضيٰ ڀٽي جي پوٽي، عوام دوست سياستدان سر شاهنواز ڀٽي جي جينئس پٽ ذوالفقار علي ڀٽي پنهنجي ڌيءُ بينظير ڀٽو کي آمريڪا پڙهڻ لاءِ موڪليو ۽ خاندان لاءِ هڪ نئون مثال قائم ڪيو. هن مستقبل جي هڪ مدبر، دانشور ۽ سياستدان جي پنهنجي پوري ذهانت سان تربيت ڪئي ۽ ايندڙ زندگيءَ ۾ مٿس پوندڙ ذميوارين لاءِ ڪيس پوريءَ ريت تيار ڪيو. هن پنهنجي هڪ خط ۾ پنهنجي پياري ڌيءَ پنڪيءَ کي نصيحت ڪئي:

”پاڪستان ۾ تمام ٿورا اهڙا ماڻهو آهن، جن
کي اهڙو وجهہ ملي ٿو. تون اُن مان پورو
فائدو وٺجان ۽ پڙهائيءَ ڏانهن پنهنجو ڌيان
رکجان. اهو ڪڏهن نہ وسارجانءِ تہ توڏانهن
اِتي جيڪي پيسا موڪليا، اُهي زمين جي
اُپت مان هوندا، اُهي انهن ماڻهن وٽان هوندا،
جيڪي زمينن تي پگهر وهائين ٿا ۽ محنت
ڪن ٿا. اهو هنن جو توتي قرض هوندو- اهڙو
قرض جيڪو الله تعاليٰ جي مهربانيءَ سان
هنن جي زندگيءَ کي سُکيو بڻائڻ لاءِ تون
پنهنجي تعليم کي استعمال ڪري
لاهيندينءَ.“

ٻي ٻي پنهنجي مهربان پيءُ جي اها ڳالهہ ڳنڍ سان ٻَڌي هئي. هوءَ اُنهن پگهر وهائيندڙ پورهيتن جو قرض چُڪائڻ لاءِ، سياست جي ڪارزار ۾ گهڙي. ٻي ٻي جنهن چوڏهن سالن جي ٻي فڪريءَ واري ٻاراڻي وهيءَ ۾، چئين آني ۾ پارٽيءَ جي رُڪنيت حاصل ڪئي هئي- سا، نازڪ نفيس ڇوڪري عوام جي فرض جي قرض لاهڻ لاءِ هڪ سخت جان ۽ عملي سياستدان بڻي.

پاڪستان موٽڻ کان پهرين، آڪسفورڊ جي ڪوئين ايلزبيٿ هائوس جي باغ ۾ ٻي ٻي پنهنجو چوويهون جنم ڏينهن ملهايو هو. هُوءَ پنهنجي تعليم مڪمل ڪري ملڪ ڏي موٽي ۽ هن ڄاتو ٿي تہ سندس ملڪ ۾ هڪ شاندار مستقبل سندس انتظار ۾ آهي. سندس پيءُ جا هن بابت ڪيئي خواب هئا. هن لاءِ اڳواٽ ئي ڪيتريون رٿون رٿيل هيون: ’هوءَ وزيراعظم سيڪريٽريٽ ۾ عام مفادن جي بين الصوبائي ڪائونسل ۾ ڪم ڪندي- سيپٽمبر ۾ گڏيل قومن جي اداري ڏانهن ويندڙ پاڪستاني وفد ۾ هُن کي شامل ڪيو ويندو- ڊسمبر ۾ پرڏيهي وزارت جي ٿيندڙ امتحان لاءِ پڻ هن کي تياري ڪرڻي هئي.‘ مُلڪ موٽڻ جي جيتري خوشي ڪيس هئي، اوتري ئي خوشي سندس پيءُ کي پڻ هئي، جنهن ڪيس آڪسفورڊ ۾ آخري خط ۾ لکيو هو:

”مان تو سان واعدو ٿو ڪريان تہ پنهنجي
اختيار مطابق هرڪا ڪوشش ڪندس، تہ تون
وقت وڃائڻ کان سواءِ پاڪستان ۾ ٻيهر رهڻ
جي عادي ٿي وڃين. پوءِ تون پل پنهنجي سر
رهجان. البت توکي منهنجن ننڍڙن ڇرچن ۽
ڪِل ڀوڳ کي برداشت ڪرڻو پوندو.
بدقسمتيءَ سان هن عمر ۾ مان پنهنجي سڀاءَ
کي بدلائي نٿو سگهان، پر مان پنهنجي وَڏور
ڌيءَ سان سٺي ورتاءُ جي سخت ڪوشش
ڪندس. ڏکي ڳالهہ اها آهي تہ تنهنجو مزاج بہ
مون جهڙو ئي آهي ۽ تنهنجي اکين ۾ بہ
ڳوڙها ائين ڀرجي ايندا آهن، جيئن منهنجي
اکين ۾. اڄ تہ هڪ ٻئي کي سمجهڻ جو پاڻ
۾ پڪو واعدو ڪريون. تون هڪ بامقصد
فرد آهين. هڪ بامقصد فرد ائين ڪيئن
گهرندو تہ رڻ پٽ ۾ گرمي نہ هجي ۽ جبل
برف کان خالي هجن! توکي تنهنجي قدرن ۽
ذاتي اخلاقيات ۾ تنهنجي سچ جي روشني ۽
اندلٺ نظر ايندي. پاڻ ٻئي گڏجي هڪ تعريف
جوڳي ڪارنامي ڪرڻ لاءِ ڪم ڪنداسين.
شرط رک تہ پاڻ اهو ڪنداسين.“

هنن پنهنجي عظيم پيءُ ۽ ڏيءُ آڏو اعليٰ آدرش ۽ بلند مقصد هئا ۽ هنن هڪ تعريف جوڳي اعليٰ ڪارنامي ڪرڻ لاءِ گڏجي ڪم ڪرڻ جو سوچيو هو، پر جن ڏرين هن ملڪ جي مال ۽ دولت کي مالِ غنيمت طور پاڻ ۾ ورهائڻ جو عزم ڪيو هو، جن کي رڳو پنهنجا ۽ پنهنجن چاڙتن جا پيٽ پرڻا هئا، تن لوڀين، نوڳين ۽ لالچين وٽ اعليٰ علم ۽ عمل جو قدر ڪهڙو هو، جن ملڪي قانون کي لٽ سان ٿي هڪليو، تن وٽ بين الاقوامي قانون جو ڪهڙو قدر، جن لاءِ سُک ۽ خوشحاليءَ جو واسطو فقط سندن ذات تائين محدود هو، تن وٽ عوام جي سُک ۽ خوشحاليءَ جو نڪو خواب هو ۽ نڪي خيال. سو، انهن استحصالي ۽ سازشي ٽولن کي انهن اعليٰ علمي شخصيتن ۽ باشعور فردن جي حڪمرانيءَ ۾ پنهنجي شڪست ٿي نظر آئي ۽ ڪين پنهنجو ۽ پنهنجن چاڙتن جو اونداهو مستقبل چٽو پٽو ٿي ڏسڻ ۾ آيو ۽ ڪين پنهنجا مال ميڙڻ جا خواب وِکرندي نظر آيا. تڏهن ئي اونداهہ جي انهن علمبردارن ڪيترين ئي سِڱون سِٽيون ۽ گهاٽ گهڙيا!

25- جون 1977ع تي بي بي آڪسفورڊ مان پنهنجي تعليم مڪمل ڪري پنهنجي ڀاءُ مير مرتضيٰ سان ملڪ موٽي، تہ شاهنواز سوئٽزرلينڊ مان ۽ صنم هارورڊ مان موڪلون گذارڻ لاءِ پنهنجي گهر موٽيا. ذوالفقار علي ڀٽي جو سمورو ڪٽنب پرائيم منسٽر هائوس راولپنڊيءَ ۾ مَس اچا گڏيو هو تہ مٿن راتاهو لڳو. سمورا سازشي ٽولا ان وقت جي انتظار ۾ سَپ جيان چَپ هڻي وينا هئا. اهي جيڪي برائين جا راڪا آهن ۽ ڀلاين جا قاتل آهن، اهي جيڪي انڌيرن جا ايجنٽ آهن، اُجالن جا قاتل آهن، انهن ئي هن ديس کي سدا اونداهين جي اوڙاهہ ڏانهن ڌِڪيو آهي:

"ٻُڪين جا ۽ ٻارن جا ماين جا قاتل
ٻنائيءَ جي ٻيٽن ۽ واين جا قاتل
ڪميڻا ۽ ڪُوڙا سچاين جا قاتل
بُراين جا راڪا، ڀلاين جا قاتل
هي ٻانهين ۽ ٻاين ۽ داين جا قاتل
هي ڌرتيءَ جي ڇاون ۽ ڇاين جا قاتل
دليلن جا قاتل، مثالن جا قاتل
ثبوتن جا قاتل، حوالن جا قاتل
انڌيرن جا ايجنٽ، اُجالن جا قاتل
۽ سچ کان بہ روشن خيالن جا قاتل!"

(امداد حُسيني)

سو، سچ کان بہ روشن خيالن جي قاتلن، سُک ۽ سُڪار جي انهن خوبصورت خوابن جو بہ خون ڪيو، جيڪي چئن اکين پنهنجي عوام لاءِ ڏٺا هئا. پنڪيءَ جي پيءُ ذوالفقار علي ڀٽي جي حڪومت جو تختو اونڌو ڪيو ويو. ذوالفقار علي ڀٽي جنهن پاڪستان کي هڪ متفقہ جمهوري آئين ڏنو هو. ذوالفقار علي ڀٽي جنهن پاڪستان جي بہ اڌ ٿيڻ کان پوءِ باقي بچيل ملڪ کي پنهنجن پيرن تي بيهاريو هو ۽ ٽڪرا ٽڪرا ٿيڻ کان بچايو هو. ذوالفقار علي ڀٽي جنهن 90,000 فوجين کي آزاد ڪرايو هو، ان جو خاتمو هڪ فوجيءَ هٿان ٿيو! ذوالفقار علي ڀٽو جيڪو هڪ اعليٰ تعليم يافتہ، باشعور، روشن خيال، ذهين، خوش لباس ۽ هئنڊسم شخص هو، جيڪو بين الاقوامي سفارتڪاريءَ جو وڏو تجربو رکندو هو. جيڪو هڪ آئيڊيل پيءُ هو ۽ جيڪو پاڪستان جو پهريون چونڊيل وزيراعظم هو. هن کي 1977ع کان وٺي طويل نظربندين کي سَهڻو پيو. سُکن ۾ پليل هڪ عزت دار شخص کي بند، بدبودار، گهُٽيل ۽ بوسائيل ڪال ڪوٺڙين ۾ قيد ۽ بند جون صعوبتون سَهڻيون پيون. آڪسفورڊ جي تعليم يافتہ ان نفيس شخص سان ذلت ڀريو غير انساني ۽ غير قانوني ورتاءُ ڪيو ويو.

ان بيوس ٻڌايل شخص جي ڪچڙي ۽ ڪونئري دل واري ننڍڙي ۽ نازڪ ڌيءَ، جنهن کي زندگيءَ جي ڪوڙين حقيقتن جو تجربو ڪونہ هو ۽ جيڪا هڪ اعليٰ سٽريل سماج مان عِلم پرائي تازو موٽي هئي، تنهن کي زندگيءَ جي ايذائيندڙ ۽ چيچلائيندڙ تجربن مان گذرڻو پيو. جنهن پيءُ پنهنجي ڌيءَ لاءِ اعليٰ منزلن ۽ ڪامياب مستقبل جا خوبصورت خواب ڏٺا هئا، ان پيءُ جي اهو وهم و گمان ۾ بہ نہ هوندو تہ فقط چئن سالن کان پوءِ هن جو judicial Murder ٿيندو. انهن ڏکدائڪ لمحن ۾ هوءَ ان دعاڳو پيءُ جي ڪائي خدمت

ڪُليات شاهه محمد ديدڙ 1977ع، (6) ڪُليات حاجي خانڻ چنجڻي 1986ع، (7) اصطلاحن جي اصليت 1986ع ۽ (8) ڏهس نامہ 1971ع. سنديلي صاحب جا مٿيان ڪتاب شاهڪار علمي ڪارناما آهن، جن جي پڙهڻ کان پوءِ پڙهندڙن جي دلين ۾ ڊاڪٽر صاحب لاءِ عزت ۽ عقيدت ۾ واڌارو اچي وڃي ٿو.

ڊاڪٽر صاحب پنهنجي تحقيقي ۽ ادبي ڪاوشن کي نہ صرف لوڪ ادب ۽ لسانيات تائين محدود رکيو پر هڪ قدم اڳتي وڌي سنڌي ٻوليءَ جي ڏکئي موضوع "لغت" ۾ پڻ ادبي شهپارا ڏنا. جنهن وقت تحقيقي بنيادن تي سنڌي ڊڪشنري جي سخت ڪوٽ هئي، ان وقت ڊاڪٽر صاحب "تحقيق لغات سنڌي" جهڙي معياري ڊڪشنري ڏئي، لغت نويسيءَ ۾ ڏاڪو ڄمايو. سندس ڇپيل لغت هن ريت آهن: (1) تحقيق لغات سنڌي 1955ع، (2) سامي ڏاتو ڪوش 1984ع ۽ (3) سچل لغات 1984ع.

لغت جو موضوع تحقيق جي مڙني صنفن مان ڏکيو موضوع آهي. هن عنوان سان اُهو ئي اديب لونءِ لڳائيندو آهي جيڪو سنڌي ٻوليءَ سان گڏ هندي، سنسڪرت، گجراتي، مَراٺي، عربي، فارسي ۽ انگريزي ٻولين جي پڻ ڄاڻ رکندڙ هجي. ڊاڪٽر صاحب انهن مڙني ٻولين تي ڪامل دسترس رکندڙ هو. اهوئي سبب آهي جو ڊاڪٽر صاحب جي سموري زندگي ادبي کوج ۾ گذري. هو سالن جا سال لفظن جي ڏاتن تي سوچ ويچار ڪندو رهيو. ڊاڪٽر صاحب "سامي ڏاتو ڪوش" ۽ "سچل لغات" يعني سامي ۽ سچل جي شعر جون لغتون جوڙي، ادبي دنيا ۾ حيرت انگيز ڪارناما سرانجام ڏنا آهن. هن هر لفظ کي کوج جي ڪيتر ۾ آڻي حقيقي ڪلا بخشي آهي.

لوڪ ادب، لسانيات ۽ لغت جي ماهر ۽ محقق ڊاڪٽر سنديلي انهن موضوعن تائين پنهنجي ادبي ڪارڪردگي محدود نہ ڪئي، پر ان سان گڏ جمع و ترتيب جي علمي ڪم ڏانهن بہ وک وڌائي. پروفيسر محبوب علي چنا جي ڇپيل مضمونن کي سهيڙي "مڪلي ٽڪريءَ جو سير" جي عنوان هيٺ



ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو

ڪتاب جوڙي سنڌي ادبي بورڊ کي ڏنائين، جو 1987ع ۾ شايع ٿيو.

لوڪ شاعريءَ جي مختلف قسمن کي يڪجا ڪري "لوڪ شاعري" جي عنوان سان وفاقي وزارت تعليم لاءِ گهربل سلسلي هيٺ سنڌي ادبي بورڊ کي ڪتاب لکي ڏنائين، جو 1981ع ۾ شايع ٿيو. سندس 5- کن اڻ ڇپيل ڪتاب بہ موجود آهن: (1) اشتقاقي لغات لطيفي، (2)سنڌي لوڪ شاعري جي ارتقا، (3) لاڙڪاڻي ضلعي جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ، (4) شرح لطيف ۽ (5) شرح سامي.

سنديلي صاحب جي ڪيترن ئي ادبي ۽ تعليمي ادارن سان وابستگي رهي، جنهن جو تفصيل هن ريت آهي:

(1) 1952ع کان 1953ع تائين سنڌي ادبي بورڊ جي "لغات اسڪيم" ۾ ريسرچ اسسٽنٽ رهيو.
(2) سنڌ يونيورسٽيءَ جو "فيلو".
(3) ايڪيڊمڪ ڪائونسل سنڌ يونيورسٽيءَ جو ميمبر.
(4) بورڊ آف اسٽڊيز سنڌ يونيورسٽيءَ جو ميمبر.
(5) بيورو آف ڪريڪيولم جي نظرثاني ڪميٽيءَ جو ميمبر.
(6) سنڌالاجيءَ جي بورڊ آف گورنرس جو ميمبر.
(7) سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ جو ميمبر.
(8) سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ پاران نصابيءَ ڪميٽيءَ جو ميمبر.
(9) ٽماهي "مهراڻ" جي مجلس ادارت جو رڪن.
(10) سنڌي ادبي بورڊ جو ميمبر.
(11) سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ پي.ايچ. ڊي لاءِ گائيڊ.
(12) شاهه لطيف يونيورسٽي لاءِ اٿارٽيءَ جو ميمبر.
(13) انٽرميڊيئيٽ بورڊ سکر جي اڪيڊمڪ ڪميٽيءَ جو ميمبر.
(14) سر شاهنواز ڀٽو لائبرريءَ جي قيام لاءِ ناهيل ڪميٽيءَ جو اهم ميمبر.

سنڌي ۾ ڪانہ آهي. اها هڪ لاجواب ادبي سنڌي آهي جا محنت، مطالعي ۽ اعليٰ اپياس جو نتيجو آهي."(3)

سينگار شاعري ۾ ڏکين لفظن جي معنائن ۽ اشتقاق ڳولڻ جي ڏس ۾ سنديلي صاحب تمام وڏي جاکوڙ ڪئي آهي. سنڌي ٻوليءَ سان ناتو رکڻ وارين جن ٻولين جي لغتن مان استفادو ڪري اشتقاق ۽ معنائون ڏنيون آهن، سي آهن: انگريزي، بلوچي، ترڪي، پراڪرت، سرائڪي، سنسڪرت، عربي ۽ فارسي. اهڙيون معنائون ڏيندي سنديلي صاحب نہ صرف اسم عام ڏنا آهن، پر اسم خاص بہ ڏنا آهن. لغت نويسيءَ جي ڏس ۾ هيءُ شاندار خدمت سنديلي صاحب جي علميت تي شاهد آهي.

"ڏهس نامو" ڪتاب ۾ پڻ ڏهس جي صنف جا شعر گڏ ڪري ڏنا ويا آهن، ۽ انهن جي ڏکين لفظن جون معنائون بہ ڏنيون اٿائين. معنائون مختلف ٻولين جي لغتن مان جانچي ڏنيون اٿائين، جن ۾ فارسي، عربي، سرائڪي، پالي، سنسڪرت، ڍاٽڪي، لاسي، بلوچي وغيره شامل آهن. ڏهس جي ٻوليءَ جي باري ۾ سنديلو صاحب لکي ٿو تہ "ڏهس" لوڪ ادب جي جند ۽ چونڊ جنس آهي، صاف ۽ سويل جنس آهي. اها پيچيده ۽ مضبوط مشين آهي، جا مختلف زبانن جي ادبي زمين کي کيڙيندي ۽ کوٽيندي رهي ٿي، جنهن ڪري ڪيترا انوکا الفاظ ميدان تي اچي سنڌي لغت جي وسعت ۾ اضافو آڻيندا رهن ٿا. ڏهس جا الفاظ هوندئن جيڪر ٽڙيل پکڙيل ۽ ويڳاڻي حالت ۾ هجن، پر ڏهس ۾ اچڻ جي ڪري ڏُريءَ جي داڻن وانگر دل ۾ جلو وجهي رهيا آهن.(4)

"ساميءَ سنديون سپون" ڪتاب ۾ سنديلي صاحب ساميءَ جا چونڊ سلوڪ ڏنا آهن. سلوڪن جي ڏکين لفظن جون معنائون ۽ شرح ڏني اٿائين. هيءُ ڪم سنديلي صاحب وڏي جانفشانيءَ سان ڪيو آهي. نہ صرف سندس چونڊ بهترين آهي، پر معنيٰ بہ تمام سهڻي نموني سمجهائي اٿائين. ساميءَ جي ٻوليءَ جي باري ۾ لکي ٿو: "تشبيهن ۾ معنيٰ جو درياءُ موجزن رهي ٿو. روزمره جون شيون، جن کي اسان تڇ سمجهيو آهي، تن مان ساميءَ وڏا ويچار ورتا آهن ۽ اهڙي تہ سُندر پيرايي ۾ پيش ڪري ٿو، جو عقل ئي حيران رهجيو وڃي. سامي انهن ۾ واقعي اونهو ويو آهي، پر مطلب واري ڳالهہ کي نهايت آدرشي نموني پيش ڪيو آهي........ ساميءَ سنسڪرت جا اڙانگا الفاظ آندا آهن، پر اهي موقعي مهل پٽاندر ڪلام کي زيب ۽ زينت بخشين ٿا، جيئن اُج، سڪپت، انپي، جوت، انهد، الک، ابناسي، وغيره.ساميءَ لاءِ اهي ئي الفاظ انهن ئي جاين تي آٽڻ موزون آهن، ڇاڪاڻ تہ ائين ڪرڻ سان، سلوڪن ۾ آيل خيالن، اُمنگن، اڌمن ۽ معنيٰ جو پاڻ ۾ ربط رهي ٿو. اهڙن ئي لفظن جي استعمال سان سلوڪن جي معنيٰ حقيقت سان همدوش رهي ٿي. اهي ساميءَ جي خيالن جا اندريان ۽ بنيادي الفاظ آهن، جن کي سنڌيءَ ۾ سلوڪن ذريعي سمجهايو آهي."(5)

ڊاڪٽر صاحب جو هڪ شاندار ڪتاب "تحقيق لغات سنڌي" 1955ع ۾ ڇپيو، جنهن جا هيل تائين ڇهہ کن ڇاپا نڪري چڪا آهن. هيءَ لغت تمام گهڻي معياري آهي ۽ غور سان جاچڻ سان پتو پوي ٿو تہ سنديلو صاحب نندي ڪنڌ جي ٻولين جو هڪ ماهر هو ۽ لفظن جا ڌاتو ڳولڻ ۽ سمجهائڻ ۾ ڪمال ڪاريگري جو مظاهرو ڪيو اٿائين. هو پاڻ لکي ٿو، "ڌاتو يا بنياد معنيٰ لفظ جي جڙ يا پاڙ، جتان لفظ نڪرن ٿا. سنڌي زبان سنسڪرت جي شاخ آهي، تنهن ڪري سنڌي لفظن جا بنياد بہ سنسڪرت ڌاتن تي مبني آهن. سنسڪرت ڀاشا ۾ لڳ ڀڳ ادائي هزار ڌاتو آهن."(6)

هيءَ لغت سنديلي صاحب جي پيار جي پورهئي جو منفرد نتيجو آهي. سنڌي ٻوليءَ جي سنسڪرت جي شاخ هجڻ وارو نظريو هاڻ رد ٿي چڪو آهي، ۽ سنڌي ٻولي قدامت جي لحاظ کان سنسڪرت جيتري ئي قديم مڃي وڃي ٿي.

سنديلي صاحب جي راءِ موجب سنڌي ٻوليءَ جا گهڻا ٽڙا لفظ پنهنجي اصليت کان ڦري ٻي صورت اختيار ڪري چڪا آهن. انهيءَ ڪري

جهڙو آيو ۽ ساڻن ياڻپي ۽ پيار وارو رشتو قائم ڪيائين. ايتري قدر جو انهن سان گڏجي کائڻ پيئڻ ۽ پٽ تي ويهي ڪچهريون ڪرڻ ۾ بہ ڪو عار محسوس نہ ڪندو هو. سندن سڌاري لاءِ هن وڏا وس ڪيا ۽ انهن جي ٻارن کي تعليم جي زيور سان سينگارڻ لاءِ بہ مناسب ڪوششون ورتائين. ان کان سواءِ اناج جي وڌيڪ پيداوار وڌڻ لاءِ ريسرچ فارم جو بنياد رکيائين تہ جيئن ڪوبہ هاري بکيو ڏکيو نہ رهي. سام جي سيني ۾ رکيل دل ميڻ وانگر نرم هئي، جو هو ڪنهن بہ هاريءَ جي تڪليف برداشت نہ ڪري سگهندو هو. هيڏي ساري ڏن وارو ماڻهو، مسڪينن جي اٽپوري ماني ۽ اڻ برابري واري زندگي ڏسي اندر ۾ ڪڙهندو رهيو ۽ ڪيترائي سال انن پهرن ۾ صرف هڪ ويلو پيٽ پري ماني کائيندو هو. پائڻ لاءِ بہ کاڏيءَ جا بہ جوڙا استعمال ڪندو هو، جيڪي ڌوئيندو بہ پاڻ هو. "سام" کي حڪمت جي چڱي ڄاڻ هئي، تنهنڪري پنهنجن هارين جو مفت علاج ڪري خوشي محسوس ڪندو هو. هُو هڪ سچو صوفي هو، جيڪو خدا جي مخلوق جي شيوا ڪرڻ ۾ حقيقي خوشي محسوس ڪندو هو. جيڪڏهن ڪيس هڪ سنو سماج سڌارڪ ڪونجي تہ ڪو وڌاءُ ڪونہ ٿيندو. پر جيڪڏهن "اڪبر آشرم" جي پليٽ فارم ڏي نهاربو تہ آشرم طرفان ڪونايل ادبي صوفيانہ ڪچهرين ۾ هميشہ صوفي فقيرن ۽ محبت وندينڙماڻهن جا ميلا متل نظر ايندا.

"رتيديري" جي معزز اديب ۽ شاعر قاضي عبدالحي "قائل" چواڻيءَ تہ: "جڏهن مان 1941ع ۾ طيب ۾ نوڪريءَ سانگي آيس تہ "اڪبر آشرم" ۾ هر جمعي تي صوفين فقيرن جا ميڙا متل هوندا هئا. جتي توحيدي ۽ صوفياڻي رنگ ۾ راڳ ويراڳ جون محفلون ٿينديون هيون."

جڏهن سام پنهنجي اُجري اندر سان ٻهارو کڻي طيب جون گهٽيون صاف ڪري معاشري جي صفائي سان گڏ تن من کي بہ صاف ڪرڻ لاءِ نڪرندو هو تہ ڳوٺ جا هاري ناري، دوست ساٿي ۽ صوفي فقير بہ ٻهارا کڻي سندس عمل ۾ سهڪاري هوندا هئا. صوفي ڏٽي بخش فقير هميشہ هر عمل ۾ سام سان گڏ هوندو هو، تڏهن تہ سنڌ جي نامياري قادرالڪلام شاعر سيد اظهرگيلانيءَ "ديوان سام" جو مهاڳ لکندي لکيو آهي تہ: "سام نہ هندو آهي نہ مسلمان، نہ منڪر آهي نہ مشرڪ، هو باصفا، صاف دل، صاف تن، صاف نيت صوفي آهي."

1938ع ۾ سرلا ديوي جڏهن اجمير مان ڊپلوما ڪري شڪارپور مان ٿي رتيديري ۾ ليڊي ڊاڪٽر جي حيثيت سان آئي تہ "سام" جي هڪ دوست جي معرفت طيب ۾ اچي سندس مهمان ٿي. سيد اظهر گيلاني چواڻيءَ، "جڏهن سام ۽ سرلاديويءَ جو اکيون اکين سان مليون چار ٿيون، تہ ڄڻ هنن پنهنجو اصلي ناتو سڃاڻي ورتو هجي." هو ٻيئي هڪ ٻئي ۾ اهڙو گم ٿي ويا جو لطيف سرڪار چواڻي: "جيڏانهن ڪر نگاهہ تيڏانهن سڄڻ سامهون". سرلاديوي پنهنجي باقي زندگي پنهنجي جيون ساٿيءَ جي روپ سروپ ۾ سڪ جون سُرڪيون پريندي سام جو ساٿ نڀايو. "جيتامڙي جي ڊائري" سرلاديويءَ جو ڪتاب سام سان سندس اٿاهہ محبتن ۽ عقيدتن جي اظهار جو نتيجو آهي. هن سام سان گڏ صوفي فقيرن ۽ مسڪين مارو ماڻهن جي خدمت ڪندي جيون جا ڏينهن گهاريا.

صوفي ڏٽي بخش سام جو ٻاروتڻ جو دوست هو، اُن هڪ هنڌ چيو آهي تہ: "سام جي ڪوشش سان 1942ع ۾ صوفي فقيرن جو هڪ وڏو ميلو لڳو هو، جيڪو رتيديري ۽ طيب جي وچ تي جوکي باغ ۾ ٽن ڏينهن تائين جاري رهيو، جنهن ۾ هزارين صوفي شريڪ ٿيا هئا.

جڏهن نندي ڪنڊ جو ورهاڱو ٿيو تہ ڪيئي هندو سنڌ خالي ڪري روانا ٿيا، پر سام هتي ئي رهي پيو. سندس گهر ڀاتي ۽ پٽڙا بہ هند هليا ويا، پر سام کي سنڌ جي سِڪ ۽ چِڪ وڃڻ نہ ڏنو، تنهنڪري سرلا سان گڏ سنڌ ۾ رهڻ پسند ڪيائين ۽ هڪ ڳوڊ ورتل ٻالڪي گرڌاري لال سان گڏ لاڙڪاڻي ۾ اچي سڪونت اختيار ڪيائين. ان دور ۾ پوري لاڙڪاڻي

۾ بعضي ته ڪاليداس وانگر روح کي رومانوي رنگن ۾ رڱڻ جو ڪمال ڏسڻ ۾ ٿو اچي. هڪ رباعيءَ ۾ چوي ٿو ته: جڏهن مان پرينءَ جو ڇڪيل پيالو وٺي پيئان ٿو، ته نشي جا خمار ويتر ٿي ويٺا ٿي وڃن ٿا. اهڙن خيالن جو اظهار اِجهو سام صاحب پنهنجي هن رباعيءَ ۾ ڪري ٿو.

جڏهن مان پيالو ٿو ڪٽان پرين سان.
ويتر جي ڏين ٿا هو ڇڪي ڇپڙن سان.
بيٺو ٿو نشو ان مان چڙهي دل من تي.
جادو ٿا وجهي ڏين ان ۾ مُرڪن سان.

سچو صوفي لالچ ۽ نفرت کان ڪوهين ڏور، لاطمع ٿي حقيقي ۽ روحاني زندگيءَ جو تصور ڪٺي حياتي گذاريندو آهي.

دنيا ۾ پريم کان سواءِ اهڙو ڪوبہ هٿيار ڪونهي، جنهن سان ساري سنسار تي سوڀارو ٿي سگهجي. سام صاحب پنهنجي ڪتاب " تون ۽ مان" ۾ پريم جو پتو ڏسيندي هيئن لکيو آهي.

"مان اوهان لاءِ آهيان ۽ اوهان جي دلين ۾ رهان ٿو. مون کي پريم چوندا آهن. مان ڏسڻ ۾ ڪين اچان پر مون کي صرف محسوس ڪري سگهو ٿا اچو مون وٽ اچو، منهنجي گهر جو در سيني لاءِ کليل آهي"

ها واقعي پريم ۾ حقيقي ۽ وڏي طاقت آهي. تڏهن ته جڳ مشهور ڏاهي محمد ابراهيم جويي سام جي ڪتاب تي راءِ ڏيندي لکيو آهي ته: "تون ۽ مان" ٽئگور جي ڪتاب "گيتانجلي" جون سِڪون ٿو لاهي. بين .انيڪ ڳالهين سان گڏ هيءَ هڪ لاجواب خدمت آهي، جا دادا سام جئسنگهاڻيءَ سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب لاءِ ڪئي آهي."

سام هڪ آدرشي انسان هو، جنهن جي زندگيءَ جو مقصد هيوئي محبت، ته شال محبت زنده رهي ۽ ماڻهو ماڻهوءَ جو ياءُ ٿي رهي. سندس اهو آدرشي سنيهو سندس سرجيل ڪتابن ۾ نمايان طور نظر اچي ٿو.

شيخ اياز" ڏيئا ڏيئا لاٽ اسان " ڪتاب جي مهاڳ ۾ سام جي باري ۾ لکي ٿو ته: "سام لفظ جي معنيٰ پناهه يا سهارو آهي. باقي سنسڪرت ۾ "سام" ٽن ويدن مان هڪ ويد جو نالو آهي، جي ماترائن تي ٻڌل آهن ۽ ڳائي سگهجن ٿا."

اياز اڳتي لکي ٿو ته: "مان جڏهن لاڙڪاڻي ڪنهن ڪيس سان ويندو هوس، ته هن وٽ ضرور ويندو هوس. هُو ۽ هُن جي ڌرم پتني ڊاڪٽر سرلا منهنجي خاطر تواضع ڪندا هئا. اسان گڏجي ناؤ نوش ڪندا هئاسين. مان، سام ۽ سرلا تي هڪ پورو ناول لکي سگهان ٿو. هو ٻئي لکن انسانن وانگر تقسيم جي تباهه ڪاريءَ جا مجسما هئا."

مشهور اديب ابن الياس سومري "تون ۽ مان" ڪتاب جي مهاڳ ۾ لکيو آهي ته: "سام ۾ مون کي درد ئي درد نظر آيو."

سام هڪ اهڙو صوفي منش هو، جنهن جي دل ۾ نفرت ۽ لالچ جي بدران فقط "محبت" رهندي هئي. جتي محبت ئي محبت رهندي هجي، اتي ئي ته خدا رهندو آهي. سام اميريءَ هوندي فقيري چوندي صاف دل صوفين وارو رستو اختيار ڪيو ۽ انهيءَ رستي تي ثابت قدميءَ سان هلي محبت جي عالمي پيغام کي عام ڪرڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪري پنهنجو وارو وڃائي ويو.

سام آخري ڏينهن ۾ بيمار ۽ اُٻاڻڪو گذارڻ لڳو سانس ملندڙ ائين محسوس ڪندا هئا ڄڻ ته سنڌ . تن ۾ وينل آتما وارو پکي پنهنجي ديس وڃڻ لاءِ اتو هجي. آخر 12 فيبروري 1987ع تي سام جي روح جي پکي اُڏامي پنهنجي اصلي ديس تي وڃي ديرو ڪيو.

سام صاحب جو ديهانت لاڙڪاڻي شهر جي ٻاڙي علي گوهرآباد واري گهر ۾ ٿيو. سندس جنازو سندس وصيت موجب صوفي راڳ جي "سنگ" سان ڪنيو ويو. اهڙيءَ طرح هڪ آدرشي صوفي انسان جي ڪهاڻي پنهنجي پڄاڻي تي پهتي.

هت "سام" جئسنگهاڻيءَ جي شاعريءَ مان ڪجهه چوند ڪلام پيش ڪجي ٿو، جو ٽماهي "مهراڻ" جي مختلف پرچن ۾ آيل آهي.

هڪ ڪِري ٿو، چٽڪ ٻئي جو خود وڌائي چست چاهه:
جنهن مان خوبيءَ ۽ خوشيءَ جو ٿو وڌي جڳ ۾ خُمار،
مان سندس ٻوليون ٻُڌان ٿو، هر جڳهه آ هڪ پچار.

آب ڪي آهي اُڇل، يا سِڪ سندي ٿُس ڪائي ساهه،
دل جي دريا مان وَهن نت روپ جون نهريون ۽ واهه:
تات تن ڪي هيڪڙي، ۽ هڪ طرف پڻ آهي ڪاهه،
جنس ساڳيءَ جو ڦڙو، ۽ آهه خود ساگر اٿاهه:
هڪ ئي آهي ذات تن جي، هڪ ئي اصلي آهه ڏار،
مان سندس ٻوليون ٻُڌان ٿو، هر جڳهه آ هڪ پچار.

هڪ سمايل طرز آ، هر شيءِ ۾ پڻ آ هڪ ئي جان،
روح هر جا هڪ وَسي ٿو، هي سندس آهن نشان:
ڪي اُڏامن، ڪي چُرن ۽ ڪي رهن هڪ آستان،
فرق ناهي ڪ مگر، آهن سڀئي هڪ ئي سمان:
'سام' آهن عشق جون رمزون گهڻيون، ريتيون اَپار،
مان سندس ٻوليون ٻُڌان ٿو، هر جڳهه آ هڪ پچار.

## سِڪ جو سُرندو

مَنَ مَڙهي ۾ دائما تون جوت اُلفت جي جَڳاءِ،
صاف سينگاري پرينءَ لئہ ناهہ پنهنجي جيءَ ۾ جاءِ،
اُت اُمنگي چاهه جو اوّل ٻُهارو ڪو گهماءِ،
پياس جي پڙدن ۾ پرَ لئہ آس جو آسن وڇاءِ،
زندگيءَ جي ٿال ۾ پوءِ آرتي سِڪ جي سجاءِ،
جي گهڙيون توکي ملن، سي ياد پرَ جي ۾ لڳاءِ.

جو ڪرين ڪم، ڪر پلي، پر اُن ۾ رک هڪ هي خيال:
سِڪ وَڏي ساجن جي، توڙي ٿئي نہ گڏ ڪجهه زر ۽ مال،
حرص ٻئي ڪنهن لاءِ دل ۾ جنئن ڇڏيون ڪوئي نہ خال،
لوڀ لالچ سان ٻڌايون ڪين جيوَت کي وبال:
اهڙي رت سان تون پلي هت پاڻ ڪنهن ڪم ۾ رُجهاءِ،
جي گهڙيون توکي ملن، سي ياد پرَ جي ۾ لڳاءِ.

باغ هن ۾ سئر جي پڻ منع توکي ناهہ ڪا،
ڪنڌ جا توکي وڻي، بيشڪ جڳهه اُت ناهہ ڪا،
وٺ مزو ڪو پَل گهَڙي خوشبو چڱي چِت آهہ ڪا،
پر نہ جهيڙي يا عداوت جي تون ٻارج ٻاهہ ڪا:
پنهنجو ۽ ٻئي ڪنهن جو ٿن هرگز نہ جُٺِ ڦِٽ سان تپاءِ،
جي گهڙيون توکي ملن، سي ياد پرَ جي ۾ لڳاءِ.

ڪيت هن مان ميڙ، جو ڪجهه شوق سانُ ميڙي سگهين،
ڪيڙ سا ڪيتي چڱي، جا دل سان تونُ ڪيڙي سگهين،
ڪڍ پٽر، ڪانا، پتر ۽ جي تڏا ٽيڙي سگهين،
نارُ جيوَت جو سچائيءَ سان جي تون گيڙي سگهين،
گُل ۽ ڦل پڻ خوب شيوا جا پلي ٻيا ڪي اُپاءِ،
جي گهڙيون توکي ملن، سي ياد پرَ جي ۾ لڳاءِ.

هت گهڻا توڪان اڳي انسان ڪي آيا هئا،
جن ڪي طاقت، زر ۽ زينت جا بہ سرمايا هئا،
لشڪرن، ٻارُوت سان ڪن ڪوٽ نهرايا هئا،
نيڪناميءَ لئہ چڱا ڪم تن بہ ڪولايا هئا:
ڪال ويو ڪاٿي سڀئي، ماضيءَ اندر جهاتي تہ پاءِ!
جي گهڙيون توکي ملن، سي ياد پرَ جي ۾ لڳاءِ.

حرص جو ڪوڙو دلاسو مثل رڻ پَٽ رُڃ آهہ،
جنهن جي پڪ ناهي، انهيءَ منزل ڏي هرگز ڪين ڪاهہ،
تنهن ڪان بهتر، 'سام' سان گڏ ويهي سُرندو سِڪ جو ساهہ:
راڳ دل من جي وندر جا پاڻ ۽ ٻين ڪاڻ ناهہ،
موجَ اُلفت جي هتي جيتر رهين تيتر مچاءِ،
جي گهڙيون توکي ملن، سي ياد پرَ جي ۾ لڳاءِ.



# محمود درويش-
## ڏکي ديس جو ڏکي شاعر

مقصود گل

ڪي ڪي دک درد ۽ محبتون اهڙيون هونديون آهن، جيڪي رشتن يا واسطن جون محتاج نہ هونديون آهن. بس هڪڙا احساس ئي هوندا آهن جيڪي فقط احساسن واري جذبي/قوت سان ئي محسوس ڪري سگهبا آهن. محبتن، دردن ۽ خوشين يا احساسن جي هم آهنگي ڪنهن زمان يا مڪان يا مفاصلي جي قيد ۾ بہ بند ٿي نہ سگهندي آهي. اهوئي سبب آهي جو ڪڏهن ڪڏهن دوريون پنهنجون وڇوٽيون گهٽائي ويجهڙيون ٿي وينديون آهن، تہ ڪڏهن وري ويجهڙايون عذاب ڀڃي دوريءَ جي دوزخ ۾ ڊڪجي وينديون آهن. سهڻي لطيف اهڙن ئي احساسن کي پنهنجي سوڻ ورنن لفظن جو ويس پهرائيندي چيو هو تہ: ”ڪي ويجهائي ڏور تہ ڪي ڏور بہ اوڏا سپرين.“

محمود درويش هيو تہ پرانهين ڌرتيءَ فلسطين جو شاعر، پر جيئن تہ سنڌ ۽ فلسطين جو درد ۽ پوڳنائن جو سفر ڪنهن حوالي سان ڪنهن حد تائين هڪجهڙائي رکي ٿو، تنهنڪري محمود سان پنهنجو بہ اهڙو رشتو محسوس ٿي رهيو آهي جڻ اسان ساڳي ڌرتيءَ ۽ ساڳئي گهر جا ڀاتي هجون.

محمود درويش اهڙو غريب الوطن شاعر هو، جنهن کي پنهنجي ڌرتيءَ تي پنهنجي ٻالجتي گذارڻ جو بہ موقعو نہ مليو. درويش اجا پنجن سالن جو مس ٿيو هو تہ هڪ رات سندس ڳوٺ ”البروا“ تي اسرائيل جي فوج طُرفان ٿيندڙ حملي يا راتاهي جي ڀَوَ کان جڏهن ڳوٺ وارا جانيون بچائيندي پنهنجو سڀ ڪجهہ ڇڏي رات جي اونداهيءَ ۾ جبلن تي ريڙهيون پائيندا، دشمن کان پاڻ لڪائي ڀڳا هئا، تڏهن انهيءَ اوچتي ڀاڄ ۾ محمود جو پيءُ بہ پنهنجي ننڍڙي پٽ کي پنهنجي پُناڙن سان ٻڌي مختصر کَهولَ سميت رات جي پيٽ ۾ ڳوٺ ڇڏي نڪتو هو

محمود درويش پنهنجي کَهولَ ۽ ڳوٺ وارن بين فلسطينين سان پنهنجي ٻالجتيءَ جا وڻندڙ ۽ پيارا ڏينهن ڏکن جي دوزخ ۾ لڇندي لبنان ۾ جلاوطنيءَ جي عذاب هيٺ گذاريا. ايتري قدر جو ڪانئس ٻاروتڻ واري چيزن جي ڪِيري مُرڪ ۽ ابي ۽ امڙ سان ٻالجتيءَ وارا سياويڪ انگل ۽ آرا بہ سڀ وسري ويا هئا، جڻ تہ هن پنهنجو ٻاروتڻ ماڻيوئي ڪونہ هو.

محمود درويش پنهنجي آتم ڪهاڻيءَ ۾ هڪ هنڌ ٻڌايو آهي تہ ”جلاوطنيءَ وارن ڏينهن ۾ منهنجي امڙ جي چهري تان خوشيءَ واريون سڀ نشانيون غائب ٿي ويون هيون. سندس اکيون هميشہ پاڻيءَ سان ٽِر هونديون هيون ۽ سندس چهري تي هميشہ غم جا آثار ئي نمودار رهندا هئا.“

محمود اڳتي لکي ٿو تہ ”منهنجي ننڍڙي دل هميشہ چوندي هئي تہ جيڪر منهنجي امڙ مون کي لولي ڏيئي پنهنجي گود ۾ سمهاري ننڊ ڪرائي، تہ مان ننڊ جي جهولي ۾ جُهلي وڃي بادلن جو سير ڪريان، پر اڪثر ٿيندو ائين هو جو جڏهن امڙ مون کي هنج ۾ کڻي يا پرسان سمهاري لوليءَ جا بند جهونگارڻ لڳندي هئي، تہ سندس نيڻ ڪنهن ٻڍوءَ جي مَشڪ ۾ ٿيل سوراخ واري هنڌ تان وهندڙ پاڻيءَ وانگر وسي پوندا هئا، جنهن جي نتيجي ۾ امڙ بہ سڄي رات روئندي گذاريندي هئي تہ منهنجون ننڍڙيون اکيون بہ روئي روئي خشڪ ٿي وينديون

هيون ۽ منهنجي نڙيءَ مان نڪرندڙ ننڍڙا سڏڪا بابي ۽ ٻين گهر ڀاتين جو ٻه سُڪ ڦٽائي ڇڏيندا هئا.

محمود چوي ٿو ته ”جڏهن مان امدادي ڪيمپ ۾ پنهنجن ننڍڙن هٿڙن ۾ ٿالهي جهلي خوراڪ حاصل ڪرڻ جي لاءِ ڊگهي قطار ۾ وڃي بيهندو هوس، ته اها گهڙي ٻه منهنجي لاءِ ڏاڍي تڪليف ڏيندڙ هوندي هئي. منهنجو ننڍڙو ذهن ڇڙ مان سوچڻ لڳندو هو ته آخر پنهنجي ڌرتيءَ هوندي ٻه هي جلاوطنيءَ جا ڏينهن ۽ هي قطار ۾ بيهي ماني وٺڻ، ڀلا ڪهڙي مقدر جي مار آهي....؟ ۽ وري ڪڏهن ڪڏهن ماني ڪپي ٻه ويندي هئي ۽ خالي ٿالهي واپس کڻي ايندو هوس، تڏهن ائين سوچيندو هوس ته جيڪر انهيءَ ٿالهي سان پاڻ کي ٻه ڦٽو ڪري ڇڏيان.“

محمود درويش پنهنجي ڪهاڻي ٻڌائيندي هڪ انٽرويوءَ ۾ هيئن ٻه چيو هو ته: ”بابو ويچارو صبح جو سوير محنت مزدوريءَ جي لاءِ شهر نڪري ويندو هو ته من هڪ ويلي تي ئي سهي چُلهه ٻاري ڏوڏو ٺڪي ڪائجي، پر لبناني ماڻهو ٻاهرين ماڻهن تي اعتبار ڪونه ڪندا هئا، تنهنڪري بابي کي مزدوري ڪانه ملندي هئي، لاچار بابو جهنگ مان ڪجهه ڪاٺيون گڏ ڪري ڪيمپ ۾ ڪم ڪندڙ بورچين کي آڻي ڏيندو هو. نتيجي ۾ اُهي اسان ٽن چئن ڀاتين کي ٻن ويلن جي ماني فراوانيءَ سان ڏيندا هئا ۽ اسان ٿالهيون هٿن ۾ جهلي قطار ۾ بيهڻ جي عذاب کان بچي پوندا هئاسين.“

هڪ ڏينهن ٻَاٻيءَ امڙ کي هوريان ڪن ۾ ڪجهه اچي چيو. امڙ بابي جي ڳالهه ٻڌي جڻ ته ڀڪي پيئي، توڙي جو سندس نيڻن مان وسندڙ برسات بدستور جاري هئي. بهرحال پوءِ جڏهن منهنجو چاچو بيلچو ڪلهي تي رکيون ڪيمپ مان واپس آيو ته انهيءَ جي چهري تي ٻه غيرمعمولي خوشيءَ جي جهلڪ ۽ چپن تي غير متوقع مُرڪ رقص ڪري رهي هئي. انهيءَ جي زباني خبر پيئي ته بابي امڙ کي پنهنجي سرزمين ۽ پنهنجي ملڪ فلسطين ڏي واپس موٽي هلڻ جي خوشخبري ٻڌائي هئي ۽ هاڻي جيڪي لڙڪن جا موتي امڙ جي اکين


محمود درويش

۾ جرڪي رهيا هئا سي خوشيءَ جي جهرڻن ۾ تبديل ٿي چڪا هئا.

فلسطين جي ڌرتيءَ جي مظلوم قوم جو هيءُ مزاحمتي ۽ انقلابي شاعر جڏهن جلاوطني ختم ڪري پنهنجي ديس فلسطين پهتو، تڏهن سندس ڳوٺ ”البروا“ جو فلسطين جي سرزمين تي ڪوبه نالو نشان ڪونه هو. محمود جي سموري ڳوٺ کي تباهه ڪري اتي اسرائيلي فوجي ڇانوڻي ۽ ٻيا سرڪاري دفتر قائم ڪيا ويا هئا، تنهنڪري محمود درويش کي اهي گهٽيون، گهر، باغ باغيچا ۽ ٻيو گهڻو ڪجهه، جنهن سان سندس ٻالجتيءَ جون يادگيريون وابسته هيون، وري ڏسڻ ٻه نصيب نه ٿيون جن جي ڏسڻ جي آس جا ڏيئا هن مَنَ ۽ اکين ۾ روشن ڪري رکيا هئا. انهيءَ ڏک کي درويش شيئر ڪندي هيئن لکيو آهي ته: ”مان لبنان ۾ صرف انهيءَ اميد جي سهاري جيئندو رهيس، ته هڪ نه هڪ ڏينهن ضرور مان پنهنجي ڳوٺ ”البروا“ ۾ ويندس ۽ پنهنجي ٻالجتيءَ جون سڀ حسين يادگيريون منهنجي اکين ۾ رقص ڪنديون. اُهي گهر، اُهي گهٽيون، جتي هڪ جيڏن سان رانديون ڪندو هوس ۽ اُهي وڻ جن ۾ پينگهون ٻڌي دوستن سان لڏندو هوس، سڀ پراڻا خواب

۽ سارڀائون سامهون ڏسي هڪ نئين زندگي ملي ويندي، پر افسوس جو ظالمن منهنجو ڳوٺ برباد ڪري منهنجي ماضيءَ جو سمورو حسين سرمايو ضايع ڪري ڇڏيو هو.

فلسطين پهچي محمود کي خبر پيئي ته فلسطين جي ڌرتي هن جي پنهنجي هوندي به پنهنجي نه رهي هئي. ڇاڪاڻ ته ديس کان دور رهڻ ۽ دير سان اچڻ ڪري درويش جي ڪٽنب سميت ٻين سيني جلاوطن فلسطينين جا نالا فلسطين جي آدم شماريءَ واري فهرست ۾ شامل نه ٿي سگهيا هئا. تنهنڪري هن ڌرتيءَ تان درويش جي شناخت ئي ختم ڪئي وئي هئي.

پنهنجي شاعريءَ جي باري ۾ ويچار ونڊيندي درويش چيو آهي ته: ”منهنجي شاعري اکيون کوليندي ئي منهنجي زندگيءَ جي رستي ۾ ڪنڊا وڇائڻ شروع ڪيا. بس دير ئي نه ٿي، انهيءَ شاعريءَ مون کي فوجي آمرن جي سامهون آڻي بيهاريو.“ انهيءَ سلسلي جو هڪ واقعو بيان ڪندي درويش ٻڌايو آهي ته: ”مان انين جماعت ۾ پڙهندو هوس. انهن ڏينهن ۾ ملڪ ۾ اسرائيلي رياست جي انين سالگرهه ملهائي پئي وئي. انهيءَ سلسلي ۾ ٿيندڙ اسڪولن جي جلسن مان هڪ جلسي ۾ منهنجي هيڊ ماستر مون کي شعر پڙهڻ لاءِ همٿايو. مان پنهنجي زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو مائڪروفون جي سامهون آيو هوس. ان وقت مون جيڪو نظم پڙهيو هو، ان ۾ هڪ احتجاجي للڪار هئي، صدا هئي. هڪ سڏ هو، هڪ عرب جوان جي طرفان هڪ اسرائيلي جوان جي نالي، جنهن جو مطلب ڪجهه هيئن هو: ”اي دوست! تون جڏهن به چاهين ۽ جيئن به چاهين، چمڪندڙ سج جي هينان ڪيڏي سگهين ٿو. تون چاهين ته پنهنجي لاءِ رانديڪا به حاصل ڪري سگهين ٿو، پر مان ڪجهه به ڪري نٿو سگهان. مون وٽ اها ڪابه شئي نه آهي، جيڪا توکي حاصل آهي. تو وٽ پنهنجو گهر آهي، مون کي ڪوبه گهر نه آهي، مان هڪ پناهه گير آهيان. سڀ عيدون ۽ خوشيون تولاءِ آهن، مون لاءِ ڪجهه به نه آهي. ۽ انهيءَ جو ڀلا سبب ڪهڙو آهي جو اسان گڏ ڪيڏي به نٿا سگهون!“

ٻئي ڏينهن مون کي فوجي دفتر ۾ گهرايو ويو. مون کي اتي فوجين جي طرفان خوب ڌمڪيون ۽ گاريون ڏنيون ويون. مون کي سمجهه ۾ نه ٿي آيو، ته مان کين ڪهڙو جواب ڏيان. مان دفتر کان ٻاهر اچي ڏاڍو رُنو هوس. ڇاڪاڻ ته فوجين جي آخري ڌمڪي هيءَ هئي ته ”جيڪڏهن تو وري ڪڏهن به اهڙي شاعري ڪئي ته تنهنجي پيءُ کي پٿرن جي کاڻ ۾ مزدوريءَ مان ڪڍيو ويندو.“

انهيءَ کان پوءِ زندگيءَ جي هر موڙ تي شاعري ۽ محمود درويش جو هڪ ٻئي سان مرڻ جيئڻ جو تعلق رهيو. انهيءَ شاعريءَ جي ڪري محمود ڪيترا ڀيرا جلاوطن به ٿيو، ته ڪيترا ڀيرا جيل جون صعوبتون به برداشت ڪيائين، مگر زندگيءَ جي آخري لمحن تائين شاعريءَ سان سندس پيچ پختو رهيو. ۽ اهائي شاعري آهي، جنهن جي ڪري محمود درويش دنيا ۾ ڄاتو سڃاتو ويو ۽ انهيءَ شاعريءَ جي ڪري ئي سندس وڇوڙي تي سڄي دنيا جي مثبت سوچ سوڳوار آهي.

2001ع تائين محمود درويش جي شاعريءَ جا چوڏنهن مجموعا شايع ٿي چڪا هئا. ”زيتون جون پتيون“ ۽ ”يارنهن سياره“ سندس مقبول ترين مجموعا آهن. ”ديوانِ درويش“، ٻين لفظن ۾ درويش جو (9) ڪتابن جو ”ڪليات“ به ڪيترائي ڀيرا شايع ٿي چڪو آهي. ان کان سواءِ سندس لڳ ڀڳ نثر جا ست ڪتاب به منظر عام تي اچي چڪا آهن. درويش جي شاعري هڪ اندازي موجب ويهن ٻولين ۾ ترجمو ٿي چڪي آهي. دنيا جو هيڏو وڏو مزاحمتي ۽ انقلابي شاعر انگريزي دنيا ۾ ايترو معروف نه ٿي سگهيو آهي، جيڏي سندس حيثيت آهي. شايد اسرائيل جي مزاحمت ۽ مخالفت جي ڪري يورپي ملڪن ۾ نظرانداز ڪيو ويو هجي، ڇاڪاڻ ته اُهي اسرائيل جا حمايتي آهن.

محمود درويش هڪ انٽرويو ۾ چيو هو ته: ”جيتوڻيڪ اها هڪ تاريخي ستم ظريفي آهي. جو مان پنهنجي وطن جي هوندي به بي وطن آهيان، مون کي پنهنجي وطن ۾ سفر ڪرڻ لاءِ به اجازت وٺڻي آهي، پر مان ائين ڪڏهن به نه ڪندس. منهنجي سڄي زندگي هڪ جلاوطن جي حيثيت ۾ گذرندي. پر مان پنهنجي ڌرتيءَ جي حق تان ڪڏهن به دست بردار نه ٿيندس. مان فلسطيني آهيان ۽ رهندس ۽ فلسطين

جي لاءِ هر قرباني ڏيڻ لاءِ هميشہ تيار رهندو آهيان. فلسطين ۽ بيت المقدس جي آزاديءَ لاءِ منهنجو قلم هر موڙ ۽ هر مورچي تي مزاحمتي جنگ لڙندو رهندو.“

محمود درويش پنهنجي پياري وطن فلسطين جي آزاديءَ جي لاءِ قلمي جنگ لڙڻ جي ڏوهہ ۾ قيد ۾ بہ رهيو، گهر ۾ نظربند بہ ٿيو، تہ زندگيءَ جو گهڻو حصو جلاوطنيءَ جي رڻ ۾ سفر ڪندو رهيو، پر ڪڏهن بہ سندس ذهن نہ ٿڪو، نہ ڪڏهن سندس قلم ٿڪو ۽ نہ هن ڪڏهن وطن جي آجپيءَ جي جنگ تان هٿ ڪنيو.

13 مارچ 1942ع تي ”البروا“ (فلسطين) ۾ جنم وٺندڙ عرب دنيا جو هيءُ جڳ مشهور ممتاز مزاحمتي شاعر محمود درويش 6- آگسٽ 2008ع تي آمريڪا جي شهر هوسٽن ۾ زندگيءَ جا 66 ورهيہ پورا ڪري اُنهيءَ ديس ڏانهن راهي ٿي ويو ، جتان ڪوبہ واپس ناهي وريو.

محمود درويش جو هيءُ وڇوڙو، جيڪو بظاهر صرف فلسطين جي تحريڪ آزاديءَ جو نقصان آهي، پر حقيقت ۾ اهو سموري دنيا جي مظلوم ۽ محڪوم قومن جي آزاديءَ جي تحريڪن جو نقصان آهي.

اهو بہ هڪ وڏو الميو آهي جو محمود درويش جهڙي آزاديءَ جي ذهني ۽ نظرياتي جنگ لڙندڙ هاڪاري بهادر قلمي سپاهيءَ جي وفات آمريڪا جي سرزمين تي ٿي آهي...! اُهو آمريڪا، جنهن هميشہ اسرائيل جي پٺڀرائي ڪري فلسطينن تي ظلم ۽ جبر جون ڪارستانيون قائم رکيون آهن. اهڙي ملڪ جي زمين تي آزاديءَ جي هن عظيم علمبردار ۽ مجاهد شاعر محمود درويش جو موت هڪ وڏو الميو آهي.

## سڃاڻپ ڪارڊ

ها، رجسٽر ۾ لک
”مان عرب آهيان.“
ڪارڊ نمبر اٺم ايڪونجاهہ هزار
مون کي اٺ ٻار آهن
۽ نائون اچڻ وارو آهي، اونهاري کان پوءِ،
انهيءَ ۾ گهٻرائڻ جي ڪهڙي ڳالهہ آهي

*

ها رجسٽر ۾ لک
”مان عرب آهيان“
پنهنجن ٻين ساٿين وانگر مان
پٿرن جي کاڻ ۾ مزدور آهيان
منهنجا جيڪي اٺ ٻار آهن
انهن جي ماني، ڪپڙا ۽ ڪاپيون
پنهنجي ٻانهن جي ٻَل تي
پٿرن کان کسي وٺندو آهيان.
مان، توهان جي در تي پِنڻ جي لاءِ
ڪڏهن بہ ناهيان آيو.
توهان جي چائنٺ تي جُهڪڻ
منهنجي عادت نہ آهي.
انهيءَ ۾ اهڙي گهٻرائڻ جي ڪهڙي ڳالهہ آهي.

*

ها، رجسٽر ۾ لک
”مان عرب آهيان“
مان صرف هڪڙو نالو آهيان
منهنجو لقب ڪوئي بہ نہ آهي
هڪ اهڙي ملڪ ۾ بہ
جنهن ۾ هر شيءِ
بي چينيءَ جي هڪ ڪُن ۾ هميشہ
گردش ۾ آهي،
مان صبر سان جيئان ٿو
نشانيون منهنجيون ڪجهہ اُن کان بہ پراڻيون آهن،
وقت جڏهن پيدا ٿيو هو
جڏهن هي صديون هيون، غُنچا ٻڦجي ڪِليا،
نہ جڏهن سَروَ جا وڻ هئا ۽
نہ وري زيتون هئا.
جڏهن ويران شاخون هيئن پکڙيل نہ هيون.

*

منهنجو پيءُ هر هلائڻ وارن مان هڪ هيو،
اشرف ۽ امجد نہ هئا
۽ ڏاڏو سائين بہ هيو هڪ هاري
ڪوئي شجرو نہ منهنجو ۽ نہ ڪو
وڏو خاندان
گهر منهنجو هڪ ڪکائين جهوپڙي،
هڪ چوڪيدار جي،
ٻڌايو، هاڻي مطمئن آهيو، منهنجي
حيثيت ڪان اوهان؟
مان بہ بس هڪ نالو آهيان
بي خاندان

ها، رجسٽر ۾ لک،
”مان هڪ عرب آهيان“
رنگ منهنجي وارن جو ڪارو
اکيون ڀُوريون آهن،
ڪهڙي آهي منهنجي جاڻ؟ ڪهڙي آهي سڃاڻپ،
منهنجي مٿي تي هڪ رومال آهي
۽ ان تي ”عقال“
جيڪو اُن کي ڇهندو، اُن جا هٿ چلجي پوندا
۽ منهنجو ڏس پتو آهي؟
مان رهاڪو آهيان انهيءَ ڳوٺ جو
گذريل زمانو، ايترو بہ ياد نٿو اچي
ان جون گهٽيون، سموريون گهٽيون بي نالي آهن
۽ جيترا بہ مرد آهن،
سي سڀ آهن، ٻنين ۾ يا وري ڪٽي کاڻين ۾،
انهيءَ ۾ ڪهڙي آهي گهٻرائڻ جي ڳالهہ.

*

ها، رجسٽر ۾ لک
”مان هڪ عرب آهيان“
توهان ئي کسيا آهن مون کان
باغ جيڪي بہ هئا، منهنجن وڏن جا
۽ کسيو آهي زمين جو اُهو ٽڪرو بہ
جنهن کي مان ۽ منهنجا ٻار آباد ڪندا هئا سي ڪڏهن،
توهان منهنجي لاءِ ۽ منهنجي
ايندڙ نسلن لاءِ هتي
ڪجهہ بہ ناهي ڇڏيو سواءِ پٿرن جي،
ڇا توهان جي هيءَ حڪومت
هي سڀ پٿر بہ کاڏي کڻي ويندي؟
اڄڪلهہ سڀ ماڻهو ائين ئي تہ چون ٿا.
ها تہ پوءِ پهرين ئي صفحي تي
سڀ کان مٿان هي لک
مون کي انسانن سان ڪو بہ بغض يا نفرت نہ آهي.
ڪنهن جي مال سان دست اندازي،
فطري عمل نہ آهي.
پر ايترو ضرور آهي تہ جيڪڏهن منهنجو رزق ۽
روزي کسجي ويندي تہ، مان
غاصبن جو گوشت بہ ڪچو چٻاڙي ويندس
بس ڏڄ منهنجي بک کان ڏڄ!
۽ منهنجي غصي ۽ غضب کان ڏڄ..!!

## گنار تي ڳاتل هڪ گيت

هو هُيو هڪ مصور
پر تصويرون
جيڪي گهڻو ڪري
نہ تہ دروازا کولي سگهنديون آهن
۽ نہ وري اُنهن کي ٽوڙي سگهنديون آهن
اهي تہ چنڊ جي ڇهري
جي سامهون ايندڙ مڇيءَ کي
ئي پري نہ ڪري سگهنديون آهن
(اوگنار وارا منهنجا يار
مون کي وٺي هل
پري، اُنهن درين جي ويجهو)

هو هڪ شاعر هو،

استاد الهڏنو نوناري آهن. استاد عاشق علي خان جي پيءُ جو نالو تان- ڪپتان فتح علي خان هو، جڏهن ته استاد الله ڏنو نوناري هڪ عام ڳوناٺو هو، جنهن جو موسيقيءَ جي ڪنهن به گهراڻي يا روايتي خانداني راڳين سان واسطو نه هو. استاد پنهنجي مستقل مزاجي، محنت ۽ لگن جي ڪري ڪلاسيڪي موسيقيءَ ۾ هڪ نمايان ڪلاسيڪل راڳيءَ جي حيثيت ماڻي. انهيءَ ڪري ان دور ۾ ڪابه وڏي محفل انهن ٻنهي راڳين بنا اڌوري هوندي هئي. جڏهن استاد عاشق علي خان حيدرآباد ۾ رهڻ لڳو ته هتي ڪجهه شاگردن کي به پنهنجي موسيقيءَ جي خزاني مان نوازيائين، جن نه رڳو پنهنجو مرتبو ۽ نانءُ پيدا ڪيو پر پنهنجي ملڪ ۾ به وڏي عزت ۽ شهرت ماڻي، جن ۾ فريده خانم، نسيم بيگم، زاهده پروين، استاد اميد علي خان ۽ نواب اختر جا نالا قابل ذڪر آهن.

پٽيالہ گهراڻو 'ڌرپد' گائڪيءَ جي ڪري خاص طور سڃاتو ويندو آهي. استاد عاشق علي خان ڌرپد جي جمود، زوال ۽ مشڪلاتن سبب پنهنجي لاءِ 'خيال' گائڪي کي چونڊيو. ڌرپد واريون مشڪل جڳهيون ڪڍي 'خيال' جي نرم لهجي واري راڳداري ۽ ان جي ادا کي ڪاميابي سان ڪتب آندائين. هن مختلف قسمن جا خيال ڳائڻ شروع ڪيا، جن کي ٻين گهراڻن جي ڳائڻن به راڳداريءَ جو حصو بنايو. هن کي ڳائڻ تي تمام گهڻو عبور حاصل هو. هو راڳ کي آلاپ، نرم گمڪ ۽ تيزترين تانن جي باوجود به وڌيڪ خوبصورت ناهڻ ۾ يڪتا هو. انهن سڀني خوبين سان گڏوگڏ استاد عاشق علي خان راڳ جي سروپ کي قائم رکندو هو، جيڪو تمام مشڪل ڪم آهي.

ان زماني ۾ کليل فضا ۾ محفلن ڳائڻ جو رواج هوندو هو، جنهن لاءِ استاد پنهنجو ڳائڻ جو انداز اهڙي نموني ناهيو هو جو جڏهن گراموفون



اُستاد عاشق علي خان

ڪمپني استاد کي ڳائڻ لاءِ آڇ ڪئي ته هن ان کي قبول ڪندي ڪلام، ڪافيون ۽ خيال رڪارڊ ڪرايا. رڪارڊ لاءِ ٽن منٽن ۽ ويهن سيڪنڊن جي گنجائش هوندي هئي. ان لاءِ استاد پنهنجي ڪلاڪن جا ڪلاڪ ڳائڻ واري روايت کان هٽي ڪري پنهنجي گائڪي ۽ ڪافي ڪلام جي مُدي جي وسعت کي مختصر ڪري پيش ڪيو ۽ اڌ ڪلاڪ ۽ ڪلاڪ وارو 'خيال' گهٽ وقت ۾ گهڻو ٻڌڻ لاءِ ملي ويو.

خيال ڳائڻ واري انداز کي 'ڇوٽا خيال' جي نالي سان ياد ڪيو وڃي ٿو، جنهن ۾ هن شروعاتي آلاپ ڪٽ ڪري سنئون سڌو آستائي انترو ڳايو، جنهن ۾ سڌي "درت" لئي يعني تکي لئي تان ڳائڻ شروع ڪيو آهي. استاد هن راڳ ۾ سڀني فني ڳڻن سان گڏ راڳ جو "سروپ" اصل



# تخليقي ادب جي اهميت

ممتاز مهر

تخليقي ادب (Creative Literature) انساني مشاهدن ۽ معنائون ڳوليندي انهن کي فني اظهار ۾ آڻيندو آهي. اهي گوناگون، پيچيده ۽ عجب لائق مشاهدا هڪ خاص دؤر ۽ وقت جي سماج ۾ رهندڙ فردن يا ڪن حالتن ۾ گروهن ۽ مختلف طبقن جا هوندا آهن، جيڪي ادبي متن (Text) ذريعي مختلف هيئتن (Forms) ۾ پيش ڪيا ويندا آهن. ادب سماجي زندگي (خارجي توڙي داخلي) جو تخيلاتي (Imaginative) عڪس يا چٽ هوندو آهي. اهو صحافتي رپورٽ جيان سؤ سيڪڙو سچو بيان نه بلڪ تخيلاتي ۽ تصوراتي حقيقت (Reality) جو اظهار هوندو آهي. اديب انهن مشاهدن جو ادراڪ ڪندي زبان ۽ فارم جي هڪ مخصوص تعلق کي جوڙيندي تخليق جي تڪميل ڪندو آهي.

رچناڪار هميشه زندگيءَ جي سُکدائڪ ۽ دکدائڪ يا مليل جليل گھٽنائن ۽ واقعن کي پنهنجي تصوراتي ۽ فني (Artistic) گرفت ۾ آڻي انهن کي معنيٰ خيز صورت ڏيندو آهي. تخليقي ادب جي معنيٰ خيزي (Meaning) ڪڏهن ڪڏهن تخليق ڪار ۾ تخليق دوران واضح نه هوندي آهي، پر تخليقي عمل دوران پاڻ مُرادو پيدا ٿيل تصوراتي قوت (Imaginative Power) انهيءَ لڪل ۽ دبيل روين کي ظاهر ڪندي انيڪ معنائن جو امڪان پيدا ڪندي آهي، جن ۾ ليکڪ سان گڏ پڙهندڙ پڻ پنهنجي پنهنجي ذهني صلاحيت موجب حصيدار ٿي ويندا آهن.

هڪ سُني ۽ ڪامياب تخليقڪار جو ڪم زندگيءَ جي عام توڙي لڪل پاسن کي فني صورت ۾ آڻي انساني تجربن ۽ مشاهدن کي تازگي ڏيڻ آهي. ليکڪ جيترو وڌيڪ تصوراتي ذهن رکندڙ هوندو، هُو اوترو ئي انساني مشاهدن، احساسن ۽ تجربن کي فني تازگي ڏئي سگھندو. اهڙي فني تازگي سبب رچنا نه رڳو پنهنجي دؤر ۾ بلڪ ايندڙ دؤرن ۾ پڻ پڙهندڙ لاءِ دلڪش هوندي. مثلاً يونان جا قديم منظوم ڊراما، ڊانتي، شيڪسپيئر، ڪاليداس، عمر خيام ۽ شاهه لطيف جون تخليقي ڪاوشون، جن کي ڪلاسڪس جو درجو ڏنو ويو آهي.

ادب ٻن قسمن جو هوندو آهي: هڪڙو تفريحي ۽ ٻيو حقيقي يا سنجيده ادب. تفريحي ادب ۾ عام زندگي کي سطحي يا روايتي قبوليل روين جي صورت ۾ پيش ڪيو ويندو آهي. ڪمرشلزم يا فقط ناڻو ڪمائڻ اهڙي ادب جو خاص مقصد هوندو آهي. جڏهن ته زندگيءَ کي تنقيدي انداز ۾ پيش ڪندڙ ادب زندگيءَ جي اصل روين جي عڪاسي ڪندو آهي. اهڙو ادب، جنهن ۾ ذهن ۽ جذبا ٻيئي ڪارفرما هوندا آهن، نه رڳو پڙهندڙ جي سوچ ۾ تلاطم پيدا ڪري ڇڏيندو آهي، بلڪ زندگيءَ بابت اسان جي نقطهءِ نظر کي به ڪافي حد تائين تبديل ڪري ڇڏيندو آهي.

ادب هڪ تصوراتي اڏاوت (Imaginative Architecture) مثل آهي، جنهن جو زبان، بيان ۽ هيئت سبب ٻوليءَ سان هڪ خاص قسم جو ناتو ڳنڍيل هوندو آهي. اهو ناتو هڪ ئي وقت ذهن ۽ جذبن تي آڌار رکندڙ هوندو آهي، جنهن ڪري اظهار بيان جي ڊڪشن ۾ ڳوڙهو

ويچار ۽ تيز مينهن جيان جذبن جو وهڪرو هڪ فني روپ ڌاريندا آهن. پر ياد رهي ته تخليقي ادب ۽ ٻوليءَ جو ناتو هميشه ڪن قدرن (Values) تي منحصر هوندو آهي. قدرن جو تعلق ضروري ناهي ته جامد اخلاقيات يا رائج سنائي ۽ خرابيءَ جي اصولن تي هجي. زندگيءَ جي ٽوڙ ٿڪ ڪندي ان مان نتيجا ڪڍڻ، زندگيءَ جي مختلف ۽ متضاد روين کي معنيٰ ڏيڻ تخليقي ادب جي دائري ۾ پڻ اچي ٿو. مثلاً فحاشي ڇا کي ٿو چئجي؟ هاڻي خاص طرح مغرب ۾ فحاشي (Pornography) ان کي ٿو چئجي جنهن کي ڏسڻ يا پڙهڻ سان ماڻهو ان کي امڪاني طور ذهن تي مسلط ڪري، گهرو اثر وٺي هميشه لاءِ جنسي روڳي بڻجي وڃي ۽ جنسياتي فينٽسي جي اثر ۾ اچي ممڪنه جنسي ڏوهن جي ور چڙهي وڃي. مغرب جي جديد نفسيات ۽ جنس جي ماهرن فحش ۽ عارضي طور جنسي اشتعال ڏيندڙ لٽريچر (Erotic Literature) ۾ وڏو فرق ظاهر ڪيو آهي. سندن خيال ۾ ايروٽڪ لٽريچر، تصويرون يا اهڙيون فلمون فحش مواد جي پيٽ ۾ گهٽو نقصانڪار ڪونهن. ڊي.ايڇ لارينس جي ناول "ليڊي چيٽرليز لوَر" کي ڪورٽ ادب ۾ قدرن جي سوال کي، يعني هڪ اخلاقي مسئلي کي صحيح طور پيش ڪندڙ قرار ڏيندي ان کي "غير فحش" قرار ڏنو هو. هينري ملر جي ناول "Tropic of cancer" ۾ سيڪس کي سيڪس ڪري پيش ڪيو ويو هو، جيئن ٻين مسئلن کي پيش ڪيو ويندو آهي.ساڳيو مسئلو جيمس جوائس جي ناول "يوليسس" جي ڇپجڻ کان پوءِ ٿيو، پر نيٺ عدالتن ان ناول کي فحاشيءَ کان آجو قرار ڏنو.

ادب، جيڪو سچائيءَ جو ساکي سمجهيو ويندو آهي، ان جو دارومدار ٻوليءَ تي آهي. ادب جي اظهار جو ذريعو عام ٻولي هوندي آهي جنهن کي روزمره جي زندگيءَ ۾ هرڪو استعمال ۾ آڻيندو آهي، تنهنڪري انساني صورتحالن جي عڪاسي ڪندي سگهاري تخليقي ادب ۾ بديءَ جي اهڃاڻن يا خراب صورتن جو اچڻ ڪڏهن ڪڏهن اٽڙ ٿيو وڃي. ياد رهي ته بودليئر جي نثري نظمن جو عنوان ئي "بديءَ جا گل" رکيو ويو هو، جنهن شعري مجموعي تي پڻ فحاشيءَ جا الزام لڳا هئا، پر هاڻي بودليئر جا اهي نثري نظم عالمي ادب جو وڏو سرمايو سمجهيا وڃن ٿا.

مڙني تخليقي فنن ۾ ادب وڌيڪ تخليقي وسعت رکي ٿو ڇو ته ان ۾ وڌ کان وڌ انساني مشاهدن کي آڻڻ جي تمام گهڻي گنجائش هوندي آهي. ادب ۾ فوٽوگرافڪ سچائيءَ جي بجاءِ تصوراتي سچائي ڪارفرما هوندي آهي. آئيني جو عڪس ۽ عڪسن جو عڪس، اهو آهي تخليقي ادب.

ادب ۽ آرٽ هڪ طرح سان علامتي آهن. انهن جو آڌار علامتن تي هوندو آهي، خود ٻولي علامتن تي آڌار رکي ٿي. انساني ذهن پڻ علامتن ذريعي ڪم ڪندو آهي. تنهنڪري خاص طرح تخليقي ادب ۽ آرٽ رڳو ريڊي ميڊ ڏنل وائنل عام رواجي حقيقت (Reality) کي نقل ڪرڻ جي بجاءِ ڪنهن غيرمعمولي حقيقت/سچائي کي ڳولي لهي ان کي گهربل فارم ۾ اظهاريندا آهن. اهوئي سچ هوندو آهي. ڪانٽ (Kant) لطيف فنن جو پهريون قدردان هو، جنهن دليلن سان حسن (Beauty) سميت آرٽ ۽ ادب کي هرقسم جي نظرين ۽ نظريا سازيءَ کان آجو قرار ڏنو ۽ چيائين ته جمالياتي مشاهدو ۽ تخليقي عمل ڪنهن به قسم جي اخلاقي يا علمي ڄاڻ وارن نظرين جي تابع ناهن. ان ڏس ۾ ملارمي به چيو ته "شاعري فقط لفظن سان جڙندي آهي، ان لاءِ ڳوڙها ويچار يا نظريا درڪار ناهن هوندا." ڪارل مارڪس کي هيءُ سوال ستائيندو رهيو ته يوناني آرٽ "دائمي ڪشش" ڇو ٿا رکن؟ ڳالهه اها آهي ته اعليٰ ادبي رچنائن سميت لطيف فنن ۾ اسان پنهنجا ڏک سُور ۽ خوشيون پسندا آهيون، تنهنڪري صديون گذرڻ بعد به انهن ۾ دائمي ڪشش هوندي آهي.

آهي. جنهن کي انگريزيءَ ۾ Existentialism ڪوٺيو ويندو آهي ۽ اسان وٽ اهو محاورو ”وجوديت پسندي“ جي حوالي سان مشهور آهي. مان هن وقت ان بحث ۾ پوڻ نٿو چاهيان ته ان انگريزي محاوري جو اهو سنڌي ترجمو صحيح آهي يا غلط، پر جيستائين وجوديت پسنديءَ جو تعلق آهي ته وجوديت پسندي پلي اڻويهين صديءَ جي اديبن ۽ مفڪرن جي لکڻين ۾ پرپور انداز سان پيش ٿي ۽ اُن کي ويهين صديءَ ۾ وڏي شان مان سان قبول ڪيو ويو، پر اُن فڪري لاڙي جي سلسلي ۾ محققن جو خيال آهي ته اُن لاڙي جا ڏس پتا اُنهن کي گوتم ٻڌ جي تعليم ۽ مقدس بائبل جي بن يا ٽن بابن سميت سينٽ آگسٽائن جي ’اعترافن‘ ۽ شيڪسپيئر جي ’هيمليٽ‘ ۾ به ملن ٿا. جڏهن ته اڻويهين صديءَ دوران ڊينش فلاسافر سورين ڪرڪيگارڊ ان فڪري لاڙي جو ابو تسليم ڪيو وڃي ٿو، جنهن 1835ع ۾ پنهنجي دوست پيٽر ولهيلم لنڊ کي هڪ خط ۾ لکيو هو ته ”مون کي اهو سمجهڻو آهي ته خدا مون کان ڇا ٿو چاهي؟ مون کي پنهنجو سچ تلاش ڪرڻو آهي. اهڙو سچ جنهن جي لاءِ مان جيئي به سگهان، ته پنهنجي جان به ڏيئي سگهان.“

ڪرڪيگارڊ کان پوءِ ٻيو فلسفي فريڊرڪ نِتشي هو، جنهن جي لکڻين تي اُن فڪري لاڙي جو تمام گهڻو اثر ڏٺو وڃي ٿو. جڏهن ته اديبن ۾ روس جو عظيم ناول نگار دوستوسڪي ۽ چيڪوسلواڪيا جو ليکڪ فرانز ڪافڪا ان لاڙي جي حوالي سان سڃاتا وڃن ٿا. دوستووسڪيءَ جي ناوليٽ ”نوٽس فرام انڊر گرائونڊ“ ته اُن سلسلي جو شاهڪار مثال آهي. هونئن ته ڪارل جيسپرس کان وٺي سارتر جي رفيقهء حيات سائمن ڊي بوار تائين وجوديت پسنديءَ جي سلسلي ۾ ڪيترائي نالا وٺي سگهجن ٿا، پر وجوديت پسنديءَ جي سلسلي ۾ جيڪڏهن فرينچ اديب البرٽ ڪاموءَ جي لکڻين جو ذڪر نه ڪيو وڃي ته اها ڪاموءَ سان نه پر ادب ۽ فڪر جي ان لاڙي سان ناانصافي ٿيندي، جنهن جو روح انسان جو وجود آهي. انسان جي اڪيلائي، هن جي دنيا ۾ ڪشمڪش ۽ مختلف واقعن سبب هن جو انسانن ۾ ڪسڪنڊڙ اعتبار ۽ هن جي دل جي اها پيڙا جنهن کان بچڻ لاءِ هو نشئي يا ڪنهن نشي آور تصور يا ڪنهن عورت جي پيار يا دنيا کي تبديل ڪرڻ جي عزم ۾ پناهه وٺي ٿو. ان پيڙا جو جهڙو اظهار البرٽ ڪاموءَ ڪيو آهي، اهڙو شايد ئي ڪنهن يورپي يا آمريڪي اديب ڪيو هجي. هونئن ته هن جا ٽي ڪتاب وجوديت پسنديءَ جي سلسلي ۾ پيش ڪيا وڃن ٿا، پر منهنجي خيال ۾ وجوديت پسنديءَ جو جيترو غلبو هن جي هڪ ناول ”فال“ تي آهي، ايترو نه ته ”ريبيل“ تي آهي ۽ نه وري ”مٿ آف سسي فس“ ۽ ”اسٽرينجر“ تي.

هونئن ته شاهه جي شاعريءَ ۾ جيڪو سوز ۽ گداز آهي، اُن کي وجوديت پسنديءَ جي روح طور پيش ڪري سگهجي ٿو، پر وجوديت پسنديءَ جي حوالي سان مٿي پيش ڪيل هلڪن حوالن مان به اهو احساس اُڀري ٿو ته وجوديت پسنديءَ جي هڪ ’وسيع دنيا‘ آهي. ان دنيا مان شاهه جي شاعريءَ تي ان فڪري لاڙي جو اثر ڏسڻ جي لاءِ مان صرف ان احساس جي چونڊ ڪريان ٿو، جنهن احساس سبب هڪ انسان پنهنجي ان ماحول سان مطابقت پيدا نٿو ڪري سگهي، جيڪو هن جي دل سان ٺهڪي نٿو اچي. ان سڄي ناناهيءَ جي نتيجي ۾ هڪ آرٽسٽ پنهنجي تصوراتي دنيا قائم ڪري ٿو. شاهه لطيف پنهنجي شاعريءَ ۾ جيڪا دنيا جوڙي آهي، اُن کي اِن حوالي سان پَسي سگهجي ٿو. جيڪڏهن ان حوالي سان ڏسجي ٿو ته هن جا لڳ ڀڳ سمورا ڪردار ان دنيا سان ٺٺا نهن، جيڪا دنيا اُنهن جي دل وٽان ناهي. پوءِ اُها دنيا سسئيءَ جو ڀنڀور هجي يا مارئيءَ لاءِ عمر جو محل يا سهڻيءَ لاءِ ڏم جو آغوش يا مومل جو اُهو ڪاڪ محل، جنهن ۾ هوءَ پنهنجي من جي مينڌري جي منتظر آهي. سسئيءَ جي اڻانگي سفر، مارئيءَ جي اسيري، سهڻيءَ جي بغاوت ۽ مومل جي انتظار ۾ صرف هڪ ڪيفيت جو گذر ناهي، اُن جا مختلف موڊس

لطيف جي ڪردارن ۾ آل جال ڇُلي رهيون آهن.

ان سلسلي ۾ جيڪڏهن اسان مارئيءَ جو ڪردار ڏسون ٿا تہ اسان کي ان جي پيٽ ۾ سارتر جي ڪهاڻي "دي وال" جو مُک ڪردار ڪجهہ بہ نٿو لڳي. اها مارئي جيڪا هڪ طرف اها دعويٰ ڪري ٿي تہ:

"مُيائي جياس، جي وڃي مڙهہ ملير ڏي."

ساڳي مارئي هڪ ٻي ڪيفيت ۾ سوچي ٿي تہ:

"ڏريان ئي ڏار، جي وڍي وڻ جدا ڪيا،
تن ڪن ڪهڙي سار، تہ اُنا مينهن ملير تي."

انسان جي اها ڪيفيت نهايت خطرناڪ بلڪ موتمار آهي. منهنجو پختو خيال آهي تہ مارئيءَ جي ان ڪيفيت کي وجوديت پسنديءَ جي حوالي سان جڏهن شيخ اياز پنهنجي مخصوص وضاحت هيٺ آڻي ها تہ اها ڪيفيت عالمي ادب جو هڪ شهپارو ٿي پوي ها. اها ڪيفيت اهڙي بہ ناهي، جهڙي ان هندي دوهي ۾ پيش ڪيل آهي تہ:

"لڪڙي جلي، ڪوئلہ ڀيو، ڪوئلہ ڀيو راک،
مين برهن ايسي جلي، ڪوئلہ ڀيو نہ راک."

يا

"آلي بَن ڪي لڪڙي جيسي، سُلگت هون دن رين."

درد جا اهي تصور ايتري شدت پيدا نٿا ڪري سگهن، جيتري شدت ان خيال ۾ آهي تہ مان جنهن وڻ جي ٽاري آهيان، اُن وڻ مون کي پاڻ کان الڳ ڪري ڇڏيو آهي. هاڻي جيڪڏهن اُن مٿان برساتون پون تڏهن بہ اُن ۾ ڪي ساوا پَن اچي نہ سگهندا.

ان سلسلي ۾ جيستائين سهڻيءَ جو تعلق آهي تہ سهڻي جهڙيءَ ريت دنيا جي رشتن ناتن کي اهميت ڏيڻ بدران صرف پنهنجي دل جي چوڻ تي هلي ٿي تہ اُن جو اهو ڪردار اسان کي البرٽ ڪاموءَ جي مشهور ناول "اسٽرينجر" جي مک ڪردار جي ياد ڏياري ٿو. ڪاموءَ جو اهو ڪردار ڪنهن بہ قسم جي محبت کان وانجهيل آهي. هو هر رشتي جي محبت کان محروم آهي ۽ هن کي آخر ۾ هڪ اهڙي ڏوهہ جي ڪري موت جي سزا ملي ٿي، جيڪو ڏوهہ هن شعوري طور تي نہ ڪيو آهي. ساڳيءَ طرح سهڻيءَ کي ميهار جي محبت تہ ملي ٿي، پر اها محبت هن جي لاءِ هڪ مهڻو آهي. جڏهن تہ هن جڳ جا سمورا رشتا هن جي لاءِ ڪنهن بہ قسم جي معنيٰ نٿا رکن. هوءَ هڪ لاڳيتي ڪشمڪش ۾ رهڻ واري ڪردار جيان جيئي ٿي. ان ڪشمڪش ۾ ڪجهہ ڪيفيتون تہ هن مٿان اهڙيون بہ اچن ٿيون، جو هوءَ بلڪل اهڙي ذهني حالت ۾ هلي وڃي ٿي، جهڙي ذهني حالت ۾ ڪاموءَ جو مذڪور ڪردار پنهنجي آخري وقت ۾ محسوس ڪري ٿو. اها سڄي پيڙا هن جي جنهن پيار سبب ملي ٿي، هڪ ڪيفيت ۾ تہ هوءَ ان پيار کان بہ "اجنبي" ٿي سوچي ٿي تہ:

"ڪٿي ٿيو ميهار، ڪٿي ٿو ڳهنڊ ڳڙي،
ڪٿي دونهين دوست جي، ڪٿي پريون پار،
جو مون سڀ ڄمار، جر ۾ جهوتون ڏنيون."

سهڻيءَ جي مٿينءَ ڪيفيت وجوديت پسنديءَ جي اُها مخصوص ڪيفيت آهي، جنهن کي بيان ڪرڻ لاءِ هڪ مضمون جي نہ پر هڪ ناول جي ضرورت آهي.

اها بہ هڪ عجيب حقيقت آهي تہ وجوديت پسنديءَ کي بيان ڪرڻ جي لاءِ مفڪرن کي سدائين 'ادب' جي ميڊيم جي ضرورت محسوس ٿي آهي. مون کي ان سلسلي ۾ اها ڳالهہ بہ حيرت جهڙي لڳي ٿي تہ وجوديت پسنديءَ ۽ وحدت الوجود ۾ اها ڪيتري نہ هڪجهڙائي آهي جو ٻنهي کي سڌي سادي نثر ۾ پيش ڪري نٿو سگهجي. اسان جي صوفين سالڪن جڏهن بہ وحدت الوجود جون روحاني رمزون بيان ڪرڻ چاهيون آهن تہ اُنهن کي 'شاعريءَ' کان سواءِ اظهار جو ٻيو ڪو بہ ڳس حاصل ٿي نہ سگهيو آهي. مون ان ڳالهہ تي اڪثر سوچيو آهي تہ ائين ڇو آهي؟ مون کي ائين محسوس ٿيو آهي تہ وحدت الوجود بہ

سنگت جي نئين ۽ متحرڪ دور جي شروعات 5- آگسٽ 1983ع کان ٿئي ٿي ۽ خيرپور ۾ ٿيل چونڊن ۾ تاج جويو"سنگت" جو نئون سيڪريٽري جنرل چونڊيو ويو. پر جيئن ته تاج جويي جو گهڻو ڌيان تحريڪي ۽ تنظيمي عمل ڏانهن رهيو، تنهنڪري "سنگت" پنهنجو ڪو باقاعده اشاعتي سلسلو قائم ڪري ڪري نه سگهي.

تاج جويي جي سيڪريٽري شپ جي پهرين دور[ 5-آگسٽ 1983ع کان 9- آگسٽ 1985ع] تائين سنگت جي رڪارڊ تي ڪوبه ڪتاب/ڪتابي سلسلو ڪونهي البت ٻئي دور [9- آگسٽ 1985ع کان 1-اپريل 1988ع] ۾ هڪ ننڍڙو ڪتاب "سنڌ سنگت:ڪتاب (1) "جي عنوان سان ڇپيل آهي. ڊيمي سائيز ۾ چاليهن صفحن جي ان ڪتاب جي ٽائيٽل تي سنگت جي باني سيڪريٽري جنرل گوبند مالهي ۽ پوءِ ٿيندڙ سيڪريٽري جنرل اياز قادري، شمشيرالحيدري، تنوير عباسي ۽ رشيد ڀٽي جا فوٽو ۽ سنگت جو مونوگرام ڇپيل آهي. ۽ بئڪ ٽائيٽل تي ان وقت جي عهديدارن تاج جويي (سيڪريٽري جنرل)، اياز گل (جوائنٽ سيڪريٽري)، رسول بخش درس (خزانچي) ۽ اسير ملاح (آڊيٽر) جا فوٽو ڏنل آهن. اهو ڪتاب 'سهڻي پرنٽرس الهندو ڪچو حيدرآباد' ۾ ڇپيو. ۽ ان جو سهيڙيندڙ تاج جويو آهي، جيڪو ڪتاب جي منڍ 'سنگت سان' ۾ لکي ٿو: "سنڌي ادبي سنگت- سنڌ پاران اشاعتي سلسلي جي شروعات ڪندي پهريون ڪتابڙو، سنڌي ادبي سنگت ڪانفرنس (27- ڊسمبر 1985ع) جي موقعي تي پڌرو ڪري رهيا آهيون. اسان ڪوشش ڪنداسون ته هر ٽئين مهيني هن سلسلي جو ڪتاب ظاهر ڪندا رهون."

منڍ کان پوءِ صفحي 3 تي ڊاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽي جو مهراڻ نمبر 3-4 سال 1958ع جي پرچي ۾ ڇپيل خط، بعنوان "ادبي سنگت" ڏئي شايع ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ هن هڪ 'ادبي سنگت' يا 'ادبي ياري جمعيت' جو خيال پيش ڪيو آهي. ڊاڪٽر دائودپوٽي اهو خط ڪراچي مان 31- آگسٽ 1945ع تي لکيو هو. عام تاثر اهو ڏنو ويندو آهي ته "سنڌي ادبي بسنگت" جي بنياد جو محرڪ اهو خط آهي. پر محققن جو ان ڳالهه تي اتفاق ڪونهي. خود منهنجو به خيال آهي ته ان خط کي 'سنگت' ٺهڻ جو محرڪ قرار ڏيڻ درست ڪونهي. ان سلسلي ۾ سنڌي ادبي سنگت جي پهرين ڪاروباري ڪميٽي جي ميمبر ڪامريڊ سوڀي گيانچنداڻي پنهنجي هڪ انٽرويو ۾ ان ڳالهه ڏانهن اشارو ڪندي چيو. "اسان وٽ هتي تعصب به ڪافي حد تائين آهي. ڪجهه ڏينهن اڳ سنڌي ادبي سنگت بابت ليک پڙهيم، انهيءَ ۾ منهنجو نالو ئي نه هو. ان ۾ لکيل هو ته علامه دائود پوٽي جي مهراڻ رسالي ۾ لکيل خط سان ئي سنڌي ادبي سنگت جو جنم ٿيو. اهو قصو اڳ ۾ به ٻڌو اٿ. پر حقيقت هيءَ آهي ته سنڌي ادبي سنگت ان کان اڳ وجود ۾ اچي چڪي هئي. جولاءِ 1944ع ۾ جڏهن مان جيل مان نڪتس ته هفتي جي اندر ئي سنڌي ادبي سنگت جو ميڙ ٿيو."

خط کان پوءِ سنڌي ادبي سنگت جو پڌرنامو ڏنو ويو آهي. جيڪو24- جنوري 1971ع تي سنڌ سنگت ڪائونسل جي سکر واري ميڙ ۾ منظور ڪيو ويو هو(ص: 4). ان جي هيٺان صفحي 5- تي 'سنڌ سنگت جي 15- نومبر 1985ع ۾ موري ۾ ٿيل ڪاروباري ڪميٽي جي اجلاس ۾ ڏکڻ آفريڪا جي شاعر 'بنجامن مولائيز' کي ڏکڻ آفريڪا جي نسل پرست سرڪار پاران ڏنل ڦاهي جي مذمتي قرارداد ڏني وئي آهي. ۽ گڏوگڏ ان پاس ڪيل قرارداد ۾ اتان جي اصلي رهاڪو ڪارن باشندن سان سندن جدوجهد جي اخلاقي حمايت ۽ يڪجهتي جو اظهار پڻ ڪيو ويو آهي.

ان کان پوءِ سنگت جي تاريخ جي حوالي سان رشيد ڀٽي جو مضمون "سنڌي ادبي سنگت جا 23- سال" (1947ع کان 1970ع) ڏنو ويو آهي، جنهن ۾ رشيد ڀٽي سنگت جي بنياد ۽ ڪارڪردگي جو مختصر جائزو ورتو آهي. مضمون ڪافي ڄاڻ ڏيندڙ ۽ سنگت جي تاريخ جي ڪيترن ئي گمنام گوشن تان پردو کڻي ٿو.

تنهن کان پوءِ ان وقت جي سيڪريٽري جنرل تاج جويي جي ڪارڪردگي رپورٽ "هوءَ جا

ڪنيل ڪلت ڪهاڙن تي افسوس ۽ ڏک جو اظهار ڪندي، نهايت دردانگيزي مان ڪين ٻڌي ڪرڻ جي اپيل ڪندي لکيو ويو آهي:

"...جيڪڏهن اسانجي سياستڪارن ايڪي ۽ ٻڌي جي واٽ نه ورتي، هڪ ٻئي لاءِ جاءِ نه پيدا ڪئي. هڪ ٻئي کي نه سَنو، بدگمانيون ختم نه ڪيون ته سنڌي عوام ۽ اهو سياسي ورڪر، جنهن جي پگهر جي پورهئي ۽ قربانين تي سياسي اڳواڻ پلجن ٿا، چند فيصلن ڪرڻ تي مجبور ٿيندا:

(1) هر انهيءَ جلسي ۾، انهيءَ مقرر کي ٻڌڻ کان انڪار ڪيو ويندو، جيڪو باهمي ڇڪتاڻ واريون ڳالهيون ڪندي، هڪٻئي جي ڪردارڪشي ڪندو.

(2) هر انهيءَ لکت جو بائڪاٽ ڪيو ويندو، جنهن ۾ هڪ ٻئي جي خلاف بد زبان استعمال ڪئي وئي هوندي.

(3) هر انهيءَ سياسي اڳواڻ جو گريبان پڪڙيو ويندو، جيڪو سنڌي قوم جي ٻڌي جي راهه ۾ رڪاوٽ بڻبو.

اها اپيل نه رڳو ان وقت (89-1988) جي قوم پرست سياست جو تعارف ڪرائي ٿي، پر پنهنجي اندر ۾ وسيع پس منظر پڻ رکي ٿي ۽ اهو پهريون پيرو هو جو "سنڌي ادبي سنگت" جي پليٽ فارم تان سنڌي قوم جي وسيع تر اتحاد جي لاءِ اپيل ڪئي وئي ۽ گڏو گڏ انهيءَ تي اتحاد ڪرڻ جي لاءِ دٻاءُ وجهڻ خاطر ٽن نڪتن جو پروگرام به ڏنو ويو. سنگت پبليڪيشن ۾ لکيل اهو ايڊيٽوريل پوءِ پمفليٽ جي صورت ۾ ڇپرائي سڄي سنڌ ۾ ورهايو ويو.

پبليڪيشن ۾ 'موجوده صورتحال ۾ سنڌي ادبي سنگت جو لائحہ عمل'، جيڪو 27- جنوري 1989ع جي ڪاروباري ڪميٽي جي اجلاس ۾ پاس ڪيو ويو، ان پاليسي جو متن شايع ڪيل آهي (صفحو 68-69)- اهو لائحہ عمل جو متن هڪ تاريخي دستاويز جي حيثيت رکي ٿو. اهو پهريون موقعو هو، جو "سنگت-سنڌ" جمهوريت ۾ اديب ۽ عوام جي ڪردار جي باري ۾ چٽو موقف اختيار ڪيو. لائحہ عمل جي هن پڌرنامي ۾ لکيو ويو:

**موجوده صورتحال ۾ سنڌي ادبي سنگت جو لائحہ عمل تاريخ**

(27-01 -1989)

"سنڌي ادبي سنگت سنڌ، 1988ع جي عام چونڊن کان پوءِ ملڪ ۾ بحال ٿيل جمهوريت تي اطمينان جو اظهار ڪندي هن نقطہ نظر جي پنهرائي ڪري ٿي ته جمهوريت جي قيام سان گڏ ان جي استحڪام لاءِ سوچڻ، لوچڻ ۽ لکڻ به اديب جي ذميوارين ۾ شامل آهي. ادبي سنگت چاهي ٿي ته هن ملڪ جي سيني ماڻهن کي سيئي جمهوري حق ۽ آزاديون بنا ڪنهن امتياز ۽ تخصيص جي ملڻ گهرجن. جمهوريت جي قيام ۽ استحڪام جو مدار وڏيڪ جمهوريت هئڻ تي آهي.

جمهوريت جي قيام بعد اديب ۽ عوام جو رول ختم نٿو ٿئي پر ويتر وڌي ٿووڃي. ڇاڪاڻ ته حڪمرانن جي آپيشاهي، ساٺن لاڳاپيل مستقل مفادن جي ڦرلٽ ۽ ڪامورا شاهي جو ڏاڍ هڪ طرف وڏڻ جو خطرو درپيش رهي ٿو ته ٻئي طرف جمهوري قوتن جي خلاف سازشن جا سلسلا تيز ٿيو وڃن. اهڙيءَ صورتحال ۾ اديب ۽ عوام جو محض ڪنهن مخصوص گروهہ جي فائدي ۾ ملڪي معاملن کان لاتعلق رهي، خوش فهمين جي جنت ۾ فرحت جي خيالي نند سمهڻ جو عمل درست نہ آهي. انهيءَ ٻٽي ذميواريءَ کي شعوري طرح سمجهڻ ۽ زنده مسئلن تي بنا ڪنهن مصلحت ۽ مصالحت جي، خيالن جو اظهار ڪرڻ جمهوري روايتن ۽ قدر لاءِ فائديمند ثابت ٿيندو. سنڌي ادبي سنگت نہ لازمي طرح حڪمرانن جي حمايت لاءِ ٻڌل آهي ۽ نہ ئي لازمي طرح مخالفت تي سندرو ٻڌي بيهڻ واسطي تيار آهي. هر اهو ڪم جيڪو سنڌي قوم، ٻولي ۽ ادب لاءِ نفع بخش هوندو، ان جي حمايت ڪئي ويندي ۽ هر اهو عمل جنهن سان سنڌي قوم، ٻوليءَ ۽ ادب کي ٿر جيترو به ڇيهو رسندو، ان جي مخالفت ڪرڻ سنگت جو آئيني انساني ۽ اخلاقي حق ۽ فرض هوندو.

سنڌي ادبي سنگت بدستور ترقي پسند قومي نقطہ نظر جي ڦهلاءُ ۽ روشن خيالي واري ادب جي ڀرپور تخليق لاءِ ڪم ڪندي رهندي.

غلام حسين رنگريز جي دور (90-1988) ۾ شروع ڪيل اهو ڪتابي سلسلو صحيح معنيٰ ۾ "سنڌي ادبي سنگت" کي ان جي اڪيڊمڪ ۽ فڪري ڪردار طرف وک وڌائڻ جي پهرين ڪامياب ڪوشش هئي. جنهن جا اڳتي هلي بهتر نتيجا نڪتا.

1990ع ۾ تاج جويو سنڌي ادبي سنگت جو ٽيون ڀيرو سيڪريٽري جنرل چونڊيو (23- مارچ 1990ع کان 22- مئي 1992ع تائين) تاج جي هن دور ۾ هڪ نئيو ڪتاب "سنگت پبليڪيشن (1)- سنڌي ادبي سنگت جي، دهشت گرديءَ جي خلاف جدوجهد" 1991ع ۾ ڇپيو. اهو ڪتاب ڊيمي سائيز جي 88 صفحن تي مشتمل آهي. اُن جا ترتيب ڏيندڙ اياز گل، نياز پنهور ۽ پارس حميد آهن. اُن ۾ مختلف موقعن تي تاج جويي جون لکيل رپورٽون ۽ مضمون ڏنا ويا آهن. هن ڪتاب تي منهنجو هڪ تفصيلي تنقيدي مضمون، منهنجي ڪتاب "سنڌي ادبي سنگت (هڪ جائزو)" ۾ ڏنل آهي. تاج جويي جي هن ٽئين دور ۾ وڌيڪ ٻيو ڪو به ڪتاب شايع ٿيل ڪونهي.

ادل سومرو پهريون ڀيرو 22- مئي 1992ع تي سيڪريٽري جنرل چونڊيو. ادل سومري جي هن پهرين دور ۾ "سنگت: سنڌي ڪهاڻي نمبر" ۽ "سنگت: سنڌي شاعري نمبر" کان سواءِ "سنگت ڪارڪردگي نمبر" (1992- 1994) شايع ڪيا ويا. ڊيمي سائيز ۾ "سنگت: سنڌي ڪهاڻي نمبر"160 صفحن تي مشتمل آهي. ڪهاڻي نمبر جي پهرين ڀاڱي ۾ اٺ مضمون ۽ ٻئي ڀاڱي ۾ 9- ڪهاڻيون ڏنل آهن. هي ڪتاب مارچ 1993ع ۾ شايع ٿيو.

"سنگت: سنڌي شاعري نمبر" جنوري-مارچ 1994ع ۾ شايع ڪيو ويو، جنهن جي پهرين حصي ۾ شاعري ۽ سنڌي شاعري بابت 9 مضمون ۽ ٻئي ڀاڱي ۾ بيت، غزل، نظم، گيت، ترائيل، ٽيڙو ۽ قطعه ڏنل آهن. "پنهنجي پاران" ۾ ادل سومرو لکي ٿو:

"سنگت پبليڪيشن جي سلسلي ۾ ساٿين جي اها راءِ بيٺي ته چاليهن صفحن جي ڌار ڌار ڳڌيل مواد وارن پرچن جاري ڪرڻ بدران اهڙا نمبر شايع ڪيا وڃن، جيڪي مستقل حوالي طور استعمال ٿيندا رهن. انهيءَ خيال کي عملي روپ ڏيڻ لاءِ ڪهاڻي نمبر ڪانپوءِ شاعري نمبر اوهان جي هٿن ۾ آهي."

"سنگت: شاعري نمبر" ڊبل ڊيمي سائيز جي 176 صفحن تي مشتمل آهي ۽ قيمت چاليهه رپيا اٿس.

ادل سومري جي دور جو ٽيون پرچو "سنگت ڪارڪردگي نمبر1992ع کان 1994ع آهي، جنهن ۾ سنگت جي شاخن جي فهرست، انهن جي سيڪريٽرين ۽ ڪائونسلرن جا نالا، انهن جا فوٽو ۽ سنگت مرڪز پاران ڪوٺايل مختلف پروگرامن ۽ ايوارڊن جا تفصيل ڏنل آهن. هي ڪارڪردگي نمبر ڊبل ڊيمي سائيز جي 56 صفحن تي مشتمل آهي. مٿين ٽنهي پرچن جي سهيڙيندڙن ۾ منٺار سولنگي، غلام نبي ناشاد ۽ نعيم شيخ شامل آهن.

3- جون 1994ع تي ڀٽ شاهه ۾ سنگت جون چونڊون ٿيون، جنهن ۾ ڊاڪٽر شمس سومرو سنگت جو نئون سيڪريٽري جنرل چونڊيو ويو، پر هارايل ڌر پاران، جمهوري عمل کي پٺي ڏئي، سندس چونڊ کي تسليم نه ڪيو ويو، جنهن ڪري سنگت سخت بحران ۽ اختلافن جي ور چڙهي ويئي. نوبت استعيفائن تائين وڃي پهتي. انهن اختلافن ۽ بحراني صورتحال جي ڪري سنگت پاران ڪو به اشاعتي ڪم ٿي نه سگهيو.

8- نومبر 1996ع تي ٿيل چونڊن ۾ ايازگل سيڪريٽري جنرل ٿيو. اياز گل جي دور ۾ سنگت پاران چار اشاعتون رڪارڊ تي آهن. پهرين اشاعت "سنگت پبليڪيشن" جي نالي سان آگسٽ 1997ع ۾ ڊبل ڪرائون سائيز جي آهي ۽ 56 صفحن تي ٻڌل آهي. ان پرچي جو ايڊيٽر جوائنٽ سيڪريٽري وسيم سومرو، 'ايڊيٽر پاران' ۾ لکي ٿو: "سنڌي ادبي سنگت ۾ اچڻ ڪانپوءِ منهنجو جيڪڏهن ڳڻڻ جهڙو عمل آهي ته اهو سنگت جو نئون پرچو ئي آهي." هن پرچي ۾ انٽرويو، شعر ۽ ڪهاڻيون شامل آهن. اعلان جي باوجود باقي سڄي دور ۾ پبليڪيشن جو ٻيو پرچو اچي نه سگهيو.

اياز گل جي ٽئين دور ۾ 28- ڊسمبر 1997ع تي حيدرآباد ۾ ٿيل ڪانفرنس جي موقعي تي، جيڪو

# ”سنڌي ادبي سنگت“ -- ۽ يادگار تصويرون



”سنڌي ادبي سنگت“ جي مرڪزي ڪاروباري ڪميٽيءَ ۾ شريڪ عيوضي: محمد عثمان ڏيپلائي، منير احمد مانڪ، پٽر سنڌي، رسول بخش پليجو، انور هالائي، رشيد ڀٽي، سيف ٻنوي، نورالدين سرڪي، حميد سنڌي، تنوير عباسي، غلام رباني آگرو، زيب ڀٽي، پروانو ڀٽي، شوڪت حسين شورو، ناشاد ۽ نياز همايوني (”هوٽل اورينٽ“، حيدرآباد، 24- اپريل 1967ع)



24- اپريل 1967ع تي حيدرآباد ۾ ”سنڌي ادبي سنگت“ جي مرڪزي ڪاروباري ڪميٽيءَ جي عيوضين جي مان ۾ حيدرآباد جي چئن مقامي روزانن- ”عبرت“، ”نواءِ سنڌ“، ”خادم وطن“ ۽ ”هلال پاڪستان“- جي ايڊيٽرن طرفان هوٽل اورينٽ ۾ ڏنل لنچ جو منظر.

ساڄي کان: منير احمد مانڪ، نياز همايوني، ناشاد، محمد ابراهيم جويو، حميد سنڌي، غلام رباني آگرو ۽ رشيد ڀٽي.

کاٻي کان: شوڪت حسين شورو، سيف ٻنوي، پٽر سنڌي، شيخ علي محمد، رسول بخش پليجو، محمد عثمان ڏيپلائي....

شهيد جو مذهب ڌانهن رويو صحتمندائو آهي. چئي ٿو:

هڪ ئي سجده خلوص جو ڪافي،
هيئن چو پيشاني داغدار ڪجي.
("پيار جا پوپٽ ۽ چاهت جا گلاب")

دين تبليغ سان نہ ايندو آہ،
دين، دل جي يقين سان آهي.

اڃان بہ اڳتي هڪ هنڌ ٻئي طرح چئي ٿو:

هٿ ۾ هر دم "شهيد" جي تسبيح،
من جي مالا ڪٿي جپي نہ جپي.

شهيد جا ٻيا بہ ڪيترائي نظم ، غزل ۽ چوسٽا "وردي"، "ڪچرو گهر"، "شاعر"، "سنڌوءَ جو خواب"، "اي پرين......"، "قومي مفاد"، "بند"، "دانگي"، "چٽ چٽ" اهڙيون تخليقون آهن جن تي سوچي سگهجي ٿو، لکي سگهجي ٿو، ڳالهائي سگهجي ٿو. هُو جنهن دور ۾ زنده آهي ان دور جي سمورين حالتن کان نہ رڳو هُو باخبرآهي، پر هن جي شاعري ۾ اهڙا ڪيترائي نقش چٽيل آهن جيڪي ڪيس وقت شناس، باهمت ۽ حوصلہ مند شاعر ثابت ڪن ٿا.

حميد شهيد جي هن مجموعي "هيڪلايون نويڪلايون "۾ ان کان سواءِ ٻيا بہ ڪيترائي رنگ چٽيل آهن. خاص طور رومانيت "شهيد" جي شاعريءَ جو بنيادي محرڪ آهي. هونئن بہ شاعر جي جمالياتي حس عام فرد کان وڌيڪ سگهاري ٿئي ٿي. هو هر منظر، نظر ۽ هر صورت ۾ ڪونہ ڪو جمالياتي عڪس ڳولي ان مان آمادگي حاصل ڪري ٿو. حميد شهيد وٽ بہ اهڙا ڪوڙ سارا مثال موجود آهن، جنهن سان سندس ان فطري جذبي جي ترجماني ٿئي ٿي هو پنهنجي هڪ غزل ۾ بي اختيار چئي ٿو:

چاهتون، چاهيون نہ چاهيون، ٿيو وڃن،
پنهنجي وس ۾ يار ناهيون، ٿيو وڃن.
لغزشون انسان آهيون، ٿو وڃن،
پاڪ پوتي پاڻ ناهيون، ٿيو وڃن.

هڪ ٻئي هنڌ چئي ٿو:

پيرين اگهاڙي آيو آهيان،
پرين پاڙي آيو آهيان،
وارن جا واسينگ ڇمڻ لئي،
لنڊيون لتاڙي آيو آهيان.

حميد شهيد وٽ عشق جيئڻ جو اتساهہ آهي. هن جي اندر ۾ اڄ بہ هڪ عاشق موجود آهي، هن جي عاشقي هن جي اڄ ، تات ۽ طلب وڌائي ڇڏي ٿي:

اڄ بہ مَنَ کو پياسو مڻ پاڻي پئي،
آس جا ڪورا گهڙا مهڪي اٿيا.

سندس جمالياتي حس جا ڪجهہ خوبصورت رنگ ڏسو

وِڄ وراڪو، نہ چنڊ جو چمڪو،
پاند پوتيءَ جو سرڪيو آهي.

---

نانءَ وڻن سان مهڪي اڱڻ ٿو،
چاهت ۾ چا راحت آهي.

---

نيڻ نشيلا ڪڻ سيرين،
شام لٿي آ رنگ رتي.

---

ناز مان هڪ گُل هٿي ويندو رهيو،
پيار جو پهريون پهڻ ڳولهي لڌم.

--

چيلاٽن جا چهڪ لهي ويا،
توکي ڏسڻ سان ٿڪ لهي ويا

----

خدا تي ايمان پختو ٿئي ٿو،
حسين صورت اگر ڏسون ٿا.

شهيد، جيڪو بقول سائين امداد حسيني "رڳو خانداني شاعر نہ آهي، بلڪ اصلي نسلي خانداني عاشق پڻ آهي"، سو ان جي عشق جي ڪٿا ڪنهن بہ نہ ٻڌي آهي. زڄ جيان هن جو من پيار جي منطقي انجام جي مَڏ رکيو ويٺو آهي. هن جي اندر جي بيقراري، تڙپ، لوچ پوچ، هن کان ههڙيون ئي سٽون لکرائين ٿيون:

ڪنهن بہ نہ دل جو درد سُڃاتو،
تو بہ نہ سمجهيو تو بہ نہ ڄاتو،
پيار جو رشتو نينهن جو ناتو،
تو بہ نہ سمجهيو تو بہ نہ ڄاتو.

منهنجي اکين جي تاس ڏني تو؟
صحرا جي هي پياس ڏني تو؟
من چو ماندو، تن چو آتو؟
تو به نه سمجهيو تو به نه چاتو؟

حميد شهيد جا ڪيترائي اهڙا شعر آهن جيڪي سچ پچ هت نقل ڪرڻ جهڙا آهن. هن وٽ پنهنجن خيالن جي اظهار لاءِ نيون تشبيهون، ڪنايا ۽ لفظن جون معنائون پڻ آهن. سندس هڪ چوسٽو "وهاٽو" مردانٽي سماج جي ڀرپور عڪاسي ڪري ٿو. هڪ عورت (زال ڪي) مولٽي فوم جي وهاٽي سان تشبيهه به عجيب و غريب آهي، جيڪا دل کي نٽي آئڙي. هڪ عورت محبت ۽ اعتماد تي پنهنجا جذبا، احساس، خواهشون ۽ پنهنجو سڀ ڪجهه هڪ مرد جي نانءُ ڪري ڇڏي ٿي. پوءِ مرد ڪي زندگيءَ جي هڪ موڙ تي اها عورت (زال) جيڪا ڪڏهن هن جي خوابن، خواهشن، احساسن ۽ محبتن جو محور هوندي هئي، ڪيس مولٽي فوم جو وهاٽو لڳي ٿي. جڏهن عورت جي جسماني حسناڪي تبديل ٿي وڃي ٿي ته پوءِ مرد ڪي اها ئي عورت مولٽي فوم جو وهاٽو ڇو ٿي لڳي؟ شاعر پنهنجين خواهشن کان به وڌيڪ ٻئي جي اندر ۾ لهي ان جي احساسن، جذبن ۽ موسم ڪي لفظن ۾ نقش ڪري- اهو ان جو ڪمال چئبو.

هالا سنڌي شاعري خاص ڪري غزل جي حوالي سان ادب جي اتهاس ۾ وڏي حيثيت رکي ٿو. خليفي گل کان خليفي قاسم تائين هالا جو غزل پنهنجا رنگ روپ ڏاري بيٺو آهي. هالا جو شاعراڻو ماحول خاص طور مشاعرن جون محفلون پنهنجي مخصوص لب و لهجو ۽ رنگ ترنگ رکن ٿيون، جنهن تي وڏي وقت تائين عروضي، روايتي ۽ نيم ڪلاسيڪي رنگ غالب رهيو. گهڻي وقت کان پوءِ هالا جي شاعرانه روايت ۾ جدت جو پهريون ترورو"سوز" هالائي جي شاعري جي صورت ۾ ظاهر ٿيو، جنهن هالا جي شاعراڻي ماحول کي هڪ خاص صورت ڏني. اهڙيءَ ريت امتياز ابڙي، عرفان مهدي، سيف بخاري تنها، ڪوثر هالائي، جاويد سوز هالائي، سهيل فيصل ابڙي، مخمور بخاري، حسين سرور ۽ ٻين جديد شاعريءَ جو رنگ اختيار ڪيو. هن فڪري تبديلي جو ڪارڻ جديد سنڌي شاعريءَ جا سرموڙ شاعر شيخ اياز، تنوير عباسي، استاد بخاري، عبدالڪريم گدائي، نارائڻ شيام، نياز همايوني، امداد حسيني ۽ تاج بلوچ اچ به سندن رهنمائيءَ جون علامتون آهن.

هالا جي جديد رنگ اختيار ڪيل شاعرن ۾ حميد شهيد پنهنجي هن ٻئي مجموعي "هيڪلايون نويڪلايون" کان خاص طور پوءِ مون کي جدت جي سلسلي ۾ ڪجهه اڳيرو بيٺل نظر اچي ٿو. هن وٽ پنهنجي شاعري لاءِ لاتعداد موضوع آهن ۽ انهن موضوعن کي گهاڙيٽن جي قالب ۾ اوتڻ لاءِ وري وٽس خوب بيساختگي پڻ آهي:

ماٽ ڪرڻ جا سوڪو ڪم آ،
شيشا چٻاڙي آيو آهيان.
سنڌو اُجاري رڻ گهريو ٿي،
ڳوڙها ڳاڙي آيو آهيان.

حميد شهيد، جيڪو شاعريءَ کي قومي امانت سمجهي ان جي ڀرپور حفاظت ڪري رهيو آهي، اُهو پنهنجي ذات جي اندر بي باڪ، مخلص،همدرد ۽ ميناج وارو شخص آهي. هو اها قومي امانت سنڌ جي اُسرندڙ نئين ٽهيءَ جي حوالي ڪرڻ چاهي ٿو:

وڏن جي مليل امانت آهي،
هي خواب جيڪي اسين ڏسون ٿا،
نئين ٽهيءَ کي هي خواب سونپي،
اسين وڃون ٿا، اسين وڃون ٿا.

حميد شهيد جي نيڻن ۾ جرڪندڙ روشن صبح جو خواب اسان کي پنهنجن نيڻن ۾ نه فقط سمائڻو پوندو، پر ان راهه ۾ اسان کي حميد شهيد جهڙن شاعرن جي رهنمائي جي ضرورت آهي:

پير ڪٽڻ جي دير فقط آ،
ماڳ ملڻ ۾ دير نه ٿئي ٿي.
شعر "شهيد" الهام اگر آ،
شعر چوڻ ۾ دير نه ٿئي ٿي.

# تاج بلوچ جي شعري مجموعي "درد جو صحرا" جو جائزو



طارق عزيز شيخ

جيئن سنڌي ٻولي نهايت وسيع ۽ شاهوڪار آهي، اهڙيءَ ئي ريت هن ٻوليءَ پنهنجا خدمتگار ٻه صلاحيتمند ۽ سگهارا پيدا ڪيا آهن. سنڌي ادب ۾ شاعريءَ جي آسمان تي ڪيترن ئي ستارن سدائين لاءِ اهڙي امر جوت جرڪائي ڇڏي آهي، جيڪا ڪڏهن ٻه جهڪي نٿي ٿي سگهي ۽ اهڙن جڳ مڳ ستارن ۾ هڪ نشانبر نالو 'تاج بلوچ' جو آهي.

تاج بلوچ شاعريءَ جي گهڻو ڪري سمورين صنفن تي طبع آزمائي ڪئي آهي ۽ سيني صنفن ۾ پاڻ مڃايائين. دُوها، نظم، غزل، گيت، وايون، نثري نظم، بي قافيا نظم ۽ قطعا وغيره چيا اٿس. پنهنجن چئن شعري مجموعن "درد جو صحرا" ، "خوشبوءِ جو زهر" "لفظن جو ماتم" ۽ "دل جزيرو اُداس سپنن جو" ۾ تاج بلوچ جي بيشتر شاعري 'رومانوي' نظر اچي ٿي. هونئن ته هُن مختلف موضوعن تي ٻه ڪلام چيو آهي، پر مون کي سندس شاعري تي مجموعي طرح رومانوي رنگ جو غلبو محسوس ٿيو. هتي اهو واضح ڪرڻ لازمي ٿو سمجهان ته تاج بلوچ سياسي ۽ انقلابي لٽريچر جو سگهارو قلمڪار آهي ۽ ڪالم، مضمون توڙي نثر جي ٻين صنفن تي ٻه عبور رکي ٿو. پر جهڙو اظهار هن پنهنجي دلنشين شاعريءَ جي وسيلي ڪيو آهي، تهڙو ٻئي نموني نٿو ڪري سگهي. تاج بلوچ جي ڪلام جو تفصيل سان ذڪر ڪرڻ لاءِ اڄ اسان سندس پهرئين شعري مجموعي جو جائزو وٺون ٿا:

"درد جو صحرا" 1970ع ۾ ڇپيو ۽ هيل تائين ان جا ٽي ايڊيشن اچي چڪا آهن. پاڪستان رائٽرس گلڊ پاران 1970ع جو 'بهترين ڪتاب' هن ئي مجموعي کي قرار ڏئي ساليانو ايوارڊ ڏنو ويو. "درد جو صحرا" ۾ دوها، وايون، گيت، نظم، غزل ۽ قطعا آيل آهن. هيءُ شعري مجموعو 1962ع کان وٺي 1970ع تائين شاعريءَ تي مشتمل آهي. هيءُ اهو زمانو آهي جڏهن سنڌ ۾ ٻوليءَ جو مسئلو ڀرپور طرح سان پنهنجي حساس حيثيت حاصل ڪري چڪو هو. سنڌ جو اديب ۽ صحافي ايوبي آمريت جي خلاف نظرياتي توڙي سياسي ويڙهه ڪري رهيو هو. انهيءَ بقا جي ويڙهه ۾ تاج بلوچ ٻه ڌرتي ماءُ جي ٻين سڄڻ سپوتن جيان پنهنجي حصي جو ادبي فرض خوب نڀايو ۽ پوري ذات ۽ ڏانءُ سان آواز بلند ڪيو:

هُو سرفروش مٽي سان ڪفن ٻڌي جو هليا،
هزار هوشو ۽ هيمون گهٽيءَ گهٽيءَ مان اُٿيا،
ڏمر جا، ڏاڍ جا، ڪنگرا ڇڏيائون ڪيرائي،
لهوءَ سان جن جي ٿيا سُرخ چوڪ ۽ رستا.

هن زماني ۾ جديد ترقي پسند وطن دوست سنڌي ادب تي زنجير پيا. سنڌي شاگردن ۽ شاگرد تنظيمن تي تشدد ٿيو، ڪين جيلن ۾ واڙيو ويو. ٻوليءَ جي مسئلي تي حق جو آواز بلند ڪندڙ عام توڙي خاص ماڻهوءَ کي ظلم جو نشانو بڻايو ويو. سنڌ جي وجود کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي، جنهن جي ڪري لاتعداد غير سنڌين کي ڪراچي، حيدرآباد ۽ سنڌ جي وڏن شهرن ۾ آباد ٿيڻ ۾ آسانيون مليون. ايوب خان پنهنجن

ايندي آهي، پر تاج جي چيل وائي ۾ بند کان پوءِ وراڻي ترنم جو شاهڪار نمونو آهي، جيئن مثال طور:

ڪير ڳلن جا پوئي هار
هٽ سين جا زخمي زخمي
خوشبو تي نيلام وئي
بند چمن جو ڪاروبار
گل شاخن تي بار
ڪير ڳلن جا پوئي هار.........

سُرها سُرها ساهه جنين جا
تن جي ڪين وٽي گفتار
هرڪا دل بيمار
ڪير ڳلن جا پوئي هار.........

ڪا ڪا سِٽ ڪويءَ جو سينو
چيري ڦاڙي ٿئي نروار
جڻ تيز تکي تلوار
ڪير ڳلن جا پوئي هار.........

ڄاڻ ته جرڪيا ڦٽ اندر جا
نيٺ ته مٽبو هيءُ انڌڪار
ڪو نه ڏياٽيون ٻاري يار
پوءِ ڏياٽيون ٻاريو يار
ڪير ڳلن جا پوئي هار
هٽ سين جا زخمي زخمي.

تاج بلوچ جيئن ته جديد سنڌي شاعريءَ جو هڪ وڏو نالو آهي، انهيءَ ڪري سنڌس شاعريءَ ۾ جديد موضوعن تي به سٺو عبور حاصل اٿس.

"نظم" جديد شاعريءَ جي اهم صنف آهي، جيڪا ٻي مهاڀاري جنگ کان پوءِ وجود ۾ آئي. جيتوڻيڪ هيءُ صنف مغرب کان آيل آهي پر جڏهن سنڌي شاعرن پنهنجي مادري ٻوليءَ جو هن کي ويس ڍڪايو ته جڻ هن صنف جو صدين کان واسطو اسان سان پئي لڳو. ڪشنچند بيوس ۽ حيدربخش جتوئي اڳي هن صنف کي ترقي وٺرائي، پر پوءِ شيخ اياز، نياز همايوني، تاج بلوچ، تنوير عباسي، شمشيرالحيدري، امداد حسيني، سليم ڳاڙهوي ۽ ٻين شاعرن برجستا نظم لکي، ان صنف کي اڳتي وڌايو.

هن مجموعي ۾ تاج جا مختلف موضوعن تي اسان کي نظم ملن ٿا. هر موضوع جي نوعيت پنهنجي پنهنجي آهي، پر تاج جو انداز سمورن نظمن ۾ هڪجهڙو يعني تفصيلي ۽ باريڪ بينيءَ وارو آهي. هُو خيال کي واضح ڪري گهرائيءَ سان بيان ڪري ٿو. مثال طور:

**نوريءَ جي مزار تي**

غربتِ سنڌ آهه دفن هتي
سيرتِ سنڌ آهه دفن هتي
هي نه آهي مزار نورجهان
هي نه آ يادگار شاهِ جهان
سنڌ جو ڄاڻ هن کي نورمحل
آگري جو نه آ هي تاج محل
هي مزار خمير سنڌ آهي
حسن مشرق ضميرِ سنڌ آهي
نام نوري سراپا نور هئي
جام جا سنڌ جو غرور هئي
اهڙي پاڪيزا مه جبين معصوم
جڻ ڀٽائيءَ جي بيت جو مفهوم
حاڪمِ وقت جي ٿي گهرواري
هن مٽان جو ٿيو ٿي ٻلهاري
ان جي هوندي به با نياز رهي
حُسن سيرت ۾ پاڪباز رهي
هي ڀٽائيءَ جي لاڏلي نوري
هي تماچيءَ جي چاڳلي نوري
هي مزار خميرِ سنڌ آهي
حسن مشرق ضميرِ سنڌ آهي
هي نه آهي مزار نورجهان
هي نه آ يادگار شاهِ جهان
غربتِ سنڌ آهه دفن هتي
سيرتِ سنڌ آهه دفن هتي

رچي ٿو. تاج جي سهڻن خيالن ۾ نفرتن ۽ ڪفلتن جي ڳالهه پري پري تائين نٿي ڏسجي. هن وٽ عشق ۽ سونهن جون منيون منيون ڳالهيون آهن. هن وٽ پرينءَ جي ملڻ ۽ ڳالهائڻ واريون اهڙيون رنگين يادون موجود آهن، جهڙيون مينهوڳيءَ جي آخري بارش آسمان تي اندلٺ جي رنگن ۾ ڇڏي ويندي آهي. سندس هڪ نظم انهيءَ حوالي سان ملي ٿو، جنهن ۾ سونهن، پيار ۽ سچائي جو چٽو عڪس ملي ٿو:

### حرارت

زندگي آهي مٺي چشمي جيان
جنهن ۾ ڪيئي پياريون پياريون
ڪنواريون ڪنواريون
حسن جون شهزاديون
رات جي پوئين پهر
سوڳوار ۽ سوڳوار
اڌ اگهاڙيون، تڙ ڪرڻ لئه ٿيون اچن
مان انهيءَ چشمي جو پاڻي آهيان
تن جي جسمن سان لڳي
تن جي چپڙن کي ڇُهي
ڪتڪتايون ٿو ڪريان
تن جي هر هڪ انگ ۾ مستي پري
زندگي ٿو بخشيان
ڪجھ گهڙيون اڳ حسن جون شهزاديون
جي سوڳوار ۽ سوڳوار آيون هيون
تن جي چپن تي مُرڪ آ
سونهن جي سرهاڻ کي ڦهلائينديون
چنڊ جي چانڊاڻ ۾
ترڪنديون ۽ ڇرڪنديون
جهومنديون ۽ جهولنديون
موٽيو وڃن
زندگي آهي مٺي چشمي جيان
مان انهيءَ چشمي جو پاڻي آهيان

تاج بلوچ جي رومانوي شاعريءَ ۾ هلڪي ڦلڪي غنائيت ۽ لڪل احساسن جو هڪ سُرور ملي ٿو، جڻ ڪنهن ڳوٺ جي واهه ۾ فجر ويل ڪا ناري جسم ڌوئي ماٺهو ته پري پکي پکڻ ڪان به پاڻ لڪائي محفوظ مقام ڏانهن تڪڙي هلندي هجي. تاج جي شاعريءَ ۾ آرٽ جو وڏو عنصر نمايان آهي، بلڪ تاج جي شاعري ڪنهن وڏي مصور جي تخليق جو نعم البدل ٿي سگهي ٿي. هن وٽ زندگيءَ جي شائسته ۽ شوخ رنگن جو ميلاپ آهي.

جديد شاعرن مان ڪن شاعرن وٽ اها خوبي بدرجئہ أتم موجود آهي ته هو جماليات سان گڏوگڏ علامتي طور حالتن جو به بيان ڪري ويندا آهن. ڪيفي اعظمي، فيض احمد فيض، گلزار ۽ ڪڏهن ڪڏهن منير نيازيءَ وٽ اهڙو انداز نمايان آهي. گلزار ته پنهنجن فلمي گانن ۾ به اهڙو عڪس چٽيندو آهي. اهڙيءَ ئي ريت تاج بلوچ وٽ سندس رومانوي شاعريءَ ۾ علامت نگاريءَ ڪان ڪم ورتل آهي. تاج جي سياسي تربيت ۽ ترقي پسند ادب جو مطالعو سندس اهڙي شاعريءَ جا اهم سبب آهن. هن پاڻ "ساجاهه" رسالي کي انٽرويو ۾ اهڙي مطالعي جو بيان هن طرح ڪيو آهي:

> "مون خاص ۽ پنهنجي انفرادي ۽ تکي مزاج واريون ڪجھ شيون پڙهيون آهن. حمزاتوف رسول، پئبلو نرودا، لورڪا، گورڪي، دوستو وسڪي، مايا ڪووسڪي، ناظم حڪمت، ٽئگور، ٽي.ايس.ايليٽ، اذرا پائونڊ، والٽ وٽمئن، گارشيا مارڪيز، نزار قباني، محمود درويش، برٽولڊ بريخت ۽ هڪ به ٻيا منهنجي پسند جا ليکڪ آهن. اهي مون کي انهي ڪري ويجها آهن جو انهن جي تخليقن ۾ پنهنجي مٽيءَ جي خوشبوءِ ۽ تخليقي جوهر سيبتي انداز سان موجود آهن."

تاج بلوچ جي سوچ لوچ ۾ مزاحمتي ۽ شڪايتي رنگ فقط اهڙي مطالعي جو ئي نتيجو آهي. هن جون علمي ادبي سرگرميون به ڪجھ اهڙي انداز جون رهيون آهن جو سندس لهجي ۾ تُرشي ۽ تکائي سرس آهي. وري ڪامريڊ سوڀي گيانچندائيءَ، خاڪي جويي ۽ حميد سنڌيءَ جهڙن همخيال همدردن جو ساٿ رهيو ته سندس شاعريءَ ۾ اجا به موضوعاتي خيال وڌيڪ پڊرو ٿيو وڃي.

تاج بلوچ جي شاعريءَ ۾ جديد صنفن کي ترقي ملڻ سان گڏو گڏ سندس ڪلام ۾ انهيءَ زماني، حالتن ۽ ماحول جو به اثر ملي ٿو. لازمي آهي ته هڪ حساس شاعر جي خيالن ۾ جڏهن ماحول ۽ حالتون شامل ٿينديون ته هن جي هر ڳالهه ۾ انهيءَ جو عڪس به عيان ٿيندو. اهڙن شاعرن جي ڪلام جي ڪري ٻين شاعرن تي به اثر پيو ۽ فڪر جو انداز تبديل ٿيو، انهيءَ ڪري شاعريءَ جو مزاج موڙ کائي نئين پيدا ٿيل ترڪيب تحت نهي پيو.

تاج بلوچ جو "نظم" سنڌيءَ جي جديد شاعريءَ ۾ ٻين سمورن شاعرن کان قطعي مختلف ۽ منفرد آهي. سندس نئين انداز ۾ ممڪن آهي ته ڏاريو اثر هجي، پر تاج جي شاعريءَ ۾ سنڌ جي مٽيءَ جي مهڪ، خوشبوئن ۾ مُشڪ مثل آهي.

ڪيفي اعظمي، فيض يا گلزار پنهنجي طور تي رومانوي شاعريءَ ۾ حالتن کي علامتي طرح شامل ڪندا هوندا، پر تاج بلوچ جي شاعريءَ ۾ سندس مزاج جو اثر سنڌ جي سياسي حالتن جو علامتي رنگ ۽ پريت جو سچو مانداڻ رچيل آهي:

## رنگين شهڪار

طبيعت انهيءَ جي تغزل تغزل
سندس گفتگو ۾ ترنم ترنم
سندس نيڻ انگوري مڌ جا پيالا
شرافت سان معمور چهرو
پرستش جي قابل
محبت جو گهوارو
ڪوڙين شڪسته دلين جي مسيحا
مگر پاڻ زخمي
ائين جيئن ڪو ماري
پٽي پر پکيءَ کي مقيد ڪري ٿو
جو تڙپي ٿو پيهم
۽ پڃري جي تيلين سان ٽڪرائي سر ٿو
ڪري احتجاج

مگر هن جي فرياد
جلاد ماري ٻُڌي ٿو ڪٿي
سماج آهه اهڙي طرح سان
مقيد ڪيو هن کي پيرن ۾ مجبورين ۽ مظالم
جا زنجير پارائي
چهري تان شرم و حيا کي چني
سندس گفتگو مان ترنم ڪڍي
تغزل سان پرپور هن جي جواني کي چيٽاڙي
ڪوٺي تي آهي ويهاريو
هُو اهڙي طرح سان لتاڙي وئي آ
ائين جيئن پامال مضمون ڪوئي غزل جو
هُو اهڙي طرح سان چهاڙي وئي آ
ائين جيئن، قدامت پرستيءَ جا قائل ڪي شاعر
جي سالن کان الفاظ بدلائي مشق سخن ٿا ڪرين
ائين ئي رهي تختهءِ مشق آهي هميشه
ڪي ڳيرو، ڪي پوڙها
ڪنوارا ۽ رنڊ
ڪي پرٽيل، ڪي زالن ۽ ٻارن کان بيزار افراد
انهيءَ جي ڪوٺي تي دارو پيئو
عيش جو داد ڏيندا رهن ٿا
مسرت جي رنگين وادي ۾ بي خوف جي پٽڪندا ٿا وتن
سماجي غلاظت
نفاست جي پردن ۾ پروان چڙهندي رهي ٿي
۽ صدين کان افلاڪ اهڙو تماشو ڏسي ٿو
۽ اهڙي نموني سان انهيءَ کي روزي ملي ٿي
۽ اهڙي طريقي سان
تخليق فطرت جو رنگين شهڪار
پيرن ۾ پامال ٿيندو رهي ٿو.

سنڌي شاعري جي روايتي انداز ۾ تاج بلوچ ۽ سندس دور جي ٻين شاعرن جي ڪري اهم تبديلي آئي آهي. اڳي وارا روايتي شاعر لڪير جا فقير هئا جيڪي هڪ ئي طريقي سان ڪلام جو مزاج ناهي ويا هئا. تاج جي دؤر ۾ سنڌي شاعريءَ پنهنجو الڳ رنگ ناهيو ۽ حقيقتن جي ويجهي ٿي عڪاسي ڪئي. تاج کان اڳي ڌاري دؤر ۾ اهوئي فارسي زده انداز ۾ شاعري چوڻ جو رواج هو جيڪو نئين ٽهيءَ تي به حاوي پئي ٿيو، پر تاج بلوچ ۽ سندس ٽهيءَ جي شاعرن حالتن ۽ ماحول کي ڏسندي جديد شاعريءَ کي متعارف ڪرايو ۽ ترقي وٺرائي. هن ٽهيءَ بغير ڪنهن هٻڪ جي شاعريءَ جو

مزاج موڙيو، جيڪو تاريخي ۽ يادگار ڪم آهي. تاج جو ڪلام انهيءَ سنڌي شاعريءَ جي مزاج موڙڻ واري ڪارنامي جو اهم حصو آهي. تاج جي زماني ۾ اڃا فارسي زده شاعريءَ جي پختگي هئي. سنڌي شاعريءَ ۾ ايڪڙ ٻيڪڙ سنڌي لفظن کان سواءِ باقي سمورو شعر فارسي لفظن سان ڀريل هوندو هو. شايد فارسي لفظن وارو ڪلام انهن ڏينهن ۾ شاعريءَ جي معنيٰ ۾ استعمال ٿيندو هو.

تاج بلوچ جديد سنڌي شاعريءَ جي انهيءَ اولين سٽ جو شاعر آهي، جنهن تجرباتي طور تي روايتي انداز جو جمود ٽوڙيو. هن نون موضوعن ۽ جديد ڳهاڻيٽن سان ترقي پسند خيالن کي متعارف ڪرايو. عالمي واقعن ۽ عالمي تحريڪن جو ڪلام ۾ ذڪر آندو. تاج جي ڪيل ڳالهه يا ڪلام ۾ آيل موضوع جديد تاريخ جو پس منظر آهن. هن جديد سنڌي شاعريءَ ۾ انفراديت پيدا ڪئي. سادي ۽ سلوڻي ٻوليءَ ۾ سهڻيون تشبيهون ڏيڻ جي مهارت تاج جي خوبيءَ جي هڪ ثابتي آهي. تشبيه تہ هونءَ بہ شاعري جي سونهن جو وڏو عنصر آهي، پر تاج بلوچ جي شاعريءَ ۾ تشبيهہ پريت ۽ سونهن جي نعم البدل کان وڌيڪ ملي ٿي، مثال طور:

سفيد جسم ۽ سفيد ساڙهي
ائين جيئن ڪو ڪنول ڪلي پيو
ٿنا لکڻ لئہ قلم ڪنيو مون
لکڻ جو وينس قلم ٽٽي پيو.

جديد سنڌي شاعريءَ ۾ اشتراڪي اثر جي حوالي سان تاج بلوچ جو نالو انهن شاعرن ۾ آهي، جيڪي خوداختياريءَ جو نعرو هڻن ٿا. تاج جي جيئن تہ سياسي تربيت بہ اشتراڪي اڳواڻن جي ٿيل آهي انهيءَ ڪري هن وٽ پنهنجي سياسي سوچ جو اظهار شاعريءَ ۾ بہ واضح ملي ٿو. تاج جو ذهن عالمي تحريڪن ۽ سياسي واقعن سان سرشار آهي، انهيءَ ڪري هن ڪي ظالم ۽ مظلوم، حاڪم ۽ محڪوم، جابر ۽ مجبور جي وڏي پرک آهي. هن کي ويٽنام جي ويڙهہ ۽ غريب مسڪينن جي قتل عام کان ويندي روسي ڪميونيسٽ پارٽي جي اڳواڻ برزنيف جي حڪمت عملي سان بنگلاديش جي آزاديءَ تائين جي سموري تاريخ حفظ آهي.

آمريڪا ۾ ڪارن جي جدوجهد ۽ انساني حقن تحت ڪين حق ملڻ وارين تحريڪن کان ويندي برطانوي حاڪمن جي ڪينيا ۾ قيامت خيز ظلمن تائين بربريت سان ڀريل ڪاري دؤر جي تاريخ تاج بلوچ جي زباني ائين ٻڌي سگهجي ٿي جيئن مشاق خطيب جو وعظ! هن ڪي فرانس، آمريڪا، روس، چين ۽ ايران ۾ آيل انقلاب اکين ڏٺي شاهدن جيان ياد آهن. اهوئي سمورو سياسي انقلابي مطالعو هن جي سوچ- لوچ جو اثر وٺي شاعريءَ ۾ اوتجي ويو. هن جي اهڙي ڪافي شاعري آهي جيڪا اشاراتي انداز ۾ عالميءَ تحريڪن جو عڪس نمايان ڪندي پر ڪنهن ڪنهن شاعريءَ ۾ هن واضح نظريو ڏنو آهي، جيئن هڪ نظم روس جي خلاباز ڪئپٽن گاگارين جي ڪامياب فضائي دوري کان متاثر ٿي هن چيو آهي:

## صدا

عرش تي پنهنجو ٿيندو مسڪن
امر ٿيو انسانن جو فن
تاريڪين کان خطرو ڪهڙو
پنهنجي دنيا روشن روشن
بجلين تي پڻ پنهنجو قبضو
هاڻي ڇا جو، خوفِ گلشن
حسن سلامي عشق جو ٿيندو
ڇا جي وحشت ڪهڙو دامن
ان سان پنهنجو رستو ناهي
جيڪو انسانن جو دشمن
عرش تي پنهنجو ٿيندو مسڪن
امر ٿيو انسانن جو فن.

تاج بلوچ جي شاعريءَ ۾ بظاهر عام رواجي پيار محبت جو خيال ڏسڻ ۾ اچي ٿو پر نظرياتي نظر وجهڻ سان ان جي اصل فلسفي جي پروڙ ٿئي ٿي، جنهن جو هڪ نمونو مٿيون نظم اسان کي مليو.

شاعر اسان جي سماج جو عڪاس هوندو آهي هن کي سماج جي چڱاين ۽ برائين جي جيڪا پرک

ٿئي ٿي سا پنهنجي شاعريءَ ۾ ڪري ٿو. اسان جي سماج ۾ عورت کي حقن جي لحاظ کان يڪسر نظرانداز ڪيو ويو آهي ۽ اها ڳالهه هاڻي بلڪل چٽي ٿي چڪي آهي ته هيءُ سماج مردن جو آهي. هتي عورت کي فقط پنهنجي جسماني اُج اجهاڻ خاطرئي اهميت ڏني وڃي ٿي، نه ته معاشري ۾ سندس ڪا به حيثيت ڪانهي. تاج بلوچ به اسان جي معاشري جي سچاين کي پنهنجي شاعريءَ ۾ رچيو آهي. هن عورت جي اهڙي روپ تي هوبهو مٿين حقيقتن مان ڪنهن ڳالهه کي ڏٺو آهي. پر هڪ ڳالهه انهي ۾ حيرت جي اها آهي ته تاج بلوچ اها ڳالهه 1970ع ۾ چئي هئي ۽ ڪجهه سال اڳ مون پنهنجي شعوري زماني ۾ انهيءَ ڳالهه کي ڏٺو، جيڪا هن نظم ۾ آهي:

## آزار

آهه مون اهڙي جواني کي ڏٺو
جنهن جي دامن تي فرشتن جي عبادت سونهين
حُسن تقديس تي جنهن جي هيڪر
هوند خالق به پشيمان ٿئي
پيءُ ۽ ماءُ اٿس بئي پوڙها
ڪو بيو ناهه ڪمائڻ وارو
تنگ دستي جو شڪار آهه گهراڻو سارو
مفلسي فاقه ڪشي تن جو مقدر آهي
آهه ايئن جو زمانو ليڪن
ماڻهو مجبور ضرور آهي مگر
هيراڦيري سان گذارو ته ڪري ئي ٿو وني
عزتِ نفس پوءِ رهي يا نه رهي
هوءَ پڻ آهه گهڻوئي مجبور
پيٽ جي آڳ اُجهائڻ خاطر
جنس جي باهه کي پڙڪائي پئي
ڪيئن نه پاڪيزه جواني
سرِ بازار تي نيلام ٿئي
چند سڪن تي وڪامي ٿو پيو حسنِ ازل
آهه ڪو ملڪ ۾ راڻو راڻي
جيڪو هن ظلم کي منهن ٺوڙ
گهڙيءَ لاءِ ڪٽي ظلم چٽي
شبنم آلود ڪلين جي ڪو بچائي عصمت
گل ٽيڻ تائين انهن جو ڪونگهبان ٿئي
دستِ صياد کي روڪي ڪوئي
ڪوئي آهي
انهيءَ بيداد کي بيداد چئي
پيٽ جي آڳ اجهائي ڪوئي
اهڙو آزار مٽائي ڪوئي.

شاعريءَ ۾ جيستائين حقيقي علم، عمل ۽ نظرياتي ارتقا جا تجربا ڪونه ٿيندا تيستائين شاعريءَ ۾ دم ڪونه ايندو. اها ڳالهه، جيڪا ٻئي کي متاثر ڪري يا وري ائين چئجي ته ٻئي کي پنهنجي لڳي، پاڻ سان ٺيل لڳي، تنهن کي دل سان قبول ڪبو آهي. زبردستي ڪنهن کي ڪونه ٿو مڃرائي سگهجي. تاج بلوچ جي سڄي ساري شاعريءَ کي به اسان حرف آخر ڪري حقيقي نٿا چئي سگهون، ڇاڪاڻ ته شاعريءَ ۾ ڪجهه شيون تصوراتي به هونديون آهن، جيڪي هر شاعر وٽ لازمي هونديون آهن. اهڙيون خيالي شيون تاج وٽ به آهن، پر اُهي تصوراتي شيون اسان جي اڄ جي نئين ٿهيءَ جي شاعر وٽ ڪجهه زياده آهن. حقيقت ۾ جيڪا شيءِ فڪري ۽ نظرياتي جڙي ٿي سا خيالي شيءِ کان وڌيڪ جاندار ۽ وڏي ڄمار واري بڻجي ٿي. انهي جي حيثيت ئي الڳ بڻجيو وڃي. جيڪڏهن ادبي ڪيتر ۾ انهيءَ ڳالهه کان انحراف ڪيو وڃي ته اهو سچ کان منهن موڙڻ جي ڳالهه بڻجي ويندي ۽ هر حساس توڙي بالغ نظر انهي کي يقيني طور ناپسند قرار ڏيندو. تاج بلوچ جي اعليٰ صلاحيت جي ڏات فن سان هن ريت آڏو اچي ٿي:

منهنجي سر تي قضا ڪڙي آهي
ڪنهن حسين سان نظر لڙي آهي
ڪا مني طنز، ڪو حسين الزام
ان سواءِ زندگي ڪڙي آهي
جام ڏي، ساز ڪڻ، ڪو ڇيڙ غزل
منهنجي گردش ۾ دل اڙي آهي
دل جو آباد شهر توکان سواءِ
جڻ ته واري جي ڪا دڙي آهي
پوءِ پرين ڪير توکي روڪيندو؟
اڄ نه وڃ، موت جي گهڙي آهي



1963ع ۾ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جي اسٽوڊيو ۾ ادبي پروگرام ۾ شرڪت ڪندڙ.
(ساڄي کان) ڊاڪٽر تنوير عباسي، ممتاز مرزا، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، الله بخش بخاري، علي محمد مجروح ۽
سيد منظور نقوي (تصوير بشڪريه شيخ عزيز)
(جيڪڏهن اوهان وٽ ڪا اهڙي پراڻي تصوير هجي ته ضرور موڪليو، ”مهراڻ“ انهيءَ مهربان جي ٿورن سان شايع ڪندو. ادارو)

رکجؤ“ اهڙي روايتي جملي کان تہ هن جي ڪمٽمينٽ متاثر ڪندڙ آهي.

ناول ۾ رابيل ۽ فيضان جا بحث دوران دليل خوبصورت آهن. سڄي ناول ۾ ڪٿي بہ زندگيءَ ۾ ٿيندڙ حادثن کي يا وري بحث کي ڳؤرن لفظن يا جذباتي جملن سان پڙهندڙ کي ٿڪايو نہ ويو آهي. جڏهن تہ فيضان جي بي رخي رابطو نہ ڪرڻ ڪري- شگفتہ- رابيل کان هڪ نظم لکرائي ٿي. نظم بہ آهستي آهستي ڇڻ تہ پڙهندڙ جي ذهن ۾ Disolve ٿيو ٿي.

هڪ پيري
مون
تو کان پُڇيو هو
تہ
هن رستي تي
اڇڻ کان پوءِ
منهنجو مستقبل
ڇا ٿيندو؟
تو چيو هو:-
”اهو اسان
وقت تي ڇڏيون ٿا.
وقت خود
ان ڳالهہ جو
فيصلو ڪندو“
۽.....
اڄ تائين
وقت
ڪو بہ فيصلو
نہ ڪري سگهيو
آهي
بلڪ
قدم قدم تي
مون کي
پوئتي
ڌڪي رهيو آهي-
ياد رکجانءِ!
وقت
خاموشيءَ سان
هٽڻ مان
نڪري ويندو
تنهنجي
مجبورين جو
انت
نہ ايندو
زندگيءَ جو
انت اچي ويندو-

۽ واقعي فيضان جي زندگيءَ جو انت ئي خطرناڪ ٿيو. ڪيس بلڊ ڪينسر هو.

فيضان، جنهن رابيل جو مانُ رکيو، ڪيس ”شان“ سان موتائي موڪليو. جڏهن تہ ناول جي پڇاڙي ڏاڍي ڊرامائي آهي، ان ڪي ائين ئي آرام سان ڪجهہ جملن سان پُڏائي سگهجي پيو.

ناول جي پڇاڙي بہ ڏاڍي عجيب ٿي لڳي تہ رابيل کي فون تي فائزه حسين، جا نئين آرٽسٽ آهي، دعوت ٿي ڏئي تہ هوءَ ان جي تصويرن جي نمائش جو افتتاح ڪري. جڏهن تہ تصويرن واري نمائش ۾ شگفتہ شاهہ رابيل ۽ فائزه حسين کان مرد جي گناهن نہ پر ثوابن تي تقريرن ڪرايون آهن، پر مثبت سوچ تہ اها ئي آهي تہ گناهہ گناهہ هوندو آهي، پوءِ اُهو مرد ڪري يا عورت. ذميوار تہ معاشرو آهي. ائين نہ جيئن ڪئنسل جي هيري K کي عورت فريدا ان ڪري ڇڏي ٿي ڏئي جو هو ڪئنسل جي عملدار جي بي عزتي ڪندڙ اميلا جي گهر ويو هو. شگفتہ شاهہ کي تہ ائين ڪرڻ گهربو هو تہ هو رابيل کان فيضان جي فورم تان نون آرٽسٽن جي همت افزائي ڪرائي ها. جي هروڀرو مرد جي تعريف ئي ڪرائڻي هئي تہ ڪنهن Male Artist جي تصويرن جي نمائش ڪرائي فيضان جي مشن کي اڳتي وڌائي ها.

◆

”... منهنجي ماضيءَ ۾ مُرڪندڙ چهرا ۽ اُنهن
جي ٽهڪن جا پڙلاءَ منهنجي ڪنن تي پئجي
رهيا هئا. سوچيم پوءِ تصور ڪيم تہ گرم
ميدان ۾ باھ جا شعلا آهن جتي زندگي
عجيب ڏسڻ ۾ پئي آئي. زندگي ۾ جن
ماڻهن جي ڳچين ۾ ٻانهون وجهي جهُوميس،
جن جي ڳچين ۾ هار وڌم، اُهي ماڻهو
پنهنجن ڪردارن جي روپ ۾ ايڏا پاڪ صاف
۽ وفادار تہ ثابت ڪونہ ٿيا...“

ڳالهيون جڏهن پيٽ- ورن ۾ وڌي وڻ ٿين ٿيون، تڏهن وڃي ڪا ”آتم ڪٿا“ هڪ مڪمل ڪتاب جو روپ وٺي ٿي، نہ تہ ٻيءَ صورت ۾ ناول لکڻ يا پنهنجي آتم ڪٿا لکڻ ڪو ايترو سولو ڪم نہ آهي. ڊاڪٽر زرداري بنيادي طرح نثر نگار آهي، پر سندس اصل سڃاڻپ محقق ۽ تاريخدان طور معروف آهي. ڊاڪٽر صاحب جي آتم ڪٿا وارو هيءُ ڪتاب سندس ٻين ڪتابن کان ٻولي ۽ مواد جي لحاظ کان وڌيڪ اثرائتو ثابت ٿيو آهي، اهو انڪري جو ڊاڪٽر صاحب حساس طبع وارو ماڻهو آهي. سندس طبيعت شاعرن وانگر نازڪ ۽ نفيس آهي. ڊاڪٽر صاحب جي نفسيات مان معلوم ٿئي ٿو تہ پاڻ تاريخدان طور وڌيڪ ڪم ڪيو آهي. ڊاڪٽر زرداري جي حساسيت جو اصل پتو. دلچسپ واقعن سان ڀريل هن ڪتاب مان پيو آهي. فاضل ليکڪ آتم ڪٿا لکڻ کان اڳ رئيس نظاماڻي جي مشهور ڪتاب ”ڪيئي ڪتاب“ کان بيحد متاثر ٿيل ٿو ڏسجي. اُن کان علاوه ليکڪ شيخ اياز ۽ غلام رباني جي ڪتاب ”جهڙا گُل گُلاب جا“ جي نثرنگاري جي پڻ تعريف ڪئي آهي.

ڪنهن بہ لکڻيءَ جي ڪٿ اُن ليکڪ جي ٻوليءَ مان ئي ظاهر ٿيندي آهي، تہ اُن کي ٻوليءَ تي ڪيترو مَلڪو حاصل آهي. ان ۾ ڪو وڏاءُ نہ آهي تہ ڊاڪٽر صاحب پنهنجن ٻين ڪتابن جي ڀيٽ ۾ هن ڪتاب ۾ سنڌي ٻوليءَ کي نهايت سهڻي نموني ڪتب آندو آهي. ٻوليءَ جو اندازِ بيان بہ اُهوئي آهي، جتان سنڌي ٻولي ٺهي، اوج حاصل ڪيو اٿس، يعني ڊاڪٽر صاحب اُهائي ڀهراڙي جي شاهوڪار محاوري واري ٻولي استعمال ڪئي آهي. پاڻ ڀهراڙي جي انهن ئي عام ماڻهن جي ڪچهرين ۾ ويهي، آتم ڪٿا وارو هيءُ املھ ماڻڪ ڪتاب تخليق ڪيو اٿس، جن ماڻهن سنڌي ٻوليءَ سان پنهنجو اڻٽٽ رشتو قائم ڪندي، اڄ ڏينهن تائين ٻولي کي جياريو بہ آهي تہ پنهنجي گفتگو ۾ بہ ٻولي کي نهايت سهڻي نموني ڪتب آندو آهي. فاضل ليکڪ ماضي جا سونا روپا ورق ورائيندي پنهنجن بزرگن کان پنهنجي وڏڙن بابت روايتون ونندي، سنڌي ٻوليءَ جو اصلوڪو پر تاثير بيان قائم رکيو آهي.

ڊاڪٽر صاحب هن ڪتاب ۾ پنهنجي ڏاڏيءَ جي ڪهاڻي بيان ڪندي، اُن ۾ جيڪو خوبصورت نثر قائم ڪيو آهي، تنهن کي پڙهڻ تي بار بار دل چوي ٿي. آتم ڪٿا ۾ نثر جون ٻيون بہ ناياب شيون موجود آهن، جن کي ڊاڪٽر صاحب دلنشين بنائڻ ۾ ڪامياب ٿيو آهي.

ڊاڪٽر زرداري آتم ڪٿا ۾ جيڪو عام محاورو، چوڻيون ۽ لفظ استعمال ڪيا آهن، اُهي سنڌ جي اڪثريت کي پسند ايندا، ڇاڪاڻ تہ اُها ٻولي ڳوڙهي يا ديومالائي نہ آهي. سنڌ هڪ زرعي صوبو آهي، ان ڪري اڪثر ماڻهن جو واهپو گهڻي ڀاڱي ڀهراڙي سان رهي ٿو. اندازِ بيان جي حوالي سان ڊاڪٽر صاحب ٻولي ڏاڍي عام فهم ۽ سليس، نج ۽ نيٽ ڪتب آندي آهي.

آتم ڪٿا ۾ ڊاڪٽر صاحب پنهنجي ئي ڪردار جون ڪوتاهيون کُليءَ دل سان بيان ڪيون آهن، مثال طور گورنمينٽ هاءِ اسڪول موري ۾ پهريون پيرو داخل ٿيڻ وقت ٽڪو ٻڌي وڃڻ ۽ شهر جي ڇوڪرن طرفان مٿس ڇٽرون ڪرڻ. پنهنجي اصل اباڻي ڌنڌي بار ڍوئڻ، ڏاچيون چارڻ ۽ هارپو ڪرڻ تي فخر ڪرڻ. ڏوڪڙن ڪمائڻ جي لالچ ۾ اچي. خرڪار ڪئمپ ۾ پهچي قيد ڪاٽڻ ۽ مفت ۾ مزدوري ڪرڻ ۽ ان سان گڏ زخمي ٿي ذري گهٽ موت جي منهن ۾ پوڻ سميت نهايت عبرتناڪ واقعا بيان ڪيا اٿس. اهڙن اعترافن مان معلوم ٿئي ٿو تہ فاضل مصنف پنهنجي ڪردار کي

نهايت سچائيءَ سان جيئن جو تيئن پيش ڪيو آهي ۽ اُن ۾ ڪا بناوٽ يا لفاظي نہ ڪئي اٿس. آتم ڪٿا جو مطالعو ڪندي، هڪ غير جانبدار قاري کي ڪٿي ڪٿي ليکڪ طرفان ڪنهن ڪردار سان ڪيل ناانصافي واري ڇڪَ محسوس ٿئي ٿي، پر مصنف فورن ئي پاڻ سنڀالي وٺي ٿو ۽ ان ڪردار سان انصاف ڪندي، آتم ڪٿا جي مقصد کي وزندار بڻائي ٿو.

فاضل مصنف آتم ڪٿا ۾ ڪردارن جا ٻيئي پاسا پيش ڪيا آهن ۽ انهن سان انصاف جي پوري ڪوشش ڪئي آهي. هڪ پاسو عالم آشڪار آهي تہ ٻيو پاسو علامتي انداز ۾ بيان ڪيو ويو آهي. پر قاري اُن ڪردار جو مثبت انداز سندس ئي ڪردار مان پرکي وٺي ٿو. سچ تہ اهو هڪ ليکڪ جي ڏاهپ ۽ معصوميت جو گڏيل ڳانڍاپو آهي. اهوئي عظيم سنڌي، جيڪو جوانيءَ ۾ هڪ شرارتي ڇوڪرو هوندو هو، مصنف جي پهرئين ڪتاب جي رونمائيءَ جي ڪاچ ۾ موري جي مشهور شخصيت سائين علي بخش شاهه سان گڏ پيش پيش هو، راقم جي راءِ موجب مانائتي اديب عظيم سنڌيءَ جو اهو وڏو وڏ چئبو جو پنهنجي دوست جي ڪتاب جي رونمائي کي پنهنجو ڪاچ سمجهي ڪم ڪاريون ڪندو رهيو ۽ فاضل مصنف پنهنجي آتم ڪٿا ۾ سندس فراخدليءَ جو معترف پڻ آهي. اُن مان ثابت ٿيو آهي تہ اسان جو هي پُرخلوص اديب عظيم سنڌي نہ رڳو موري شهر بلڪ سنڌ جو هڪ عظيم ۽ اهم ڪردار آهي، جنهن جي ذڪر سان آتم ڪٿا ۾ "زوبيءَ" (سندس تڪيہ ڪلام) جي چاشني جو اضافو ٿيو آهي. سندس ڪردار جي حوالي سان راقم کي پير حسام الدين راشدي جي ڪتاب "هُو ڏوتي هُو ڏينهن" ۾ آيل مشهور ڪردار آغا نظر علي خان جون يادون ذهن تي تري آيون آهن. آتم ڪٿا جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو تہ ليکڪ جنس جي موضوع تي اظهار خيال دوران وڏي بيباڪي ڏيکاري آهي. سچ تہ اِهو آهي تہ ڪوبہ ليکڪ پنهنجي لکڻين وسيلي تڏهن ڪامياب ٿيندو، جڏهن سچ کي بيان ڪرڻ ۾ ڪا هٻڪ محسوس نہ ڪري، بلڪ هن مدي خارج معاشري ۾ سچ چوڻ لاءِ پير تي ڏونڪو هڻي. ڊاڪٽر زرداري نهايت بيباڪيءَ سان پنهنجا جمالياتي ۽ رومانوي موضوع ڪمال فني ڪاريگري ۽ دلپذير انداز سان بيان ڪيا آهن ۽ ان طرح ڊاڪٽر صاحب پنهنجي سماج جو نهايت باريڪ بينيءَ سان منظرنامو پيش ڪيو آهي. زندگيءَ جون ننڍڙيون ننڍڙيون ڳالهيون، جن جي بظاهر ڪا خاص اهميت ناهي هوندي، پر اهي ڳالهيون دلچسپ ۽ ديرپا ضرور ٿين ٿيون.

اديب ۽ دانشور سماج جا عڪاس ٿين ٿا، ان ڪري سنڌي سماج جي سچي منظرڪشي سندن فرائض ۾ داخل آهي. سنڌ جي ٻهراڙي جي مظلوم عورت، جنهن جي نصيبن ۾ رڳو ڏک ئي لکيل آهن. هيءُ اُها سنڌ آهي جتي عورت کي مختلف اذيتناڪ ۽ ناقابل تصور ڪُٺن ۽ وحشي طريقن سان ماريو وڃي ٿو. اهڙي گهُٽ ۽ ٻُوسٽ واري ماحول ۾ اسان جي باشعور ۽ اهل دل فاضل ليکڪ جو قلم ڪيئن خاموش رهندو؟ ڊاڪٽر صاحب پنهنجي آتم ڪٿا ۾ سنڌ ۾ روايتي طرح عورت سان ٿيندڙ ظلم جي ڪهاڻي کي بيان ڪندي، پنهنجي قلم وسيلي پورو پورو فرض ادا ڪيو آهي.

مثال طور هڪ مظلوم عورت، جنهن جو نالو "پوڙهي" آهي ۽ سندس مڙس جو نالو سومر آهي، جيڪو پنهنجي گهرواريءَ تي فقط ڪنهن شڪ جي بنياد تي تشدد ڪري ٿو، تہ آخرڪار ان مظلوم "پوڙهيءَ" جي اندر جي آهہ بيان ڪندي ليکڪ لکي ٿو تہ:

"سومر کي ڏاٽو هٿ ۾ هو، ٿي چار لڳاتار ڏڪ وهايائين. هن رڙ ڪئي "الله ڙي"، "امان ڙي"، قرآن جي صدقي، ميان سهڻي جي صدقي، حافظ سائين جي مهابي، مون ٻي ڏوهيءَ کي خواهہ مخواهہ نہ مار! هن جا هٿ ۽ ٻانهون زخمي ٿي پيون هيون. رت جا نالا، رت جو ڦڙيون، رت جون تونارون، پوءِ رت جا دٻا نهيا. ڪيڙا رت ۾ رنگجي ويا. الله سائين

هن کي سمجهه ڏي، مولا سائين هن کي وڏي عمر ڏي، مون کي مار، منهنجي عمر به هن کي ڏيو."

اها ساڳي 'پوڙهي' جڏهن همت جو مظاهرو ڪندي، پنهنجي اٽل ارادن سان جڏهن ان ساڳئي سومر سان مخاطب ٿي آهي ته هتي فاضل ليکڪ نهايت سهڻي انداز ۾ سندس بهادريءَ جا رنگ چٽيندي لکي ٿو ته:

"اڄ پوڙهي دل جهلي سومر سان مخاطب ٿي چيو ته تون مون کي ماريندو رهيو آهين، اِها به ڪا غيرت آهي، اها ڪا مڙسي مردانگي آهي؟ نه ثبوت نه ثابتي، نه شاهدي نه گواهي. ڪنهن ٻُڌل نڪاءِ ۽ ڪوڙي مهڻي تي زال ٻارن ٻچن جي ماءُ کي ائين بي دردي سان قتل ڪرين؟ ڇاڪاڻ ته ڪنهن واهيات رَنَ ڏِيکُ ڏنو آهي. اکين ڏسي، ڪنين ٻڌي، ڳالهه جي تپاس ڪبي آهي."

دراصل ڪنهن اديب، عالم يا محقق جي عظمت بابت ڪو بيو ماڻهو بهتر انداز ۾ تبصرو نٿو ڪري سگهي ، جيترو ليکڪ پاڻ پنهنجي ڳجهه جون ڳنڍيون کولي سگهي ٿو. فاضل ليکڪ پنهنجي هن دلچسپ آتم ڪٿا ۾ "معصوميت جو پيار" جي عنوان سان پنهنجي پهرئين پيار جا چٽا ته سهڻا رنگ چٽيا آهن! فاضل ليکڪ نصرت نالي هڪ خوبصورت ڇوڪريءَ سان پنهنجي معصوم طبيعت جو ذڪر ڏاڍي سادي نموني ڪيو آهي. پهرئين پيار واري هيءَ ڪهاڻي جڻ ته موري جي هر نوجوان جي ڪا وِسريل ڪهاڻي آهي، جيڪا ساڳي طرح ڊاڪٽر صاحب جي قلم جي جُنبش مان نڪري نروار ٿي آهي. ڊاڪٽر زرداري صاحب جي قلم هن ڪردار کي امر بڻائي ڇڏيو آهي ۽ پنهنجين يادگيرين جي طوفان ۾ آٿي، ڪائناتِ حسن ۾ وجي ڦِٽو ڪيو آهي.

آتم ڪٿا ۾ ليکڪ پنهنجو قبيلو، خاندان، شجرو، ڳوٺ، ضلعو، تعلقو، يوسي، جنم جو هنڌ نناڍپڻ، يادون، پرائمري تعليم، موري ۾ پڙهڻ ۽ رهڻ، معاشقا، ڪوئٽيا جو سفر، رٽائرمينٽ، نذير وساڻ جي شادي، لنڊن جو سفر، سميت ڪيترائي اهم ۽ دلچسپ موضوع پنهنجي هن ڪتاب ۾ رقم ڪيا آهن، جن هن ڪتاب جي اهميت ۾ اضافو ڪيو آهي ۽ هيءَ آتم ڪٿا سنڌي ادب ۾ نهايت باوقار نموني سان شامل ٿي رهي آهي. نامور ليکڪ ڊاڪٽر غلام محمد لاکي جي راءِ موجب ڊاڪٽر زرداري صاحب جي ٻين ڪتابن جي پيٽ ۾ هيءُ ڪتاب هڪ بهترين ڪوشش آهي. فاضل ليکڪ جتي دلچسپ ڪارائتيون ڳالهيون ۽ قصا بيان ڪيا آهن، اُتي طنز و مزاح جا به ڪيترائي انوکا ۽ نرالا واقعا بيان ڪرڻ ۾ وسان نه گهٽايو آهي.

ڊاڪٽر زرداري جي مفصل آتم ڪٿا سنڌي ادب جي سرمايي ۾ هڪ بي بها اضافو آهي، بلڪ تاريخ، سماجيات، سياسيات ۽ تحقيق لاءِ هيءَ آتم ڪٿا هڪ سورس مٽيريل (بنيادي ماخذ) جي حيثيت رکي ٿي. نون ليکڪن لاءِ هيءَ آتم ڪٿا خاطريءَ سان وڏي اُتساهه جو باعث بڻجندي. اِنڪري هن ڪٿا کي هڪ مڪمل دور جي سماجي، سياسي، تاريخي، معاشرتي، تحقيقي ۽ تنقيدي مواد حاصل ڪرڻ لاءِ بنيادي ماخذ طور تسليم ڪيو ويندو.

هن آتم ڪٿا تي سوچڻ کان پوءِ راقم وٽ اِها راءِ جُڙي آهي ته زندگيءَ جا واقعا ڪيترائي اهم چو نه هجن، پر آخرڪار ماضيءَ جي مزارن ۾ دفن ٿيو وڃن ٿا، پر سُجاڻ قاري انهن واقعن مان عبرت ضرور حاصل ڪري ٿو. اهائي هر آتم ڪٿا جي ڪاميابي آهي ۽ ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته ڊاڪٽر زرداري صاحب جي آتم ڪٿا "ڪيم روح رهاڻ" مان پرپور نموني سبق پرائي، پنهنجين زندگين جي خوبصورتين ۾ اضافو ڪيو وڃي.



ڊاڪٽر سحر امداد حسيني

سان فاضل تنقيد نگار عام طرح سان علم تنقيد نگاري ۽ تخليقي علم ادب (fiction) کي هڪ وَٽ ڪري سمجهندا آهن ۽ ان ڪري لامحالہ انهن نقادن جو محدود مطالعو فقط سندن خودپسند ذاتي راين (Opinions) ۽ شخصي لاڙن (پسند ۽ ناپسند) تي مبني هوندو آهي. لئي مان لٺ پيچي ٽيندڙ اڏوگلبرن نقادن جي تہ ڄڻ اسان وٽ ڪا کوٽ آهي ئي ڪانہ! ڊاڪٽر صاحبہ جي 25 مقالن ۽ مضمونن ۾ سندس آدرشي (Ideal) شاعر شيخ اياز کان وٺي سندس جيون ساٿي امداد حسيني (سانول) جي فن ۽ فڪر جو پُرمغز تنقيدي فني اپياس (Critical evaluation standard) مُروج ۽ مجيل ادبي ۽ تنقيدي اصولن ماپن ۽ ميزانن مطلق آهي.

اُڄ جي نئين تنقيد (New criticism) بہ هڪ جديد سائنس آهي ۽ ان جي ئي ڪري ڪنهن بہ فنڪار، اديب ۽ شاعر جي فڪر ۽ فن کي پرکڻ لاءِ سندس شخصيت جي تحليل (analysis) ڪرڻ (بقول فرائڊ) ضروري آهي. ڊاڪٽر سحر صاحبہ سنڌيءَ جي اعليٰ ترين شاعر شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ سان گڏ اياز، هري درياني دلگير، نارائڻ شيام، استاد بخاري، اير ڪمل ۽ تنوير عباسي تي خوب متوازن (balanced) ۽ ماهرانہ ڇنڊڇاڻ ڪئي آهي. مثلاً "دلگير جي شاعري نغمگي، سُرلتا، مَترتا ۽ ميناج سان پُر آهي. هن جي شاعري جي موسيقيت هن کي اعليٰ گيتڪار جو درجو عطا ڪري ٿي." دلگير



جي شاعري جي تعريف ان کان وڌيڪ خوبصورت ۽ ٺُڙ ٻي ڪابہ ٿي نٿي سگهي:

نارائڻ شيام جي شاعري جو ذڪر ڪندي ڊاڪٽر سحر لکي ٿي تہ: "هونئن تہ شاعر پنهنجي ذات ۾ ڪُل ڪائنات آهي ۽ انڪري ئي هر سچو شاعر پنهنجي ٻوليءَ ۽ ڌرتيءَ جو اُهڃاڻ آهي ۽ اسان وٽ شاهہ لطيف کي اهو اعزاز حاصل آهي. تڏهن تہ شيام سنڌ لاءِ پنهنجي اٿاهہ سڪ اُڪير کي لفظن ۾ هيئن ٿو اُڪيري:

اُڄ شاهہ جي رسالي تي نظرون کپي ويون،
موٽي صدين کانپوءِ ٿي ڄڻ سنڌ ھون ڏٺي.

شاهہ جي سِٽ سِٽ ۾ سنڌ ساهہ کڻندي نظر اچي ٿي. اڄ اسان وٽ سنڌ محض ڌرتي نہ پر سنڌ هڪ 'احساس' جو نالو آهي."

مضمون "اياز- هڪ شخص، هڪ شاعر" ۾ تنقيد نگار محترمہ جون اياز متعلق ڪوڙ ساروڻيون درج آهن. سندس فن کي پيٽا ڏيندي ڊاڪٽر سحر هڪ عجيب وجداني ڪيفيت هيئن بيان ڪئي آهي:

"۽ ائين اُن شاعر سان، جنهن جو مذهب فقط شاعري آهي ۽ جو شاعر ٽيڻ کي فرشتي ٿيڻ تي ترجيح ٿو ڏئي ۽ جنهن اڻ ڳاتي کي ڏنو ۽ اڻ ڏٺي کي ڳاتو آهي ۽ جو ماضيءَ جي ماضي ۽ مستقبل جي مستقبل جو شاعر آهي، ان سان منهنجي اندر ۾ ويٺل

تخليق جو نرالو تصور رکندڙ ناستڪ جوڳيءَ جي دوستي ٿي ويئي، ۽ اها دوستي ان مهل وڌيڪ پختي ٿي، جڏهن مون اياز جي چڪايل مَدَ مان چُسڪي چکي ڏٺي ۽ اُن راهه تي رَميس، جنهن جو اياز به هڪ پانڌيئڙو هو. اها راهه هئي تخليق جي راهه."

استاد بخاري جي شاعري جي اپٽار ڪندي سحر امداد پنهنجي مضمون کي هيئن ٿي سهيڙي: "هن گلن جي، خوشبوئن جي، آزادين جي، نينهن ۽ مينهن جي، پرين ۽ سُپرين جي، رُوپن، رنگن ۽ روشنين جي ئي ڳالهه ڪئي. هن جتي آخري قدم ڌريو، اُتان کان اُن عَلَم کي ڪٿي پهريون قدم ڪير ته کڻندو؟ جو ته خود اُستاد بخاري جو اهو اٽل ويساهه هو/ آهي ته:

"روشني مرٽي نه آ، مرٽي نه آ."

تنوير عباسي جي شاعري جي ٽنهي دورن- روايتي دور (شروعاتي دور)، ترقي پسند دور (وچون دور) ۽ جديد دور (هلندڙ دور) جو اڀياس به اصل ڪمال ادبي خوبصورتي ۽ فني مهارت سان ڪيل آهي. مضمون جي نڪته آفريني ۽ باريڪ بيني جي پنيان تنقيد نگار محترم جو پُختو ادبي ۽ تنقيدي شعور ڪارفرما آهي. تنوير جي پنهنجي اصل ڏانهن واپسي کي "مراجعت" چئي، تنقيد نگار صاحب پنهنجي مشڪل پسند فارسي آميز (Diction) يعني اکرن جي انتخاب جو شعوري/لاشعوري مظاهرو ڪيو آهي، جيڪو هت ڪجهه عجيب به لڳي ٿو. بهرحال، مضمون جو تت يا وچور هيئن بيان ڪيل آهي، جيڪو سليس ۽ سلوڻي معياري اسلوب ۾ لکيل آهي. 'رجعيت' ۽ 'مراجعت' هاڻي تقريباً متروڪ لفظ آهن: "۽ ان موڙ تي اچي تنوير عباسي سنڌ سنڌ جي ماڻهن، انهن جي مسئلن، نج سنڌي ٻولي ۽ سنڌي احساس- (جنهن کي تنوير پنهنجي مضمون "جديد سنڌي شاعري ۾ قومي مزاج (National temperament) ڪوني ٿو) سان پيوندجي ٿو. انهيءَ دور ۾ تنوير جيڪي شاندار شعري ڪارناما سرانجام ڏنا آهن، اُهي ساهتڪ اتهاس جو لازوال ۽ روشن باب آهن. اهو هڪ وڏو انقلاب هو جنهن سنڌي ٻولي، ادب ۽ شاعري کي هڪ نئين رنگ ۾ رڱي ڇڏيو." ("ساهتڪ اتهاس" به هڪ نيٺ هندي لفظ آهي، جنهن جي جاءِ تي خبر نه آهي، چو "ادبي تاريخ" لفظ استعمال نه ڪيو ويو آهي؟)

مرزا قليچ بيگ ۽ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سنڌي ادب جون عظيم هستيون آهن، جن تي جيترو تحقيقي ڪم ٿيڻ گهرجي ها، اُهو بلڪل نه ٿيڻ جهڙو آهي. محترم جا ٻيئي مضمون انهيءَ کوٽ جي تلافي جي حوالي سان قابل قدر اضافو ته آهن پر اجان گهڻي ڪم جي اشد ضرورت آهي، خاص طور تي قليچ ...ر جي قيام کان پوءِ ڊاڪٽر صاحب کي ان موضوع تي وڌيڪ ڪم ڪرڻ گهرجي. ڊاڪٽر بلوچ تي مضمون به جهڙو اجان تشنه ٿو لڳي، وڌيڪ تفصيل سان لکجي ها ته بهتر هو.

لوڪ ادب تي ليک "ڳجهارت ڳجهڙي" قدري محنت ۽ محبت سان لکيل آهي، پر هندي، گجراتي، پنجابي، مَراٺي ۽ ڪشميري ٻولين ۾ هنن لوڪ صنفن تي ته باقاعده ڊاڪٽريٽ ٿي چڪيون آهن. بهرحال، هڪ قابل ستائش ڪوشش آهي. اردو ۾ چڱو خاصو ڪم اردو ترقي بورڊ يو.پي. (ڀارت) وارن ڪيو آهي. سنڌيءَ ۾ هاڻ اِهو ڪم وري هٿ ۾ کڻڻ گهرجي، خدا ڊاڪٽر بلوچ کي وڏي حياتي ڏئي.

"امداد حسينيءَ جي شاعري"، "اعليٰ ترين شاعري اعليٰ ترين منشور"، "سلميءَ سنڌو سروپ"، "جيئڻ ڪارڻ جيڏيون وڏا وس ڪيام"، "سنڌي جوڳيان ذات"، "تان کي ساڻن اور"، "صليبن ڏي سفر"، "نه ماهي مهراڻ- اڌ صديءَ کان سنڌي شاعريءَ جو اُهڃاڻ" ۽ "جديد سنڌي شاعريءَ جو اُهاءُ"، ۽ ٻيا مضمون تنقيد نگار صاحب جي مسلسل علمي ادبي رياضت، دانشورانه Approach and Insight ۽ فلسفيانه صداقت جو بيّن ثبوت آهن. ان طرح محترم سحر امداد جو تنقيدي شعور جمالياتي ۽ افادي آهي ۽ اهوئي بهترين ادب جو دليل آهي.

سنڌي ادبي بورڊ ڪيرون لهڻيون، جو اهڙو شانائتو ڪتاب ڏاڍي مانائتي انداز سان ڇپرو ڪري اداري پنهنجي روايتن کي هڪ وار وري تازو ڪيو آهي. سرورق جي دلڪشي هن معياري ڪتاب تي سون تي سهاڳ مثل آهي. دلپذير گيٽ اپ ۽ سفيد معياري ڪاغذ تي ڊيمي سائيز ۾ ڇپيل هن ڪتاب جي قيمت -/340 رپيا نهايت موزون آهي. سنڌيءَ ۾ قمرشهباز جو مهاڳ ۽ انگريزيءَ ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسيلر محترم مظهرالحق صديقي جو Epilogue ڪتاب "شعور- شاعر- شاعري" جون اضافي خصوصيتون آهن.

مدبر ۽ بهادر جي مثالي روپ ۾ اسان جي آڏو اچي ٿو. سماجي ۽ سياسي معاملن ۾ هن جي ڏاهپ جي تعريف ڪئي وئي آهي. ديس جي خوشحاليءَ، بهتريءَ ۽ ڀلائيءَ لاءِ هُن جي اُپائن جي تاريخ نويسن واکاڻ ڪئي آهي. ان سلسلي ۾ دادا سنڌي لکي ٿو تہ:

"دودو پڙهيل ڳڙهيل، هوشيار ۽ علم دوست هو. مطالعي لاءِ ڪتاب سدائين هٿ ۾ هوندو هوس. هن گاديءَ تي ويهڻ شرط باغ رکايا، شهر آباد ڪرايا، راڄ رهايا، رستا ٺهرايا ۽ مسافرخانا تعمير ڪرايا. سندس شاهي باغ جو نالو "لکي باغ" هو. سندس دربار وارو ڪوٽ "ٻالنگ ڪوٽ" سڏبو هو. سندس روپاھ شهر تي راز هو. ان کي آباد ڪيائين ۽ پري پري کان ماڻهو لڏائي، اُتي رهائي، ڪين هر قسم جي سهولت ڏنائين. هن پنهنجي دربار قائم ڪئي، جنهن کي اَڄ جي زبان ۾ اسيمبلي سڏجي ٿو. هڪ خاص ڪابينہ تشڪيل ڏنائين، جنهن ۾ ساهڙ سومرو، حيدر سومرو، ٻارڻ، ڀاڳو ڀان وغيره اچي وڃن ٿا." (4)

دودي سومري پنهنجي ديس جي ڀلائيءَ لاءِ جيڪي تدبيرون اختيار ڪيون، اُهي پنهنجيءَ جاءِ تي اهميت واريون آهن، پر جنهن ڪردار هن کي تاريخ جي صفحن ۽ ماڻهن جي دلين ۾ احترام جوڳي جاءِ ڏني آهي، اهو آهي حملا آورن خلاف سندس مزاحمتي ڪردار. دودي جي جرئت ۽ همت ئي هُن جي عظمت جو سبب بڻي ۽ هو هميشہ لاءِ اَمر ٿي ويو. ديس تي جڏهن جنگ جو راڪاس ڪاهي آيو هو تہ هن پنهنجيءَ ڀيڻ کي حوصلو ڏيندي چيو هو تہ:

"ٻاگهل ڀيڻ! ڊپ جي ڪا ڳالهہ ڪانهي، جو ڊپ اسان سکيا ئي ناهيون. مائُرن اسان کي موت جون لوليون ڏنيون آهن. موت اسان کان پناهہ گهرندو آهي. جنگ جو ميدان اسان جي سيج آهي."(5)

دودي جي دليريءَ جو سڀ اعتراف ڪن ٿا، پر سندس ساٿي ۽ ڪٽنب جا ڀاتي بہ ساڳيءَ واٽ جا پانڌيئڙا هئا. جُهڪڻ بدران ڪُسڻ، جن جي زندگيءَ جو منشور هو. ٻاگهل دودي سان هن ريت مخاطب ٿئي ٿي، جڏهن هُو جنگ لاءِ سنبري ٿو:

جي تون وڙهندي ماريو ويندين،
هن وستيءَ تان واريو ويندين.
دودا تنهنجو ساھ تہ ويندو،
ماڻهوءَ جو ويساھ نہ ويندو.(6)
(شيخ اياز)

سُورهيہ ڪڏهن بہ سر جو سانگو نہ ڪندا آهن. هُنن کي پنهنجي زندگيءَ کان آدرش ۽ اصول وڌيڪ پيارا هوندا آهن. دودي جو ساھ ڀلي وڃي، پر ماڻهوءَ جو ويساھ نہ وڃي. تاريخ شاهد آهي تہ دودي جي پنهنجي ڌرتيءَ سان ان سچي وابستگيءَ ۾ ماڻهوءَ جو ويساھ اَڄ بہ قائم آهي. ڇو تہ هن چيو هو:

جنڊڙيءَ جوت سدائين جلندي،
آئي آ مون تائين هلندي.
مون کان پوءِ بہ جلندي رهندي،
هر پيڙهيءَ کان هلندي رهندي.
جوت ڪڏهن بہ نہ مرڻي آهي،
اَڄ جا منهنجي ڪرڻي آهي.
تنهن کي اڳا نيائي ويندس،
پنهنجي جوت جلائي ويندس.(7)
(شيخ اياز)

دودي ڌرتيءَ سان نباهيو ۽ پنهنجي لهوءَ سان اهڙي جوت جلائي ويو، جيڪا سدائين جلندي رهندي ۽ سندس جرئت جي ياد ڏياريندي رهندي. جيئن شاھ لطيف جا ڪردار مارئي ۽ سسئي زنده رهندا، تيئن دودو سنڌي شاعريءَ ۾ بهادريءَ ۽ غيرت جي استعاري ۽ علامت طور ليکيو ويندو

وطن سان وابستگي ۽ مزاحمت واري شاعري دودي جي علامتي ذڪر کان سواءِ جڻ تہ اڌوري آهي.

ڌرتيءَ جي دودن، آهِ نہ مڃي ڪڏهين
مُلان، قاضي، مفتي، توڙي ويرَ وجهن
سرمد سوريءَ سامهون، نعرا نينهن هڻن
فتويٰ، ڦندا، سازشون، گهاٽا پل نهن
اڏيءَ سر ڏين، مُرڪي آڏو موت جي.(8)
(عبدالحڪيم ارشد)

سنڌ ڪي اهڙو سُورهيہ گهرجي، جنهن جو اهو ڪردار هجي،
ملڪ ۽ ماڻهن ساڻ سڌو پڻ دشمن لءِ ديوار هجي،
دودي بن ٻيو آڻيو اهڙو، جنهن جو اهو ڪردار هجي.(9)
(نياز همايوني)

سنڌين دودي جي سرواڻيءَ ۾ پنهنجي ڌرتي جي ويڙهہ وڙهي. اِها مزاحمت ايندڙ نسل لاءِ تاريخ جو اهڙو سبق آهي، جيڪو اُنهن کي فخر سان جيئڻ ۽ ڌرتيءَ جي مهانتا خاطر ڪُسڻ جو ڏس ڏيندو.

هُو سُورهيہ سنبري نڪرن ٿا،
جُونجهار جٿا ٿي نڪرن ٿا.
۽ جيءُ هٿي ٿو جهومريون،
تيار ٿيو اي سومريون.
آ غيرت تن جي رَڳ رَڳ ۾،
۽ ڪنڌ جهُڪائڻ ڪان آڳ ۾.
هُو ڪنڌ ڪپائڻ چاهن ٿا،
۽ تيسين سينو ساهن ٿا.
پي جيسين جام شهادت جو،
هُو ڪَن ٿا سنڌڙيءَ کي سجدو.(10)
(شيخ اياز)

سومرن ۽ ٻين سنڌين جي ڌارين خلاف مزاحمت جو سلسلو دودي جي شهادت کان پوءِ بند ڪونہ ٿيو، پر جڏهن بہ ڪنهن ڌارئي هن ڌرتيءَ ڏانهن ميري نگاهہ ڪئي، انهيءَ خلاف مزاحمت ڪئي وئي. انهيءَ سلسلي ۾ مشهور تاريخ نويس علامہ سليمان ندوي سومرن بابت لکي ٿو تہ: ”...سندن فوجي قابليت مڃيل هئي. سلطنت جي زوال کان پوءِ سلطان محمود بيگڙي جي مقابلي ۾ چوويهہ هزار سوارن سان مقابلي لاءِ اچي چڪا هئا ۽ بيگڙي سفارتڪاريءَ ۾ ئي پنهنجو خير سمجهيو.“(11)

## حوالا


1. نيازهمايوني: مهاڳ،”سومرن جي دؤر جا سورما“، دادا سنڌي، سنڌ تحقيقي بورڊ، حيدرآباد 1989ع، ص 7
2. جي.ايم.سيد: ”سنڌ جا سورما“، ڀاڱو پهريون، نئين سنڌ پبليڪيشن ڪراچي، 1984ع، ص 21
3. نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر: ”دودو چنيسر“، سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو، 1976ع، صفحا 228، 235 ۽ 300
4. دادا سنڌي: ”سومرن جي دؤر جا سورما“، سنڌ تحقيقي بورڊ، حيدرآباد 1989ع، ص 61
5. آغا سليم: ”دودو چنيسر“ (ناٽڪ)، ماهوار سهڻي، حيدرآباد، اپريل- مئي- جون 1970ع، ص 152
6. شيخ اياز: ”ڪي جو ٻيجل ٻوليو“، نيو فيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد، ڇاپو ٽيون، ص 22
7. حوالو ساڳيو، ص 28
8. عبدالحڪيم ارشد: ”ڏيئا ڏات جا“، مارئي اڪيڊمي ڪراچي/سڪرنڊ 1997ع، ص 128
9. نياز همايوني: ”ساٿيهہ جي ساک“، نئين سنڌ پبليڪيشن، ڪراچي 1975ع، ص 33
10. شيخ اياز: ”ڪي جو ٻيجل ٻوليو“، نيو فيلڊس پبليڪيشن حيدرآباد، 1995ع، ص 28
11. سليمان ندوي، ”تاريخ سنڌ“ سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي 2005ع، ص 270

# پير حسام الدين راشدي، ايران ۾

ڊاڪٽر عارف نوشاهي
مترجم: مقصود احمد قاضي

جڳ مشهور هاڪارو تاريخدان پير حسام الدين راشدي (1911-1982ع) بيشڪ سنڌي زبان ۽ سنڌ جو محقق هو، پر سندن گهڻو تحقيقي، تاريخي ۽ ادبي ڪم فارسيءَ ۾ ٿيل آهي يا فارسي ٻولي ۽ ادب سان لاڳاپيل آهي. پير صاحب ڪي سنڌ جي سياسي، ادبي ۽ روحاني تاريخ جي بنيادي ماخذن سان دلچسپي هئي، جيڪي سڀ جا سڀ فارسيءَ ۾ آهن، انڪري سندن پايي ۽ مزاج واري محقق لاءِ فارسيءَ ڏانهن رجوع ڪرڻ اٽڙ هو. جيئن تہ فارسي زبان ۽ ادب جي حوالي سان سندن اهي خدمتون نهايت ئي اعليٰ معيار جون هيون، انڪري سندن علمي ڪم کي ان علائقي ۾ تمام گهڻي مڃتا ۽ پذيرائي ملي، جنهن کي اسان تاريخي لحاظ کان ۽ اصطلاحي معنيٰ ۾ "فارسي قلم رو" (فارسي شهنشاهت جي حدن ۾ رهندڙ علائقا) چوندا آهيون. ان جي هڪ چيڙي تي بلخ ۽ بخارا ۽ ٻئي چيڙي تي بنگال آهي. تنهن وقت جي سوويت يونين جي ڏکڻ ۽ اولهہ وارين رياستن جي فارسي حلقي ۾ پير صاحب جي بلند ۽ بالا علمي هستي کي چڱيءَ طرح ڄاتو سڃاتو ويندو هو. عالمي شهرت يافتہ دانشور پروفيسر يوري گنڪوفسڪي، عبدالله جانُ غفوروف، بي.جي. غفوروف، آءِ.اي. ڪريچوف، عبدالغني ميرزايوف ۽ سيد مرادوف سندن ذاتي دوستن مان هئا. افغانستان ۾ پروفيسر عبدالحي حبيبي جهڙا محقق سندن قدردان هئا. پر ان "فارسي قلم رو" جو مک مرڪز اصل ۾ ايران آهي. اهوئي ڪارڻ آهي جو پير صاحب جو سڀ کان وڌيڪ واسطو ايرانين سان ئي هو ۽ اُتي جي چوٽيءَ جي محققن سان سندن ذاتي دوستي، علمي رابطو ۽ اُتي تحقيقي ڪمن سان اڃڻ وڃڻ جاري رهندو هو. ناميارا عالم: آقاي سعيد نفيسي، مجتبيٰ مينوي، محمد تقي دانش پژوه، احمد گلچين معاني، جيڪي سڀ هاڻي فوت ٿي چڪا آهن. اِهي سندن مداحن مان هئا. ايران جي اعليٰ پايي جي محقق ۽ هڪ لحاظ کان ايوان جي علمي سڃاڻپ جي حيثيت رکندڙ پروفيسر ايرج افشار پيرُ صاحب جي دوستن جي حلقي ۾ شامل رهيو ۽ دراصل هن وقت اهو واحد ايراني محقق ۽ دانشور آهي. جيڪو پير صاحب جي وفات سان پيدا ٿيندڙ خلا کي ڏاڍي شدت سان محسوس ڪري ٿو. مان لڳ ڀڳ هر سال ايران ويندو آهيان ۽ ايرج افشار سان سعيو ڪري ملندو آهيان. سندن ڀهريون سوال اهوئي هوندو آهي تہ "پاڪستان ۾ پير راشدي جي باري ۾ ڪا نئين شيءِ ڇپي آهي؟" پير صاحب جي وفات سان پيدا ٿيڻ واري جنهن خلا جو ذڪر مون ڪيو آهي، اُهو ڇا آهي ۽ اسان جيڪو هر وڏي ماڻهوءَ جي فوت ٿيڻ تي هڪڙو روايتي جملو ڳالهائيندا آهيون تہ فلاڻي جي مرڻ سان جيڪو خلا پيدا ٿيو آهي، اهو ڪڏهن بہ پرجي نہ سگهندو، يا ورهين تائين پورو نہ ٿي سگهندو، ان جملي جي معنويت مون کي ايرج افشار جي سدائين ساڳئي سوال پڇڻ سان سمجهہ ۾ آئي. پير صاحب جيستائين جيئرو هو، پاڪستان ۽ ايران جي وچ ۾ هڪڙي مضبوط ثقافتي ۽ ادبي پُل جو ڪم ڪندو



تهران ۾ ايران شناسيءَ جي هڪ بين الاقوامي ڪانگريس جي موقعي تي دنيا جي مختلف ملڪن جا عالم ۽ تاريخدان، سنڌ جي سپوت پير حسام الدين راشديءَ جي ڪنهن نقطي کي وڏي غور سان ٻڌي رهيا آهن.

رهيو. اُتي جا محقق هِتي جي ادبي مسئلن جي باري ۾ ڪانئن ئي پڇندا هئا. ڪنهن قلمي نسخي يا اُن جي مائڪرو فلم جي ڪين ضرورت پوندي هئي ته پير صاحب کي ئي چيو ويندو هو. نندي ڪنڌ جي ڪنهن ڪتاب يا مصنف جي باري ۾ ڪجهه پڇڻو هوندو هو ته پير صاحب کان ئي پڇيو ويندو هو. 2007ع ۾ مون کي تهران ۾ اديبن جي تنظيم جي هڪ تقريب ۾ شرڪت ڪرڻ جو مُوقعو مليو. اُتي هڪڙي ايراني دانشور جناب اڪبر ثبوت جي واتان به وري ساڳيو جملو ٻُڌڻ ۾ آيو. موصوف 1982ع ۾ مرڪز تحقيقات فارسي ايران ۽ پاڪستان اسلام آباد ۾ ڊائريڪٽر هو. ساڳئي سال پير صاحب جي وفات ٿي. ثبوت صاحب ٻڌايو ته اسان مرڪز ۾ ايراني عملي جو هڪڙو تعزيتي ميڙاڪو ڪوٺايو ۽ اسان سڀني ان ڳالهه تي فڪر جو اظهار ڪيو ته پير صاحب جي وفات کان پوءِ هاڻي ايران ۽ پاڪستان جي وچ ۾ ”علمي سفارتڪاري“ ڪير ڪندو؟ اهو ثبوت صاحب ئي هو، جنهن پير صاحب جي وفات کان هڪدم پوءِ سندن مرتب ڪيل ”رياض العارفين“ جو ٻيو جلد مرڪز پاران ڇپرايو، جيڪو 1979ع ۾ ايراني انقلاب اچڻ جي ڪري رولڙي جو شڪار ٿي ويو هو.

پير صاحب جي ايران سان لاڳاپن جا ڪيترائي رخ آهن ۽ انهن کي واضح طور تي ٻن دَورن ۾ ورهائي سگهجي ٿو: هڪڙو دَور سندن زندگيءَ وارو ۽ ٻيو سندن وفات کان پوءِ وارو دَور.

پير صاحب جو ايران سان رابطو، ايران جا ڪيترائي علمي دورا، ڪانفرنسن ۾ شرڪت، اُتان مِلندڙ اعليٰ اعزاز، ايرانين سان لکپڙهه، انهن موضوعن جو ذڪر گهڻي قدر پير صاحب جي سوانح حيات ۾ موجود آهي. مان ڪوشش ڪندس ته هن مقالي ۾ پير صاحب جي وفات کان پوءِ جيئن ڪين ايران ۾ ياد رکيو ويو آهي. ان باري ۾ ڪجهه ٻڌايان.

پير صاحب جي وفات تي سندن پراڻي دوست ايرج افشار پنهنجي رسالي ”آينده“ (تهران، شمارو 3-4، 1316شمسي/ 1982ع، ص 205) ۾ هڪڙو تعزيتي تاثر لکيو، جيڪو پوءِ سندس ڪتاب ”نادره ڪاران“ (محمود نيڪويه، تهران، نشر قطره 1382 شمسي 2003ع، ص 1049) ۾ ٻيهر ڇپيو. ايرج افشار پنهنجي سوڳ نامي ۾ صحيح لکيو آهي ته:

"هاڻي اهو پير صاحب جي ايراني دوستن جو فرض آهي ته اهي هن سچي 'پير' جي مان مرتبي مطابق هڪ مجموعو (ڪتاب) تيار ڪن ۽ ان ۾ پير صاحب جي نفسياتي، اخلاقي ۽ انساني آداب ۽ سندن علمي ڪمال ۽ تهذيبي فضائل جي باري ۾ پنهنجون يادون تازه ڪن".



پير حسام الدين راشدي، ايران جي عالمن جي هڪ وفد کي حيدرآباد ۽ سنڌ گهمائڻ وٺي آيو. سنڌي ادبي بورڊ ۾ سندن آڌرڀاءَ کان پوءِ کين بورڊ جي اشاعتن جو تعارف ڏئي رهيو آهي.

افسوس جو پير صاحب جي وفات کان پوءِ سندن شايان شان ڪنهن ايرانيءَ ڪو ڪتاب ته ڇا، هڪڙو مقالو به نه لکيو. اُن جا ڪيترائي ڪارڻ آهن: هڪ ته پير صاحب جو همعصر ايراني علمي نسل، جنهن سان سندن ذاتي لاڳاپا هئا، هاڻي هڪ هڪ ٿي ختم ٿي چڪو آهي. سندن هڪ اڌ جيئرو دوست به عمر جي اُن حصي ۾ آهي جو اُن مان ڪنهن وڏي ڪم جي اميد نه ٿي رکي سگهجي. ٻيو اهو ته پير صاحب پنهنجن تاليف ڪيل جن ڪتابن تي اردو يا سنڌيءَ ۾ مقدما لکيا آهن، ايراني سندن ڪم ۽ محنت کان واقف ٿي پوريءَ طرح لاڀ حاصل ڪري نه سگهيا. پير صاحب جي سموري علمي شان و شوڪت جو دور ايران ۾ 'پهلوي دور' سان لاڳاپيل آهي. اُن ئي دور ۾ اُتي ڪانفرنسن ۾ ڪين گهرايو ويو، جن ۾ مقالا پڙهيائون، سندن تحقيق کي متعارف ڪرايو ويو ۽ اعليٰ اعزاز ڏنا ويا. 1979ع ۾ اُتي اسلامي انقلاب آيو. جيئن هر انقلاب کان پوءِ ٿيندو آهي، ايران جي انقلابي حڪومت ڪجهه اهڙا قدم کنيا، جن کان پير صاحب خوش نه هو ۽ پاڻ ايران جي اُن صورتحال تي سخت ڏکويل هو. مان خاطريءَ سان ته نه ٿو چئي سگهان، پر اهو گمان ضرور اٿم ته پير صاحب جا ڪي ڪتاب ايران جي شاهه جي تاج پوشيءَ جي تقريب جي موقعي تي شايع ٿيا هئا ۽ اُنهن مان ڪنهن جو انتساب به پاڻ ايران جي شاهه جي نالي ڪيو هئائون. ايران جي وليعهد جي پيدائش جي موقعي تي مبارڪباد وارن نظمن جي هڪ مجموعي جي ترتيب ۾ به پاڻ شامل هو. شايد اهي ڳالهيون ايران جي نئين انقلابي حڪومت جي لاءِ اڻ وڻندڙ هيون ۽ پير صاحب لاءِ انهن جي دل ۾ ڪو گوشو پيدا نه ٿي سگهيو. پير صاحب، جيڪو انقلاب کان ٿي چار سال پوءِ به زنده رهيو، انقلابي ايران کائنس ۽ پاڻ ايران کان لاتعلق رهيو. پر غور ڪرڻ تي خبر پوي ٿي ته پير صاحب، سياسي طور تي ڪو به اهڙو ڪم شاهه جي حمايت ۾ ڪونه ڪيو، جيڪو ايران جي انقلابين لاءِ ڪنهن اعتراض جو ڪارڻ بنجي ها. پير صاحب جو سمورو علمي ڪم خالص فارسي ادب جي خدمت جي حوالي سان هو ۽ اهو به نندي کنڊ ۽ ايران جي مشترڪ حوالن سان. اسان ايرانين کي ڇو ڏوهه ڏيون، پير صاحب اسان جو هو ۽ اهو اسان جو ئي فرض آهي ته اسان سندن علمي ڪارنامن جو چرچو ايران ۾ پيدا ڪريون. اهو فرض محسوس ڪندي مون پنهنجي سر ڪوشش ڪئي آهي ته پير صاحب جو تذڪرو ڪنهن نه ڪنهن طرح ايران ۾ ٿيندو رهي. اهو سٺو نه ٿو لڳي ته مان پنهنجن ئي ڪمن جو پاڻ تفصيل بيان ڪريان. جيتوڻيڪ اهي ڪي ايڏا وڏا ڪم به نه آهن، پر موضوع جي تقاضا آهي ته گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو اُنهن ڪوششن جو ذڪر هتي ضرور ڪريان ته جيئن

پاڪستان جو علمي حلقو باخبر رهي ته اسان جي هڪ نامياري اديب تي ايران ۾ ڪيترو ڪجهه ڇپجي چڪو آهي يا ڇپجڻ وارو آهي:

* پير صاحب جي وفات کان هڪدم پوءِ مون هڪ خبر "وفات پير حسام الدين راشدي" جي سري سان فارسيءَ ۾ لکي، جيڪا ايرج افشار جي رسالي "آينده"، تهران، سال 8، شمارو 3-4 (1982ع) ۾ ڇپي.

* پير صاحب جي تصنيف ۽ تدوين ڪيل فارسي ڪتابن جي فهرست هڪڙي فارسي مضمون "ڪارنامهءِ سيد پير حسام الدين راشدي" ۾ پيش ڪيم. اهو مضمون به ايرج افشار جي رسالي "آينده"، تهران، سال 10، شمارو 11، بهمن 1361شمسي (1982ع) ۾ شايع ٿيو.

* ايرج افشار شايد ڪنهن زماني ۾ پير صاحب کان فرمائش ڪئي هئي ته پاڻ نندي ڪنڊ جي اردو رسالن ۾ شايع ٿيندڙ اهڙن مقالن جي فهرست ناهين، جيڪي فارسي زبان ۽ ادب يا ايرانيات سان لاڳاپيل هجن. پير صاحب ان سلسلي ۾ ڪجهه ڪم ڪري افشار صاحب جي حوالي ڪيو هو. 1993ع ۾ جڏهن مان تهران ۾ هئس ته افشار صاحب مون کي چيو ته پاڻ هڪڙي ايراني عالم احمد شعبانيءَ جي مدد سان مقالن جي ان فهرست کي ترتيب ڏياريو اٿس. جيئن ته أن مان ڪيترن جا عنوان اردوءَ ۾ آهن، تنهنڪري مان ان فهرست جي ترتيب ۽ تدوين تي هڪ نظر وجهان ۽ جتي به ضروري هجي، أتي فارسيءَ ۾ وضاحت ڪريان. مون اهو ڪم بخوشي ڪري ڏنو. پير صاحب جي تيار ڪيل ۽ احمد شعبانيءَ جي مرتب ڪيل اها ڏگهي فهرست "مقاله نامهءِ پژوهش هاي ايراني در زبان اردو" جي عنوان سان ناموارءِ دڪتر محمود افشار جي 7 جلد ۾ شايع ٿيل آهي. (تهران، 1372شمسي/1993ع)

منهنجو ايران جي ڪن اهڙن ادارن سان علمي لاڳاپو آهي، جن جو ڪم مختلف موضوعن تي انسائيڪلوپيڊيا مرتب ڪرڻ ۽ ان کي ڇپرائڻ آهي. اهي ادارا ٻون کان نندي ڪنڊ سان لاڳاپيل مختلف موضوعن تي صلاحون وٺندا رهندا آهن. ظاهر آهي ته انهن موضوعن ۾ پير صاحب ۽ سندن تاريخي خدمتن کي نظرانداز نه ٿو ڪري سگهجي. تنهنڪري هيٺ اهڙين ڪجهه انسائيڪلوپيڊيائن جو ذڪر ٿيندو، جن جي لاءِ مون "راشدي" جي سري هيٺ پير صاحب تي مقالا لکيا، جهڙوڪ:

* حسن انوشه جي نگراني ۽ سرپرستيءَ ۾ مرتب ٿيل ۽ ڇپيل "دانش نامهءِ ادب فارسي" جو چوٿون جلد "ادب فارسي در شبه قاره هند، پاڪستان و بنگلاديش" جي ٻئي حصي ۾، ص 1223، 1225 وارو مقالو "راشدي" (تهران، 1380 شمسي/2001ع)

* بنياد دائرة المعارف اسلامي، تهران جي پاران مرتب ڪيل ۽ ڇپجندڙ انسائيڪلوپيڊيا "دانش نامهءِ جهان اسلام" جي لاءِ مقالو "راشدي، حسام الدين"، جيڪو جلد ٽئي ان جي لاڳاپيل جلد ۾ ڇپجندو.

* فرهنگستان زبان و ادب فارسي پاران اسماعيل سعادت جي نگرانيءَ ۾ مرتب ٿيندڙ انسائيڪلوپيڊيا "دانش نامهءِ زبان و ادب فارسي" جي لاءِ مقالو "راشدي، حسام الدين"، جيڪو ان جي ٽئين جلد ۾ 2009ع ۾ شايع ٿيڻ وارو آهي.

* ايراني ريڊيو ۽ ٽي.وي (صدا و سيماي جمهوري ايران) جو اشاعتي ادارو "سروش" فارسي ۽ اسلامي ڪتابن سان لاڳاپيل هڪ انسائيڪلوپيڊيا "فرهنگ آثار اسلامي- ايران" سيد علي آل داود، احمد سميعي گيلاني ۽ رضا سيد حسيني جي نگرانيءَ ۾ شايع ڪندو آهي. ان جي ٻئي جلد جي لاءِ، جنهن جي ڇپائي هن سال متوقع آهي، مون پير صاحب جي ترتيب ڏنل ٽن ڪتابن "تذکره مقالات الشعرا"، "تکملهء مقالات الشعرا" ۽ "حديقة الاولياء" تي مقالا لکيا آهن. ان ئي جلد ۾ پير صاحب جي مرتب ڪيل "تذکرهءِ شعراءِ ڪشمير" تي به سيد علي آل داود جو مقالو شامل آهي.

* فرهنگستان زبان و ادب فارسي جي هڪڙي ٻي انسائيڪلوپيڊيا "دانش نامهءِ زبان و ادب فارسي در شبه قاره" جا ٻه جلد ڇپجي چڪا آهن، جن جو آخري اکر "ج" آهي. ان جي ايندڙ جلد م "راشدي" جي سري هيٺ مقالو ڇپجندو، جيڪو ڪنهن ٻئي جو لکيل هوندو.

* تهران يونيورسٽيءَ سان لاڳاپيل هڪڙو اسڪالر ڊاڪٽر قاسم صافي، جيڪو مختلف دورن ۾

پاڪستان ۾ به ڪم ڪندو رهيو آهي ۽ پاڪستان جي باري ۾ ڪجهه ڪتاب پڻ لکيا اٿس، تنهن پنهنجي هڪ ڪتاب "سفرنامهء سنڌ ڪراچي تا شهرخموشان" (انتشارات دانشگاه تهران، 1385شمسي/ 2006ع، ص 159) ۾ پير صاحب جو تذڪرو ڪيو آهي.

14 جولاءِ 2007ع تي مون مرڪز نشر ميراث مڪتوبه تهران جي هڪڙي ميڙاڪي ۾ "تاريخچهء مطالعات ايراني و مباحث متن پژوهي در پاڪستان" جي سري هيٺ هڪڙو خصوصي ليڪچر ڏنو. ان ۾ پير صاحب جي علمي ڪاوشن جو ڀرپور ذڪر ڪيل آهي. اهو ليڪچر بعد ۾ "آئينهء ميراث" تهران جي ضميمي 2 طور 2004ع ۾ شايع ٿيو. ان سلسلي ۾ ايراني دانشورن جي هڪ پينل سان منهنجو هڪڙو فارسي انٽرويو به ڇپيو آهي. انٽرويو جو موضوع "احيا و تصحيح متون فارسي در شبه قاره پاڪستان و هند" (يعني ننڍي کنڊ پاڪ ۽ هند ۾ فارسي ڪتابن جي احيا ۽ تدوين جو ڪم) آهي. ان ۾ هڪ هنڌ راشدي صاحب جي ڪوششن جو به چڱيءَ طرح سان ذڪر ڪيو ويو آهي.

مان لڳ ڀڳ هر سال ايران ويندو آهيان ۽ اُتي اهڙا ڪيترا ئي علم وارا ملندا رهندا آهن، جيڪي ننڍي کنڊ ۾ فارسي ادب جي تاريخ سان دلچسپي رکن ٿا. 2006ع ۾ هڪ صاحب سان مليس، جيڪو ايران جي شهر بروجرد جو رهاڪو هو ۽ هن کي پنهنجي هڪ هم وطن شاعر مرشد بروجردي، جيڪو ايران کان سنڌ ۾ آيو هو، جي فارسي ديوان جي ڳولا هئي. مون کي ان جو ڪو نسخو ته نه مليو، پر ڪيس.. پير صاحب جي ڪتاب "مرزا غازي بيگ ترخان اور اس کي بزم ادب" جو اهو حصو هٿ ڪري ڏنومانس، جنهن ۾ پير صاحب مرشد بروجردي جي چونڊ شاعري شايع ڪئي آهي. اسان جو هڪڙو پاڪستاني دوست شڪيل اسلم بيگ، جيڪو تهران ۾ پي.ايڇ.ڊي ڪري رهيو آهي، تنهن هن ڪتاب جو فارسي ترجمو ڪيو آهي ۽ اهو تهران ۾ شايع ٿيڻ وارو آهي. اها ڳالهه مون کي شڪيل صاحب پاڻ ٻڌائي آهي.

هڪ ٻي پاڪستاني محققه، فائزه زهرا ميرزا، جنهن 2007ع ۾ تهران يونيورسٽيءَ مان پي.ايڇ.ڊي ڪئي آهي، ان جو تعلق سنڌ سان آهي ۽ هن وقت ڪراچي يونيورسٽيءَ جي فارسي شعبي سان لاڳاپيل آهي. مون ان کي صلاح ڏني هئي ته پاڻ پير صاحب جي فارسي خدمتن تي پنهنجي ٿيسز لکي. ان جو شاهد پروفيسر نواز علي شوق صاحب پڻ آهي. هڪڙو ته ان موضوع تي اڃا تائين خاطرخواه ڪم نه ٿيو آهي ۽ ٻيو ته خود فائزه صاحبه هن موضوع کي چڱيءَ طرح نباهي سگهي ٿي، ڇو ته پاڻ سنڌي، اردو ۽ انگريزي سان گڏ "فارسي" چڱيءَ طرح ڄاڻي ٿي ۽ خاص طور ڪيس سنڌي ماخذن مان استفادي وٺڻ ۾ ڏکيائي نه ٿيندي، جيڪا ڪنهن غير سنڌيءَ کي پير صاحب تي ڪم ڪرڻ مهل ٿي سگهي ٿي. پر هُن صاحبه پنهنجي مرضيءَ سان هڪڙي ٻئي موضوع تي ڪم ڪيو. مطلب ته اهو موضوع اڃا تائين ڪنهن محقق لاءِ منتظر آهي ۽ مون کي پڪ آهي ته پاڪستان ۾ جيڪڏهن ڪو هن موضوع سان انصاف ڪري سگهي ٿو ته اها فقط ڊاڪٽر فائزه زهرا ميرزا ئي آهي. پاڻ اهو ڪتاب هڪ ئي وقت ٽِن ٻولين ۾ به تيار ڪري سگهڻ جي اهليت رکي ٿي يا گهٽ ۾ گهٽ ايران لاءِ فارسيءَ ۾ ۽ پاڪستان لاءِ اردوءَ ۾ ڪتاب جوڙي سگهي ٿي. ان طرح فارسي ڪتاب جي اشاعت جي ذميواري مون تي ڇڏي سگهجي ٿي.

مان آخر ۾ هڪڙي تجويز پيش ڪندس. 1911ع پير صاحب جي جنم جو سال آهي. 2011ع ۾ سندن ولادت کي سؤ سال پورا ٿيندا. هن تاريخي موقعي تي پاڪستان جي ڪنهن علمي اداري کي پير صاحب جي شايان شان هڪ "بين الاقوامي پير حسام الدين راشدي ڪانفرنس" ڪوٺائڻ گهرجي، ۽ ان سلسلي ۾ هينئر کان ئي ابتدائي ڪم ڪرڻ شروع ڪري ڇڏڻ گهرجي. منهنجي نظر هڪ پيرو وري سنڌ يونيورسٽيءَ ڏانهن کڄي ٿي، جو هيءُ ئي اُهو باوقار ادارو ٿي سگهي ٿو، جيڪو سنڌ جي هن سپوت جو صحيح حق ادا ڪري سگهي. ان طرح 'سنڌي پير' جي 'سنڌي مريد' پروفيسر ڊاڪٽر غلام محمد لاکي کي ان سلسلي ۾ خاص ذميواري سونپي وڃي ۽ مون کي خاطري آهي ته ڊاڪٽر لاکو ئي اهو فرض احسن طريقي سان انجام ڏيئي سگهي ٿو. انشاءالله اسان سندس ٻانهن ٻيلي ٿينداسين ۽ کيس ان ڪانفرنس کي ڪامياب ڪرڻ ۾ ڀرپور مدد ڪنداسين.

("جديد سنده کي تاريخ"، چند جهلکيان- شعبه جنرل هسٽري، سنده يونيورسٽي جام شورو، 2008ع)

# شاعري




مراد علي مرزا "ساميءَ سِجُ وڙاءُ" لکي واقعي اسان تي وڏو وڙ ڪيو آهي. هيءُ ڪتاب عظيم شاعر جي جيوني تہ آهي، جيڪا حقيقتن تي ٻڌل آهي، پر اُن ۾ روحاني، رومانوي ۽ دلچسپ واقعا بہ شامل ٿي ويا آهن. هڪ ليکي هيءُ هڪ سفرنامو پڻ آهي. هيءُ ناول نہ صرف شاعر جي شاعريءَ سان وابستہ آهي، پر سندس جيون ڪٿا بہ ٻڌائي ٿو، شخصي ڪردار کي اُڀاري ٿو، اهڙيءَ طرح جو شاهہ جو جيئرو جاڳندو، نماڻو، ڳنڀير، بيحد حساس، جذباتي ۽ شاعراڻو سروپ اسان جي اکين سامهون اچي بيهي ٿو ۽ اسين هُن کي پيار ڪرڻ ٿا لڳون....

اهڙيءَ طرح هن ڪتاب ۾ اتهاس تہ شامل آهي، جنهن لاءِ ليکڪ خوب اپياس ڪيو آهي، پر شاهہ لطيف جي جيون ڪهاڻي دلچسپ انداز ۾ ٻُڌائي ويئي آهي، جنهن ۾ تصور پنهنجو ڪم ڪيو آهي. شاهہ صاحب کي عوام پيارو آهي ۽ سندس زندگيءَ جا ٽڙيل پکڙيل واقعا عوام کان ڳجها ناهن، ڪيترا ماڻهو اُنهن کان واقف آهن پر جنهن ترتيب ۽ خوبصورتيءَ سان اُنهن واقعن جي واٽين کي هڪ ڌاڳي ۾ پرويو ويو آهي ۽ سُندر پُستڪ ۾ سميٽيو ويو آهي، ان لاءِ مراد علي مرزا بيشڪ داد جو مستحق آهي.

ناول جي ٻولي اڄ جي ٻوليءَ کان ڪي قدر علحده آهي. ان ۾ اڄ وانگر اردو، فارسي ۽ عربي لفظن جي ڀرمار ناهي. اها سڌي سنواٽي ٻولي آهي. اُن ۾ اُن زماني جا استعارا ۽ الفاظ استعمال ڪيا ويا آهن، مگر اها شاهہ جي رسالي جي ٻوليءَ کان بہ مختلف آهي. ان جي رواني اهڙي آهي، جيڪا اسان کي ڪهاڻيءَ سان گڏ وٺي هلي ٿي. ناول لاءِ اهڙي ئي ٻوليءَ جي ضرورت ٿيندي آهي. ناول ۾ منظرڪشي اهڙي آهي، جو سڀ ڪجهہ اسان جي نظرن سامهون گذري وڃي ٿو. ان دؤر جي ڳوٺاڻي جيون کي اسين جيئڻ لڳون ٿا. اوطاقن ۽ حويلين جا ذڪر، ڪمرن ۾ رکيل سامان جو تفصيلوار بيان، صحن ۾ رکيل ڪٽن، رلين ۽ چادرن جا چِٽ، ڪردارن جي پوشاڪ جا ورڻن دلڪش آهن. رستن تي هلندڙ ڏڳي گاڏيون، هنن جي هلڻ سان ڌوڙ جو اُڏامڻ يعني سڀني ڳالهين جو خيال رکيو ويو آهي.

— ريتا شهاڻي

("چند ويچار"، ص 14-16)

ڪويتا پبليڪيشن، حيدرآباد، 2008ع

## شمشير الحيدري

# تهذيب دشمن

ڳالهه ڳجهڙي ٻہ هئي،
ڳالهه پڌري ٻہ هُئي:
ڪالهه پوئين پهر
ڪير آيا ويا،
راڄ ساري اڳيان ڏيئي ساري ڪري ڪي ويا چُوچڙي.

باهہ پنيٽ ڪيا،
ڪي تہ ماڻهو مُئا،
ڳوٺ جو ڳوٺ ڪن ۾ ويو سارو سڙي.

ڳوٺ جي رَڪ مٿان،
دونهن ۾ دز منجهان،
هڪ ڄڄن جي جهُريل جهور ٻڍڙيءَ ٽي دلدوز
دانهون ڪيون:
چو ڀلا ڳوٺ منهنجو ئي هر هر اُجاڙيو وڃي ٿو،
اباڻن ککن کي ئي ساڙيو وڃي ٿو؟
اڙي ڪوئي آهي جو مون ڏي اچي؟
اڙي ڪوئي آهي جو منهنجي ٻُڌي؟
اڙي راڄ وارا،
اڙي راڄ وارا،
اِها وارتا ڪو تہ مون کان پڇي.
ڪير آيا ويا، ڪنهن ڏني چُوچڙي،
ڪوئي آهي جو مون کي سُڃاڻي سگهي،
ڪو تہ مون کان پڇي.
منهنجي ٻانهنءَ جي چُوڙن تي تاريخ جا نقش جاڻي
سگهي؟
مان تہ آهيان مُهيَن جي دڙي جي اُها نِرتڪي،
جنهن سوين بار هن ”سُک نگر“ جي دبيل کنڊرن
جي مٿان
ڳوٺ نهندي ڏٺا، ڳوٺ ڊهندي ڏٺا.
ڪير ايندا رهيا.
ڪير ايندا رهيا،
ڪير ڏيندا رهيا هر دفعي ڳوٺ کي چُوچڙي؟
مان ڄڄن کان اُنهن کي، اُنهن جي اُريءَ ۽ پُريءَ
کي سڃاڻان.
هي دهشت ۽ وحشت جا باني مباني
هي شيطان ثاني
هي تهذيب دشمن، هي تهذيب دشمن، هي تهذيب
دشمن ئي آهن نياڳا،
مُهين جي زماني کان، سنڌوءَ ڪنارن جي تهذيب
تي جي سَڙن پوسرن تا.

اڙي راڄ وارا،
اڙي راڄ وارا،
اچو ۽ ڏسو، منهنجي هٿ تي هي تهذيب دشمن
خبيثن کي شهہ- مات جي چال آهي لکيل.
اوهان جي جا شهڪار تهذيب آهي قديم ۽ عظيم،
ڪرشمو فقط آهي سنڌوءَ جي پاڻيءَ سندو.
جي پاڻي نہ آهي تہ سنڌو ڪٿي؟
جي سنڌو نہ آهي تہ تهذيب ڇا؟

تہ اي راڄ وارا،
وڃي پنهنجي تهذيب جي لاءِ سنڌو بچايو،
۽ سنڌوءَ جي لئہ اُن جو پاڻي بچايو.
نجات آهي پاڻي،
حيات آهي پاڻي.

هي پيغام آهي مُهَين جي دڙي جي ٻُڍي نرتڪيءَ جو،
اوهان جي امڙ جو.

امداد حُسيني

## ”قيدي“ نظم جا بہ بند

دوستي مون چيو هئو هن کي
پر اهو سوچيو بہ ڪونہ هئم
تہ اها دوستي هئي نَم جي
سا بہ نادان سان نہ ڪنهن ڪم جي
جيڪڏهن دوستي اها آهي
دشمني پوءِ ڇا ڀلا آهي؟

هُن تہ مون لاءِ پاڻ ماريو ٿي
پاڻ تي پيٽرول هاريو ٿي
پوءِ ماچيس سان گهي تيلي
پاڻ کي جيئري ئي ٻاريو ٿي!

۽ پکي سان ٻڌي رَئو پنهنجو
پاڻ کي پاڻ تي ڏنو ڦاهو
ٻوڙيائين ٿي پاڻ سنڌوءَ ۾
هن تہ نَس کي بليڊ سان ٿي ڪَپيو
ڪڏ تان پاڻ کي ٿي ڪيرايو
ٽرين آڏو ٿي پاڻ اُڇلايو

ڇا اهو ڍونگ هو؟ رڳو ڏُلبو!
يا ڇڙو ڊائلاگ بازي هئي
۽ انهيءَ ڊائلاگ بازيءَ ۾
هُوءَ ماهر هئي اڳي کان ئي
ڊائلاگن تي ڊائلاگ هڻڻ-
کان سوا جڻ تہ ڪجھ سِکي نہ هئي!
رات جو ٽين چئين وڳي تائين
فون تي گفتگو ڪرڻ مون سان
مشغلو من پسند هو هُن جو
سينڌ تي هٿ رکي چيائين جو
پَٽر آگر ڇلي لکيائين جو
سو رڳو ڪوڙ هو؟ رڳو دوکو!
جڻ تہ ماچيس جو ٺلهو ڪوکو
ڪنهن ڊڙي تي سواءِ اُڇلڻ جي
ڪوبہ ڪارج نہ سِڌ ٿئي جنهن مان!

ڪالهہ جنهن باغ ۾ مِلي ٿي هُوءَ
۽ گُلن ساڻ گڏ کِلي ٿي هُوءَ
اڄ اُهي گل بہ ڇتر ٿا ڀاسن
اڄ اُهي ٺهڪ مِڪر ٿا ڀاسن!

ڪالهہ ڪيڏي نہ هوءَ پنهنجي هئي
صرف ۽ صرف منهنجي هئي
اڄ اُهائي هئي ٻئي ڪنهن جي

سَتَ ڏارين ۽ پر پرائي .هئي
ڪالهہ هڪ وار جي وٿي نہ هئي
اڄ جدائي رڳو جدائي- هئي

ڪالهہ جنهن جاءِ تي هئس آئون
اڄ انهيءَ جاءِ تي ٻيو آهي
(۽ سيائي وري ٽيون هوندو)
ها، ٻيو جنهن رڳو ٻيائيءَ سان
بي حيائيءَ ۽ بي پتائيءَ سان
زهر ايڏو پري ڇڏيو هُن ۾
جو سندس سُرخ رنگ اُڏامي ويو
هاڻ نيري لڳي پئي آهي!

آگهي مون چيو هئو هُن کي
پر اهو سوچيو بہ ڪونہ هئم
تہ اها آگهي ملي بہ وڃي
تہ رڳو اڄ رُڄ سُڄ آهي
بس رڳو ٻُڪَ، ڏُڪَ، ڄُڪ آهي
هُن چيو هُن تہ مور- پر آهي
پر پٽيل آهہ، هُن چيو هو ڪونہ!

آءٌ آهيان ۽ قيد تنهائي
جڻ تہ ڪو بي دريافتو قيدي
جنهن جي اڄ تاءِ ڪابہ شنوائي
ڪانہ ٿي آهہ ڪنهن عدالت ۾
نہ ملاقات ئي ڪٿهن آئي
۽ انهيءَ بي گناهہ قيدي لاءِ
ڪوبہ نهراءُ پاس ڪونہ ٿيو
نہ ڪو اخبارَ ۾ بيان ڇپيو
نہ ڪو جلسو نہ احتجاج ٿيو
نہ وري ڪو جلوس ئي نڪتو!

## هڪ نظم جا ڪجهہ بند

ٻڍن جا ۽ ٻارن جا مائُن جا قاتل
ڀنائيءَ جي ڀيتن ۽ وائُن جا قاتل
ڪميڻا ۽ ڪوڙا سچائُن جا قاتل
ٻراين جا راڪا ڀلائُن جا قاتل
هي ٻانهين ۽ ٻائُن ۽ دائُن جا قاتل
هيءَ ڌرتيءَ جي ڄاون ۽ ڄائُن جا قاتل

دليلن جا قاتل مثالن جا قاتل
ثبوتن جا قاتل حوالن جا قاتل
انڌيرن جا ايجنٽ اُجالن جا قاتل
۽ سچ ڪان بہ روشن خيالن جا قاتل

رشين ۽ مُنين ۽ رسولن جا قاتل
هي قدرن جا قاتل اصولن جا قاتل

هي ڳهوٽن جا قاتل هي موڙن جا قاتل
هي سيڄن ۽ جوڙن سجوڙن جا قاتل
اڙي گهوڙا گهوڙا هي گهوڙن جا قاتل

هي معصوم ٽج پياڪ اصغر جا قاتل
هي جوڌي جوان سال اڪبر جا قاتل
پري ڪان ئي پٽرا ڊسمبر جا قاتل

لکي سَچُ جو تنهن قلم جا هي قاتل
جو اُوچو هجي تنهن عَلم جا هي قاتل
جو اڳتي وڌي تنهن قدم جا هي قاتل

ڪڄن جي بہ سر تن سرن جا هي قاتل
نہ لڄ ليههَ جن ڪي سي نِرڄا هي قاتل

هي خوشحال خان جي تمنا جا قاتل
بُلها شاهہ رحمان بابا جا قاتل
هي مسجد جا مندر جا گرجا جا قاتل
هي منڇر جا ۽ شينهن دريا جا قاتل
هي اکرن جا لفظن جا معنيٰ جا قاتل
هي بادل جا بوندن جا برکا جا قاتل
هي مجنون جا قاتل هي ليليٰ جا قاتل
هي يوسف جا ڀائر زليخا جا قاتل
هي مُوجد صليبن جا، عيسيٰ جا قاتل
عبادت جا ويري ۽ پُوڄا جا قاتل
هزارن جي لشڪر سان تنها جا قاتل
رُليا روهہ راوڻ هي سيتا جا قاتل
هي سرمد جا قاتل هي دارا جا قاتل
هي شومبي جا پونيرَ لومبا جا قاتل

نمائين نيائين سيائين جا قاتل
سهاڳڻ جي نٿ، نٿ جي ڏائين جا قاتل
هي ٻي ٻي جيان راڄ رائين جا قاتل

## گيت

مُند وئي
ٻي مُند آئي
تون ڪونہ آئين!

هِيرَ گهلي ڙي گُل ڙڙي پيا
ڇَن ڇَن ڇَن پازيب وڳو- هو-
پونر مِڙي ويا سُرَ چڙي ويا
سَڪيون ٻَڪيون سپ، آءٌ توائي
مُند وئي
ٻي مُند آئي
تون ڪونہ آئين!

جيءَ جيان ئي جهُڙ جهڙالا
مينهن وتوڙي، پَٽ پُسي ويا
ڪپڙن سان گڏ نيڻ بہ آلا

مُند وئي
ٻي مُند آئي
تون ڪونہ آئين!

## ڏُلبو!

تاسَ جي پتي جيان ڪيڏي ڪتي اُڇلي ڇڏيئہ
ٻُوٽ سان چچري ڇڏيئہ احساس کي سگريٽ جي ٽوٽي جيان
سَڳ سُرهو گند جي ڪنهن ڍير تي اُڇلي ڇڏيئہ ماچيس جي ڪوڪي جيان
رنگ تنهنجو ڍنگ ۾ هر روپ هو ڏلبي جيان دوکي جيان

هٿ تريءَ جي ليڪ هئي تولاءِ بس پاڻيءَ مٿان ليڪي جيان
دل اُمل هئي، پر هئي تولاءِ هڪ بيڪار رانديڪي جيان
سو اُهو بيڪار رانديڪو هئي پَٽ تي پٽي پوري ڇڏيئہ
جيءُ مر هئي جاءِ مون تولاءِ جوڙي، جيءَ کي جهوري ڇڏيئہ

سِڪَ جو ڪچو سڳو هڪ ڇڪَ سان ٽوڙي ڇڏيئہ
ڏينهن جو سورج مُکيءَ کان سِج کي موڙي ڇڏيئہ

قول جيڪو تو ڪيو سو قول پاريو ڪونہ ڪو
بيو تہ سيڪجهہ تو وساريو، ڪجهہ بہ ساريو ڪونہ ڪو
پر ڦٽن تي لُوڻ ٻُرڪڻ تو وساريو ڪونہ ڪو

جنهن پني تي مون لکي ڳوتا هئي تولاءِ، سو
ڪنهن ردي ڪاڳر جيان ڦاڙي هوائن ۾ اُڏاري تو ڇڏيو
ميڻ بتيءَ جيئن ساري رات ٻاري وَٽِ ساڙي ميڻ ڳاري تو ڇڏيو
جيئرو مون کي رکي، پنهنجين اکين جو آب ماري تو ڇڏيو!

## وائـــي

ڪنهن تہ ڪئي ڪلراڻي؟ پاڻيتي هيءَ پونءَ پليري!
ڪنهن تہ ڪئي؟
ها، ڪنهن تہ ڪئي!
سمنڊ مِٺي پاڻيءَ جو سنڌو، ڪنءَ تي وئي هنءَ ماڻي!
ڪنهن تہ ڪئي؟
ها، ڪنهن تہ ڪئي!
ٻيلو بہ تہ ٻڄي ڪونہ سگهيا، هرڪو ڪاڻي ڪاڻي!
ڪنهن تہ ڪئي؟
ها، ڪنهن تہ ڪئي!
سيد جنهن جي ساک ڪنئي سا، سنڌڙي ڪنءَ ڪاٽاڻي!
ڪنهن تہ ڪئي؟
ها، ڪنهن تہ ڪئي!
ڏمَر ۾ ڏير ۾ ڦوڳ اُهيئي، ٿي ويهون ٽيون ساڻي!
ڪنهن تہ ڪئي؟
ها، ڪنهن تہ ڪئي!
سنڌين لئہ امداد چوان چا، جهڙا گهر جا ناڻي!
ڪنهن تہ ڪئي؟
ها، ڪنهن تہ ڪئي!

# غلام حسين "مشتاق" سچاروي

## غزل

وار ڪارن مان جا رُخ جي روشني محسوس ٿي،
بادلن مان چنڊ يا سج جي ڪِني محسوس ٿي.

يار وٽ نالو وٺي منهنجو، گلا ڪئي دشمنن،
دشمنن جي دشمني پڻ دوستي محسوس ٿي.

هُو عيادت لاءِ آيو هو رقيبن ساڻ گڏ،
دل نہ زخمي ٿي، مگر آسودگي محسوس ٿي.

زخم پهچائي پڇي ٿو، خيريت آهي جناب،
هن شرارت ۾ بہ هُن جي سادگي محسوس ٿي.

گل جي خاطر خار جا آزار سَهڻا ٿا پون،
دلربا، تنهنجي ڏکن ۾ پڻ خوشي محسوس ٿي.

چنڊ جهڙا چهرا ها موجود محفل ۾ مگر،
مهلقا جي بزم ۾ ڏاڍي ڪمي محسوس ٿي.

هر قدم تي راهہ جا پٿر بہ پاٽي ٿي پيا،
سنگدل آڏو اسان کي بيوسي محسوس ٿي.

سات پنهنجو پنهنجا پاچا ويا مصيبت ۾ ڇڏي،
تو سوا تنهائي ۾ بي مائگي محسوس ٿي.

عشق جو درياءُ هو جنهن وقت آيو موج ۾،
صبر وارن ساحلن جي بي بسي محسوس ٿي.

خواب پنهنجا ٿي ويا اُن وقت چڪناچور سڀ،
يار جي رخسار تي جيئن برهمي محسوس ٿي.

نقش واري جا هُيا جڻ يار جا وعدا وچن،
سهڻي صورت کان اِها حرڪت ڪَسي محسوس ٿي.

مون گُلن ۽ مُکڙي کي سؤبار ورجائي ڏٺو،
پر نہ تنهنجي رخ جي ڪنهن ۾ تازگي محسوس ٿي.

مُهر خاموشي لبن تي، راز افشان ٿي ويا،
دل سندي دل سان ڪجهي وابستگي محسوس ٿي.

سنگِ در تي پنهنجي پيشاني بہ پرچاڻ لئي هئي،
حاڪميت هُن جي، منهنجي عاجزي محسوس ٿي.

جام کان وڌ آهي ساقي جي نگاهن جو ڪمال،
هڪ نِگهہ سان ئي بدن ۾ بيخودي محسوس ٿي.

محب ريءَ "مشتاق" جو آهي جيئڻ جنجال جڻ،
زندگي محبوب سان گڏ زندگي محسوس ٿي.

## غزل

محبوب مهلقا جڻ تعبير خواب جي،
مون کان پڇو ٿا ڪهڙي خبر انتخاب جي.

دل جي خبر نہ سمجهي رڳو اهلِ دل سگهن،
بي ذوق کي خبر ڇا هِن اضطراب جي.

هي تنهنجي ئي محبت جو ڪارنامو آهہ،
مون کي نہ ڏي ميار تون خانہ خراب جي.

زاهد کي زهد و تقويٰ ۾ ٿو اچي سُرور،
آهي انوکي لذت چنگ و رباب جي.

واعظ! تون پنهنجي پند و نصيحت کي بند ڪر،
موجن ۾ آهي محفل شوق و شباب جي.

گذري آ بي ٹڪلف توساڻ زندگي،
ڪهڙي ڪرين ٿو ڳالهڙي هاڻي حجاب جي.

ماڻهو نہ مون کي سمجهن ٿا پارسا مگر،
مون کي خبر آ پنهنجي عيب و ثواب جي.

"مشتاق" عمر ساري گذري فراق ۾،
ڌمڪي ڏيو ٿا هاڻي ڪهڙي عذاب جي

## احمد خان "مدهوش"

### غزل

كيئن ڏيان اعتبار ماڻهن کي،
تو ڏسان آءٌ جابجا هُن کي؟
دل بہ هڪڙي، اُهو بہ هڪڙو آ،
چو مُجان ايترن خدائن کي.
يار اهڙي نگاهہ ڏيکاري جو،
ماتِ اچي ويئي انائن کي.
هستي پنهنجي کي جنهن نہ ماريو،
ڪين سمجهي سگهيو وفائن کي.
سي رڻن ۾ رُلي فنا ٿي ويا،
جن وَسايو ويران راهُن کي.
ڪر نہ 'مدهوش' وائکيون وايون،
دل ۾ دفناءِ پنهنجي دانهن کي.

### غزل

اي زمانا! مَري مَري ايندس،
عشق آهيان، وَري وَري ايندس.

تنهنجي ليکي ٻَري ٺَري ويندس،
مان تہ بيهر ٻَري ٻَري ايندس.

جيڪڏهن نوحَ جو اُٿيو طوفان،
تارَ مان پي تري تري ايندس.

شوق چاهيو تہ مان شهادت جي،
گنجَ مان ٿي ذري ذري ايندس.

نيٺ 'مدهوش' عزم سان کولي،
درشنن جي دري دري ايندس.

### غزل

هُو اکين جي ٻَکن ۾ پئجي ويو،
ساهہ ساٿي بدن ۾ پئجي ويو.

هيءَ حقيقت رقيب جي ڪَنَ پئي،
جڙ تہ ٽانڊو ڪکن ۾ پئجي ويو.

هيڏي عيدون عروج تي پهتيون،
هوڏي لُرزو لگن ۾ پئجي ويو.

محب مون سان ڪِليو تہ هُن کي چو؟
آهہ مهڻو هٽن ۾ پئجي ويو

مون چکيو مس مِناڻ سنگت جو،
زهر هُن کي چِڀن ۾ پئجي ويو.

مُرڪ هُن موڪلي گجهارت ۾،
ٽرٽلو حاسِدن ۾ پئجي ويو.

واهہ 'مدهوش'، واهہ مدهوشي!
هُل سڄڻ عاشقن ۾ پئجي ويو.

### غزل

ٿُنهنجي آڌو ذرو بہ ناهيان سائين،
ٿُبڪڙي جيترو بہ ناهيان سائين.
توکان ڪجهہ پَرپَرو بہ ناهيان سائين،
اڻ ڏٺل اوپرو بہ ناهيان سائين.
ڪو وَزن ويڪرو بہ ناهيان سائين،
بازَ ايڏو گِرو بہ ناهيان سائين.
مُعتبر مَٿيرو بہ ناهيان سائين،
ءِ صفا ٿرو بہ ناهيان سائين.
تون 'مدهوش' کي جيترو سمجهين ٿو،
سَچ پُڇين ايترو بہ ناهيان سائين.

## ایاز گل

### صوفياڻو ڪلام

عَرشُ ڇڏايو رَبَّ سبحاني،
نينھن ڏئي نِيشاني:
بارُ برھ جو سِرَ تي چاڻم!
حاصل ۽ لاحاصِل مان،
حاصل ٿي حيراني:
بارُ برھ جو سِرَ تي چاڻم!
پاڻُ ئي پنھنجو دُشمن آھيان،
پاڻُ ئي پنھنجو جاني:
بارُ برھ جو سِرَ تي چاڻم!
منصبَ سارا ڇڏي وَتيسي،
دلبرَ جي دَرباني:
بارُ برھ جو سِرَ تي چاڻم!
ماسُ سنلم ئي ڪوري منھنجي،
مُحبَ ڪئي مھماني:
بارُ برھ جو سِرَ تي چاڻم!
ڪنڌُ نِوائي ناںءَ سندس جي،
پاءِ ڳچيءَ ۾ ڳانِي:
بارُ برھ جو سِرَ تي چاڻم!
بيدل جو آ عشقُ اُتانھون،
ڪيرُ سڏائي ثاني؟
بارُ برھ جو سِرَ تي چاڻم!

### غزل

ڪنھن ٻوڙان ٻوڙ وانگي آ،
ھي غم گجگوڙ وانگي آ.
اسان جي دل صفا سوگھي،
پرين پنجوڙ وانگي آ.
پڇين ٿو: موت ڇا آھي؟
وِڇوڙي موڙ وانگي آ.
محبت آرسي ۽ شڪُ!
اُنھيءَ ۾ جوڙ وانگي آ.
اوھان ناھيو، حياتي ۾،
ڏڌڙ ۾ ٻوڙ وانگي آ.
ھُو ساگر ۽ اسان جي سِڪ،
سنتوءَ جي چوڙ وانگي آ.
مِلڻ ھُن جو، کِلڻ ھُن جو،
غمن جي ٽوڙ وانگي آ.

### وائي

اڳتي اڳتي پيرُ ھجي،
اڳتي اڳتي خيال:
مُڙي نہ ڏِسجو!
قسمت ڪونہ مٽائي سگھندا،
ٻاسُون، ڦِيٽا، فال:
مُڙي نہ ڏِسجو!
سنڌ کي پيارا! ڪونہ کپن
ٽلھا ھي اَحوال:
مُڙي نہ ڏِسجو!
سنڌ جي سياست آھي پيارا!
ٽلھا ئي اَحوال:
مُڙي نہ ڏِسجو!
ساڳي حالت رھڻي ناھي،
جيڪا ھُئي پرُ سال:
مُڙي نہ ڏِسجو!
محنت کي ھٿيار بڻايو،
ھمتَ ٿيندي ڍال:
مُڙي نہ ڏِسجو!
پيار ۾ ڪھڙيون ڪرڻيون آھن؟
جاچون ۽ پڙتال:
مُڙي نہ ڏِسجو!

## ادلِ سومرو

## چمپا جو ڏوھ

سامي!
تنھنجيءِ سامَ ۾
چمپا ڪيئن قتل ٿي؟
سورھن سالن جي چمپا
جنھن جي ٻانھن تي ويھي
پکي ٻوليندا ھئا
شام جي خاموشيءِ ۾
ھُن جي ھُبڪار ھرطرف
ڦھلجي ويندي ھئي
جيڪا احساس ڏياريندي ھئي تہ
زندگي ڪيتري نہ خوبصورت آھي
بھار جي مُند ۾
جڏھن ھُن جي بدن مان
نوان گؤنچ ڦُٽي رھيا ھئا،
تڏھن ھُن کي ڪُنو ويو
قاتل کي اِھا خبر ناھي تہ
اِھو نہ فقط چمپا جو قتل آھي
پر اِھو پکين جي خوابن
تڏي چانوري ۽ سُرھاڻ جو بہ قتل آھي
بيد مُشڪ جي وڻن وانگر
چمپا، ٻين ٻوٽن جي حصي جو
پاڻي بہ نٿي چورايو
ھُن ۾ ڪنڊا بہ نہ ھئا
جيڪي واٺھڙن کي وچڙن
تہ پوءِ قاتل وٽ ڪھڙو دليل آھي،
ھُن کي قتل ڪرڻ جو
ھُو چمپا جو ڏوھ ٻڌائي!
جتي چمپا قتل ٿي ھئي
اُتي ھڪ دردُ ڦُٽو آھي
جنھن کي ھڪ ڏکايل دل ئي
محسوس ڪري سگھي ٿي.

(سامي ٽيچرس ھاسٽل شاھ لطيف يونيورسٽي خيرپور ۾ ٿيل
چمپا جي قتل تي لکيل)

## تخليقن جا اوچا وَڻ

ميرواھ جي پرسان آھي
ھڪ شاعر جو گھَر
گھَر بہ آخر ڊھي وجن ٿا
ميرواھ جي پرسان آھن
اوچا اوچا وڻ
وڻ بہ آخر ڪِري پون ٿا
پر، جنھن جوڙيا دلين جي اندر
پنھنجي پيار جا گھَر
سي گھَر ڪڏھن بہ ڊھي نہ سگھندا.
تخليقن جا اُوچا ھي وڻ
ڪڏھن بہ ڪِرندا ڪونہ
چاھي زور ۽ شور سان
واءُ لڳي پل چونہ

(خيرپور ۾ تنوير عباسيءَ جي رھائشگاھ "سرمد جو گھر" جي
وڪري جي خبر ڪان پوءِ لکيل)

## وائــي

ڪھڙا ٿو ونين رستا
ڪجھ ترس ھتيُ رمتا!
ھي ديسُ ڏکي آھي.
سڀ راڳَ وڇوڙي جا، ۽ درد سچي ڪوَتا
ھي ديسُ ڏکي آھي.
ھر چيز مھانگي آ، احساس مڙئي سستا
ھي ديسُ ڏکي آھي.
شاعر ۽ مصور جي، ڪھڙي آ ھتي ميجتا
ھي ديسُ ڏکي آھي.
چند ماٺھو ھندورن ۾، جھوريءَ ۾ آھي جنتا
ھي ديسُ ڏکي آھي.

ذوالفقار سيال

## هر دور جي ڪهاڻي

رشتن جي هيءَ آهي ڪهاڻي،
ڪڏهن نئين آ، ڪڏهن پُراڻي!

وقت جي آڏو پيش پون ٿا،
سارا چهرا ڪيش ٿين ٿا،
ماءُ جي ممتا، پيار جو سايو،
وقت، سمونڊ ۾ ٻوڙي آيو.

ماءُ ڏني جا مون کي لولي،
منهنجي منڙي، پياري گُڏڙي!
عزت واري چادر اوڍي،
غم جا ڳوڙها لاڙي رکجانءِ!
درد سموري کي پي وڃجانءِ!

هٿ ڪَندن ۾ اُلجهي پيا هن،
سارا پردا سِرڪي پيا هن،
ائين لڳي ٿو ڄڻ هي ڳوڙها،
تنهنجي ياد ۾ ڳڙي پيا هن،
خالي سارا نيڻ ٿيا هن.

پنهنجي پيار جي جذبن کي ٻہ،
پيرن ۾ چيپاٽيو ويو آ،
پٿر دل هي سارا ماڻهو،
اندر جي ڪورن کي ٻاري
بارودن جي رَک کي هاري
پيار ائين ئي پوکن وينا.

اندر مان جو نينهن وسي ٿو،
دل مان جو طوفان اُٿي ٿو،
اُجياري اندر ۾ اوتي،
درد سمورو سَهڻو پوي ٿو،
جيئڻ لاءِ جيئدان ٿو گهرجي.

ويرن آڏو واريءَ وانگي،
رشتا، ناتا، ٺاهيون، ڍاهيون،
مون جي چنڊ ڪِڙايا آهن،
هي سڀ تنهنجا سايا آهن.
درد ڪي ايڏو ڪنهن ٺهلايو؟
هر موسم ۾ مُند ۾ آيو.
ايڏو اُن ۾ تيڪ ڏسون ٿا،
ٽيپو ٽيپو ساهہ ڪٿون ٿا.

ڪوسا، ڪوجها، ٿڌا، ڪارا،
جذبا گلڙن جهڙا پيارا،
پوپٽ جهڙن رنگن وانگي،
پنهنجي پنهنجي معنيٰ ڏين ٿا.
جيون جي هر روپ ۾ آهن
درد جا صحرا، غم جا جهولا،
وقت جي چادر ۾ مون سانڍي،
ياد جا لمحا اُٿي چڏيا هن.

جاڻ هي آهي ڪوبہ نہ ڪنهن جو،
وقت جي آئيني جي آڏو،
جيڪو آيو چهرو منهنجو،
هرڪو چهرو تنهنجو چهرو-
هرڪو چهرو منهنجو چهرو

## فياض چندڊ ڪليري

### غزل

هر گهڙي گهاءُ ٿي ڏئي مون کي،
جڻ تہ پڇتاءُ ٿي ڏئي مون کي.
سونهن جڻ مون سندس چورائي آ،
ائين اکين تاءُ ٿي ڏئي مون کي.
جيت پنهنجي حصي ۾ هوءَ رکي،
پوءِ سڀ داءُ ٿي ڏئي مون کي.
راهہ جي روشني پوي ٻجي،
جا ڇُمي ماءُ ٿي ڏئي مون کي.
درد رهبر ڪڏهن تہ ٿي پوندا،
دل هي پڙلاءُ ٿي ڏئي مون کي.
ونجهہ واعدن جا روز توڙي ٿي،
۽ پڳل ناءُ ٿي ڏئي مون کي.
چندڊ! سادا هجئون ها ڪاش اسين،
سُرت سوداءُ ٿي ڏئي مون کي.

## معشوق ڏاريجو

### غزل

درد جي ڏيهہ کان پَري هئاسين،
رات موڪيءَ جي مئڪدي هئاسين.
راتيون چندڊ سان رُلياسين ٿي،
رول ڏاڍا اسين اڳي هئاسين.
ديس دلبر سان دل لڳي آهي،
سونهن جاتي ڏني، اُتي هئاسين.
جون جي ڏينهن اَسَ تنهڻ ۾،
تو ڏني ڇانوَ، تو تڏي هئاسين.
پاڻ 'معشوق' چاهہ ڪنهن جي ۾،
مون ڪان چو تا پڇو ڪٿي هئاسين.

## وسيم سومرو

### وائـــي

تنهنجا رنگ هئا،
يا هُوءَ چانڊوڪي هئي.
مٿان اُڏندڙ آڙيون،
هينان ڪنگ هئا،
يا هُوءَ چانڊوڪي هئي.
سانجهہ، ستارن جا ٽڙيل،
سونا سنگ هئا،
يا هُوءَ چانڊوڪي هئي.
اڌ اُگهاڙا ڏينهن ۾،
اُجرا انگ هئا،
يا هُوءَ چانڊوڪيءَ هئي.
راڳيءَ جي آواز ۾،
سُر سارنگ هئا،
يا هُوءَ چانڊوڪي هئي.

## بخشل باغي

### غزل

آسمانن ڏنو پئي توکي،
لامڪانن ڏنو پئي توکي.
تو ڏٺا پئي جهان جا منظر،
۽ جهانن ڏنو پئي توکي.
وقت، تُنهنجي اکين مان جاڳي پيو،
جڻ زمانن ڏنو پئي توکي.
تنهنجي دَستڪ لئہ دَرَ پئي ترسيا،
آشيانن ڏنو پئي توکي.
رنگ اندلٺ جا ٿي ڪِرڻيءَ جهُڙ مان،
بيابانن ڏنو پئي توکي.
مُرڪ تنهنجيءَ ۾ ها قصا ڪيئي،
داستانن ڏنو پئي توکي.
اُس ۾ ڇانوَ تو اُٿي ويٺي،
سائبانن ڏنو پئي توکي.
موت، ۾ تو، ٿي زندگي ڳولي،
امتحانن ڏنو پئي توکي.

## ”ابرار“ ابڙو

### غزل

اسان جا پير واريءَ تي، اسان جا نيڻ صحرا ۾،
هلڻ جي هير واريءَ تي، اسان جا نيڻ صحرا ۾.

اکين ۾ عشق ۽ دل ۾ سدائين سار جي خوشبو،
صدين کان سير واريءَ تي، اسان جا نيڻ صحرا ۾.

جُڳن کان ننڊ جوڳياٽي، جُڳن کان جاڳ جوڳيءَ جان،
وفائون ڊير واريءَ تي، اسان جا نيڻ صحرا ۾.

پکي ٿي خواب اُڏري ويا، الئه ڪنهن پار ڏي آخر،
گهڻيون ۽ گهير واريءَ تي، اسان جا نيڻ صحرا ۾.

پَري کان ٿيون اچن مون ڏي پُڪارون ڪنهن زماني کان،
سڌن ٿا ڪير واريءَ تي، اسان جا نيڻ صحرا ۾.

### غزل

مِٽيءَ سان ٿو بدن مهڪي مِٽيءَ سان نيڻ اُجرا هِن،
پرينءَ جي ڳوٺ جي هرڪنهن گهٽيءَ سان نيڻ اُجرا هِن.

اکيون توڏانهن اُپرن ٿيون، بدن تولاءِ پوڳي ٿو،
سَکي! تنهنجي سدا زندهه دليءَ سان نيڻ اُجرا هِن.

نہ تنهنجي فون ڳولي ٿي، نہ تنهنجو خط نهاري ٿو،
پُراڻي هڪ لکيل تنهنجي چِٺيءَ سان نيڻ اُجرا هِن.

سدا جذبات ۾ جهومي چوي هي روح ٿو منهنجو،
مِٽيءَ سان جسم تازو آ، مِٽيءَ سان .نيڻ اُجرا هِن.

اکيون چاهن ٿيون تنهنجي عاشقيءَ ۾ خواب جرڪڻ،
اُماٽيل تنهنجي پاران عاشقيءَ سان نيڻ اُجرا هِن.

### غزل

پاڻ ڳولڻ ٿو گهران، مان ڪٿي آهيان اڄا؟
پنڌ وارن کي پُڇان، مان ڪٿي آهيان اڄا؟

آءٌ اندر جي اکين ۾ اوپرو چو ٿو لڳان،
آرسيءَ کان ٿو پُڇان، مان ڪٿي آهيان اڄا؟

ڪير آ منهنجن چپن تي ۽ اکين ۾ ڪير آ،
روز ڪنهن لئه ٿو لُڇان، مان ڪٿي آهيان اڄا؟

سيءَ جي رُت ۾ سُمهان ٿو عشق جو ٺاري بدن،
آڳ تي چو ٿو اُٺان، مان ڪٿي آهيان اڄا؟

روح موهن جي دڙي جو، نيڻ سنڌوءَ جو سفر،
موج سنڌوءَ جي هُجان، مان ڪٿي آهيان اڄا؟

### غزل

اکين ۾ پيار جهومي ٿو، اکين ۾ رنگ جهومن ٿا،
جگر ۾ يار جهومي ٿو، اکين ۾ رنگ جهومن ٿا.

دري ڪولي شهر جي شام کي سُلجهائي ٿي سُهڻي،
وهيءَ جو عار جهومي ٿو، اکين ۾ رنگ جهومن ٿا.

هُو پنهنجي عشق جي اُجري صبح جو سج اُڀارن ٿا،
پرهه جو پار جهومي ٿو، اکين ۾ رنگ جهومن ٿا.

تون مون سان ساڻ جي آهين تہ منهنجي زندگيءَ آڌو،
سڄو سنسار جهومي ٿو، اکين ۾ رنگ جهومن ٿا.

نتا وسرن نگاهن کان ڪيل اقرار جا لمحا،
اڳيان اقرار جهومي ٿو، اکين ۾ رنگ جهومن ٿا.

## ياسين چانڊيو

### وائي

پري مون کان نہ ٿي جانان،
اکين جو چين ٽڙپي ٿو!
بدن ۾ باھ جا ڀڙڪا،
ٻري ڄڻ ڪا ٻني جانان،
بدن جو چين ٽڙپي ٿو!
اوهان بن بي قراريءَ جي،
وري موسم لٿي جانان،
رڳن جو چين ٽڙپي ٿو!
چپن تي چاھ جون چڻنگون،
وئي آهي رکي جانان،
چپن جو چين ٽڙپي ٿو!

### غزل

زندگي ڄڻ ڪو سفر آ،
هر قدم جنهن جو سحر آ.
پٿريلي پيچرن تي،
زندگيءَ جو هر پهر آ.
راھ ۾ ڄڻ ڪي ڪنڊا هِن،
هيءُ وڇوڙو ڄڻ زهر آ.
پيار جي هر پيچري تي،
ڄڻ ڇُپيل ڪوئي خنجر آ.
زخم ڏيندو رھ تون مون کي،
دل هميشہ منتظر آ.

### ٽہ- سِٽا

ڪنهن جو هي آواز آ،
صدين کان گونجي پيو:
جذبن جي احساس ۾.

ننڊ ۾ توکي ڇُميم،
۽ جڏهن کوليم اکيون:
چؤطرف خوشبوءِ هئي.

اڄ بہ آئين ياد تون،
رنگ بہ وکريا روح جا:
جيون ۾ ڦٽڪاءُ آ.

جيون شيشي وانگيان،
ڪيئن پلا ثابت رهي:
جذبن ۾ پٿراءُ آ!

جيون جهوني ٻڙ جيان،
ڪيئن ڪري برداشت تو:
عشق آنڌيءَ وانگيان.

جيون جي محلات تي،
چنڊ نہ اُپريو چاھ جو:
اُونداهي ڦهليل رهي.

جلائي دل ڏيئي وانگر،
اوهان جي ياد ۾ جانان:
اڃا تائين وسي ناهي.

### غزل

ڪير پئي آهي سُتي ڪمري اندر،
وقت پي پيو آ رُڪي ڪمري اندر.

ٿي وئي خوشبو سموري چؤطرف،
ويا سيئي پوپٽ اُڏي ڪمري اندر.

ڪيتري ٿي روشني آهي وئي،
چنڊ ڄڻ آيو لهي ڪمري اندر.

تون هلي آهين وئين پو رات کان،
سوچ ساري آ ٻُڏي ڪمري اندر.

نيڻ ٿا منهنجا جلن ڪلهہ رات کان،
خواب شايد ويا جلي ڪمري اندر.

پيو تہ سڀ ڪجھ وئي ڪسي مون کان مگر،
ياد وئي آهي رکي ڪمري اندر.

### نجمہ ”نُور“

## ڪافي

منهنجا مارُن کي شل سلام پُڄن،
جن کي ساريو ٿا منهنجا نيڻ ٽِمن.

شل موٽي مَلير جي ماڳ وڃان،
وڃي ويڙهيچن جا ماڳَ پَسان،
سرتيون سِگهوئي مِلن، مون ڪان سُور پُڄن.

او! ڪانگلڙا، وَٺ چاهه چڻي،
منهنجي مارُن جي وڃي گهُور گهِٽي،
ڏسي ڪانگ ڪَڙهن، توڪان پنڌ پُڄن.

سَڙيي ساهه سان تن کي ساريان ٿي،
ويهي تن جي واٽ نهاريان ٿي،
مَنَ قربئون ڪَهي منهنجا پيهي اچن.

ڪيئن فڪر فراق ڪان ننڊون ڪريان،
ڳڻيان تارا ڪَتيون، ٿڌيون آهون ڀريان،
مَتان ماروئڙا مون کي ڀُلجي وڃن.

آهيان مارُن ڌاران مان تہ مُئي،
آهيان سانگيئڙن جي قُرب ڪُٺي،
آهن بيوس، ناهي ميار مٽن.

ميرا حال ٿيا ٿر لوريءَ ۾،
جَڏو جيءُ جُهري تو جهوريءَ ۾،
مٽي پيئي مٽي، پيو چيڙهه چَڳن.

شل ويڙها وَسن منهنجي مارُن جا،
منهنجي ساهه جي چنڊ ستارن جا،
ڏکيا ڏينهن نہ ڏِسن، سُک سَهنج پَسن.

چا لئہ ڪوهه تان ڪٺي آزار ڪيءِ،
مون کي ناحق جَڳ ۾ خوار ڪيءِ،
اهڙا پُور عمر! پَلپَل ٿا پون.

منهنجي مارُن جي پَٽ پونن تي،
وسڪارن تي وسڪار ٿئي،
سُرها سَنگ لهن، ڪِليو ڪير پين.

ڏک ڏوُر رهن منهنجي ڏيهن ڪان،
منهنجي پيارن منهنجي نيهن ڪان،
جهڙا منڙا ٿيا، تهڙا ڏينهن ڏِسن.

شل ”نُور“ وري سي پار پَسان،
پنهنجي سڄڻن جا جنسار ڏسان،
مولا مهر ڪري هي بَند ٽُٽن.

### رخسانہ ”پريت“ چنڙ

## ترائيل

اونداهين ۾ گهيريل ماڻهو،
چانڊوڪين جو چاهه رکي ٿو.
پيڙائن ۾ ويڙهيل ماڻهو،
اونداهين ۾ گهيريل ماڻهو.

ڏاڍِ ڏمر سان جهيڙيل ماڻهو،
اندر ۾ ڪا باهه رکي ٿو،
اونداهين ۾ گهيريل ماڻهو،
چانڊوڪين جو چاهه رکي ٿو.

پُشپا ولڀ

## منهنجو وطن

هيءُ منهنجو وطن، ارضِ چَمن!
هيءُ منهنجي ڌرتي، سون ورني!
هي منهنجا درياهه، ڏولهه دريا!
۽ چانڊوڪيون راتيون، جيڪي تارو تارو ٽاڪيُون،
سڀ سونهري شامون، سمنڊ جي ڪناري سان پاڪيُون!

پوءِ به ڪيڏي اونداهي آهي-
ڪيتريءَ دير کان،
بجلي جي اک ٻُوٽ جاري آهي!

مشعلِ علم به جلائي رکي آهي
۽ اُن جي هيٺ قاضي عدالت به جاري آهي!

ڏيکارڻ لاءِ شارع فيصل به آهي،
آرٽ جا نمونا،
ميوُرلس به آهن

ڪٿي فينسي ڦوهارا
اُڏامندڙ پکين جا نظارا به آهن،

پر ڪيتريون ئي
لِياريون به آهن
۽ اُن ۾ گُر تيل
ڪيترن ئي پارن ۽ نارين جون آتمائون به آهن
گند جي ڍيرن جي پرسان
آباد ڪيتريون وَسنديون به آهن!

هيءُ منهنجو وطن، ارضِ چَمن!
هيءُ منهنجي ڌرتي...!

عامر سيال

## ۽ محبت جو ڪتاب....!

رُڄَ ۾ پريتم سِوا،
اُڄَ ۾ پريتم سِوا،
هيل تائين عمر گذري-
سُڄَ ۾ پريتم سِوا.
ڪوبہ تنهنجو
ڪوبہ منهنجو ڪونہ آ!
ڇو نہ آ؟
هيءُ دنيا ڪيتري مغرُور آهي،
ذلتن جي بار هينان چُور آهي،
ڪوئي ڏکندڙ سُور آهي،
جنهن تہ ڪو آواز آهي موت جو،
جو ازل کان وقت پويان ٿو ڊُڪي،
ڪنهن ٽريءَ جي پنڌ وانگر زندگي،
آس جا صحرا لتاڙي ٿي ڇڏي!
هر خوشي پنهنجي اُجاڙي ٿي ڇڏي!
۽ محبت جو ڪتاب،
وقت خاطر روئي ڦاڙي ٿي ڇڏي!
خواب ساڙي ٿي ڇڏي!
سي هوا ۾ رک ٿي اُڏري وڃن ٿا،
ڪيترائي آٿتنؔجا سال ڀي گذري وڃن ٿا،
نيٺ سڀ وسري وڃن ٿا!
پر مون کي سڀ ياد آهي:
هيلَ تائين عمر گذري-

## استاد لغاري

### غزل

تيز هوائن ڪاڏا ڦيرا،
ٿهي- ڊهي ويا منهنجا پيرا.
ڪانوَ ڪبوتر، ڪارا ڪٺچي،
هاءِ اُڏامي ويا هِن ڳيرا.
سَک سحر جي لاٽ نہ ڪائي،
ٻاٽ اونداهي، گُگهہ انڌيرا.
ڏرتي ماتا ڪيڙي ڪيڙي،
ماٿهن ڇهرا ٿي ويا ميرا.
قيد ۾ ايئن ساٿي آهن،
هرڻ هنيلا جيئن ڪي جيرا.
ڪو تہ ڏيو آواز اچڻ جو،
ماٺ هنيا هِن مون ڪي چيرا.

## سرويچ گل ڀٽي

### غزل

سونهن جي شهر ۾ سونهن وارا نہ ها،
حسن جي هاڪ هئي، حسن هارا نہ ها!
هوءَ هئي نند ۾ وار کهونگهٽ جيان،
چنڊ هو بادلن ۾، ستارا نہ ها!
حسن جي حوض تي هن هئي پابندي،
نين ايڏا بہ پنهنجا اُجارا نہ ها!
بند ڪمرو ڪيل، سخت پهرو پيل،
ڪا دري يا ديوارن ۾ جارا نہ ها!
وقت جي قيد ۾، قيد شاهِ جهان،
تخت هو، پر سڪندر ۽ دارا نہ ها!
منزلون پيار جون اڻ ڏٺيون، اڻ ڪٿيون،
چاهتن لئہ رڳو چار چارا نہ ها!
سچ تہ سرمست هو، موج ۾ مست هو،
ڪوڙ جي ڪا ڪنڌي، ڪي ڪنارا نہ ها!
ريت ٿي ريت، 'سرويچ' هئي سِير ۾،
ٻيا تہ سنڌونديءَ ۾ نظارا نہ ها!

## پريم پتافي

### غزل

خوبصورت جهان ڳولي ٿي،
دل خدا جو ڏيان ڳولي ٿي.
چند ڳوڙها وجن جتي وڪجي،
دل ڪو اهڙو ڏڪان ڳولي ٿي.
تنهنجي هر عڪس مان ٿي منهنجا چو،
هاڻ ڏنيا نشان ڳولي ٿي.
جيڪا ڏنيا جو درد ڳالهائي،
سوچ اهڙي زبان ڳولي ٿي.
ساري ڏنيا ڪان ڏور، هوءَ تنهنجي،
ديدَ پاسي مڪان ڳولي ٿي.

## ظهير زرداري

### چوَ سِٽا

توکي دلبر ياد ڪريان ٿو،
ڳوڙها ڳاڙي آهہ ڀريان ٿو،
مون کي دنيا پاڳل چئي ٿي،
آءٌ نہ ڪنهن تي ڏيان ڏريان ٿو.

جتي ڇڏيو تو اُتي ئي آهيان،
توکان راهہ تہ وسري وئي آ،
ڏارين کي ٿو چاهين، توکان،
منهنجي چاهہ تہ وسري وئي آ.

تنهنجو نالو ياد اچي ٿو،
پيار حوالو ياد اچي ٿو،
جيڪو توسان گڏجي گذريو،
وقت جهڙالو ياد اچي ٿو.

تنهنجون وفائون سارينڊس پيو،
تنهنجون جفائون سارينڊس پيو،
توکي هڪڙو حرف نہ چوندس،
پنهنجون خطائون سارينڊس پيو.

## امر گهاوڙ

### غزل

ذهن ۾ هڪڙي ڪهاڻي ٿي اچي،
سا ٻه ساري سوڳ- هاڻي ٿي اچي.
ياد جا پَر چو نٿو ڪوئي ڪَٽي،
روز مون ڏي جا اُڏاڻي ٿي اچي.
چو نه پاڙو ٿي وڃي خوشبوءِ سڄو،
هوءَ جا ٻڄي رات- راڻي ٿي اچي.
ڍُل، باجا ۽ ٻُرن سهرا پيا،
پاڳ واري گهر-ڌياڻي ٿي اچي.
ساهه مُٺ ۾ ٿي وڃي ٿو جهٽ اندر،
ياد جنهن پَل موڪلاڻي ٿي اچي.
حيف ٿي، نڪرين نٿو گهر کان 'امر'،
هوءَ ڪٿان کان جوڳياڻي ٿي اچي.

## عارف ڀنڀ

### غزل

اُڏيا ڪُڙڪبيتا نگاهن جي ويجهو،
پُڳو پر نه ڪوئي صدائن جي ويجهو.

لُٽي پيار ڪوئي رهيو هو اسان جو،
پرين! تنهنجي ڪُوڙين وفائن جي ويجهو.

سُکن جي محل مان ڪڍي هو اسان کي،
ڇڏيون هِن هليا ويا سزائن جي ويجهو.

ويا خيال اُڏري، فنا ٿيون هي سوچون،
خفا جسم تنهنجي ادائن جي ويجهو.

ڪڏهن ڪين جهُڪندا مري پي وڃن پَل،
سنڌي، تنهنجي ظالم انائن جي ويجهو.

## اياز امر شيخ

### غزل

سَرنهن ڦُولار جهڙي ڳوٺ واري زندگي گُم ٿي،
ڇِٽي جڻ چنڊ جي ڪا ڇيٽ واري چاندني گُم ٿي.
ٻَڪل سارين جي خوشبوءِ ڄڻان هُئا احساس کي اُجرا،
شهر جون شُهرتون ماڻي وئي سا سادگي گُم ٿي.
ٽُٽل شيشن جي ٽُڪرن تي هليو آ روح جذبن جو،
دُکن جي ديس ۾ رولي وئي آ دلبري گُم ٿي.
مٽيءَ جي مَهڪ مان جاڳيا تصور تازگيءَ جا ها،
ڇُهيو بارش بدن ڪنوارو، لُڇي حسرت اُجي گُم ٿي.
وضاحت وقت جي وِلهه ۾ رُني آ روز راتين جو،
پُڇاءُ پي پيار جي پنڌ ۾ ڪٿي آوارگي گُم ٿي.

## وحيد محسن

### غزل

وجود منهنجو، جمالُ تنهنجو،
جمالَ سان گڏ ڪمالُ تنهنجو!
چمن سڄي ۾ ظهور آهي،
زمان ۾ آ مثالُ تنهنجو!
حبيب تون ئي، طبيب تون ئي،
پذير آهي خيالُ تنهنجو!
نصيب ڏاڍو عجيب آهي،
ڏيان ۾ هڪ سوالُ تنهنجو!
اُڏار 'محسن' ڪٿي اوهان ڏي،
وسيع مالڪ وصالُ تنهنجو!

# تبصرا

## چنڊ ۽ اجرڪ

1985ع ۾ بي.ايڊ ڪرڻ لاءِ پهتل نجمه نُور جي پهرين ملاقات ڪُهنه مشق شاعر شعبان "بخت" سان سندس ڪنهن استاد (جنهن جو نالو اسان جي محترمه شاعره کان لکڻ رهجي ويو آهي) ڪرائي، جنهن اڳتي هلي نه فقط نجمه نُور صاحبه جي شاعري ۾ پختگي پيدا ڪئي، بلڪ سندس پهريون شعر رسالي "ٽئين زندگيءَ" ۾ شايع ڪري، هڪ شاعره جي حيثيت ۾ سندس ادب پڙهندڙن ۾ سڃاڻپ ڪرائي.

شعبان بخت صاحب، نجمه نُور صاحبه جي شاعري تي راءِ ڏيندي هڪ هنڌ لکي ٿو:

"محترمه نجمه نُور ڦلپوٽو جي مان 1980ع جي ڏهاڪي کان شوق سخن سنجي جي فقط آبياري ۽ محض نگراني ڪندو رهيو آهيان."

(هتي نجمه نور صاحبه جي متي ڄاڻايل سن ۽ بخت صاحب جي ڄاڻايل سن ۾ پنجن سالن جو فرق بيهي ٿو. جيڪو پروف جي نظر چُڪ جو ئي سبب ٿي سگهي ٿو.)

هيءُ ڪتاب جنهن جو نالو "چنڊ ۽ اجرڪ" (ليکڪا جي هڪ دل ڏڪائيندڙ واقعي سان منسوب آهي) جو "مهاڳ" سندس دلي خواهش مطابق سنڌي شاعري جي وڏي نانءُ تنوير عباسي پنهنجي وفات کان سال پهرين لکيو، پر "مهورت" ان ڪري نه ٿي سگهيو جو ليکڪا چوائي ٿي:

"ڪتاب ڇپرائڻ ۾ مون کي دير ٿي وئي. ڪمپوزنگ ۾، پروف ڏسندي ڏسندي ڪافي ٽائيم لڳو، دير ٿي وئي. مان دلي طرح سان سندن پيار ڀري راءِ قائم ڪرڻ تي ٿورائتي آهيان ۽ رهندس. هيءُ ڪتاب ڊاڪٽر عباسي صاحب جن جي زندگيءَ ۾ ڇپجي نه سگهيو ۽ ان کان مهورت ڪرائڻ رهجي وئي."

"چنڊ ۽ اجرڪ" شاعريءَ جي مجموعي ۾ سنڌ جي چهن ناميارن شاعرن ۽ ڏاهن جا شاعره جي شخصيت ۽ شاعري بابت قيمتي ويچار ونديل آهن، جن ۾ تنوير عباسي، شعبان بخت، تاجل بيوس، ملڪ نديم، ادل سومرو ۽ مونس اياز اچي وڃن ٿا.




ليکڪا پنهنجي شاعريءَ بابت خيال ونديندي لکي ٿي ته:

"ڇيو وڃي ٿو ته منهنجي شاعريءَ ۾ رڳو درد، پيڙا، سُڏڪا ۽ تڙپ آهي. اهو سچ آهي. منهنجي شاعريءَ ۾ مارئيءَ جي جدائي، پڪار، تڙپ آهي، مارن لاءِ پيغام آهي، ميلاپ جو. مومل وارو اڻ کٽ انتظار ۽ اوسيئڙو آهي. بيقراري آهي. سسئيءَ جا سور، دانهون، آهون، ڪشالا، ملڻ جي آس موجود آهي. سُهڻيءَ جي چاهت، پيار، بهادري، اُمنگ، اُدما ۽ چوليون آهن. هاڻي ضروري ناهي ته جيڪو شاعر سان ٿيو هجي، سوئي لکندو هجي. آسپاس جو ماحول، واقعا، وارداتون، معاشري جون مايوسيون، نااُميديون، ناانصافيون، محروميون، بي وَسيون، بي ڪسيون، مجبوريون، آهون، دانهون، ميلاپ ۽ جدايون، اهنج، رنج، لُڇڻ، ڪُسڻ، وطن ۽ وطن واسين سان هاڃا، راڱا، اِهي منهنجا درد ۽ منهنجا سور آهن."

تنوير عباسي، نجمه نُور کي سنڌ جي اُنهن شاعرائن مان ڄاڻائي ٿو، جن کي شعر لکندي ڪافي عرصو ٿيو آهي. تنوير 'بي باڪ شاعره' جي عنوان هيٺ لکي ٿو:

"نجمه نُور ڦلپوٽو سنڌ جي اُنهن شاعرائن مان آهي، جن کي شعر لکندي ڪافي عرصو ٿيو آهي. هوءَ اٽڪل 20 سالن کان لکندي اچي. سندس شعر سنڌيءَ ۾ اهم ادبي رسالن ۾ شايع ٿيڻ سان گڏ ريڊيو تان به نشر ٿيندا آهن. لاڳيتي لکڻ جي ڪري سندس شعرن ۾ پختگي اچي

سخي رُڪن الدين شاهه رح ۽ اعليحضرت سرڪار سخي هاشم شاهه رح جا آخرين آرامگاهه اڄ به پنهنجن عاشق عقيدتمندن ۽ پُر خلوص صادق مداحن لاءِ روحاني فيض جي روان دوان درياهه جي حيثيت رکن ٿا، جتان حق ۽ خير، سچ ۽ سونهن، شفقت ۽ برڪت جا بي پايان ۽ روح آفرين واهڙ وهي رهيا آهن.

مٽياري شريف جي باوقار هاشمي خاندان جي انهن روحاني رهبرن مان سرڪار سائين الهيار شاهه صاحب، سرڪار سائين بقادار شاهه صاحب ۽ سرڪار سائين محمد زمان شاهه صاحب جي روحاني ۽ ديني، سماجي ۽ سنڌ دوست مثالي خدمتن کي هڪ خاص اهميت حاصل آهي.

نهايت ئي مسرت ۽ فخر جو مقام آهي جو سنڌ جي انهن درخشنده روحاني رهبرن جي تفصيلي ۽ جامع تذڪري ۽ مبارڪ سوانح تي مشتمل هڪ هزار صفحن جو هيءُ ضخيم ڪتاب تيار ڪري پترو ڪيو ويو آهي ۽ اهڙي عظيم تحقيقي ڪارنامي جو ڪرشمه ساز مصنف ۽ مؤلف آهي، اُنهيءَ ئي هاشمي خاندان جو ملنسار ۽ خوش خلق، هردلعزيز ۽ دلپذير چشم و چراغ سرڪار پير ارشاد علي شاهه هاشمي! ۽ سائين ارشاد علي شاهه پنهنجي ان اٿاهه مشقت انگيز محنت جو نالو رکيو آهي: "رهنما".

سائين ارشاد علي شاهه صاحب پنهنجن نيڪ نام وڏڙن جي جامع تفصيلي تاريخ تي مشتمل هيءُ روح آفرين ڪتاب "رهنما" تيار ڪري نه فقط اُنهن اعليٰ شان بزرگن ۽ هاڪاري خاندان سان لاڳاپيل بين ممتاز شخصيتن ۽ بزرگ هستين جي سوانح ۽ خدمتن کي هميشه لاءِ محفوظ ڪيو آهي، پر اُن سان گڏ تاريخي شهر "مٽياري" شريف جي جڙ سموري ۽ سربستي تاريخ به سميٽي ۽ سهيڙي قلمبند ڪري سنڌي ادب ۾ اضافو ڪيو آهي.

"رهنما" ڪتاب ۾ مواد جو گهڻو حصو مٽياري شريف جي ممتاز شخصيت سائين محمد زمان شاهه صاحب جي قومي ۽ مُلڪي، سماجي ۽ ثقافتي، شهري ۽ ملي خدمتن تي مشتمل آهي، جنهن سان انهيءَ تاريخ ساز هستيءَ جي دلپذير سوانح جا سمورا پهلو نهايت ئي عمدگيءَ سان روشن ٿي نروار ٿين ٿا. مؤلف محترم سيد ارشاد علي شاهه جي والد محترم سائين محمد زمان شاهه صاحب طرفان مٽياري شريف جي ترقي ۽ خوشحاليءَ لاءِ ورتل گوناگون اٽڪ ۽ بي لوث خدمتن مان ثابت ٿئي ٿو ته پاڻ لاشڪ هن شهر جا "جديد معمار" ۽ چپر چانوَ هئا ۽ شهر کي تعليم ۽ صحت ۽ زندگيءَ جي جديد گهرجن ۽ سهوليتن جي فراهميءَ جي لاءِ جدوجهد ۽ جاکوڙ جاري رکيائون ۽ اُن ۾ وڏيون ڪاميابيون ماڻيون.

محترم پير ارشاد علي شاهه صاحب کي آفرين هجي، جو اهڙو تفصيلي تذڪرو قلمبند ڪري ايندڙ نسلن کي آگاهي ڏيڻ سان گڏ نيڪوڪار بزرگن جي مبارڪ نقش قدم تي هلڻ لاءِ ڪين مهميز مهيا ڪئي اٿن.

محترم سائين محمد زمان شاهه جي متبرڪ تذڪري مان به خاص نقطا روشن ٿين ٿا. هڪ ته سائين محمد زمان شاهه جي مثالي مهمان نوازي ۽ وضعداري ۽ ٻيو گيت سنگيت ۽ موسيقيءَ سان دلچسپي جي وسيلي سندس روشن ضميري!.

بلاشبه سائين محمد زمان شاهه صاحب پنهنجي وقت جا مايهءِ ناز موسيقي شناس ۽ موسيقي جي سرپرستي ڪندڙ بزرگ هئا. موسيقي پروريءَ واري سندن انهيءَ خدمت وسيلي سنڌي موسيقي کي وڏي ترقي نصيب ٿي، جو پاڻ موسيقي جي ڄاڻو ۽ پارکو جي حيثيت ۾ فنڪارن ۽ ڳائڻن جي سڄي عمر خوب دل کولي همت افزائي ڪيائون. سندن ئي ڀرپور حوصله افزائيءَ سان ڏات ڏٺي سنگيت جي وڏيءَ منزل تي رسيا، جن ۾ ورهاڱي کان اڳ ۾ استاد عاشق علي خان ۽ استاد اُميد علي خان سنڌي موسيقيءَ جي آسمان تي آفتاب ۽ ماهتاب ٿي چمڪيا ته بعد واري زماني ۾ فقط "عابده پروين" جو نالو "هڪ ئي رانجهو لکان دا مَٽ" مثل آهي.

جڳ مشهور ڳائڪ عابده پروين به خوش قسمت فنڪاره آهي جو ڪيس قُطب الولايت اعليحضرت سرڪار سخي هاشم شاهه رح جي خانقاه عاليه فيض رسان جو مبارڪ در ۽ اڱڻ نصيب ٿيا، جتي هُن پنهنجي فني زندگيءَ جو آغاز ڪيو ۽ جاودان بُزرگن جي روحاني فيض جي متبرڪ چشمن مان سرشار ٿي وقت جي وڏي

سنڌ! منهنجي امان!
سونهن تنهنجيءَ مٿان، ڇا لکي، ڇا لکان،
هڪ قلم، هڪڙو مان، ڪيئن پورو پوان؟
ڇا لکي ڇا لکان!
سنڌ! منهنجي امان!



# تاجل ”بيوس“

جنم
22 سيپٽمبر 1938ع

وفات
13 ڊسمبر 2008ع


TASSCO
The shining star of private seed sector in pakistan
The first research based seed company in pakistan
One of the biggest seed company in pakistan
The name of trust in pakistan
Tassco Seed Multiplication Farm
Tassco Seed Focused on a Common Goal of Reliable, Productive, High Quality, High Yielding Seeds of Cotton, Wheat, Onion, Okra, Cauliflower and Rice Crops.
COTTON SEED
NIAB-78-نیاب
TASSCO SEED CORPORATION.
WHEAT SEED
KIRAN-95-کرن
TASSCO SEED CORPORATION.
TASSCO SEED CORPORATION
Nasar Pur Road Tando Allahyar Sindh.
Ph: 022-3890422 Fax: 022-3891622 Email: tasscoseeds@yahoo.com Web: www.tasscoseeds.com